# اڌُورو داستان

[يادگيريون]



قاضي خادم

# اڌورو داستان

[يادگيريون]

قاضي خادم

ڪويتا پبليڪيشن

حيدرآباد- 2018ع

# ارپنا

آئون هي "اڌورو داستان"
پنهنجِي وڏي ماسي
**اناما** (مرحوم)
کي ارپيان ٿو
جنهن جي زباني ماضيءَ جا ڪئين داستان
مون کي معلوم ٿيا.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ـ اداري پاران | موهن مدهوشي | 7 |
| ـ پنهنجي پاران | قاضي خادم | ٩ |
| **اڏورو دستان** | | 13 |
| ـ انٽرويو (عظمت ڪنير طرفان ورتل انٽرويو) | | 294 |

# اداري پاران

زندگي، ڏُکن سُکن جو داستان ۽ ان کي منهن ڏيڻ جو نالو آهي. ماڻهو جو ڌرتيءَ تي جنم ٿيندي ئي دنيا ۾ سِکڻ، ڏِسڻ ۽ گهمڻ جو تجربو ٿئي ٿو ڇڻ تہ هن جي زندگيءَ جو ميٽر شروع ٿي وڃي ٿو. هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ گذارڻ جو ڍنگ بہ پنهنجو پنهنجو آهي، اهو سڀ هن جي حالتن تي منحصر آهي. هڪ سروي مطابق دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آتم ڪٿائن جا ڪتاب پڙهيا وڃن ٿا. ان جو سبب اهو آهي تہ اُنهن مان اسان کي ماڻهن جي گهاريل زندگي ۽ تجربن جي ڄاڻ ملي ٿي. ڪي آتم ڪٿائن جا ڪتاب اهڙا تہ مشهور ٿيا، جو ان کي بار بار پڙهڻ کان پوءِ وري بہ ان جي نئين ڇاپي جي گهرج رهندي آهي.

سنڌي ادب کي ناول، افسانا، يادگيريون ۽ شاعري جا ڪتاب ڏيندڙ قاضي خادم صاحب لکڻ جي شروعات تہ 60 واري ڏهاڪي (1963) کان ڪئي. پر سال 2005ع ۾ رٽائر ٿيڻ کانپوءِ پاڻ علامہ علام مصطفيٰ قاسمي چيئر سنياليائين تہ علامہ صاحب تي ڪيترائي ڪتاب سهيڙي ڇپرائي پڌرا ڪيا. ان وقت اسان وٽ ڪيترا ئي رسالا نڪرندا هئا، جن مان 'امرتا' بہ هڪ هئي جنهن ۾ اسان جو ڇڻ تہ روح شامل هو. قاضي صاحب بہ ان لاءِ ڪو افسانو يا يادگيرين جا پنا ڇپجڻ لاءِ ڏيندو رهندو هو. پوءِ تہ پاڻ وڏي رفتار سان يادگيرين جا دفتر کولي ڇڏيائين. هڪ کان پوءِ ٻيو، ٽيون، چوٿون..... هينئر تائين سندس يادگيرين جا ست ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. آئون جيڪڏهن ائين چوان تہ قاضي خادم صاحب جو ڪويتا پبليڪيشن ۾ ٻيو ادبي جنم ٿيو آهي تہ ان ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ڇو تہ هن جي قلم جي رفتار ۾ ايتري تہ تيزي آئي جو گذريل 13 سالن ۾ هن

جا يڪا سارا 31 ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن. جنهن ۾ يادگيرين جا 7، "متيءَ ۾ ملاوٽ" ڪهاڻين جو "The Glorious Past" آتم ڪٿائن تي انگريزيءَ ۾ تبصرن جو، سندس شخصيت تي مشتمل "جهڙو ساٽ سُڳنڌ جو"، "ادبي سفر" (مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل سندس سيئي لکڻيون ۽ تنقيد ـ ٻه ڀاڱا)، محمد حسين ترڪ جي ريڊيو ۾ ڪيل تقريرن ۽ آتم ڪٿا تي مشتمل "Muhammad Hussain Turk: A Man with Mission"، علامه قاسمي جي مقالن ۽ مضمونن تي سهيڙيل 18 ڪتاب شامل آهن. ايترو سارو لکڻ ڪا معمولي ڳالهه نه آهي. ڪمال جي ڳالهه اها آهي جو اهو سڀ ڪجهه قاضي صاحب جو رٽائرمينٽ کان پوءِ جو تخليقي ۽ تحقيقي پورهيو آهي، مختلف موقعن تي يا ادبي پروگرامن ۾ ڳالهائڻ ان کان سواءِ آهي. هتي آءٌ هڪڙي ڳالهه جو اعتراف ڪندو هلان ته جيڪڏهن اسان پنهنجي مختلف اشاعتي ڪمن ۾ مشغول نه رهون ها ته قاضي صاحب جا ان کان به ٻيڻا ڪتاب شايع ٿي چُڪا هجن ها.

قاضي خادم صاحب جي يادگيرين جي اٺين مجموعي "اڏورو داستان" ۾ هُن اهڙا واقعا لکيا آهن، جيڪي نئين نسل کي نوان لڳندا. هن اڳٺ اُٺڻ ۽ ان متعلق علڻ فقير جو هڪ دلچسپ واقعو به لکيو آهي. مانيءَ جي بچيل ٽُڪرن جي ٻوڙ حمام دستن ۽ اُکري مُهري جو ذڪر به شامل آهي. فلمن ۽ انهن جي گانن جي ذڪر کانسواءِ قاضي صاحب جون يادگيريون اڌوريون رهنديون. ريلوي اسٽيشنن تي مسافرن ۽ آسي پاسي جي دڪانن ۽ هوٽلن ۾ ريل گاڏي جي اچڻ وقت چُرپُر ۽ ريل گاڏي رواني ٿيڻ کان پوءِ ماٺار جو منظر به خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي. گڏوگڏ سنڌ يونيورسٽي جي مشاهير ۽ علمي دور کي به نه وساريو اٿس. ڪتابن جي اهميت بابت به گهڻو ڪجهه لکيو آهي. هتي اهي سيئي ڳالهيون لکبيون ته ڪتاب پڙهڻ جو ڪهڙو فائدو!؟ ان ڪري اچو ته "اڌورو داستان" پڙهون.

**موهن مدهوش**

حيدرآباد، سنڌ.
12ـ نومبر، 2018ع

# پنهنجي پاران

آءٌ چاهيان ٿو تہ، وقت جي ڌنڌ ۾ يادگيرين جا ڌنڌلا ٿي ويل نظارا، جيڪي مون سان لِڪ لڪوٽيءَ واري راند کيڏي رهيا آهن، تن کي جهٽي ايندڙ وقت ۽ نسلن لاءِ ڪتابن ۾ لفظن وسيلي محفوظ ڪري ڇڏيان ۽ پاڻ بہ هڪ ياد بڻجي هنن سان گڏجي هڪ ٿي وڃان. آءٌ چاهيان ٿو تہ پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي ۾ آيل اُهي سڀ ڳالهيون محفوظ ڪري ڇڏيان، جن مان جيڪڏهن ايندڙ وقت ۾ ڪو فائدو حاصل نہ بہ ڪري تہ اهو نہ چوي تہ مون هڪ اديب، استاد ۽ انسان جي حيثيت سان پنهنجو ڪم پورو ڪونہ ڪيو.

اُلفتن ۽ نفرتن جي هن سنسار جي جنسار کان واقف ٿيڻ وارا، اسان کان اڳاهون هئا، پر جيڪي ڏنم ۽ ٻڌم ان کي ديانتداريءَ سان بنان ڪنهن ٻئي جي ڪردار تي ڪو ڇنڊو وجهڻ جي، بيان ڪرڻ ٿي منهنجو

مقصد رهيو آهي، هونئن بہ مون کي پنهنجي حياتيءَ ۾ گهٽو تعداد چڱن انسانن جو نظر آيو. انهن ۾ منهنجا مائٽ، استاد، دوست، ساٿي، واپاري، آفيسر، شاگرد بلڪ هر ڏنڌي سان واسطو رکندڙ انسان آهن، جن جو ڪاٿو لڳائي نہ ٿو سگهان. اهڙن ماڻهن جو مون چڱيءَ طرح بيان ڪيو آهي. انهن ۾ ميوو وڪڻندڙ بہ آهن تہ ڪپڙي جا واپاري بہ آهن، هارون سيجا جهڙو ڊيڪوريشن جي دنيا ۾ وڏو نالو رکندڙ بہ شامل آهي تہ شيخ علي محمد جهڙو جيد صحافي، نعيم صاحب جهڙو خادم وطن اخبار جو مئنيجر تہ محمد صديق بلوچ جهڙو هڪ گمنام صحافي بہ، ظهور انصاريءَ ۽ جام ساقيءَ جهڙا بي لوث دوست ۽ راجپوتانا اسپتال جا اهي بي لوث ڊاڪٽر بہ جن منهنجي شريڪ حيات جي زندگي بچائڻ لاءِ پنهنجون موڪلون بہ ڪينسل ڪري ڇڏيون، منهنجا ڊرائيور نياز لانگاهہ ۽ احسان پناڻ جن منهنجي حڪم کي اوليت ڏني ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي ڊيوٽيءَ تي مُنهن نہ گهنجاياڻون. سائين محرم خان، ميڊم امينہ خميساڻي ۽ سائين حبيب الله جهڙا انسان جن مون کي پڙهايو تہ سهي، پر منهنجو هر وقت خيال رکياڻون.

ائين هڪ اَڻکٽ لسٽ آهي، جن ۾ سرفهرست منهنجو ياءُ منظور قريشي آهي، جيڪو هردم ۽ هر گهڙي ساهہ سان گڏ آهي ۽ مون کي بہ پاڻ سان ئي رکيو ٿِو هلي. ائين مٿن مائٽن ۽ دوست ساٿين جي لسٽ ڪنٽي نہ آهي، جن هميشہ مون سان پال پلايا ۽ زندگيءَ جي هن سفر ۾ مون کي منزلون آسان ڪري ڏيندا ويا.

لکڻ منهنجو پيشو نہ پر شوق آهي، تنهنڪري لکڻ ۾ آءُ ٿڪجان ڪونہ ۽ اها بہ قسمت جي مهرباني آهي، جو منهنجي ڪابہ لکٽي اڻ ڇپيل نہ رهي آهي، پوءِ سنڌي ادبي بورڊ هجي، سنڌيالاجي هجي، زيب ادبي مرڪز هجي، شهباز پبليڪيشن سليمان برادرس هجن، طارق اشرف جي نيو فيلڊس پبليڪيشن، قاسمي چيئر هجي، موهن مدهوش جي ڪويتا پبليڪيشن هجي، منهنجا ڪتاب ڇپجندائي رهن ٿا ۽ اجا بہ ڇپجن پيا. حالانڪ هينئر پڙهندڙن ۾ تمام گهٽتائي اچي وئي آهي جڏهن تہ ڪتاب

۽ تمام گهٽا پيا ڇپجن، ليڪن مون کي يقين آهي تہ اهو وقت ضرور واپس ايندو جو ڪتاب جو مانُ ٿيندو. جڏهن ڪتاب جو مانُ ٿيندو تہ علم ۽ ادب جو بہ مانُ وڌندو ۽ جڏهن علم ۽ ادب جو مانُ وڌندو تہ انسان کي سندس حقيقي مانُ ملندو.

انهيءَ اميد تي اسين قائم آهيون، جنهن جو مثال منهنجون هيءَ يادگيريريون آهن، هنن جا سڀ ڪردار ۽ واقعا اصلي آهن. جيڪڏهن ڪتي ڪا ڳالهہ بيهر لکجي وئي هجي تہ اها ممڪن آهي جو يادگيريون ڪنهن سسٽم تحت ڪونہ ٿيون اچن، اڳ پوءِ ياد ايندڙ واقعا ۽ ڳالهيون ڪڏهن ڪڏهن ورجائجي بہ وڃن ٿا.

هي ڪتاب منهنجي يادگيرين جو 8 ڪتاب آهي. انهن يادگيرين کي ڇپائڻ ۾ منهنجي ياءُ منظور جهڙي طرح منهنجي همت افزائي ڪئي آهي ۽ هر طرح جي مدد بہ ڪئي آهي، تنهن سان گڏ ڪيترن دوستن، بزرگن ۽ ساٿين جي پسند جو بہ وڏو هٿ رهيو آهي. ادا حاجن (قاضي عبدالواحد)، ادا عاشق (قاضي محمد اعظم مرحوم) کان مراد علي مرزا تائين ۽ شهزادي گلفام کان ديوان مرچو مل تائين بلڪ وڏن ماڻهن ۽ اديبن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محترم مظهرالحق صديقي، پير مظهرالحق، رسول بخش پليجو، جام ساقي، حميد سنڌي، ڊاڪٽر قاسم پيرزاده، پروفيسر ياسين خان، مدد علي سنڌي، تاج جويو، غلام نبي مغل، ظهور انصاري، محمد ابراهيم جويو، نظير قاسمي، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي، تاج جوئي، محمود صديقي، آپا عزيز چنا، محترم غلام نبي مورائي، نصير مرزا، ادريس جتوئي، اڪرم بخارائي، علي نواز پلي ۽ ڊاڪٽر علي نواز عبدالقيوم صائب، گل محمد عمراڻي، علي نواز پلي، ڊاڪٽر علي نواز نظاماڻي، سائين رشيد احمد شاهہ، علي اڪبر ڍڪڻ، پروفيسر غلام حسين خاصخيلي، ڪي ڊي سومرو، ڊاڪٽر پرڏان، مسعود قريشي، اسلم بلوچ، سبحان ميمڻ، قاضي فضل سليمان، ڊاڪٽر فتح محمد برفت، ڊاڪٽر ريحانہ نظير، ڊاڪٽر نور محمد شاهہ، رکيل مورائي، حبيب الله صديقي، ڊاڪٽر محمود مغل، نياز پنهور، پروفيسر شمشاد

سومرو ۽ ٻين ڪيترن عالم، اديبن ۽ پڙهندڙن، جن ۾ معشوق صديقي، مظفر جويو، علي محمد بلوچ (ياءُ ٻُلا)، مرحوم قاضي عبدالستار حنيف قاضي، منهنجا گهر ڀاتي، ڏيئر ۽ پٽ، ڪنهن جا ڪنهن جا نالا لکان، سيني منهنجي يادگيرين کي پسند ڪيو آهي. بلڪ مظهرالحق صديقي صاحب ته هڪ هنڌ ان کي ’ترڀولين جي سوشل هسٽري کان وڌيڪ دلچسپ ۽ اهميت واري سماجي تاريخ‘ لکيو آهي.

انهن سيني جا ٿورا نه مڃڻ نا انصافي ٿيندي، ليڪن هت موهن مدهوش جو نالو به نه ٿو وساري سگهجي، جنهن منهنجن ڪتابن جي ڇپائي ۾ پريڪٽيڪل حصو ورتو ۽ ان کي بهتر کان بهتر ڇاپي پڌرو ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي.

اسان اديبن کي واه واه ڪانسواءِ ڪجهه به ڇا؟

**قاضي خادم**

17_آڪٽوبر، 2018ع

هئا. هتي اسان جي گهر ۾ هڪ وڏو ڪمرو انهن جي اڳيان وڏو ورانڊو ۽ پوءِ اڱڻ. اسان کي پنهنجي هالا پراڻا واري گهر جي ياد ڏياريندو هو. پنهنجو گهر ڏسي ٻيا گهر جيڪي ياد ايندا هئا انهيءَ ۾ تنبدي آدم جو گهر به هو حالانڪ حيدرآباد وانگر هي ڪو وڏو شهر ڪونه هو پر صاف سٿرو هوندو هو. هن شهر ۾ خوبصرت ميونسپل گارڊن به هو ۽ ان سان گڏ عالم شاهه جي شاهه ٽاڪيز جنهن ۾ بيشمار فلم ڏٺيون هئم.

بابا سان نوڪري دوران جن هنڌن تي آئون رهيس، اهي گهر مون کان اڃا ڪو نه وسريا آهن حالانڪ مون پنهنجي يونيورسٽي ۾ نوڪري دوران انهن گهرن کي ڳولڻ ۽ ڏسڻ جي ضرور ڪوشش ڪئي پر سيوهڻ ۽ ٺٽي ڪانسواءِ ٻين شهرن وارا گهر ڏسڻ ۾ نه آيا ۽ نه ئي اهي ماڻهو ملي سگهيا جيڪي اهي گهر ڏيکاري سگهن جن ۾ اسان جي ننڍپڻ جا معصوم ڏينهن کلندي ڪڏندي رانديون ڪندي ۽ اسڪول ويندي گذريا هئا.

مشهور ڪهاڻيڪار ۽ دانشور سعادت حسن منٽو ۽ نورجهان جڏهن 1952ع ۾ هندستان ڇڏي پاڪستان تي آيا ته سعادت حسين جي دل هتي اچڻ لاءِ تيار نه هئي، ڇو جو هن کي انڊيا توڙي به ملڪ ٺاهڻ واري خيال سان اتفاق نه هو ليڪن حالات کان دلبرداشته ٿي ڪيس هتي اچڻو ئي پيو. هو نورجهان جي اداڪاري يا حسن کان ڪڏهن متاثر نه ٿيو ليڪن سندس آواز جو شيدائي هوندو هو. هو چوندو هو ته "هندستان ۾ ڪي ايل سهگل کانپوءِ نورجهان جو ئي آواز هو جنهن ۾ جادو سمايل هو. هن جو آواز چمڪندڙ هيري جيان شفاف آهي."

هوڏانهن نورجهان، سرينڊر (انمول گهڙي)، ترلوڪ ڪپور ۽ گوپ سان (مرزا صاحبان)، يعقوب سان زينت ۽ "جگنو" ۾ دليپ ڪمار سان ڪم ڪيو جيڪا سندس هندستان ۾ آخري فلم هئي، جڏهن ته اها لاهور ۾ ٺهي هئي ۽ انهيءَ ۾ پهريون دفعو محمد رفيع پلي بيڪ سنگر طور شامل ٿيو هو بلڪ فلم جا ڪجهه سين به هن تي فلمايل آهن. هيءَ اها

فلم هئي، جنهن کي فلم فيئر ردي ۽ واهيات فلم ڪوٺيو ليڪن نورجهان جي ڳائڻ جي ڪري هٽ فلم ثابت ٿي. ڪجهه وقت لاءِ ان تي بندش به پئي. ٻئي طرف نورجهان جي ايڏي جلدي انڊيا ڇڏڻ جي ڪري لتا منگيشڪر، جيڪا هن جي هم عمر ۽ تقريبن هم عصر ڳائڻي هئي، تنهن کي انڊين فلم انڊسٽري ۾ اهم جڳهه ملي وئي، جنهن لاءِ منٽو جو خيال هو ته جي نورجهان انڊيا نه ڇڏي ها ته لتا کي نالو ڪمائڻ ۾ ايتري سولائي ڪانه ٿئي ها. اها ٻي ڳالهه آهي ته لتا ۽ نورجهان وچ ۾ محبت جو ايترو ناطو جڙي ويو هو جو هو پوءِ هڪ ٻئي سان هميشه تعلق ۾ رهيون، بلڪ ٽيليفون تي هڪ ٻئي کي ڳائي به ٻڌائينديون هيون. اهڙن جذبن جو اظهار ٻنهي عظيم آوازن پنهنجن انٽرويو ذريعي به ڪيو آهي.

مهاتما گانڌي کي فلم انڊسٽري سان ڪو لڳاءُ ڪو نه هو. ان ڪري هو ان کي اخلاق ڪان ڪريل ۽ شيطاني عمل ڪوٺيندو هو. هو ايترو ضرور چوندو هو ته فلمون پنهنجي سيني خرابين جي باوجود ڪي قدر سماج ۾ سڌارو آڻين ٿيون ۽ ڪن سٺن ڪردارن ۽ ڪهاڻين وسيلي هو اجا به سٺيون تبديليون آڻي سگهن ٿيون. جڏهن ته نهرو فلمن جي خلاف ڪو نه هو ۽ کيس اُميد هئي ته فلم انڊسٽري سماج سڌارڻ جي لاءِ ضرور قدم کڻندي ۽ معنيٰ خيز فلمون ٺاهيون ويندون.

خواجه احمد عباس جي لکيل ۽ راجڪپور جي ٺاهيل فلم "آواره" جو اثر روس جي دانشورن تي تمام گهڻو ٿيو ان جو مثال هن ڳالهه مان ملي ٿو. ڪئنسر وارڊ ۾ ان فلم جو حوالو ملي ٿو. هڪ ٿي واقعي مان ونو ته شولزي نتسن جي ڪينسر وارڊ ۾ به ان فلم جو حوالو ملي ٿو جڏهن ان فلم جي هڪ ڪردار Zoya جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته "اوچتو هن پنهنجون ٻئي ٻانهون مٿي ڪنيون ۽ پوءِ هٿن جي آڱرين کي هڪ ٻئي ۾ ڦاسائي، هن فلم 'آواره' جو گانو 'آوارا هون' ڳايو ۽ سندس سڄو جسم جڻ ته ان جي تال تي نچڻ لڳو. هن اهو گانو oleg کي ٻڌائڻ لاءِ ڳايو جنهن تي هن چيس، "نه زويا نه اهو گانو نه ڳاءِ". تڏهن هوءَ چويس ٿي ته "آواره ۾ اهو The Tramp فلم جو گانو آهي، تو ڪونه ڏٺي آهي ڇا. مون ته اها ٻه دفعا ڏٺي آهي (جڏهن ته هن اها چار دفعا ڏٺي هئي)

ڏاڍي دلچسپ فلم آهي". جنهن تي Oleg فلم جي هيرو راجڪپور تي چٽي تنقيد ڪئي ۽ چيائين تہ راج ڪپور ان ۾ بڪواس ڪئي آهي. جڏهن تہ زويا هن کي راجڪپور سان پيٽي رهي هئي. هن فلم جي اها ئي تہ خوبي هئي جو ان ۾ عام ماڻهن کي چٽيو ويو هو. تنهن ڪري بين پولين ۾ بہ پسند ڪئي وئي. ماضيءَ جي تفريحن ۾ ٿيئٽر ۽ سئنيما جو وڏو هٿ رهيو آهي. ٿيئٽر تہ تمام آڳاٽو آهي، جيڪو دور سوين سالن تي محيط آهي ۽ اهو هڪ چني ۾ ويهڻ لاءِ تڏا ۽ بئنچون رکي، اڳيان اسٽيج ٺاهي ان تي ناٽڪ پيش ڪرڻ کان وٺي براڊوي جي امپيريل ٿيئٽر تائين وڏي ترقي حاصل ڪري چڪو آهي ۽ اَڄ بہ مغربي دنيا ۾ ٿيئٽر جي هڪ ثقافتي حيثيت بڻجي وئي آهي ليڪن اهو مهانگو ايڏو آهي جو ڪو عام شخص ان کي ڏسي نٿو سگهي. يورپ ۾ شيڪسپيئر ۽ هندستان ۾ ڪاليداس جي دور ۾ بہ اهي پنهنجي ڊرمي ۽ تاريخي ڪردارن ۽ ڪهاڻين تي ٻڌل ڊرامن لاءِ مشهور هوندا هئا. جڏهن تہ هاڻ جديد ٽيڪنالاجي، سائونڊ ۽ لائيٽ سسٽم توڙي چرندڙ ڦرندڙ اسٽيجن جي ڪري مشهوري ماڻي رهيا آهن ۽ دولتمند شخص ان کي ڏسي محظوظ بہ ٿين ٿا پر اهي ڏينهن مون نہ ڏٺا. باقي سئنيما جو جادو اَڄ بہ قائم آهي. فرق اهو آهي تہ پهرين سئنيما عام توڙي خاص ماڻهن لاءِ تفريح جو ذريعو هئي تہ هاڻي صرف وڏا ماڻهو ئي ان کي ڏسي سگهن ٿا.

—

اسان جي ننڍپڻ 1950ع کان وٺي جيڪي سئنيمائون ۽ جيڪي فلمون اسان ڏٺيون، اهي اسان جي رڳن ۾ رت جيان گردش پيون ڪن. وسارئي بہ نہ ٿيون وسرن. ان دور ۾ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، لاڙڪاڻو، سکر، نوابشاهہ ۽ ٻين شهرن ۾ سئنيمائن جا نالا ڪجهہ هن طرح جا هوندا هئا. نگار، نشاط، پڪچر هائوس، فردوس، ڪئپٽل، ايلائيٽ، لائيٽ هائوس، ريگل، راڪسي، مي فيئر، ليرڪ، ريو، اوڊين، پرنس، بامبينو، ريڪس، مئجسٽڪ، قيصر، شاليمار، شمس، شهاب. ڪراچيءَ ۾ ريگل سئنيما سان گڏ ريگل چوڪ اڃا بہ موجود آهي، جنهن

اونهاري توڙي سياري ۾ ڪوٽ پائيندا هئا. اونهاري ۾ تسَر جا سوٽي ڪوٽ يا وري شڪاري ڪلاٽ جا هلڪا مگر قيمتي ڪوٽ نظر ايندا هئا. ۽ وچولي قسم جا ماڻهو واسڪوٽ ته غريب وري صدري پائيندا هئا. خود انگريز ٽاءِ سان ڪالر به استعمال ڪندا هئا. جيئن علامه آءِ آءِ قاضي صاحب سوٽ، ڪالر ۽ ٽاءِ پائيندو هو. ليڪن اسان جي قميض ۾ ڪالر گڏ لڳل هوندو آهي.

مون کي ياد آهي ته هڪ دفعي (1958) جڏهن چاچري ويندي اسين ڪنريءَ ۾ هڪ سوناري جي گهر ۾ منجهند جو ترسيا هئاسين ۽ بابا به پئنٽ بدلائي سلوار پائي آرام پئي ڪيو ته اتان اٿندي هن سلوار تي ڪوٽ پاتو. اهڙا ٻيا به ڪيترا ماڻهو ڏٺم. خاص طرح چاچا اميد علي، جنهن کي بابا به چاچا چوندو هو. تنهن جو هڪ فوٽو مون 'دل جي دفتر مان" ۾ ڇاپيو آهي، جنهن ۾ هو سلوار قميض تي ڪوٽ، ٽاءِ ۽ ترڪي ٽوپي پايو ويٺو آهي ان وقت هو 1928ع ڌاري ميرپورخاص ۾ هيڊ منشي هو. سندس پويان خانبهادر عظيم خان جو پٽ عنايت علي خان ۽ بابا (قاضي محمد لائق) جيڪو ان وقت شاگرد هو سوٽ ۽ ٽاءِ ۾ بيٺا آهيون.

–

تازو هڪ محفل ۾ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر ڊاڪٽر فتح محمد برفت هڪ تقرير ۾ ٻڌايو ته ڪو وقت هو جڏهن ڪراچي ۾ ايمپريس مارڪيٽ کان اڳتي بنا نيڪ ٽاءِ جي وڃڻ منع هوندو هو. بابا به اها ڳالهه ٻڌائيندو هو. پوءِ اسان اهڙيون هوٽلون ڏٺيون جن ۾ سوٽ ڪانسواءِ يا نيڪ ٽاءِ ڪانسواءِ وڃڻ تي پابندي هوندي هئي. بابا 1946ع ۾ ڪراچيءَ جو اسسٽنٽ رينٽ ڪنٽرولر هو ان وقت هو ڪمپليٽ سوٽ ۾ رهندو هو. جڏهن ته ٻين ننڍين شهرن ۾، جتي مقرر ٿيندو هو، هو هميشه سوٽ ۾ يا پئنٽ شرٽ ۾ آفيس ويندو هو بلڪ گهر کان ٻاهر ڪڏهن به سوٽ ڪانسواءِ نه نڪرندو هو. حالانڪ مختيارڪاري دوران ڪڏهن نيڪر ۽ برجيس، فل بوٽ ۾ رهندو هو.

بابا وٽ قسمين قسمين اسٽڪ هونديون هئس، انهن مان ڪا نہ ڪا ضرور گڏ رکندو هو. انگريزن جي دور اسان کي جيڪو ڊسيپلن ڏنو سو اڄ بہ ڪٿي نہ ڪٿي ڪم پيو اچي. حالانڪ نيڪ ٽاءِ لاءِ ڏاڍو چيو ويو تہ اها ڪراس جي نشاني آهي وغيره ليڪن اڄ بہ نيڪ ٽاءِ جديد لباس کي وڏيڪ سهڻو ۽ مڪمل بنائڻ ۾ اهم ڪردار ٿي ادا ڪري

–

سوز هالائيءَ جي وفات ڪانپوءِ مون سندس آتم ڪهاڻي "ڪويءَ جي ڪٿا" پڙهي ۽ محسوس ڪيم تہ هن سان اسان سندس زندگيءَ ۾ انصاف ڪو نہ ڪيو. هن جنهن پيار ۽ عقيدت جي لفظن سان هالا پراڻا جو ذڪر ڪيو آهي، تنهن جو مثال مشڪل سان ملندو. هن هالن پراڻن جي گهٽي گهٽي ۽ پاڙي پاڙي جو تفصيلي ذڪر ڪيو اٿس ۽ ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ هن شهر جي اهميت بيان ڪئي اٿس. انهن مان ڪيترين ڳالهين جي مون کي خبر هئي، ليڪن هن منهنجون يادگيريون بہ تازيون ڪري ڇڏيون آهن. نوليءَ جي گهاٽي وٽ ٽانگا اسٽينڊ کي اڳيان چاپرو سڏيو ويندو هو. اتي ئي سامهون ميدان تي الله بخش ڪاسائي ۽ سندس ڀيو سئوٽ نورو ٻڪريون ڪهي گوشت وڪڻندا نظر ايندا هئا. ننڍي ڇيلي جي گوشت کي حلواڻ جو گوشت چوندا هئا. مون کي هڪ منظر چڱيءَ طرح ياد آهي تہ هالن جو هڪ مسمڻ سائين غلام دستگير جنهن وٽ آئون هالن جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهي چڪو هوس، اهو صبح ساڻ اچي چوندو هوس "الله بخش ميڄالو منهنجي لاءِ رکجاءِ" ميڄالو يعني مغز. سائين غلام دستگير جي زبان تي ڪجھ اثر هو، تنهن ڪري هو صحيح تلفظ ادا ڪري نہ سگهندو هو. ٻئي طرف الله بخش ڪاسائي ڪو جهڙو تهڙو ڪاسائي ڪو نہ هو. هن جون ناهيل آنڊا ويڙهيون ۽ کوري ۾ سڄي ڪيل گوشت جنهن ڪاڏو هوندو اهو ڪڏهن بہ وساري نہ سگهيو هوندو. ان کان ٿورو پرتي پرائمري اسڪول اڃا بہ آهي، جنهن ۾ منهنجي ڏاڏي بہ پڙهيو. هن هالا جي قاضين جي باري ۾ گهڻو ڪجھ لکيو آهي. خاص ڪري قاضي محمد تقي ۽ قاضي غلام محمد

جي خاندان ۾ قاضي عالم جو خاص ذڪر ڪيو اٿس. جنهن سان گڏ هو ڪنهن وقت ۾ جهول ۾ قاضي محمد تقي جي ڪاٽن جننگ فيڪٽري ۾ ڪم ڪري چڪو هو. جتي چاچا گل حسن مرزا به ڪم ڪندو هو. اهو 1956ع جو زمانو هو ۽ بابا ان وقت ٽنڊي آدم ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو. چاچا تقي بابا جي ڪا ڳالهه ڪو نه ٽاريندو هو هن جي ئي چوڻ تي هُن چاچا گل حسن کي جهول جي فيڪٽري تي رکيو هو جتي هو پنهنجي پٽ مرزا توسل (ممتاز مرزا) سميت رهندو هو ۽ ڪافي وقت ڪم سان لڳو رهيو.

هن ادا عزيز اختر جو خاص ذڪر ڪيو آهي جيڪو چاچا محمد تقيءَ جو وڏو پٽ هو ۽ سوز سان هالا ۾ ڇهون درجو گڏ پڙهيو هو. ليڪن حفيظ قريشي ڪانسواءِ بين اهم قاضين سان هن جي ڪا خاص ڏيٺ ويٺ نه هئي، تڏهن به هالا جي بازار جيڪا درياهه جي ڪپ ڪان اسڪول تائين هئي جتي ڏاڏا مرحوم قاضي عبدالقوي ڪان وٺي بابا، چاچا، آءُ، منهنجو ياءُ مشتاق ٌ ريشي ۽ بيا به ڪئين قاضي تعليم پرائي چڪا هئا. ات ئي منهنجو وڏو چاچو قاضي محمد حيات ۽ ننڍو چاچو قاضي مريد علي ماستر ۽ هيڊ ماستر رهي چڪا هئا. جن جو مون اڳ به ذڪر ڪيو آهي. هو هيڊ ماستر به هوندا هئا ته پوسٽ ماستر جي چارج به هنن وٽ هوندي هئي. صبح جو پرائمري اسڪول هلندو هو ته شام جو وري اسڪول جي احاطي ۾ والي بال راند ٿيندي هئي. جنهن ۾ اسڪول جا ماستر، شاگرد، شهر جا جوان ۽ پار به حصو وٺندا هئا.

اسڪول جي پويان ئي اها مشهور ڍنڍ ”گنگا“ هوندي هئي، جنهن جي هندو پوڄا به ڪندا هئا ۽ ان جي گندرف واري سائي پاڻيءَ سان ڦٽ ڦرڙي جو علاج به ڪندا هئا. انهيءَ ڍنڍ جي ڪپ تي ورهاڱي واري دور ۾ مريم پناهگير به هڪ ننڍي نينگر جي روپ ۾ روئندي ملي هئي ۽ قاضين هن کي پناهه ڏني هئي. مون هن تي هڪ افسانو به لکيو آهي.

سوز هڪ خاص ڳالهه لکي آهي، جيڪا منهنجي لاءِ نئين آهي. هن لکيو آهي ته هالا شهر ڪان پريرو بند جي موڙ وٽ سانوٽي ملڻ جو

جيڪو پاڙو آهي، اهو هالا پراڻا ۾ ناهي بلڪ ان کان الڳ هڪ بئي تپي ۾ آهي، جيڪا خبر هن کي شايد سندس تپيداري جي دور ۾ پئي هئي.

---

وقت جي گذرڻ جو اندازو ئي نٿو ٿي سگهي. واچون ۽ گهڙيال به ان جو احاطو ڪري نہ ٿا سگهن. اجهو هي "اڄ" سرڪندو سرڪندو "ڪالهہ" ۾ شامل ٿي ويو ۽ اسين ڏسندا ئي ڏسندا رهجي وياسين. بيل گاڏين، گڏهہ گاڏين، ٽانگن، وڪٽوريائن ٽرامن رڪشائن آٽو رڪشائن، موٽرن، بسن، لگزري بسن، ويگن ۽ ريل ڪارن کان بہ اڳتي الاهي ڇا مان ڇا ٿي ويو آهي.

منهنجو پوٽو الهبچايو رات جو دير سان موبائل فون تي ڪي ايف سي ۽ ميڪڊونالڊ کي پنهنجي پسند جو برگر يا پيزا جو آرڊر ٿو ڏئي ۽ اهو هوٽل وارو موٽر سائيڪل تي کڻي اچي پڄايو ڇڏي. هڪ پيزا ۽ هڪ پيپسي جي قيمت 750 روپيا. اها آهي اڄ هڪ ماڻهو جي هڪ وقت جي کاڌي جي قيمت ۽ مون کي اهي ڏينهن بہ چٽي طرح ياد آهن جڏهن امان روز صبح جو چاچا غلام قادر کي ٽي چار روپيا ڏئي چوندي هئي "ٽي پاءُ گوشت (ٻاڪرو)، پاءُ قيمو سير بصر، سير پٽاٽا، ساوا مرچ، پاءُ ڪُٽيل ڳاڙها مرچ، اڌ سير ڏنورو (ڏهي) پاءُ ليما وٺي اچ، هو انهن پئسن مان، ڪجهہ پئسا بچائي بہ ايندو هو. مون کي ان وقت گهر جي خرچ جو هڪ پني جيڪو چاچا جي هٿ جو لکيل آهي، ملي ويو جنهن مان خبر پئي تہ 1959_60ع ۾ اسان جو روز جو ٻوڙ ڀاڄي تي خرچ، کير سميت 4 کان ساڍا چار روپيا هوندو هو جڏهن تہ سيڌو يعني ڪٽڪ جو اٽو چانور گيهہ، چانهہ جي پتي، کنڊ، داليون، خاص ڪري مهري جي دال (مسوري) چڻن مٽرن جون داليون ۽ ڪڏهن ٻاجهر جو اٽو ۽ پاءُ سوپاريون گهر جي عورتن جي کائڻ لاءِ. اهو سڄي مهيني لاءِ سوا سئو کان ڏيڍ سئو جي اندر ايندو هو. ڪوئلن جي خرچ، تورڙي لالٽين وغيره لاءِ گاسليٽ جو خرچ بہ ان ۾ شامل هوندو هو ۽ ٽي وقت پيٽ پري ماني کائبي هئي تہ صبح ۽ شام جو چانهہ جا چشڪا بہ وٺبا هئا. رات جو پڪوڙا بہ کائبا هئا تہ نيرن تي ماما

علوءَ جي ناهيل منڊي ۾ پاوا بہ ان ڪانسواءِ ڪيل (فلم) جو شوق بہ پورو ٿيندو هو. چار آنا، اٺ آنا يا هڪ روپيو خرچي ملندي هئي تہ اسان ٻارن جا بہ جاوا ٿي ويندا هئا. مونکي تہ سيوهڻ ۾ (1955) ياد آهي تہ صبح جو چار آنا مغز لاءِ تہ شام جو 4 آنا پڪل ٻاڪري دل ڪائڻ لاءِ بہ ملندا هئا جيڪا ايڪسٽرا عياشي هئي. تڏهن بہ بابا جي مختيارڪاري واري پگهار مان جيئڻ تيئڻ ڪري پورت ٿي ويندي هئي.

مون کي 1963ع ڪانپوءِ وارو دور بہ ياد آهي جڏهن بابا رٽائرمينٽ واري زندگي گذاري رهيو هو ۽ آئون خادم وطن اخبار ۾ 120 روپيا مهينو پگهار تي ڪم ڪندو هوس، جيڪو 1967ع تائين جاري هئو جڏهن مون کي سچل سائنس ڪاليج ۾ پارٽ ٽائيم ليڪچرار جي نوڪري ملي ۽ 150 روپيا پگهار مليم، عيش ٿي ويا. گهر ۾ بہ پئسا ڏيندو هوس تہ وري پنهنجي دوست مسعود سان گڏ ڪوهنور سئنيما جي سامهون 15 روپين ۾ ران بہ وٺي ڪائيندا هئاسين ۽ هڪ روپيہ 80 پئسن واري گيلري جي ٽڪيٽ وٺي فلمون جام ڏٺيوسين.

هينئر جي فلم جو نالو ٿو وٺجي تہ جڻ ماڻهو پاڪستان ٽوئر ڪري ٿو اچي. ٽڪيٽ پنج سئو ڪان ست سئو تائين پيپسي ۽ پاپ ڪارن پڻ ٽن سون تائين، يعني هڪ فلم هزار ۾ ٿي پوي جڏهن تہ اسان تمام گهٽيون ۾ بهترين فلمون هتان ريل ڪار ۾ چڙهي ڪراچي جي ريڪس ريو، ليرڪ، ڪيپيٽل ۽ رٽز جهڙين خوشبودار سئنمائن جي ايئرڪنڊيشنڊ ماحول ۾ ڏٺيون ۽ شام جو حيدرآباد واپس آياسين.

\-

قسطن تي شين ڏيڻ جو رواج منهنجي خيال ۾ سڀ ڪان پهرين سنگر ڪمپني وڌو جنهن پهرين سلائيءَ جون مشينون قسطن تي ڏيڻ شروع ڪيون، جنهن جو ذڪر آئون اڳ ئي ڪري چڪو آهيان ليڪن بعد ۾ هو ريڊيو ريفريجريٽر، پنکا، واٽر ڪولر، ٽي وي ۽ ٻيون ڪيتريون شيون قسطن تي ڏئي ڪيترن غريبن کي بہ اهي شيون استعمال ڪرڻ جو

موقعو ڏنائون. خاص ڪري سنگر عام سلائي مشينن کان وٺي زگ زيگ جهڙيون بهترين مشينون به هنن ڏنيون ۽ اهو وقت هنن جو تمام اهم حيثيت وارو هو ليڪن قسطن وارا پيا به اچي ويا. انهن مارڪيٽ کي اغوا ڪري ورتو ۽ هاڻ هو جتي ڪٿي موجود آهن سولين قسطن تي مهانگيون شيون ڏئي ماڻهن کي فائدو به پهچايائون ته کين قرض ۾ به ڪارو ڪري ڇڏيائون. انهيءَ ڏنڌي ۾ اهي وياج خور پٺاڻ به شامل ٿي ويا. جيڪي اوڊر تي ڪپڙا، قالين ۽ ٻيو سامان ڏئي ويندا هئا ۽ سال تي اچي وياج وصول ڪندا هئا.

هاڻ وري مارڪيٽ ۾ ”سيل“ جو سيلاب آيل آهي. جو جورابن کان وٺي ٽيليويزن ۽ اليڪٽرانڪس تائين هر شيءِ سيل تي ٿي ملي مزو اهو آهي جو انهن تي قيمتون وڌيڪ لکي پوءِ رعايت ٿا ڪن.

—

19 صديءَ جي پڇاڙي ۽ 20 صديءَ جي پهرين پنجاه سالن تائين سنڌ ۾ پرائمري ۽ هاءِ اسڪول جي سطح جي تعليم تمام اعليٰ درجي جي هوندي هئي. 1890ع ڌاري هالا پراڻا ۾ پرائمري اسڪول کلي ويو هو جنهن ۾ شهر جي ڪيترن ماڻهن سميت منهنجي ڏاڏي قاضي محمد لائق به تعليم پرائي هئي ۽ پوءِ بابا (پيدائش 1907) به اتان ئي پرائمري تعليم ورتي ۽ جي ڊي ميمڻ، رحمت الله قريشي، حفيظ قريشي، قاضي رحمت الله، قاضي محمد حيات، قاضي مريد علي، قاضي غلام غلام محمد ۽ ٻيا ڪئين امير ۽ غريب اتان پرائمري تعليم سان مالا مال ٿي ويا. ڪيترن ڌنڌن ڪرڻ وارا. جن ۾ ڪوري، حجام، ڪاسائي، دايا، ميمڻ، سنائي، سيني جي هڪ پيڙهي ته تعليم حاصل ڪري، ڪنهن نه ڪنهن سطح تائين وچولي درجي ۾ پهچي وئي ۽ پوءِ جو وري هالن نون ۾ مخدوم غلام حيدر صاحب هاءِ اسڪول قائم ڪيو ته پوءِ ته هالن سان گڏ، ڪوريجا، سعيد آباد، نوڙها، ڀٽ شاهه بلڪ موري ۽ حيدرآباد جا ڪيترا نوجوان اتان تعليم پرائي نڪتا. انهن ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ قاضي مشتاق قريشي، ادا عبدالواحد (حاجن) خود هالا جي مخدوم صاحبن جو اولاد جن ۾ مخدوم

امين فهيم جن بہ اتان ئي تعليم حاصل ڪئي ۽ انهن مان تمام گهڻا ماڻهو پڙهي لکي تمام وڏن عهدن تي وڃي پهتا. ڪي ڪليڪٽر بڻيا تہ ڪي ايس پي، ڪي جج ٿيا تہ ڪي مئجسٽريٽ ۽ ڪيترائي وڏا ناليوارا پروفيسر بہ بڻيا. پروفيسر غلام حسين خاصخيلي، پروفيسر عبدالقدوس علوي ۽ مرحوم پروفيسر وڏل شاھہ هتان ئي پڙهيا. هن ڪاليج جو سونهري دؤر تڏهن آيو جڏهن محبوب علي چنہ صاحب ۽ سائين غلام رضا پتي، ڊاڪٽر علي نواز جتوئيءَ جهڙا استاد اتي مقرر ٿيا. هي اسڪول ان وقت بہ هڪ يونيورسٽي جهڙو ئي مان رکندو هو ۽ اتي ئي ڪاليج بہ کليو جنهن جي تعليم جي سڄي سنڌ ۾ هاڪار ٿي وئي.

ان وقت نوشهروفيروز پنهنجي مدرسي جي ڪري ۽ ٿنڊوياگو مير غلام محمد جي قائم ڪيل مدرسي جي نالي سان تعليمي تاريخ ۾ نالو لکرائي ويا. جڏهن تہ سنڌ مدرسو ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيو ليڪن ان جو احوال جدا لکڻو پوندو. باقي لاڙڪاڻي جي مدرسي ۽ خيرپور ۾ ميرن جي قائم ڪيل تعليمي ادارن جو احوال تہ گهڻن کي معلوم آهي. ان وقت جي هڪ خاص ڳالهہ جيڪا مشهور هئي، اها هيءَ هئي تہ ڪن مدرسن ۾ غريبن ۽ اميرن لاءِ جدا جدا هاسٽلون قائم هونديون هيون. بقول علامہ دائودپوٽي جي، جيڪو ٺلتيءَ جي هڪ غريب واڍي جو پٽ هو ۽ سنڌ مدرسي ۾ غريبن جي هاسٽل ۾ رهي، ڪنڪرن وارا چانور کائڻ جو ذڪر ڪيو اٿس يا وري پير الاهي بخش کي غريب هئڻ ڪري اتي داخلا نہ ملي ۽ خيرپور جي ميرن کيس يتيمن جي ڪوٽا مان پڙهائڻ جو ذمو کنيو.

اهڙي طرح حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ وري هندن جا قائم ڪيل تعليمي ادارا نالي وارا هئا. جن مان حيدرآباد جي ساڌو هيرانند اڪيڊمي ۽ نو وداليہ اسڪول توڙي نيشنل ڏيارام گدو مل ڪاليج (بابا هنن ٽنهي ادارن ۾ پڙهيو). مسلمانن جي قائم ڪيل نور محمد هاءِ اسڪول ۽ مدرسة البنات حيدرآباد جي تعليم ۾ وڏو نالو ڪڍيو. جنهن جو وڏو داستان لکي سگهجي ٿو. اسان بهرحال انهن جي زوال جو دور ڏٺو.

—

سندرو ٻڏي بيٺا پر هڪ جهوني جسم کي ڪٽي صرف ڪار تائين پهچائڻ ۾ ڪين پڳهر اچي ويا. هي شخص جيڪو غمگين گانا انهن جي اصلي فلمي طرز ۾ ڳائيندو هو جنهن تي ڪي وري اڪثر چوندا هئا تہ هاڻ سائين ٻڌو هن جا راڳ! جنهن غم جي سٽ هو سهي نہ سگهيو ڇا گانن ۾ ان جو اظهار ڪافي هو! ڪير ٿو ڄاڻي تہ ڪير ڪير اندر ۾ ڪهڙا ڪهڙا غم لڪايو پيو هلي، جيڪي جڏهن اڌڙي پون ٿا تہ وري سبڻ جا نہ آهن.

يوسفاڻي بئنڪ ۾ هڪ اعليٰ عهدي تي رهيو. هڪ پٽ شايد انڪم ٽيڪس ۾ وڏو آفيسر آهيس ۽ بقول اسان جي هڪ واقف عورت جي جن جو رشتو اٽۓ ٻڌائي ڇڪو آهيان. هن جي گهر جون پٽيون بہ شاهہ جي بيتن سان ڀريل هيون تہ ڪمري ۾ بہ چوڌاري شعر ۽ گيت پڪڙيا پيا هوندا هئا. بزم روح رهاڻ ۾ اچي دل جا درد لفظن وسيلي ڪڍي پنهنجو غبار لاهڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

هي شخص، جنهن سان منهنجي ڪا گهري ڊيٺ ويٺ بہ ڪا نہ هئي، تنهن جڏهن مون کان منهنجا ڪتاب گهريا تہ انهن جي نقد ادائگي ڪيائين. هن جي داستان حيات کي ٻڌي لڳي ٿو تہ هو منهنجو ڪو پراڻو واقف هو يا وري هن جهڙي ڏکويل روحن جون ڪهاڻيون ۽ داستان ٻڌندي پنهنجائپ پئي محسوس ٿئيم. هو پيدا ٿيو هوندو تہ يقينن ماءُ پيءُ هن کي پهرين ڏٿو هوندو پر هن جي ساهہ جو پنڇي منهنجي سامهون پرواز ڪري ويو ۽ هو دنيا جي ڏک درد کان بي خبر هڪ اهڙي ننڊ ۾ پئجي ويو جنهن کي ڏسي ڏندين آڱريون اچي ويون تہ ڇا اهڙي گهري ۽ بي فڪري بہ ڪا ننڊ ٿي سگهي ٿي؟

—

مزاحيہ اداڪارن ۾ ڪشور ڪمار جو پنهنجو ڪلاس هو. هو شڪل صورت جو بہ سنو هو ۽ آواز بہ غضب جو هوس. تمام گهڻين فلمن ۾ هيرو طور آيو ۽ پنهنجا خوشي توڙي غم جا ڪردار عمدگيءَ سان نڀاياءين. ڀائي ڀائي، هن جي بهترين فلم هئي، جنهن ۾ هن پنهنجي اصلي ڀاءُ اشوڪ ڪمار جي ننڍي ڀاءُ جو رول ادا ڪيو آهي ۽ سندس جذبات

نگاري بلڪل اصلي ٿي لڳي. چلتي ڪا نام گاڙي ۾ به هن اشوڪ ڪمار جي ننڍي ڀاءُ جو رول ادا ڪيو آهي جڏهن ته سندس ٽيون ڀاءُ انوپ ڪمار به هن فلم ۾ آهي. هن فلم ۾ سندس مزاحيه اداڪاري ۽ گانا ڪمال جا آهن. وري جو سامهون مڌو بالا هيروئن اٿس، جيڪا حقيقي زندگيءَ ۾ به هن جي هيروئن بڻجي وئي، ته فلم ۾ وڏيڪ جان پئجي وئي.

هن جون ڪيترين مزاحيه فلمون آهن جن ۾ جهمرو بمبئي ڪا چور، الزام، هاف ٽڪيٽ (جنهن ۾ پڻ مڌوبالا هن جي هيروئن آهي. اها فلم جيري ليوس ۽ ڊين مارٽن جي هڪ فلم جي ڪاپي آهي). اهڙي طرح هن جون نمي، ڪُم ڪُم، مينا ڪماري، مالا سنها ۽ مڌو بالا سميت ڪيترين اداڪارائن سان تمام گهڻيون فلمون آهن جن ۾ هن جي مزاح سان گڏ حقيقي اداڪاريءَ جو ڪمال نظر ايندو.

بين .داڪا ن ۾ اوم پرڪاش ۽ پران به تمام وڏا پرفارمر هئا. هنن ولن ڪان وٺي مشڪرن، دوست بلڪ پيءُ وغيره جا رول به تمام سٺا ڪيا آهن ۽ خاص ڪري انهن پنهي اداڪارن جيڪو مزاحيه رول اسان جي آڏو پيش ڪيو آهي، اهو وسرڻ جي قابل نه آهي.

اوم پرڪاش ته تمام پراڻو اداڪار هو تنهن ڪري چوندي هو ته فلم ۾ هن جو نالو هيرو کان اڳ اچڻ گهرجي، پوءِ پلي اهو دليپ ڪمار ئي چو نه هجي. مون کي هن جي هڪ فلم الزام ياد آهي، جنهن ۾ ڪشور ڪمار هيرو ۽ مينا ڪماري هيروئن هئي ۽ هو ولن ٿي پيش ٿئي ٿو ليڪن مزاح جو رنگ اتي به اٿس. وري جو راجڪپور جي فلم سنگم ۾ راجڪپور جي پيءُ جو رول ادا ڪيو اٿس ته اسان کي فلم ئي هن جي رول جي ڪري ياد آهي. هن بيشمار پراڻين ۽ نئين فلمن ۾ پنهنجي مزاحيه ۽ سنجيده اداڪاري جا جوهر ڏيکاريا.

پران جيڪو خاندان، اپراڌي، مڌومتي، آه، مينار، دل ديا درد ليا، هلاڪو جهڙين فلمن ۾ ولين يا وري وفادار دوست جو ڪردار ادا ڪندي نظر آيو. تنهن منيم جي (ديوآنند، نلني جيونت) ۽ هاف ٽڪيٽ ۾ (ڪشور ڪمار، مڌو بالا) ڪلائي ڪلائي پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيو. هو مشهور

ونديندا هئا. اهڙن ماڻهن سان گڏ جتي حفيظ قريشي جو ذڪر ڪيل آهي، جيڪو زندگيءَ جي اوائلي ۽ آخري حصي ۾ اڇي هالن ۾ رهيو ليڪن سندس ياءَ قاضي فتح الله، جنهن جي سڄي عمر هالا پراڻا ۾ گذري پنهنجي جڳهه تي هڪ اهم شخصيت هو. وڏن سان وڏو ننڍن سان ننڍو هالن ۾ سڪرنڊ جو وڏو زميندار هوندي به هو هر ڪنهن سان نيائيندو هو. هن جي اوطاق به ايستائين وسيل هئي، جيستائين هو جيئرو هو. مون هن جو ذڪر پنهنجي ڪتابن ۾ تفصيلي طور ڪيو آهي پر مون کي خوشي تي آهي ته اڃا به هالن پراڻن ۾ هالا پراڻا سان پيار ڪندڙ موجود آهن.

—

سنڌ يونيورسٽي جڏهن ڪراچيءَ کان شفٽ ٿي حيدرآباد جي نوودايه هاءِ اسڪول جي عظيم الشان عمارت ۾ قائم ٿي ته ان جو وائيس چانسيلر علامه آءِ آءِ قاضي ۽ رجسٽرار آغا تاج محمد جهڙا عالم ۽ تعليمي منتظم مقرر ٿيا. هن دور ۾ وائيس چانسيلر جو عهدو ته اهم هوندو ئي هو پر انتظامي طور تي رجسٽرار تي وڏو ڪم جو بار هوندو هو پر جيئن ته ان وقت يونيورسٽي ئي مئٽرڪ کان وٺي بيا سڀ امتحان وٺندي هئي، تعليمي بورڊ اڃا قائم ڪونه ٿيا هئا. تنهن ڪري انهن جي امتحانن جو وڏو بار هوندو هو ۽ يونيورسٽي مقرر تاريخن تي امتحان وٺڻ ۽ مقرر تاريخن تي رزلٽ ظاهر ڪرڻ جو نهايت اهم ڪم به ڪندي هئي. آءٌ خود به ڪيترا دفعا يونيورسٽي ۾ ڪن ماڻهن جون رزلٽون ٻڌڻ آيو هوس، ان ڪري جو ان وقت باقاعدي لائوڊ اسپيڪرن تي، يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس جي اندر رزلٽ ظاهر ڪئي ويندي هئي ۽ نوٽيس بورڊ تي به لڳائي ويندي هئي. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته 1956ع ۾ جڏهن بابا ننڍي آدم جو ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو ته منهنجي وڏي ياءُ، دادا مشتاق جي ميٽرڪ جي رزلٽ معلوم ڪرڻ لاءِ دادا ۽ چاچا غلام قادر حيدرآباد ويا هئا ۽ رزلٽ معلوم ڪري آيا هئا، ان ڪانپوءِ ادا حاجن ۽ سندس دوست محبوب مگسي (جيڪو بعد ۾ ايس پي ٿيو) تن جي رزلٽ ٻڌڻ آئون پاڻ

جي حالت تي بہ هو قلم کڻندا هئا تہ ڪنهن سان ظلم ٿيندو هرگز ڏسي نہ سگهندا هئا ۽ پنهنجي قلم وسيلي معاشري ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ هر وقت هوشيار رهندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ، خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺڻ توڙي حُرن واري مارشل لا جي دور ڪي نندڻ ۾ بہ هنن ڪا ڪسر ڪا نہ ڇڏي اهڙن ئي صحافين مان هڪ تعليم يافتہ ۽ دل ۾ انسانن ۽ ملڪ لاءِ دردمند دل رکڻ وارو انسان شيخ علي محمد بہ هو.

شيخ صاحب جنهن دور ۾ ڪارروان اخبار ۾ شامل ٿي پنهنجي صحافتي زندگي اختيار ڪئي، تڏهن مولانا دين محمد وفائي، جنهن جي اخبار آزاد، ڪراچيءَ مان نڪرندي هئي ۽ سنڌ جي سياسي توڙي سماجي هلچل جي ترجمان اخبار هوندي هئي ۽ مولوي خير محمد نظاماڻي جو جهڙو بي ڊپو ۽ سچار صحافي، سنڌ ۾ وڏو نالو ڪيڏي چڪا هئا. انهن مان مولوي خير محمد نظاماڻيءَ سان تہ شيخ علي محمد صاحب کي وڏي عقيدت هوندي هئي ۽ آخر وقت تائين جڏهن مولوي صاحب اکين کان ويهي رهيو هو تہ هن سان گڏ صرف شيخ علي محمد صاحبِ ئي هوندو هو جيڪو سندس هر ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو بلڪہ جي مولوي صاحب اسلام آباد ويندو هو تہ شيخ صاحب گڏجي ويندو هوس. ۽ ڏيکاري ڇڏيائين تہ دوستي ۽ عقيدت ڇا ٿيندي آهي، اهو مولوي صاحب الوحيد ۽ نئين سنڌ کان وٺي خادم وطن اخبار تائين ايڊيٽر ٿي رهيو پر هن جي بي ڊپائي اخبار جي مالڪن کي ايترو تہ ڊيڄاريو جو هو گهڻو وقت ڪم جاري نہ رکي سگهيو.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ وقت سنڌ ۾ جن صحافين جو وڏو نالو هوندو هو، تن ۾ مولانا عبدالغفور سيتائي، مولانا دين محمد وفائي، قاضي عبدالرحمان، سيد سردار علي شاهہ پير علي محمد راشدي، شمشيرالحيدري (جنهن خادم وطن اخبار ۽ بعد ۾ مهراڻ اخبار ۾ ايڊيٽر طور وڏا ڪارناما انجام ڏنا) محمد بخش جوهر، علي نواز وفائي، مقبول صديقي، خير محمد کوکر ۽ ٻيا ڪيترا معروف نالا شامل آهن انهن جي وچ ۾ شيخ علي

محمد ڪاررواں اخبار ڪان شروع ٿي، عبرت ۾ سچي سنڌ ۾ نالو ڪيڍي، 1969ع ۾ هلال پاڪستان اخبار شروع ڪيائين، جنهن کي پيپلز پارٽيءَ قائم ڪيو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي پاڻ 14 آگسٽ 1969ع تي حيدرآباد جي قلعي واري علائقي ۾ اچي ان جو افتتاح ڪيو جتي منهنجي به ساڻن ملاقات ٿي. شهيد ڀٽي کي شيخ صاحب سان تمام گهڻو انس هو. هن ڪين اخبار جي سياه ۽ سفيد جو مالڪ ڪري ڇڏيو. ليڪن لڳي ٿو ته پارٽيءَ جا ڀيا اڳواڻ ان ۾ خوش نه هئا ته ڪو اهڙو ماڻهو اخبار ۾ هجي، جيڪو سندن ڪا به ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هجي ۽ سچ جو ساٿ ڏيندو رهي، تنهن ڪري هنن شيخ صاحب لاءِ اهڙا حالات پيدا ڪيا. جو هن ان اخبار کي ڇڏيو ۽ پنهنجي اخبار ”آفتاب“ جي نالي سان ڪڍيائين ۽ ان دوران هو سينيٽ جي چونڊ لڙي سينيٽر به ٿي چڪو هو. تنهن ڪري سندن اهميت ۾ ڪا ڪمي نه آئي.

شيخ صاحب وڏي وقت تائين آفتاب اخبار ڪڍندو رهيو ۽ ان ۾ هن نفعي نقصان جو ڪڏهن به خيال نه ڪيو نه ڪو نٽ ٽانگر ۾ ئي يقين رکندو هو. بلڪ سينيٽر ٿي هن ڪيترن غريب ماڻهن جا ڪم ڪار ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي ۽ پنهنجي ڳوٺ کي ته اصل آئيڊيل ڳوٺ ٺاهي ڇڏيائين. ان حد تائين جو جڏهن ڪئين سال اڳ سندن وفات ٿي ته مون پنهنجي اکين سان صحافي ڪالونيءَ ۾ سندس گهر جي ٻاهران جمع ٿيندڙ وڏي تعداد ۾ سندس دوستن، ڳوٺاڻن ۽ ڪيترين شخصيتن کي اوڇنگارون ڏيندي روئيندو ڏٺو.

شيخ صاحب جي جيئڻ ته اسان سان ڪنهن لحاظ سان رشتيداري به هئي ۽ هو خود بابا (قاضي محمد لائق قريشي) جو وڏو احترام ڪندو هو. ان حد تائين جو جڏهن سينيٽر ٿيو ته پاڻ گلن جا هار ۽ مٺائي کڻي اسان جي گهر الهداد چنڊ جي ڳوٺ آيو ۽ اچي مبارڪباد ڏنائين ليڪن هن جي دوستن ۾ قبله مخدوم طالب المولىٰ صاحب، علامه آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مير علي احمد ٽالپر، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ڊاڪٽر رضي الدين صديقي جهڙا اعلىٰ انسان به هوندا هئا. جن سان

ڪيترين ملاقاتن ۾ آئون بہ ساڻس گڏ هوس. نہ صرف ايترو پر سندن تعلقات سائين غلام مصطفيٰ شاهہ سان بہ هئا. جنهن سان پاڻ ملي وي سي جي آفيس ۾ منهنجي ملاقات ڪرايائين جنهن ڪري اج آئون سنڌ يونيورسٽي جهڙي عظيم اداري سان وابستہ آهيان. هو اسان سان تمام ويجهو تعلق ۾ رهيو هئو جنهن جو ثبوت الهداد چنڊ جي ڳوٺ جي انهيءَ ماڙيءَ (اوطاق) جي ڪمري اندران ڇت تي هن جو نالو منهنجي چاچن قاضي محمد صالح ۽ قاضي غلام قادر جي نالن سان گڏ ڪاري رنگ جي مدد سان اڪريل ڏٺو هئم. جنهن ۾ منهنجا چاچا حُرن جي مارشل لا واري دور ۾ پڙهائي لاءِ هالا پراڻا کان اچي رهيا هئا ۽ 1945ع ۾ بابا جن بہ اتي اچي رهيا ۽ اتي ئي منهنجو جنم بہ ٿيو تہ پوءِ منهنجي شادي بہ ان ماڙيءَ ۾ ٿي.

مون شيخ صاحب جي اصل حيثيت تڏهن ڏٺي، جڏهن مون کي ڪجهہ فوٽو مليا جن مان هڪ ۾ هو ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي، سنڌ يونيورسٽي جي اولڊ ڪيمپس جي سينيٽ هال ۾ اسٽيج تي وينل هئا ۽ مخدوم طالب المولیٰ صاحب تقرير ڪري رهيا هئا ۽ اهڙيون بيون تصويرون بہ مليون، جنهن مان هن جي علمي حيثيت جي خبر ٿي پئي، ليڪن هن پنهنجي وات سان ڪڏهن بہ اهڙي ڪنهن ڳالهہ جو ذڪر ڪونہ ڪيو.

شيخ صاحب جي، اديبن عالمن ۾ مولانا غلام محمد گرامي، محترم حيدر بخش جتوئي، محترم محمد عثمان ڏيپلائي، جنهن جي قائم ڪيل اخبار عبرت بعد ۾ قاضي اڪبر خريد ڪئي هئي. ظهور انصاري، شمشيرالحيدري، نياز همايوني سان بہ هئي تہ هن ڪڏهن پنهنجي ڳوٺ جي ساٿين احمد خان شيخ، محمد لائق، ميان عيسيٰ ۽ ٽيبي صاحب کي بہ نہ وساريو.

هي عجيب، دوستن جو دوست هن وقت هن دنيا ۾ ناهي پر آئون پنهنجي وس آهر هن کي ضرور ياد ڪندو ايندس ۽ ڪوشش ڪندس تہ سندن زندگي ۽ صحافتي دور تي ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جي لاءِ شاگرد تيار ڪريان.

مون تمام گهڻو اڳ حيدرآباد جي فردوس سئنيما ۾ مشهور اداڪار ڪرٽ جرگنس جي فلم دي بليو اينجل (The Blue Angel) ڏٺي هئي، جنهن ۾ هن هڪ نهايت سٺي استاد ۽ وقت جي پابند انسان جو رول ادا ڪيو آهي. هن جي ان ڪردار جو سندس ڳوٺ وارن تي ايترو تہ اثر هو جو هو صبح مهل، سندس اسڪول وڃڻ واري وقت تي پنهنجين واچن ۽ گهڙيالن جو وقت ٺاهيندا هئا. ان ڪانسواءِ بہ ڪيترين فلمون استادن جي ڪردار تي ٺهيل ڏٺيون اٿم.

اهڙين فلمن ۾ Tea and Sympathy بہ هڪ زبردست فلم هئي، ليڪن ان جو موضووع جدا هو. هن فلم ۾ هڪ شادي شد، خوبصورت، عورت استاد سان هڪ نوجوان شاگرد جو قصو بيان ڪيل آهي، جنهن کي هوءَ چانهہ جي ڪوپ تي گهرائي ٿي ۽ سندس ڳالهيون همدرديءَ سان ٻڌي ٿي، ڊيبورا ڪر جي هيءَ بهترين فلم آهي. هن جو اهو رکيو شاگرد کي سندس محبت ۾ گرفتار ڪريو ڇڏي.

هن ڏس ۾ مون سنڌ جي هڪ نامور استاد حاجي خوجا صاحب جي ڪردار جو بہ ڪيترن حوالن سان ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ خاص واقعو اهو بہ هو تہ جڏهن هو موري جي پاسي ڪنهن ننڍي ڳوٺ ۾ اسڪول ۾ استاد هو تہ شهر ۾ گورنر جي اچڻ تي ڪو جلسو ڪوٺايو ويو هو ۽ هن کي ان جي صدارت لاءِ چونڊيو هئائون. اتفاق سان ان ڏينهن هو جيئن پنهنجي اسڪول کان شهر اچڻ لاءِ سائيڪل تي اچي رهيو هو تہ اها واٽ پنڪچر ٿي پئي ۽ هو وقت سر پهچي نہ سگهيو. جنهن تي گورنر چيو تہ فنڪشن ملتوي ڪيو وڃي ۽ ٻئي دفعي وري بہ ساڳي استاد کي گهرائي صدارت ڪرائي وڃي. اها ڳالهہ خوجا صاحب مون کي هڪ عيد جي موقعي تي پاڻ ٻڌائي هئي، جڏهن آئون مراد علي مرزا کي ساڻ وٺي علامہ قاسمي صاحب سان عيد ملڻ ويو هئس هتي ظهور انصاري بہ موجود هو ۽ منهنجو پٽ عامر اسان کي ڊرائيو ڪري وٺي آيو هو. جنهن

پڇيو تہ پوءِ ڇا ٿيو تہ خوجا صاحب وراڻيو تہ، ”پوءِ مون کي نئين سائيڪل وٺي ڏنائون.“

جيئن تہ خود منهنجا بہ چاچا بہ پرائمري استاد هئا، تن جي عزت آءٌ پاڻ ڏسي چڪو هوس يا اسان جا پنهنجا پرائمري استاد جن کي ڏسندي جهڪي پيرين پوڻ تي دل تڏي ٿيندي هئي، ليڪن مون ان دور جون جيڪي بہ اردو هندستاني يا پاڪستاني فلمون ڏٺيون تن ۾ استاد، وڪيل ۽ ڊاڪٽر کي جڻ تہ مشڪرن يا جڏن ۽ بيوقوف انسانن جي روپ ۾ ڏيکاريو ويندو هو ۽ آئون حيران ٿيندو هوس تہ اهڙيون فلمون ڪيئن ٺيون ناهيون وچن پر هاڻ خبر پئي تہ اها معاشري جي جهالت جي نشاني هئي، جنهن ۾ رشوت خور آفيسر ۽ بي ايمان وڏيري يا بدمعاش سيٺ کي تہ ٺيڪ ٺاڪ ڪري ئي پيش ڪيو ويندو هو ليڪن معزز انسانن جو مذاق اڏايو ويندو هو.

—

مون ڪٿي لکيو آهي تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مون جيڪي بہ وائيس چانسلر ڏٺا، انهن مان هر ڪنهن جو انداز جدا جدا هو. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ کان وٺي، جيڪو ليڪچر ڏيڻ جو شوقين هو ۽ علم ورهائڻ ۾ دلچسپي رکندو هو. اهڙي طرح حسن علي عبدالرحمان صاحب ۽ مظهرالحق صديقي صاحب وري انهن اعليٰ انسانن مان هئا، جيڪي يونيورسٽيءَ ۾ ٿيل يا ٻاهر ڪٿي ڪنهن بہ فنڪشن يا تقريب ۾ ويندا هئا تہ پاڻ حاضري پرائي ڪونہ هليا ويندا هئا پر سڄو وقت ان هنڌ ويهي پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياريندا هئا.

پروفيسر غلام حسين خاصخيلي، جيڪو منهنجي وڏي ڀاءُ دادا مشتاق جو هم ڪلاسي آهي ۽ مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا ۾ گڏ پڙهي چڪو هو. ان هڪ مزيدار ڳالهہ ٻڌائي تہ هنن جي شاگردي جي اوائلي دور ۾ هڪ طرف جيئن اهي بہ وي-سي ڪنهن بہ فنڪشن ۾، اهو چاهي علمي ادبي هجي يا ڪا شادي وغيره، اتي سڄو وقت ويهندا هئا. تيئن شاگردن ۾ وري هو مرحو رشيد انصاري ۽ آپا عزيز فنڪشن ۾ تڏا

ويڙهه ڪرائڻ ڪانپوءِ ئي نڪرندا هئا. جڏهن تہ ٻيا استاد، شاگرد بلڪ فنڪشن جا ڪارڪن بہ ايندا ويندا رهندا هئا.

مرحوم رشيد انصاري ۽ خاصخيلي صاحب جي جوڙي بہ جوڙي هئي. حيدرآباد ۾ هڪ ئي پاڙي ۾ آمهون سامهون رهڻ، هڪ ئي علائقي جا هجڻ، هڪ ئي اسڪول جا پڙهيل. رشيد صاحب هالا' نوان جو انصاري هو تہ غلام حسين صاحب چند ميل پري نوڙها لٽيون جو رهواسي. گفتگو جو انداز بہ ساڳيو تہ مذاق ۽ مزاج بہ ساڳيو. تڏهن بہ گهڻو ڪري هڪ ٻئي سان ڪيترين ڳالهين ۾ اختلاف رهندو هون ۽ بحث مباحثي ۾ مصروف رهندا هئا. الله بخشي رشيد صاحب ڪي ڏاڍو بردبار، برداشت ڪرڻ وارو برجستو ۽ دوستن جو دوست هو. ڪڏهن ڪنهن سان ڏکيو نہ ڳالهايائين هر وقت، هر ڪنهن جي مدد لاءِ تيار رهندو هو.

-

يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ۽ تعليم ڏيڻ واري دور ۾ بہ موقعا مون کي اهڙا مليا، جيڪي منهنجي ذهن تي نقش ٿي ويا پر دل ۾ بہ هميشہ ڌڙڪندا رهيا. انهن ۾ هڪ دور تہ محترم شيخ اياز جي وائيس چانسيلر واري وقت ۾ ڏٺم، جڏهن هن مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ رائٽرز ۽ انٽيليڪچوئل ڪلب جو انچارج بنايو ۽ چيائين تہ "هاڻ تون پاڻ پنهجو تخيل استعمال ڪر ۽ هن مادر علمي ۾ اديبن ۽ دانشورن کي جمع ڪري هنن جي ذريعي تعليم جي دنيا ۾ هڪ انقلاب آڻ." هن ڪلب جي ادبي ۽ تنقيدي توڙي مختلف محفلن جو ذڪر مون پنهنجي لکڻين ۾ تمام گهڻو ڪيو آهي شيخ صاحب ڪانپوءِ ادب جي آبياري ۾ ڪنهن دلچسپي نہ ورتي. ٻيو دور تڏهن ڏٺم، جڏهن ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب وائيس چانسلر ٿي آيو ۽ 'بيورو آف اسٽوڊنٽس گائيڊينس اينڊ ڪائونسلنگ سروسز' جو ادارو منهنجي حوالي ڪيائين. جنهن جي ذريعي مون يونيورسٽي جي شاگردن جي فڪري ۽ ذهني قوتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو ۽ اداري جي ڊائريڪٽر حنيف قاضي ۽ پروفيسر رشيد انصاري، پروفيسر عبدالغني شيخ (انگلش وارو)

۽ اسٽئگس جي بين ڪارڪنن، جنهن ۾ جاويد لاڙڪ جو نالو اهم آهي، هو ان وقت ڪلارڪ هو پر ڪنهن هڪ هنڌ رهي نہ سگهيو هو تنهنڪري سزا طور اسان ڏانهن موڪليو هوائون تن سان گڏ (هن کي 2018ع ۾ يونيورسٽي ڪانووڪيشن ۾ گولڊ ميڊل انعام طور مليو آهي) پنهنجا پروگرام شروع ڪيا ۽ يونيورسٽيءَ ۾ وڏي عرصي کانپوءِ سنڌي انگريزي ۽ اردو ۾ ڊبيٽ جو رواج قائم ڪيوسين ۽ ملڪ جي ڪا اهڙي يونيورسٽي نہ ڇڏي سين، جتان شرڪت جي دعوت نہ ملي هجي بلڪ پنهنجي ڪئمپس تي انٽر يونيورسٽي، انٽر ڪاليجز ۽ انٽر ڊپارٽمينٽل مقابلا ڪراياسين، جنهن مان اهڙا تہ سنا ڊبيٽر ملي ويا، جو جڏهن سنڌ يونيورسٽي جي ٽيم ڪنهن بہ شهر ۾ ويندي هئي تہ وڏو نالو ڪڍي ايندي هئي. اسان جي اوائلي شاگردن ۾ اقبال جوڻيجي، مسرور احمد زئي، رشيد انصاري، شاهين خان، انيتا شاهہ، منيره ۽ ٻيا ڪيترا اهڙا شاگرد نالو ڪڍي آيا، جو جڏهن بہ اسٽوڊنٽس ايڪسچينج پروگرام ۾ لاهور، راولپنڊي، پشاور، اسلام آباد ۽ ٻين هنڌ وياسين تہ اسان کي انهن شاگردن جي نالن سان سڃاتو ويندو هو. خاص طور هن دور ۾ ڪئين شاندار ٽوئر ڪياسين ۽ پنجاب توڙي سرحد ۾ يوٿ هاسٽلن جي زندگيءَ جو مزو بہ ورتوسين.انهن مان خاص طور يوٿ هاسٽل، گلبرگ لاهور، اسلام آباد، پوربن، ايبٽ آباد، پشاور ۽ ٻين ڪيترن هنڌن جا ڪيترا خوبصورت ڏينهن ۽ البيليون راتيون ياد آهن جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي مختلف شعبن مان ڪارڪردگي جي بنياد تي چونڊجي آيل شاگرد، جيڪي هڪ ٻئي کي سڃاڻندا بہ نہ هئا، تن کي انساني پيار، پريت ۽ دوستي ۾ بدلجندي ڏٺوسين. هن دور جي هڪ هڪ ڏينهن جي ياد کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪئين ڪاغذ گهرجن.

مان خاص طور تي لاهور، اسلام آباد، پوربن، بالا ڪوٽ، ايبٽ آباد يوٿ هاسٽلن ۾ گذاريل گهڙين جو ذڪر ڪندو آهيان. ان ڪري جو مون کي هڪ اهڙو ڪتنب ملي ويو هو جنهن سان منهنجو ڪو رت جو رشتو

جي بنهي ڪنارن تي هوندي هئي ۽ پان بيڙي جي دڪان ڪان وٺي، ڪاڏي پيتي، ڪپڙي لٽي، درزين، حجامن ۽ واڍن جي دڪانن تي مشتمل هوندي هئي، اتي گهمڻ جو مزو ئي ٻيو هو. ان وقت اتي هندو واپاري وڏي تعداد ۾ هئا يا وري خوجا هوندا هئا باقي سنڌي مسلمان يا تہ ڪڙمي هوندا هئا يا زميندار ۽ وڏيرا. هو بہ ڪيپسٽن ڪان ڪنگ اسٽروڪ ۽ پاسنگ شو ڪان وٺي پن جي بيڙيءَ جا سوٽا هڻندا، سوپاريون چبيندا نظر ايندا هئا. مون پان کائڻ سڄاول مان ئي سکيو ان کانپوءِ وري ٺٽي ۾ ان جو عادي بڻيس. ٺٽي جو پان ئي نرالو هوندو هو. اهڙو پان نہ مون حيدرآباد جي گلاب پان هائوس تان کاڌو نہ ڪراچي جي PIDC (بلڊنگ) واري پان هائوس تان. ٺٽي ۾ پان جي سوپارين جا تمام گهڻا قسم هوندا هئا، پُڳل، ڪچيون، ڳاڙهيون، سايون، خوشبودار ۽ گول ڪٽيل سوپاريون. پان وات ۾ وجهبو هو تہ وات ۾ رچي ويندو هو. اتي منهنجو دوست، حيدر شاهہ جيڪو پاڻ پان جو وڏو شوقين هو روزانو مون کي بازار گهمائڻ هلندو هو ۽ واپسيءَ ۾ پان سان وات ڀريءَ سڄا خوشبو بڻجي ويندا هئاسين ۽ ٺٽي جي خوشبودار موتئي جي مهڪ وارين هوائن واري شام جو مزو وٺندي بازار مان گهمندا، بس اسٽينڊ تي اچي پهچندا هئاسين جتي هر وقت رونق لڳي پئي هوندي هئي، اتي ڪچوريون، سموسا ۽ جليبيون کائيبون هيون ۽ سڄي ملڪ مان ايندڙ ويندڙ قسمين قسمين ماڻهن ۽ موٽرن جا نظارا ڪندا هئاسين، ليڪن چانهہ وري واپس وچي بازار جي منهن تي ملباري هوٽل ۾ پيئندا هئاسين، جيڪو زبردست ملائيءَ واري چانهہ ٺاهيندو هو. باقي شربت شاهي بازار ۾ کهنباتيءَ جي دڪان تي پيئبو هو جيڪو درس جي شربت واري لسي بہ ٺاهيندو هو جنهن جي لذت چپن وري نہ چکي. هينئر بہ منهنجو هڪ پروفيسر دوست خليل کهنباتي ٺٽي مان منهنجي لاءِ گهُبيت وٺي ايندو آهي تہ پراڻو دور ياد اچي ويندو آهي. هن ئي بازار ۾ اسان جي پراڻن واقفن مان محترم فيض محمد ڪشمشيءَ جي پٽ پير بخش جو ڪپڙي جو دڪان هو. هن جو پٽ دوست محمد ٺٽي ڪاليج جو پرنسپل ٿي رٽائر ٿيو. هن جو ٻيو پٽ محمد صديق قريشي مختيارڪار هو جنهن

جو ذڪر مون اڳي بہ ڪيو آهي، بهرحال ٺٽي جي شاهي بازار تمام طويل هئي جتي ڪپڙي لٽي، ڪاڏي پيتي، گوشت ۽ مڇي پلي جا جام دڪان هئا ۽ ان وقت اها بازار ايڏي وڏي لڳندي هئي جو گهمندي ٿڪجي پوندا هئاسين پر حيدر شاهہ راجا ۽ سيف ٻنوي توڙي کهنباتي ۽ ذڪريا جهڙن دوستن سان گڏ گهمندي ٿڪ ئي نہ ٿيندو هو. بازارون تہ سکر، نوابشاهہ، ميرپورخاص جون بہ تمام وڏيون هيون ۽ انهن ۾ هر جديد شيءِ موجود هوندي هئي. ريڊيو ۽ بجليءَ جا دڪان بہ هوندا هئا. سکر ۾ تہ سڪي ميوي جا تمام گهڻا دڪان هئا. اهو شهر ڪراچيءَ وانگر بند روڊ، ميڪلوڊ جهڙن نالن وارن رستن ۽ چونڪن جو شهر هو تہ ٻئي طرف پهاڙيءَ تي معصوم شاهہ جو منارو ۽ قبرستان بہ پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ موجود هئا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ آئون چاهيندي بہ ڪڏهن معصوم شاهہ جي مناري تي نہ چڙهي سگهيس، بہ ٽي ڏاڪا چڙهي واپس لهي ايندو هوس تہ متان ڪري نہ پوي، ورنہ آئون بہ شايد ڪي اهڙا جملا لکي وجهان ها، جهڙا شيخ اياز پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ڪن ساٿين سان ان تي چڙهندي لکيا آهن. اتي ئي ڪوئنس روڊ تي شيخ اياز جي وڪالت واري آفيس بہ هئي ۽ اڳتي نم واري چاڙهي جتي هريسنگهہ جي مشهور پريس هئي، اتي ئي پير ۾ پروفيسر مسرت مرزا جو گهر بہ آهي. جنهن جون قربائتيون ڪچهريون بہ دل تي نقش آهن.

ميرپورخاص ۽ نوابشاهہ جون بازارون نهايت خوبصورت ۽ مختلف شين سان ڀريل هونديون هيون پر مون کي ميرپورخاص جي "مامون جي شاپ" ۽ نوابشاهہ جي 'چڪرا بازار' ۽ 'موني بازار' کان وڌيڪ ان دور جون يادون ناهن. خاص طور نوابشاهہ جي چڪرا بازار تي سئنيما جا لڳل ڪي پوسٽر ياد اٿم جن ۾ "پوستي" ۽ "گماشتا" فلمن جا نالا چٽا ياد اٿم، ليڪن اتي ڏٺل فلمون ياد ناهن. ڪڏهن ڪڏهن اسڪول مان گهر موٽندي چڪر بازار جو چڪر ضرور لڳندو هو. حالانڪ پوءِ زندگي ۾ ڪيترا دفعا نوابشاهہ ويس، پنهنجي نوڪري دوران، ڪاليجن جا چڪر بہ هنيم، شهر جي بدلجي ويل روپ کي ڏٺم ۽ ان وقت بہ نوابشاهہ گهمي

ڏنم جڏهن اسين پريس تي ڇاپي ڪانپوءِ سائين امداد محمد شاهہ جا مهمان ٿي رهياسين. جتي قاضي فيض محمد صاحب بابا وٽ ايندو هو ۽ سندس هڪ پٽ جي شاهہ صاحب سان دوستي هئي. ان وقت مون خوجا صاحب جو ناليوارو ڊي ايل بي هاءِ اسڪول بہ ڏٺو ۽ شهر جو چڪر بہ هنيم پر هاڻي اهو اجنبي ٿي لڳو. بازارون بہ وڏي وبون هيون ۽ گهٽو ٽٽو ماڊرن نمونو ٿي ويو هو. اهو شهر مونکي گل محمد عمراڻي ۽ عبدالقادر منگيءَ جي حوالي سان بہ ياد آهي، جو جڏهن هو اُت آفيسر هئا تہ پنهنجي سؤٽ جي ڪم جي سلسلي ۾ روبرو ملاقات يا فون تي گفتگو ضرور ٿيندي هئي ۽ عبدالقادر منگي جو اخلاق ئي هن سان دوستيءَ جو باعث بنيو. هڪ دفعي پنهنجي سئوٽ آفتاب سان چڪرا بازار ۾ ماني کائيندي هيڏانهن هوڏانهن ضرور ڏٺم. جتي ڪئين ورهيہ اڳ هڪ ننڍڙي گهر جي ڇپريءَ لڳل در مان هڪ خوبصورت چهرو ليئا پائيندي کنهن گهورڙيئي کان ڪجهہ خريد ڪري رهيو هو ليڪن هاڻي نوابشاهہ بہ اهو نہ رهيو هو نہ ئي آئون ساڳيو رهيو هوس.

ننڍن شهرن جي بازارن ۾ مون کي ٽنڊي محمد خان، ٽنڊي آدم، جهڏي، سيوهڻ، هالا نوان، هالا پراڻا ۽ مٽياريءَ جون بازارون ڏاڍيون وڻنديون هيون. بلڪہ اجا بہ وڻنديون آهن پر آبادي جي وڌڻ ڪري هاڻ انهن جو ثقافتي رنگ جهڪو ٿي چڪو آهي. اهي بازارون مون ننڍپڻ ۾ ور ور ڪري ڏٺيون ۽ پوءِ جڏهن موقعو مليم انهن جي گهمڻ کان نہ رهيس. خاص طور هالن نون ۽ هالن پراڻن جون بازارون، جن جو ذڪر مون بار بار پڙهي ڪيو آهي ۽ ڪندو رهندس.

هاڻ جڏهن ڪراچي ۽ حيدرآباد جون بازارون ڏسي چڪس ۽ ملڪ جي ٻين شهرن جون بازارون بہ ڏٺم تہ خبر پئي تہ حيدرآباد جي شاهي بازار ۽ ريشم گلي ڪراچيءَ جي بوري بازار، لاهور جي انارڪلي بانو بازار، گمبٽي بازار ۽ راولپنڊي جي راجا بازار جو بہ ڪو جواب ڪونهي. پشاور جي ٻاڙا بازار ۽ قصہ خواني بازار جو بہ پنهنجو انداز هئو جنهن جو نئون روپ ڪو مزيدار ناهي، ليڪن جڏن هڪ دفعي سليمہ

هاشميءَ ٻڌايو تہ هوءَ جڏهن پنهنجي پيءَ فيض احمد فيض سان حيدرآباد جي سينٽرل جيل ۾ ملڻ ويندي هئي تہ ريشم بازار (ريشمي گلي) ۾ ضرور ويندي هئي. جتان هوءَ رنگبرنگي چوڙيون وٺندي هئي ۽ وري جڏهن هڪ دفعي ڪشور ناهيد حيدرآباد آئي هئي ۽ مون کي چيائين تہ ڪيس ريشم گلي وٺي هلان تہ مون کي نہ صرف خوشي ٿي هئي پر حيران بہ ٿيو هوس تہ هن سنهڙي گهٽيءَ واري بازار ۾ اهڙو ڪهڙو جادو آهي، جو پنجاب ۽ سرحد جا ماڻهو بہ اتان خريداري ٿا اچي ڪن؟ اهو انهن خوبصورت چوڙين ۽ شيشي جي ڪنگڻن جو جادو هو يا ريشم گلي نالي جو جادو؟ شايد ائين هو. تڏهن تہ اسين بہ گهران ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ نڪرندا هئاسين تہ شاهي بازار مان ٿيندڙ هن سنهڙي پر پرهجوم گهٽيءَ مان ئي لنگهندا هئاسين. جتي ڪڏهن ڪو نازڪ پير اسان جي پير تي چڙهي ويندو هو تہ ڪڏهن اسان جو بوٽ ڪنهن نازڪ چمپل کي ڏڪوئي وجهندو هو.

—

ڪو وقت هو جڏهن شهرن ۾ هوٽلن ۽ باغيچن سان گڏ لائبريريون ۽ سئنيمائون، دل وندرائڻ ۽ گڏوگڏ معلومات حاصل ڪرڻ جا وڏا مرڪز هوندا هئا. ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور تہ وڏا شهر هئا پر ننڍين ننڍين شهرن ۾ بہ ميونسپالٽيءَ طرفان يا ڪن مخير حضرات طرفان مفت جون لائبريريون ضرور قائم ڪيون ويندڀون هيون. مون کي جهڏي شهر جي لائبريري چڱي طرح ياد آهي، جيڪا شهر جي وچ ۾ ميونسپل باغ جي وچ ۾ هڪ ننڍي خوبصورت ڪمري ۾ هوندي هئي، جتي اردو ۽ سنڌي ادب جا تمام گهڻا ڪتاب موجود هئا ۽ ڪمري جي وچ تي رکيل گول ميز تي اخبارون پڻ موجود هونديون هيون، جن کي ڪيترا ماڻهو پڙهڻ ايندا هئا. ان دور ۾ آءٌ 59-1958ع ۾ ڪيترن سنڌيءَ اردو ليکڪن کان واقف هئس، ڇو جو هڪ تہ گهر ۾ بابا تاريخي ۽ رومانوي ڪتاب خريد ڪندو هو جن جو مون اڳ ئي لکيو آهي تہ نسيم حجازيءَ جو يوسف بن تاشفين، شاهين، معظم علي، آخري چٽان، اور تلوار ٽوٽ گئي،

محمد بن قاسم ۽ بيا ڪيترا ڪتاب جن لاءِ چاچا غلام قادر چوندو هو ته اهي مسلمانن جي زوال جا داستان آهن ۽ صادق حسين سرڌنوي ۽ رئيس احمد جعفري جا تاريخي ڪتاب، حالانڪ رئيس احمد جفري دلۓ سوداگر جهڙا تمام ٿلها متارا رومانوي ڪتاب بہ لکيا هئا، تن سان گڏ عبدالحليم شرر توڙي ايم اسلم جا تمام گهڻا ضخيم ڪتاب موجود هوندا هئا ۽ انگريزي ناول بہ جام هوندا هئا جن مان رائڊر هيگرڊ جي شي ۽ سر والٽر اسڪاٽ جا ٽيلسمن ۽ آئيون هو ياد اٿم. منشي تيرٿ رام فيروزپوري جا انگريزي مان ترجمو ڪيل ڪئي وڏا وڏا ڪتاب بہ موجود هئا ۽ پيو تہ 1956ع ۾ ٿنڌي آدم ۾ بہ مون ٿيسي رامپوري، عصمت چُغتائي، دت ڀارتي، سعيد امرت، سعادت حسن منٽو ڪرشن چندر، راجندر سنگهہ بيدي وغيره جا ڪئين ناول ۽ افسانا پڙهيا هئا. جيڪي وسرڻ جهڙا نہ هئا. سنڌي ڪتابن ۾ بہ ان وقت مون ’شيوا جي شيش محل‘، ’مغل رنگ محل‘ ۽ ڏيپلائي صاحب جو لکيل ڪتاب. ’ڏاهري رنگ محل‘ تمام دلچسپي سان پڙهيا هئا ۽ ان وقت ئي مون الهہ بخش ٽالپر جو ننڍڙو ناول ”پرديسيءَ جو پيار“ بہ پڙهيو هو جنهن دل تي ڏاڍو اثر ڇڏيو هو. هڪ تہ اهو ڪتاب هڪ ماستر جي پيار جي باري ۾ هو ۽ محبت جو داستان هو ۽ دردناڪ بہ هو. هن ڪتاب جو اثر مهنجي دماغ تي وڏي عرصي تائين رهيو ۽ جيئن قرت العين حيدر جو ناولٽ ’سيتا هرن‘، محمد بخش مجنون جو ”مسڪين جهان خان کوسو“، ڪرنل محمد خان جو ”بجنگ آمد“، قاضي عبدالستار جو ”دارا شڪوه“، آئي ون بونن جو ’اي جينٽلمين فرام سئن فرانسسڪو‘، سمرسيٽ ماهم جو ”دي رين“، جا پال سارتر جو ”دي وال“ جهڙيون لکڻيون دل تي نقش رهيون آهن، تيئن ئي ”پرديسي پيار“ بہ دل تي نقش رهيو. اهي سڀ ڪتاب گهڻو ڪري لائبريرين ۾ ئي پڙهياسين جڏهن تہ هاڻ لائبريرين ۾ ادب جي بدران سي ايس ايس ۽ ٻين مقابلي جي امتحانن جي ڪتابن تي زور ڏنو ٿو وڃي، جيڪو سراسر زيادتي آهي پر موجوده دور غربت ۾ رهي پڙهڻ جو شوق رکندڙن کي ڏسي، اهو بہ وڏو ڪم ٿو لڳي.

گذريل صديءَ ۾ ذريعہ ابلاغ جو اهم ترين وسيلو "اخبار" هئي، جن مان ڪي اخبارون روزانہ نڪرنديون هيون نہ تہ گهڻيون ٽيون هفتيوار اخبارون هونديون هيون، جن ۾ ملڪي حالات، ڳوٺاڻن مسئلن هارين جي ڪسمپرسي ۽ تعليم جي سلسلي ۾ گهڻيون خبرون ڇپجنديون هيون، جن لاءِ اخبار جو "خاطو"، پنهنجي علائقن جي باري ۾ خبرون آڻيندا هئا ۽ ڪيترا ماڻهو پنهنجا مسئلا خطن جي ذريعي بہ ٻڌائيندا هئا، جيڪي باقاعدہ ڇپيا ويندا هئا. هنن اخبارن کي دلچسپيءَ سان پڙهيو ويندو هو ۽ سرڪاري عملدار بہ اخبارن ۾ ڇپيل مسئلن يا ناانصافين تي هڪدم قدم کڻندا هئا. بلڪ سياسي خبرون تہ ملڪ ۾ اٿل پٿل آڻي ڇڏينديون هيون. تنهن ڪري اخبارون ئي ان وقت جڙ حاڪمن لاءِ گائيڊ لائين ڏينديون هيون.

سنڌ ۾ الوحيد، نواءِ سنڌ، ڪاروان، نئين سنڌ، ستاره سنڌ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي اخبارون، ڇپجنديون هيون، جن ۾ سياسي ۽ سماجي حالتن کانسواءِ ادبي قسم جا مضمون بہ شايع ٿيندا هئا. جن جو مثال اڳتي هلي "مسلمان" اخبار مان ملي ٿو جيڪا سنڌ جي ناليواري ليکڪ محمد عثمان ڏيپلائي جي ادارت هيٺ نڪرندي هئي. هن ۾ سماج جي باري ۾ خبرن ۽ مضمون توڙي شاعري ڇپجندي هئي، جيڪا عوام ۾ تمام مقبول هوندي هئي. مٿي ڄاڻايل اخبارون معاشري کي اوڻاين کان پاڪ ڪرڻ ۽ عام ماڻهوءَ جي حالات کي سڌارڻ سان گڏ ملڪ مان انگريزن کي تڙي ڪڍڻ ۽ بعد ۾ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ون يونٽ کي ختم ڪرڻ ۽ مظلوم ڪلاس، هاري ۽ مزدور جي مدد لاءِ قلم کي استعمال ڪنديون هيون.

هن عرصي دوران سنڌ جا اديب بہ پنهنجو ڪم ڪندا رهيا ۽ سنڌي ادبي سنگت جو دائرو وڌايائون، جنهن جي گڏجاڻين ۾ اديب گڏجي پنهنجون لکڻيون پڙهندا هئا ۽ انهن تي تنقيد ۽ رايا ڏيندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ تمام سنو ادب سرجڻ لڳو ان جي هڪ وڏي تاريخ آهي، جيڪا ٻڌائي ٿي تہ سنڌ ۾ اديب ڪيئن هڪ باعزت مقام حاصل

ڪيو ۽ مهراڻ، نئين زندگي، روح رهاڻ ۽ سهڻيءَ جهڙن رسالن جو جنم ٿيو. ٻئي طرف شهر شهر ۾ ”سنڌي شامون“، مشاعرا، سورمن جون شامون ۽ خاص ڪري حيدرآباد ۾ روح رهاڻ رسالي طرفان سالانہ جشن، روح رهاڻ سنڌي ادب جي آبياري ڪئي.

منهنجي سنڌي ادب ۾ داخل ٿيڻ جو سبب بہ سنڌي ادبي سنگت هئي، جنهن ۾ آئون ڄام ساقي جي چوڻ سان اچي شامل ٿيو هوس، جيڪو ان وقت بسنت هال ۾ ٿيندڙ ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ وڃڻ لڳو هو. سنڌي ادبي سنگت جي 70ع 80 واري ڏهاڪي سان ڏاڍيون دلچسپ ۽ يادگار ڳالهيون وابستہ آهن. هن ٺي دور ۾ منهنجا سنڌ جي برک اديبن سان واسطا پيا. جن جا نالا ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن توڙي محفلن ۽ مجلسن ۾ جابجا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. خاص ڪري ع. ق. شيخ، مراد علي مرزا، محمد ابراهيم جويو، غلام رباني، حميد سنڌي، شمشيرالحيدري، ناصر مورائي، معصوم هالائي، زيب پيتي، مقبول پيتي، اعجاز قريشي، عبدالحق عالماڻي (منهنجو ايم اي سنڌي ۾ هم ڪلاسي) نجم عباسي، نياز همايوني، مولانا غلام محمد گرامي، امداد حسيني، طارق اشرف، غلام نبي مغل، پروانو ڀٽي، نذير چنہ، جمال رند، رسول بخش پليجو (هن صاحب سان 1956ع کان تمام گهڻي واقفيت هئي، انڪري جو هي منهنجي هڪ عزيز حفيظ قريشي، جيڪو سياستدان ۽ وڪيل هو. تنهن جو ساٿاري هو) غالب لطيف (جيڪب آباد وارو)، شوڪت سنڌي (دادو وارو)، تمام ويجها رهيا ۽ پوءِ وري تنوير عباسي، فتاح ملڪ ۽ شيخ اياز جنهن جي سحر انگيز شخصيت اسان لاءِ هڪ انوکو تجربو هئي، بردو سنڌي ۽ عبدالڪريم گدائي، نسيم کرل، امر جليل ۽ قمر شهباز (جن سان واسطو تمام دير سان پيو) ماهتاب محبوب ۽ ثميره زرين، خيرالنساءَ ليليٰ بانا (هي منهنجيون يونيورسٽيءَ جون ساٿي هيون) نظير ٽيبو نسيم ٽيبو جن سان پڻ يونيورسٽيءَ ۾ واسطو پيو. ظفرحسن، حليم بروهي، مولوي عبدالواحد سنڌي، عبدالقيوم صائب ۽ شيخ محمد ابراهيم خليل، عبدالله خواب، فيض بخشاپوري، بشير مورياڻي، اقبال آگرو، ٺاڪر شرما،

اسان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي پوئين وراندي ۾ به سنگت جون گڏجاڻيون ڪيون. ڏاڍو مزو ايندو هو. جڏهن ڪو اديب لکڻي پيش ڪندو هو ۽ پو واري واري سان هر ڪو تنقيد ڪندو هو. تنقيد ڪندڙ ڪا به رعايت ڪو نه ڪندا هئا.

مان به ان معاملي ۾ بدنام هئس پر تنقيد هر ڪو ڪندو هو. اتي جويي صاحب، شمشير ۽ رسول بخش پليجي جون مدلل تنقيدون ڪڏهن به نه وسرنديون.

—

مون ڪيترا اهڙا فوٽو ڏٺا آهن جن ۾ عاليشان لائبريريون ۽ ان ۾ پروقار لائبريرين نظر اچن ٿا، ليڪن اڄ اهي لائبريريون موجود ناهن. جڏهن ته ڪنهن وقت لائبريرين هجڻ هڪ عزت واري ڳالهه هئي. فلم 'انوکي' ۾ جنهن جي هيروئن شيلا راماڻي هئي. هيرو ڏاڍي فخر سان ڪيس ٻڌائي ٿو ته هو اسسٽنٽ لائبريرين آهي. هن وقت به هڪ نهايت عاليشان لائبريري گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ پنهنجي اصلوڪي شڪل ۾ موجود آهي جنهن جو نالو اڄ به ساڳيو ڏيئلداس لائبريري آهي ۽ ڪيٽ به ڪتابن سان سٽيل اٿس. ان ڪانسواءِ هڪ فوٽو ان شاندار لائبريري جو به مهراڻ ۾ شايع ٿيل آهي، جيڪا موجوده ريڊيو اسٽيشن واري هنڌ تي هئي.

اهو هڪ عجيب وقت هو جڏهن پڙهيل لکيل شخص ۽ پروفيسر ته ٺهيو پر اداڪار ۽ اداڪارائون به ڪتابن جي شوڪيسن جي پر ۾ ويهي يا بيهي فوٽو ڪيرائيندا هئا. ماڻهو ڪتاب خريد ڪري انهن تي جلد چاڙهائي رکندا هئا ۽ ڪئين خاندان پنهنجي لائبريرين جي ڪري مشهور هوندا هئا. پير جهنڊي واري لائبريري، هالا نوان جي مخدومن جي لائبريري چاچا قاضي غلام محمد جي لائبريري، علامه قاسميءَ جي لائبريري، مرزا گل حسن احسن ڪربلائيءَ جي لائبريري، پير حسام الدين راشدي جي لائبريري، مرزا قليچ بيگ جي لائبريري ۽ ٻيون ڪئين لائبريريون هيون، جن جا ڪتاب انهن جا مالڪ ساهه سان سانديندا هئا.

پر پوءِ لائبريرين وڪڻ جو رواج پيدا ٿيو ۽ سرڪاري ادارن سڻن اگهن تي ڪتاب وٺي سرڪاري لائبريرين ۾ رکيا. پوءِ ته ڪيترن عالمن ۽ اديبن پنهنجون لائبريريون جيئري ئي وڪڻي ڇڏيون يا تحفي طور ادارن کي ڏئي ڇڏيائون. شايد هاڻي ڪتاب کي گهرجي سونهن نه ٿو سمجهيو وڃي. تازو شيخ اياز جي نالي ۾ ٺهندڙ جامر زرعي يونيورسٽي ۾ ناهيل ڪارنر ۾ اهي ڪتاب، جيڪي شيخ اياز جي لائبرري جي سونهن هئا ۽ هو پنهنجن ٻارن کان ٻه انهن کي بچائيندو هو،لوهي ڪٻٽن ۽ شيلفن ۾ اداس جلدن سان ستل ڏٺم. ڪتاب صرف وقت گذاري ۽ تفريح جو ذريعو نه آهن، ڪتاب ته معلومات جو اهڙو اٽڪڻ خزانو آهن، جيڪو وقت سان گڏ پراڻوٿي وڌيڪ قيمتي بڻجي ويندو آهي. ڪتاب ته سماج جو سينو آهي جنهن ۾ سجو ماضي زنده رهيو پيو آهي رڳو وقت ڪڍي ان سان ڪچهري ڪرڻ جي ضرورت آهي! پر اها ٻه حقيقت آهي ته هاڻ اهو خزانو انهن ۾ دفن ٿي رهندو. ليڪن ڪتاب کي زوال اچڻو ناهي، وري ٻه انهن ئي ڪتابن کي نيٽ ذريعي محفوظ ڪيو پيو وڃي. اسانکي لائبريري ڪلچر کي وري جيئارڻ جي ضرورت آهي.

—

ڪراچي جي علائقي صدر ۾ فيڊرڪ ڪيفي ٽيريا وٽ پراڻن ڪتابن سان سٽيل فٽ پاٿون ڏٺيونسين، ايلفي ۽ ان جون گهٽيون، جن مان هڪ ۾ ڪئپيٽل سئنيما جي شاندار عمارت ٻه هئي جنهن ۾ اسان ڪلوپٽرا ۽ بن حُر جهڙيون فلمون، غلام نبي مغل، مراد علي مرزا، طارق اشرف، مسعود قريشي ۽ دادا مشتاق سان گڏ ڏٺيون ۽ اتان سرڪاري بيرڪس ڏانهن ويندڙ رستي تي رٽز سئنيما ۽ ان جي بلڪل سامهون رٽز بار جنهن جي سامهون پاڪستان پبليڪيشن جي آفيس ۾ مولانا عبدالواحد سنڌي، شمشير الحيدري ۽ خان محمد پنهور 'نئين زندگي' جي آفيس ۾ آجيان ۽ قرب جا دفتر کوليو ويٺا هوندا هيا ۽ کاٻي طرف وري ريڪس سئنيما، ريو سئنيما پوءِ ميٽروپول ۽ گرينڊ هوٽل، جتان ڪلفٽن ڏانهن رستو ويندو آهي، جتي وڃڻ لازمي هوندو هو، ورنه

جڻ ڪراچي ڏني ئي ڪانہ. ڪلفٽن تي وري سي بريز هوٽل ۾ پاپليٽ ۽ سمنڊ جي ڪناري تي گول گپا کائڻ جا مزا جيڪي سمنڊ جي لهرن جي آواز سان گڏجي وڌيڪ لذيذ لڳندا هئا.

ڪراچيءَ جا اهي ڏينهن ٿا ياد اچن، جڏهن اجا اها قائداعظم جي مزار کان ڪياماڙيءَ تائين هوندي هئي ۽ هڪ پاسي لياريءَ ۽ چاڪيواڙي جو حصو تہ ٻئي پاسي کان ڪئنس روڊ. بيچ لگزري هوٽل وارو علائقو جتي بہ گهڻو گوڙ شور ڪو نہ هوندو هو. ڪوئنس روڊ تي انگريز فوجين جي دور جا ڪوارٽر هوندا هئا جيڪي لورز برج تائين هوندا هئا. پوءِ پي آءِ ڊي سي هائوس، جيڪو ان وقت پانن لاءِ مشهور هوندو هو صدر جو علائقو جتان وري ڊرگ روڊ، جيڪو هوائي اڏي ڏانهن ويندڙ رستو مشهور هو اها هئي ڪراچي پر بندر روڊ، برنس روڊ ۽ ڪوئنس روڊ جي وچ ۾ جيڪا زندگيءَ جي ڪئين رنگن سان ڌڙڪندڙ ڪراچي هوندي هئي، جتي صبح جو سمنڊ مان اُڀ جا ڪڪر هلڪيون بوندون وسائيندا هئا ۽ شامون ايلفنسٽن اسٽريٽ جي خوشبودار ماحول ۾ مسڪرائينديون هيون. اهي ڏينهن ياد ايندي ئي دل ۽ دماغ تي هڪ عجيب قسم جو خمار ڇانئجي ٿو وڃي.

انگريزن جي دور جي تاريخ جي هن خوبصورت ورق کي جنهن بہ ڏٺو هوندو، جنهن بند روڊ تي ميونسپل جي خوبصورت عمارت، اين جي وي اسڪول جو نظارو بولٽن مارڪيٽ، لڪشمي بلڊنگ، ميري ويدر ۽ بندر روڊ جي ڪابي ساڄي کان نڪرندڙ صاف سترا رستا، جيڪي هڪ طرف چاڪيواڙي لياري ۽ ڪارادر جي پاسي ويندا هئا تہ ٻئي ميڪلوڊ روڊ کان ٿيندا برنس روڊ ۽ مٿن صدر ۾ ملندا آهن يا وري پريڊي اسٽريٽ کان صدر ڏانهن ويندڙ وشال ويڪرو رستو جتي ڪارونيشن بلڊنگ، ريگل سئنيما جي سامهون اجا تائين بہ موجود آهي جتي مون ٻالڪپڻ جا ڪيترا ڏينهن امان ۽ بابا سان گڏ گذاريا هئا ۽ ڪنهن زماني ۾ اتي 'ڪيوالٽي' نالي هڪ خوبصورت هوٽل هوندي هئي، جنهن طرف

اسان جي فليٽ جي, ڪلنڊڙ دريءَ ڪي امان اهو اچي بند ڪرايو هئو ته اتي انگريز شراب پي نچن ٿا.

-

سج جي اُيرڻ لهڻ، چنڊ جي چوڏهين، اونهاري جي لُڪ، سرديءَ جي برفاني هوائن توڙي صبح جو گهري ننڊ مان جاڳڻ ۽ راتين جو بي سڌ ٿي سمهڻ، هر ڳالهه هر نظاري جو احساس جدا جدا آهي. جيئن ڪوئل جي ڪوڪ سان انبن جا باغ ياد ايندا آهن ۽ ڪانگن، ڪبرن، طوطن، جهرڪين ۽ بربلين جي آواز سان هالا پراڻا جا صبح ۽ شامون جڙيل آهن. جيڪي منهنجي زندگيءَ ۾ تمام وڏي معنيٰ رکن ٿيون. حالانڪ مون سڄي سنڌ جي هر علائقي جي ڪيترن ڳوٺن ۽ شهرن جا اهي نظارا ڏٺا آهن پر هالن پراڻن جي فضا، جنهن ۾ نمن جو لمڻ بڙ پپر، ککرين ۽ ٻيرين جو جهومڻ ۽ زمين سان جڙيل ڪبڙن ۾ ڇهتيل گهرا ناسي پيرے توڙي چارين ۾ لياري رنگ جا ليار جڻ ته يعقوت ۽ زرقان جا منظر پيش ڪندا هئا. انهن جو نظارو ئي الڳ هوندو هو. زمين جو هر ذرو پنهنجو لڳندو هو. وڏن وشال گهرن ۾ اونداهين راتين ۾ بنا ڪنهن لالٽين يا ٽارچ جي پيو هلبو هو. هڪ اڱڻ ڪان ٻئي اڱڻ تائين، جڏهن ته انهن جي وچ ۾ ديوارون به ڪونه ڪچيل هيون، بس مٽيءَ جا ٻنوڙ هوندا هئا، جن کي ڳاري سان لنبي ڇڏبو هو. انهن ڪي ٽپي هڪ گهر مان ڪان ٻئي گهر وڃبو هو پر هر گهر پنهنجو لڳندو هو. ماني رڌبي هئي ته هر گهر مان ٻوڙ ماني يا تريل پٽاٽا، پينديون ۽ ميها هڪ ٻئي ڏي موڪلبا هئا ۽ جڏهن هالن جي اڱڻن تي شامون لهنديون هيون ته ميڙا مچي ويندا هئا. هالا شهر مان ميمڻ، سنائي، ڪوري، حجامن، ڪوٽارن جون عورتون ۽ ٻار رنگبرنگي ڪپڙا پائي قاضين جي محلي ۾ تاضياڻين سان ملڻ ايندا هئا ۽ ڪيترا چوڪرا ڇٻين ۽ ٿالهين ۾ چونئرا ۽ چٽا ڪٽي اتي وڪڻندا هئا. مزو لڳو پيو هوندو هو. هر ڪا پئي هڪ ٻئي ڪي ڪيڪاريندي هئي ۽ هر ڪو پنهنجي عمر وارن سان وري ملاقات ڪري دل خوش ڪندو هو. جڏهن ته اسين مرد ۽

ڇوڪرا اوطاق تي وڃڻ جون تياريون ڪندا هئاسون، ان ڪري جو ان وقت محلي تي عورتن جو راڄ هوندو هو ۽ مرد ۽ ٻار مرادو پاسو وٺي وڃي اوطاقون وسائيندا هئا ليڪن جيستائين ٻاراٽي عمر هئي، تيسين انهن ميلن ڪي مچندو ڏسندا هئاسين. ڇا تہ پيار محبت جو وقت هو؟ نہ مهمان مان بيزار ٿيو هو نہ ئي هنن جي خاطرداري ۾ ڪا ڪسر ڇڏبي هئي. چلمون تازيون ٿي وينديون هيون، شربت بہ تيار ٿي ويندا هئا ۽ ڪچهريون هونديون هيون جو ڪٽنديون ئي ڪو نہ هيون ۽ اهو هُل هنگامو سانجهيءَ جي نماز مهل ختم ٿيندو هو پر پوءِ بہ پاڙي جي حجامن، داين، واڍن ۽ شاهن جون گهر واريون قاضياڻين وٽ ويهي دنيا جهان جون ڳالهيون ڪنديون هيون ۽ جڏهن رات سرڪندي سرڪندي ماحول ڪي اونداهو ڪري ڇڏيندي هئي تہ هو بہ پنهنجي پنهنجي گهر راهي ٿينديون هيون. ان وقت قاضياڻيون پاڙي واري مائي سُهنڊ جي گهران آچار گهرائڻ ڪونہ وساريندين هيون ۽ جيئري ٻروچياڻيءَ کان بہ آنڊا ويڙهيون يا گيهر گهرائينديون هيون. جڏهن اونداهي چوڏس ڇانئجي ويندي هئي تہ لالٽين ٻاريا ويندا هئا، جن جي روشنائي ۾ صرف هڪ ٻئي کي ئي ڏسي سگهبو هو باقي وڏن اڱڻن يا صفحن کي روشن ڪرڻ انهن جي وس جو ڪو نہ هوندو هو. البت اسين جڏهن هالا پراڻا ويندا هئاسين تہ پيٽرو ميڪس ليمپ ضرور ڪٽي ويندا هئاسين جيڪو بہ ٿي ڪلاڪ وڏي اڱڻ تي ٻاربو هو تہ وڏو ڇهچٽو ٿي ويندو هو ۽ باقي رات چنڊ ۽ تارن جي رفاقت ۾ واڻ جي کٽن تي وڇايل اڇن اجرن هنڌن تي ڪچهريون ڪندي گذري ويندي هئي.

—

جنهن معاشري ۾ استاد جو مان نہ ڪيو وڃي، اهو ڪڏهن بہ سڌريل سڌائي نہ ٿو سگهي نہ ان جا افراد پنهنجو ڪردار سهي طرح ادا ڪري سگهن ٿا. مون ڪيترا اهڙا ماڻهو ڏٺا، جيڪي ٻارڻ وڏن عهدن ۽ ماڳن تي پهچي ويا تہ بہ پنهنجي استادن، جن ۾ پرائمري کان اعليٰ تعليم

تائين جا استاد شامل هئا. تن جو مان هميشه ڪندا رهيا. بلڪ استاد لفظ جو به مان ڪندا هئا. جنهن جو مون کي ڪيترا دفعا احساس ٿيو. بلڪ آءُ ته ائين چوندس ته مون 1967ع کان جن به ڪاليجن يا يونيورسٽي ۾ پڙهايو آهي. اتان پڙهيل شاگرد منهنجو هميشه مان ڪندا رهيا پر اها به هڪ حقيقت آهي ته هن معاشري ۾ جيڪو مان ڪنهن آفيسر يا دولتمند شخص جو آهي. اهو استاد کي نه ٿو ڏنو وڃي. تنهن ڪري ماستر لفظ سان هميشه 'ويچارو ماستر' لفظ چنبڙي ٿي ويو. ورنه حقيقت ۾ جيڪڏهن ماستر يعني استاد نه هجي ته ماڻهو تعليم ڪيئن ٿو حاصل ڪري سگهي ۽ جي تعليم نه حاصل ڪري سگهبي ته معاشرو ڪٿي وڃي پهچندو.

اهڙو ئي واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن منهنجو دوست جي وفات جي موقعي تي جتي ڪيترائي شخص موجود هئا. اتي هڪ پراڻو واقفڪار اچي مليو جيڪو ڪنهن تعليمي اداري ۾ ڪم ڪندو هو ۽ تازو اتان نوڪري ڇڏي آيو هو. اتي موجود هڪ شخص پڇيس ته، "هن اها نوڪري ڇو ڇڏي؟" هن جواب ڏنو ته. "اڳوڻو صاحب جڏهن ويو ۽ اتي وري هڪ ماستر کي مقرر ڪيائون. هاڻي سائين ماستر وٽ به ڪو نوڪري ڪبي آهي؟" اهو ٻڌي اُتي موجود هڪ شخص چيس ته "واهه. ماستر لفظ جي اها ٿو عزت ڪرين؟ ماستر نه هجي ها. تون پڙهين نه ها ته اتي ڪيئن پهچين ها." هو گهبرائجي ويو ۽ چيائين. "منهنجو مطلب آهي ته ڪو سنو ماستر هجي ها نه." هن چيس، "سنو يا خراب ماڻهو ٿيندو آهي استاد. استاد ئي هوندو آهي." هن وٽ ان ڳالهه جو ڪو جواب ڪونه هو.

—

هندستاني بليڪ اينڊ وائيٽ فلن ۾ ديوآنند جو هڪ پنهنجو مقام هو. هن حالانڪ هن ڪِن فلمن جهڙوڪ: "انڌيري رات مين ديا ميري هاٿ مين" وغيره سان پنهنجي فلمي ڪيريئر جي شروعات ڪئي هئي، جنهن ۾ تانسين فلم جي هيروئن خورشيد بيگم هن جي هيروئن ئي هئي ۽ پاڪستان نهڻ کانپوءِ ڪراچي اچي وئي هئي ۽ ڪراچي ريڊيو تي

گانا ڳائيندي هئي ليڪن ديو آنند کي پنهنجو اصلي مقام بمبئي ٽاڪيز ۾ اشوڪ ڪمار سان ملي حاصل ٿيو جنهن کيس فلم ”ضدي“ ۾ هيرو جو ڪردار ڏنو.

ضدي عصمت چغتائي جي لکيل فلم هئي ۽ هن جو مڙس شاهد لطيف ئي ان کي ڊائريڪٽ ڪري رهيو هو. هن اشوڪ ڪمار جي هن فيصلي تي احتجاج ڪيو ۽ چيو تہ فلم جو هيرو اشوڪ ڪمار ئي ٿيندو ليڪن اشوڪ ڪمار ان وقت ڇو جو ڪمال امروهي جي فلم محل ۾ ڪم ڪرڻ ۾ رڌل هو تنهن زوري ديوآنند کي ضدي ۾ هيرو بنايو ۽ اها فلم ديوآنند جي زندگيءَ جي پهرين ڪامياب فلم ثابت ٿي ۽ هو هڪ ئي ٽپ ۾ دليپ ۽ راجڪپور سان وڃي برابر ٿيو.

ديو آنند قدبت ۽ شڪل صورت جو ٺاهوڪو هو تنهنڪري هو رومانوي ڪردارن لاءِ هر طرح لائق هو. هن جي دوستي گرودت سان بہ هئي، تنهن ڪري بنهي هڪ ٻئي جي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ جو طئي ڪري ڇڏيو هو. خاص ڪري ”جال“، ”بازي“، ”ميلاپ“ ۾ هن جي گيتا باليءَ سان جوڙي ڏاڍي مقبول ٿي. هن مڌو بالا سان بہ گهڻين فلمن ۾ ڪم ڪيو هو جن ۾ نرالا، نادان، شرابي جهڙيون ڪامياب فلمون بہ هيون تہ نرگس سان برسا کي رات ۾ ڪم ڪيائين ۽ اوشا ڪرن سان پتيتا ۾، جنهن جا گانا ۽ ڪهاڻي هندستاني فلمن ۾ وڏي حيثيت ٿيون رکن. ليڪن پوءِ هن جي جوڙي ڪلپنا ڪارتڪ سان نهي وئي. هن سن گڏ ٽيڪسي ڊرائيور، هائوس نمبر 44، نو دو گياره، سي آءِ ڊي جهڙيون ڪامياب فلمون ناهي هي جوڙو شادي ڪري زندگي ۾ هڪ ٻئي جو ساٿي بڻجي ويو. هن پيئنگ گيسٽ ۾ نوتن ۽ مينم جي ۾ نلني جيونت سان بہ سٺو اداڪاري جو مظاهرو ڪيو ليڪن ڪلپنا ڪارتڪ سان هن جون فلمون بازي، جال ۽ پتيتا وانگر هندي فلم انڊسٽري جي هڪ تاريخ بڻجي ويون. ديو آنند، ثريا، ڪامني ڪوشل، نِمي، وحيده رحمان، زينت امان، هيما مالني ۽ ٻين اداڪارائن سان بہ گڏ ڪم ڪيو جن ۾ سولهوان سال، سزا، گائيڊ، تيري گهر ڪي سامني ۽ سچتراسِين سان بمبئي ڪا بابو جهڙين فلمن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر مجرايا.

ديوآنند هميشہ عام گهتين ۾ آواره ۽ لوفرن جا ڪردار ۽ عام ماڻهن جا ڪردار نہ ڪيا، جيڪي سٺي نظر سان نہ ڏٺا ويندا هئا. هن جي اداڪاري سماج جي اهڙن نڪرايل انسانن جي ڪردار ۾ جان وجهي ڇڏيندي هئي ۽ بلراج ساهني وانگر هن جي اداڪاري عام ماڻهن ۾ تمام گهڻي پسند ڪئي ويندي هئي. حالانڪ ديوآنند وڏو عرصو رنگين فلمن ۾ بہ ڪم ڪيو. جن مان ڪرائيم جي موضوع واريون فلمون ڏاڍيون مشهور بہ ٿيون پر وحيده رحمان سان فلم گائيڊ ۾ هن جو رول ڏاڍو ڪامياب رهيو. هن جي هر فلم جا گانا اڄا سوڏو هٽ آهن. هي اُهو اداڪار هو جنهن نِگيٽِو ڪردارن کي هيرو جو درجو ڏياري ڇڏيو ۽ سڄي زندگي هيرو ئي رهيو. هڪ فلمي محفل ۾ هن کان جڏهن سوال پڇيو ويو تہ "ديو صاحب، توهان کي هن وقت جي ڪنهن فلم ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آفر ڏني وڃي تہ ڪهڙو رول پسند ڪندا؟" هن هڪدم وراڻيو "هيرو" ۽ وري چيائين "هيرو از آل ويز هيرو." حالانڪ ان وقت هو وڏي عمر جو ٿي چڪو هو ۽ سندس نقش نگار تي وقت جي تيز رفتار هوائن وڏو اثر وڌو هو.

اهڙو ئي ٻيو اداڪار "راجڪمار" هو. جنهن جي هير رانجها فلم هڪ ڪلاسڪ جي حيثيت رکي ٿي. هن جون ڪيتريون فلمون ڏاڍيون سٺيون هيون، جن ۾ دل اپنا اور پريت پرائي، پاڪيزه، قدرت ۽ سوداگر (پراڻي) بہ شامل آهن. ڏاڍيون مشهور ٿيون ۽ هن جي رول کي ڏاڍو ساراهيو ويو ليڪن وقت هڪ بي رحم باز جيان آهي، جنهن جي جهڙپ کان ڪو بہ جيو بچي نہ ٿو سگهي، پر هيرو وري هيرو ئي رهيا. اهو اعزاز ڪائنن ڪو بہ ڇڏائي نہ سگهيو.

هي اُهي اداڪار هئا. جن جي فن برصغير ۾ رهندڙ هندو، مسلمان، سک ۽ عيسائين، امير غريب کي جڙ تہ هڪ ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري جو هر ڪو شخص هنن جي فلمن جو شوقين هو.

—

مون پنهنجي ننڍپڻ ۾ حجامن کي وار ۽ ڏاڙهي لاهڻ کان وٺي طهر ڪرڻ لاءِ به ڳاڙهو ڪپڙو استعمال ڪندي ڏٺو هو جنهن کي ”حلواڻ“ جو ڪپڙو چوندا هئا. اهو ئي ڪپڙو سرڪاري آفيسن ۾ فائيلن کي ٻڌي رکڻ لاءِ به ڪم آندو ويندو هو بلڪ فائيلن کي ٻڌڻ لاءِ اجا به ڳاڙهي رنگ جي پٽي ڪم آندي ويندي هئي، جنهن ڪري، ڪم ڪار ۾ دير لڳڻ جي ڪري چوندا هئا ته ڪم ريڊ ٽيپ ازم Red Tapizm جو شڪار ٿي ويو. معنيٰ رولڙي ۾ پئجي ويو. ان وقت اهي ڪلارڪ ۽ ڪامورا جن کي رشوت جي ٻِٽَ هوندي هئي، پئسن جو منهن ڏسڻ کانپوءِ فائيل کي ان ڳاڙهي پٽيءَ کان آزاد ڪري اڳتي وڌائيندا هئا.

باقي حجام پٽ تي آمهون سامهون ويهي گراهڪ کي ڪياڙيءَ کان ڳاڙهو ڪپڙو ويڙهي، سنوارت ڪندا هئا. ڳوٺن ۾ ته اهو عام هو. اسان جو هالا پراڻا جو اُستو الهڏنو به پاڻ سان لوهي پيتي سامان واري ۽ ڳاڙهو ڪپڙو کڻي ايندو هو ۽ قاضي ويچارا ادب سان ڪنڌ جهڪايو هن جي سامهون ويٺا هوندا هئا ۽ هو اُستري کي روحي تي تيز به ڪندو ويندو هو. ڏاڙهي به لاهيندو ويندو هو ۽ هر حجام وانگر ڳالهائيندو به ويندو هو. جڏهن اسين حيدرآباد ايندا هئاسين ته ريلوي اسٽيشن جي پير ۾ نالين جي ڪپن تي اهڙائي حجام ڏسبا هئا، جيڪي پٽ تي تڏو يا ڪپڙو وڇايو ماڻهن کي ڳچيءَ ۾ ڳاڙها ڪپڙا ويڙهي، حجامت ڪندا نظر ايندا هئا.

-

گڏيل هندستان ۾ بمبئي ته فلمن جي جان جي حيثيت رکندو هو پر ڪلڪتي ۽ مدراس سان گڏ لاهور به هڪ وڏو فلمي مرڪز هو ۽ پنچولي آرٽ ۽ ٻين اسٽوڊيوز ۾ تمام سنيون فلمون نهيون، جن مان جگنو ۽ زينت ته وسرڻ جهڙيون ناهن. (ڪٿي ڪٿي لکيل آهي ته اهي فلمون پروسيس، بمبيءَ ۾ ٿينديون هيون) ”جگنو“ ۾ دليپ ڪمار ۽ نورجهان اداڪاري ڪئي هئي. حالانڪ اها فلم ايلگزينڊر ڊيوماس جي ناول ’ڪوميليا‘ جي ڪهاڻي تي ٺهيل هو ليڪن انگريزن جي حڪومت

هئڻ ڪري ان جو ماحول اوپرو نہ ٿي لڳو ۽ وري جو گانا بہ نهايت عمده هئس. خاص ڪري مڪيش ۽ نورجهان جي آوازن جي ميلاپ هن فلم کي مشهور ڪري ڇڏيو.

- يهان بدلا وفا ڪا بي وفائي ڪي سوا ڪيا هي
- اميدين دل ڪي مچلين، مسڪرائي زندگي اپني
- همين تو شامِ غم مين ڪاٽني هي زندگي اپني
- تم بهي بهلا دو هم بهي بهلا دين.
- آج ڪي رات، سازِ دِل پر درد نہ ڇيڙ

زينت بہ نورجهان جي فلم هئي. هن ۾ هيرو تہ ڪو هو ڪونہ، ڇو جو نورجهان جو مڙس ڪرن ديوان تہ شاديءَ جي ٻئي ڏينهن مري وڃي ٿو ۽ سڄي فلم زينت (نورجهان) جي غم سان گهاريل زندگي بابت آهي. باقي سندس ڏير يعقوب جو رول تمام اثرائتو آهي. هن فلم جا گانا بہ غضب جا هئا.

- آنڌيان غم ڪي يُون چلين، باغ اجڙ ڪي رهہ گيا
- بلبلو مت رو يهان آنسو بهانا هي منع.
- آهين نہ ڀرين شڪوي نہ ڪئي
- ڪڇ ڀي نہ زبان سي ڪام ليا (قوالي)

—

هندستان جي فلمي زندگي 20 صديءَ سان گڏ شروع ٿي وئي هئي. جيڪا هالي ووڊ جي همعصر آهي، هتي بہ پهرين گونگيون فلمون ٺهنديون هيون جن کي موويز چوندا هئا پوءِ 1936ع ۾ "عالم آرا" نالي سان هندستان ۾ بولتي فلمن يعني ٽاڪيز جو دور شروع ٿيو جنهن ڪري ڪيترين سئنيمائن جا نالا فردوس ٽاڪيز نگار ٽاڪيز نشاط ٽاڪيز يا ان نموني سان رکيا ويا. هي دور اڳتي وڌيو تہ موسيقي ۽ معاشرتي ڪهاڻين، غير ملڪي فلمن جا نقل ٺاهڻ ۽ سٺن موضوعن جي ڪهاڻين تي مشتمل فلمون ٺهيون، جن جو هڪ وڏو داستان آهي ليڪن مون کي

جيڪي فلمون تمام گهڻيون وٽيون تن ۾ اهي آهن جيڪي منهنجي ڄمڻ واري سال ۾ به نهيون جيئن نورجهان جي فلم ”زينت“ جيڪا 1945 ۾ نهي هئي، محبوب جي اعلان، رتن، برسات، آن ۽ آواره به. پر هندستاني فلمن جو سڀ کان بهترين دور جيڪو مون کي لڳو اهو 1955ع کان اڳ تائين وارو دور ئي هو جنهن ۾ اشوڪ ڪمار، دليپ ڪمار، ديوآنند، پريم ناٿ پران، ڪشور ڪمار، پرديپ ڪمار ۽ ان کان اڳ سهگل، گوپ، سريندر پڳوان، اوم پرڪاش، يعقوب، پريم اديب، سندر ۽ انهن جون مقبول هيروئن، ڪامني ڪوشل، ثريا، نگار سلطانه، منور سلطانه، مڌوبالا، نرگس، ريحانه، مينا شوري، گيتا بالي، راگني، ريحانه، نمي، شياما وغيره به هيون.

اهو ئي دور پاڪستاني فلمن جو به سونهري دور هو جنهن ۾ سڌير، سنتوش، درپن، ڪمال، وحيد مراد، زيبا، صبيحه، مسرت نذير، نيلو سورن لتا، طالش نذر، علاؤالدين، اسماعيل، هماليه والا ۽ منور ظريف جهڙا فنڪار ڏٺاسون. اهي بليڪ اينڊ وائيٽ فلمون اڄ به ڏسجن ٿيون ته انهن جي ڀيٽ ۾ نيون فلمون سواءِ ڀيچ ڊاهه، مار ڌاڙ ۽ طويل گانن جي ڪجهه به نه ٿيون لڳن.

—

مون کي ننڍپڻ جا سياري جا اهي ڏينهن ياد آهن. جيڪي مون، هالا پراڻا جي وشال اڱڻن وارين، اوڏڪين ڀتين وارن وڏن ڪمرن ۾، سگري جي سيڪ تي گذاريا. ميرپورخاص، سيوهڻ ۽ ڏوڪريءَ جا سيارا به ياد رهندا. جڏهن رات جون سگريون ٻاري انهن تي هٿ به سيڪبا هئا ۽ انهن جي هيٺين حصي ۾ لاهوري گجرون وجهي پچائي کائبيون هيون گڏوگڏ سڪو ميوو به کائبو هو. سڪي ميوي ۾ نيزا، پستا، باداميون، ڪاڄا، سڪل ڪشمش، انجير، سڪل زردالو ۽ اکروٽن جو مزو وٺبو هو. تڏهن نيزا ٻن يا ٻن روپين جا ڇٽانڪ ملندا هئا. حيدرآباد ۾ ته شهر کان گهر ايندي ڇٽانڪ نيزن جي پڙي وٺبي هئي ۽ گهر تائين پهچندي پهچندي اها ڪاڇي ويندي هئي پر جي به چار نيزا در تائين پهچندي بچي پوندا هئا. ته جيڪو گهر ڀاتي، ڀاءُ، ڀيڻ يا منهنجي زال در کوليندي، شڪايت واري

انداز سان ڏسڻ لڳندا هئا ۽ جواب ۾ اهي باقي نيزا ڪائيندا به هئا. منهنجو ننڍو ڀاءُ منظور سڪي ميوي سان ڪيسو پري هلندو هو ۽ اها عادت تڏهن به قائم رهيس، جڏهن سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو ۽ انڪم ٽيڪس آفيسر ٿيو تڏهن به هو هر سال پنهنجن دوستن ابراهيم فاروقي ۽ امتياز بارڪزئي سان گڏ يا ٻارن ٻچن سان گڏ اسلام آباد جو چڪر هڻندو ايندو هو ته واپسي ۾ سڪي ميوي جا پُڙا ڀري ايندو هو ۽ گهر ۾ سيني کي ورهائي ڏيندو هو. هاڻ ته اهي ڏينهن ۽ اهي ميوا خواب بڻجي ويا آهن. خاص ڪري نيزا، جيڪي گرم ميوو به هئا ته هڪ قسم جي تفريح به. ڇو جو انهن کي هڪ هڪ ڪري هٿ سان ڇلي ڪائبو هو. ان وقت نيزن جي پيٽ ۾ ڪاڇا وڏيڪ مهانگا ۽ اوچو ميوو سمجهيا ويندا هئا پر جڏهن ڪان اها ڳالهه عام ٿي آهي ته نيزا هر قسم جي طاقت لاءِ مفيد آهن ته انهن جو مان به وڌي ويو آهي هاڻ هتي جو اگهه سون سان وڃي لڳو آهي. چون ٿا چين گهٽي ۾ گهڻا نيزا ٿو امپورٽ ڪري باقي، اسان وٽ رڳو وڃي سيارو رهيو آهي، جيڪو هاڻ خشڪ ميوي يعني مگ ڦرين ۽ گجڪ جي سهاري تي گذريو وڃي.

—

آهين نه ڀرين، شڪوي نه ڪئي،
ڪڇهه ڀهي نه زبان سي ڪام ليا.

هي زينت فلم جي اها قوالي آهي، جنهن کي فلمي قوالين ۾ وڏي اهميت حاصل آهي ۽ مون کي ته اڄا تائين وڻندي آهي. ان ۾ ششي ڪلا ته آهي پر مشهور اداڪاره شياما به پهريون ڀيرو اسڪرين تي آئي آهي، هن هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو ته هوءَ هڪ ڏينهن فلم اسٽوڊيو گهمڻ وئي هئي جتي هڪ قوالي پئي رڪارڊ ٿي. قسمت سان قواليءَ ۾ هڪ وڌيڪ ڇوڪريءَ جي ضرورت هئي، جنهن ڪري هن کي به پردي تي اچڻ جو موقعو ملي ويو ۽ پوءِ ته هوءَ به وڏي اداڪاره بڻجي وئي ۽ گرو دت، ديوآنند، دليپ ڪمار، اشوڪ ڪمار، توڙي بلراج ساهني ۽ طلعت محمود جهڙن

اداڪارن سان گڏ فلمن ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليس. هڪ ڪاسٽيوم فلم زبڪ ۾ مهي پال سان ڪم ڪيائين، ان فلم جو هڪ گانو تہ تمام مشهور ٿيو "تيري دنيا سي دور چلي هو ڪي مجبور، همين ياد رکهنا." هن جي فلمن سزا، يائي يائي، ترانا، هم لوگ، دل نادان، آرپار ۾ اداڪاري چوٽ تي هئي، باقي ڊانس ڪرڻ هن کي ڪڏهن بہ نہ آيو، تنهن هوندي بہ موقعا ضرور مليس.

–

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ لاهور پاڪستاني فلمن جو مرڪز بڻجي ويو. لاهور ۾ ٺهيل فلمن جو تاريخ ۾ وڏو حصو آهي ۽ ڪافي حد تائين سئيون فلمون بہ ٺهيون پر مان ڪن هٿ فلمن جو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو جيڪي ننڍپڻ ۽ جواني جي دور ۾ مون کي ڏاڍيون وڻيون. ان مان بہ جاسوسي فلمون: هڪ 'راز' ۽ ٻي 'رات ڪي راهي' بہ آهن. هي بہ ٺي فلمون جاسوسي موضوع تي ٺهيل هيون. خاص ڪري 'رات ڪي راهي' جو هي گانو تہ اڃا بہ وڻندو اٿم:

آگ سي نہ کيلو بابو دل جل جائيگا،
جل جاني دو جي، بڙا مزا آئيگا.

راز تہ پنهنجي وقت جي مقبول ترين فلم هئي ۽ علاؤالدين جي اداڪاري هن فلم جي جان هئي. اها فلم جڏهن ايلائيٽ سئنيما ۾ لڳل هئي تہ آئون پنهنجي سوٽ آفتاب سان گڏ هالن پراڻن مان موٽندي گهر وڃڻ کان اڳ اها فلم ڏسڻ ويو هوس. جڏهن تہ رات ڪي راهي ۾ پاڪستاني فلمن جي وڏي ڪاسٽ تہ هئي پر هندستاني فلمن سگائي، دلربا، سنهري سپني، شهنائي، سرگم، ڪڙڪي ۾ هيروئن ريحانہ جيڪا قد جي ننڍڙي هوندي بہ پريم ناٿ، راج ڪپور، پريم اديب، ديوآنند وغيره سان فلمن ۾ ڪم ڪندي نامور اداڪاره ٿي چڪي هئي، ان هن فلم ۾ هيروئن جو رول ادا ڪيو هو ۽ درپن ان جو هيرو هو. ساقيءَ ولين جو روپ جيئن ان فلم ۾ ڏاريو هو اهو ڪڏهن بہ نہ وسرندو. ساقي منهنجي دوست

۽ مشهور ريڊيو فنڪار ۽ بعد ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي جنرل مئنيجر عبدالڪريم بلوچ جو وڏو ڀاءُ هو. هيءَ فلم ڪراچي جي ايسٽرن اسٽوڊيو ۾ ٺهي ۽ سسپينس سان ڀريل ڪهاڻي ۽ نهايت سٺن گانن جي ڪري ڏاڍي مشهور ٿي حالانڪ جاسوسي فلمن ۾ اداڪار ڪمال جي فلم، زمانه ڪيا ڪهي گا، جنهن جي هيروئن نهايت خوبصورت اداڪاره شميم آرا هئي. اها به پنهنجي ڪهاڻي ۽ نهايت خوبصورت گانن جي ڪري ڏاڍي مشهور ٿي.

- رات سلوني آئي، بات انوکي لائي،
- جو هم، ڪسي سي نا ڪهين گي، چپ رهين گي هم.

ان جي ڪاميابيءَ ۾ مزاحيه ڪيريڪٽر ايڪٽر لهريءَ ۽ ايس گل جي اداڪاري جو وڏو هٿ هو. حالانڪ منهنجي پسنديده اداڪار ۽ دوست حبيب جي فلم ’نهلي پي دهلا‘ به جاسوسي جي موضوع تي ٺهيل هئي، ليڪن ان ڪو خاص تاثر ڪو نه ڇڏيو.

—

جن ميوو وڻن مان پٽي يا چني کاڌو هوندو، تن کي شايد بازار ۾ خريد ڪري کائڻ مان اهڙو لطف نه آيو هوندو. مونکي مزو ٻير ۽ ککڙي کي ڏوٽي يا ڄمون جي وڻ ۾ پٿر هڻي، ان کي پٽ تان چونڊي کائڻ مان ايندو هو. اسان جي ساڃهه ۾ سنڌ ۾ ٻيرين جا تمام گهڻا وڻ هوندا هئا. اسين سواءِ ٿر جي سنڌ ۾ جتي به رهياسين، اتي جام ٻيريون هونديون هيون، انهن مان ڪن ۾ ننڍا ٻير ته ڪن ۾ صوفي ٻير ٿيندا هئا. موسم جي ايندي ئي ٻيريون جڻ ته هيرن جواهرن سان جهنجهي ويندي هيون. سيوهڻ ۾ بابا جي نائڪ عبدالله جي گهر ۾ هڪ وڏي ٻير هوندي هئي، جنهن جا ساوا ٻير به مٺا هوندا هئا. حالانڪ ساوا ٻير ڪچا ٿيندا آهن ۽ پچڻ کانپوءِ ناسي يا ڳاڙها ٿيندا آهن. جابلو ٻير ته ٿين ئي ڳاڙها. اسان کي ته اهي هميشه سڪل ئي مليا. اهڙي طرح زيتون، سنڌي ڏاڙهون ۽ انب وڻ مان پٽي کائڻ جو هڪ جدا مزو هوندو هو.

سيوهڻ ۾ هوندا هئاسين تہ سياري ۾ اڙل واهہ جي ڪپ تان مٽرن ۽ چڻن جون وليون پٽي ايندا هئاسين ۽ آڳ انهن مان ڪچن مٽرن جون ڦريون ۽ ڦوٽا ٽوڙي کائيندو هوس. جن ۾ چڻ تہ رس بہ هوندي هئي ۽ فطري سواد بہ. زيتون بہ ڪچا پڪا کائيندا هئاسين. جمون تہ اسان سنڌ يونيورسٽي جي آرٽس فئڪلٽي ۾ تمام گهڻا کاڌا. جيڪي ڏاڍا مٺا هوندا هئا. آئون، رشيد انصاري، اقبال قريشي ۽ ٻيا استاد دوست پٿر هڻي جمون ڪيرائيندا هئاسين ۽ پوءِ چونڊي مزي سان کائيندا هئاسين.

اسان جي هالن پراڻن واري اوطاق سان گڏ اسان جو ننڍو باغ هوندو هو جنهن ۾ سنڌي ڏاڙهون ۽ ڦاروان جام ٿيندا هئا. اتي ئي گيدوڙي جو وڻ بہ هوندو هو جنهن مان ٻاڙها گيدوڙا پٿر هڻي چونڊي کٽندا هئاسين. اهڙيون ئي بہ ککريون قاضي محلي ۾ اندر بہ هونديون هيون، جن ۾ وڏا گيدوڙا ٿيندا هئا. نہ صرف ايترو پر اسين ڄارين مان ليار بہ پٽيندا هئاسين تہ کبڙن مان پيرون بہ. جيڪي موسم ۾ ڏاڍا مٺا ۽ لذيذ ٿيندا آهن ڪمند کي ڏندن سان چلي کائڻ جا خوب مزا ورتاسين تہ انبن جي باغن ۾ قسمين قسمين انب ٽوڙي بہ کاڌاسين. ٻيو تہ ٺهيو پر نمن جون نموريون بہ جڏهن پچي پيليون ٿي وينديون هيون تہ انهن کي بہ نہ ڇڏيندا هئاسين. سگريون ۽ ڏينا بہ خوب کاڌاسن. انهن جي پٽڻ تي ڪو هرويرو ڪاوڙ ڪونہ ڪندو هو پر مون کي ڏسي سڀ دل جا سور دل ۾ سانڍي هليا ويندا هئا. ان ڪري جو منهنجي پٺ مضبو ط هئي، حالانڪ بابا کي خبر پوندي هئي تہ هو ناراض ٿيندو هو.

ننڍپڻ ۾ اهي کاڌل ميوا. فروٽ جي باغن ”آفندي گارڊن“ ۾ کائبا هئا. عبدالقيوم صائب بڌائي ٿو تہ آفندي باغ ۽ مکي جو باغ، جيڪو اسان جي گهرن جي ويجهو هو اتي ميون جا وڻ هوندا هئا. ات تفريح لاءِ ويندڙن جي لاءِ باغائي ميوا ٽوڪرن ۾ رکي وڪڻندا هئا. پر پنهنجي هٿ سان ٽوڙيل ميوي، مٽر ۽ چڻن جي ڦرين وارو مزو ڪٿي؟

ميوي جي ڳالهہ تہ وڏي آهي پر مون کي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڇاڇري سميت جتي جوئر جا سنگ، ڏنگرن کي باهہ ڏئي پچايا ويندا هئا

انهن جو واس ماحول کي خوشبودار بنائي ڇڏيندو هو. مڪئي ۽ ٻاجهريءَ جا سنگ ٻه پڪل خوب کاڌا سين. خاص ڪري مڪئي جا سنگ تہ ان دور جي هڪ ترين هئي. اهي تانڊن تي پچائي کائبا هئا تہ اُٻاري بہ کائيندا هئاسين. بلڪ گهورڙيا رڌل سنگ وڪڻندا هئا. تڪي يا آني سنگ ملندو هو. جنهن تي مسالو ٻرڪي، ليمون هڻي ڏيندا هئا ۽ گاڏن وارا سگرين ۾ تانڊن تي اهي سنگ پچائي وڪڻندا هئا اهي اڄا شهرن ۾ جام ٿا ملن. هن وقت بہ قاسم آباد ۾ سنگن وارا سنگ پچائيندا رهندا آهن. اسان جي گهر ۾ سنگ عام طرح اٻاري کائبا هئا. منهنجو پوٽو البچايو سنگ شوق سان کائيندو آهي. هڪ دفعي مون کي پڪل سنگ وٺي ڏنائين، پڇيومانس تہ "گهڻي جو آهي؟" چيائين، "ارڙهين (18) روپين جو." منهنجو سنگ تان ئي روح ڪڇي ويو.

هاڻ تہ هوٽلن ۽ خاص ڪري وڏين چائنيز هوٽلن ۾ ميز تي رڌل سنگ بہ رکيا هوندا آهن. منهنجو وڏو ياءُ مشتاق قريشي بہ شوق سان اٻاريل سنگ کائيندو هو ۽ چوندو هو تہ "سنگ بک کي وڌائن ٿا". جڏهن تہ منهنجي بک سنگ ڏسندي ئي اڏامي ويندي هئي.

هتي هڪ دلچسپ ڳالهہ ضرور ڪندس تہ پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ صاحب پنهنجي وي سي هجڻ واري دور ۾ آرٽس فئڪلٽي جي چئن ئي باغيچن ۾ ميويدار وڻ پوکايا هئا. جن ۾ ٻير، زيتون ۽ ڄمن جا ڪافي وڻ هئا ۽ ميوو بہ منو هوندو هئن. شاگرد انهن ۾ پيا نشاني بازي ڪندا هئا ۽ ميوو بہ کائندا هئا. پوءِ ان کي الانا صاحب بہ ڪافي زور ونايو. هن کي شاگردن جي ميوي کائڻ تي خوشي ٿيندي هئي. پر پروفيسر محمد الياس ابڙي وائيس چانسلر ٿيندي ئي اهي وڻ وڍرائي ڇڏيا. چيائين تہ "اهي ميوي وارا وڻ هوندا تہ ڇورا پيا پٿر هڻندا. تنهن ڪري اهي ڪپي ڇڏيو"، تڏهن بہ پٿرن لاءِ هڪ اڌ ٻير ۽ ڄموڻ جا ڪجهہ وڻ اڄا بچيل آهن.

_

آتم ڪهاڻيون ٻين لکڻين کان وڌيڪ دلچسپ ٿين ٿيون. بشرطيڪ سچائيءَ سان لکيل هجن. تازو مشهور هندستاني اديب خشونت سنگهہ جي

آتم ڪهاڻي ”سچ، محبت اور ذرا سا ڪينہ“ پڙهيم تہ ڏاڍيون دلچسپ ڳالهيون معلوم ٿيون.

هڪ تہ هن قرت العين حيدر جو صرف ايترو ذڪر ڪيو آهي تہ هن پنهنجي ايڊيٽريءَ ۾ نڪرندڙ رسالي ”السٽريٽيڊ ويڪلي“ ۾ ڪجهہ مسلمان ڪارڪنن کي بہ مقرر ڪيو جو کيس اهو احساس هوندو هو تہ هندستاني حڪومت مسلمانن سان سٺو سلوڪ نہ ٿي ڪري، انهن ۾ مشهور ناول نويس قرت العين حيدر بہ شامل هئي،جڏهن تہ مون ڪيترن هنڌن تي پڙهيو هو تہ قرةالعين جڏهن پاڪستان مان لڏي واپس هندستان هلي ويئي هئي تہ هن خشونت سنگهہ سان شادي ڪئي هئي وغيره وغيره..... باقي امپرنٽ (Imprint) نالي سان هڪ مشهور انگريزي رسالي جا مون وٽ ڪيترا پرچا آهن، جيڪي مون کي ادبيات جي مالڪ ادا خيري مفت ۾ ڏنا هئا. ان ڪري جو ٻاهران ايندڙ رسالن جو اهو اصول هو تہ جي اهي کپندا نہ هئا تہ انهن جا جلد ڦاڙي واپس ڪيا ويندا هئا ۽ رسالا ردي ۾ ڏنا ويندا هئا پر ادا خيرو اهي رسالا، ٽائيٽل ڦاڙي مون کي ڏئي ڇڏيندو هو جن ۾ علم ادب جي هر صنف، ايڊوينچر، ٻولين توڙي سماجيات ۽ سياست تي تمام بهترين مضمون هوندا هئا. انهيءَ رسالي جو واسطو بہ خشونت سنگهہ جي رسالي السٽريٽيڊ ويڪليءَ سان هوندو هو. ان رسالي ۾ ريڊرس ڊائجيسٽ وانگر مختلف موضوعن تي مختلف رسالن ۾ ڇپيل مواد بہ شامل هوندو هو. هن رسالي جي ايڊيٽر قرةالعين حيدر هئي.

هن مشهور هندستاني اداڪار پريم اديب سان فلم چاند ۾ هيروئن طور ڪم ڪندڙ حسين اداڪاره بيگم پاره جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جنهن سان هن اسلام آباد ويندي ڪراچيءَ ۾ ملاقات ڪئي هئي. هن ان جو ذڪر هڪ ويمپ اداڪاره طور ڪيو آهي جيڪا دليپ ڪمار جي ڀاءُ ناصر خان جي زال هئي ۽ کيس ان مان ٽي ٻار هئا. هن جي موجب بيگم پاره جو هڪ ڀاءُ ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪابينا ۾ وزير هو. ان هوندي بہ هُن جي حالت ڪجهہ سٺي نہ هئي. هوءَ شراب تمام گهڻو

۽ اداڪاري جا ڪمال نظارا ڏسڻ ۾ ايندا هئا. ورهاڱي کانپوءِ اداڪاره ۽ ڳائڻي نور جهان، اداڪاره سورن لتا، نگار سلطانہ مينا شوري، ريحانہ راڳني، ببو وغيره بہ هتي ئي اچي ويون هيون. البتہ هيرو مان ناصر خان هتي آيو۽ ٻن فلمن ۾ ڪم ڪري واپس هليو ويو جڏهن تہ درپن، جيڪو هندستان جي فلمن جهڙوڪ عدل جهانگير ۾ ڪم ڪري چڪو هو ان بہ اچي ڪجهہ نالو ڪڍيو. هن نائلہ فلم ۾ سنتوش ڪمار پنهنجي ياءَ سان ولين جو رول ادا ڪيو. هن سورن لتا سان بہ فلمن ۾ ڪم ڪيو. ڪريڪٽر ايڪٽرن ۾ علاوالدين جنهن ميلا ۾ دليپ جي پيءُ جو رول ادا ڪيو هو شاهنواز، ايم اسماعيل، آزاد، هماليہ والا، ڪمار، مجيد جهڙن اداڪارن، ببو ۽ اوما ديوي بہ اچي ڪيريڪٽر رول ڪيا انهن مان ببو سنڌي فلم عمر ماروي ۾ عمر جي ماءُ جو رول ادا ڪيو هو.

رنگين ۽ سئنيما اسڪوپ فلمن ۾ وحيد مراد، ڪمال، محمد علي، حبيب ۽ اعجاز جون فلمون، جن ۾ زيبا، ديبا، شبنم، ممتاز ماضيءَ جي خوبصورت اداڪاره صبيحہ ۽ بهار جي شاندار اداڪاريءَ واريون فلمون بہ شوق سان ڏسندا رهياسين، ليڪن جڏهن وي سي آر جو دور آيو تہ پوءِ پراڻين فلمن جي ڪيسٽن جي پويان پئجي وياسين. بابا کي بڙي ٻهن، سڪندر۽ پڪار ڏسڻ لاءِ ملي ويون تہ اسين مڌوبالا، دليپ، راجڪپور، ديوآنند، اشوڪ ۽ ڪشور ڪمار جي فلمن کي ڳولي هٿ ڪري ايندا هئاسين.

مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعي منهنجي دوست پروفيسر لعل جسڪاڻي ٻڌايو تہ هن ڪنهن واپاري دوست وٽ فلم 'چوري چوري' ڏٺي آهي، راجڪپور ۽ نرگس جي هيءَ دلچسپ فلم پاڪستان ۾ رليز ڪانہ ٿي هئي. بس پوءِ ان جي پويان پئجي واسين ۽ آخر هٿ ڪري ورتيسين. هن فلم جا گانا 1957 ۾ نئين ۾ ريڊيو سيلون جي ڪمرشل سروس تان ٻڌندو هئس ۽ "پنڇي بنون اڙتي ڦرون مست گگن ۾..." مون کي ان وقت بہ وڻندو هو۽ هاڻ بہ تمام گهڻو وڻندو آهي.

فلم ۾ نرگس تي جهڙي طرح هي گانو فلمايل آهي، تنهن مزو ڏئي ڇڏيو. هاڻ تہ اها فلم رنگين ڪري ڇڏي اٿن. ان طرح هڪ دفعي خبر

پيمر تہ فلمر ”نگينہ“ ناصر خان ۽ نوتن جي مشهور فلمر جيڪا مون ننڍي عمر ۾ بابا جي آڱر پڪڙي، شمس سئنيما ۾ ڏٺي هئي، پر جيئن تہ ان جي ڪهاڻي ڪجهہ خوف واري هئي تنهن ڪري اڌ فلمر مان ئي واپس اچي وياسين ۽ پوءِ 1956ع ۾ ٺٽي آدمر جي شاهہ ٽاڪيز ۾ اها فلمر جيترو وقت هلي، روز ڏسڻ ويندو هوس، ان جا گانا:

- ڪيسي خوشي ڪي هي رات، بلمر ميري ساٿ
- ٽُو ني هاءِ ميري زخمر جگر ڪو ڇو ليا
- ياد آئي هي، بي ڪسي ڇائي هي
- روئون مين ساگر ڪي ڪناري، ساگر هنسي اڙائي

اهي گانا اڄ بہ ٻڌڻ سان الاهي ڪٿي پهچيو ٿو وڃان! ان سان گڏ گوپ جي مزاحيہ اداڪاري، جنهن ۾ عشق جو چشڪو بہ شامل هو اها ڏسڻ جو ايڏو تہ شوق ٿيو جو اهو ٻڌي تہ اها گاڏي کاتي ۾ هڪ ويڊيو شاپ تي ملي ٿي، آئون اتي پهچي ويس. حالانڪ ان وقت سچاٽيپ ڪانسواءِ ڪيسيٽ ڪونہ ڏيندا هئا. نہ تہ ان جي قيمت ضمانت طور رکائي ڇڏيندا هئا پر خبر ناهي ڇو ان دڪان واري مون کي ڪيسيٽ ڏني ۽ نالو پڇي رجسٽر ۾ لکي ڇڏيائين.

اهڙي طرح ’همر لوگ‘ فلمر جنهن ضيا سرحدي کي هندستان جي صف اول جي هدايتڪارن ۾ آڻي بيهاريو هو جنهن ۾ نوتن ۽ بلراج ساهني، شاما، ساجن ۽ انور حسين جي اداڪاري ۽ زندگي ۾ اُميد نہ هارڻ جو عجيب داستان هو نہ صرف ان فلمر جي ڪهاڻي ۽ گانا شاندار هئا بلڪ ڊائلاگ ڪمال جا هئس، جيڪي ان وقت جي عامر شائقين جي زبان تي چڙهي عامر ٿي ويا هئا.

ان هوندي بہ اڄ تائين چاندني رات، عجيب لڙڪي، برها ڪي رات، پربت، مينا بازار جهڙيون ڪئين فلمون هٿ نہ آيون. حالانڪ پريا جي هڪ شاهہ صاحب، جيڪو سئنيما جو مالڪ پڻ هو ڪراچي جي ڪلفٽن واري بنگلي ۾ هڪ ملاقات ۾ جنهن ۾ دين محمد جلباڻي ۽

عبدالرحمان جلباڻي سان گڏ مليو هئوسانس. تنهن چيو هو تہ اهي وٽس 33 ايم ايم ۾ آهن ۽ چاهيون تہ وٽس هلي ڏسي سگهون ٿا. ليڪن پريا ۾ پنهنجي دوست پروفيسر عطاءُ الله جلباڻي وٽ ڪيترا دفعا وڃڻ ۽ راتيون گذارڻ جي باوجود نہ عبدالرحمان جلباڻيءَ سان ملاقات ڪري سگهيس نہ ئي اهي فلمون ڏسي سگهياسون. البت پرين جا پيڙا خوب کاڌاسين.

—

اڄ جڏهن آئون ريل جي سفر جو سوچيندو آهيان يا ريل گاڏيءَ جي موضوع تي ڪا انگريزي يا اردو فلم ڏسندو آهيان تہ خبر ناهي تہ ڪٿان رومانس جا جهوٽا اچڻ لڳندا آهن. جو هڪدم ماضيءَ ۾ وڃي پهچندو آهيان. تن ڏينهن ۾ ريل جو سفر سڀ کان محفوظ، آرام ده ۽ غريب پرور سفر سمجهيو ويندو هو. مون تمام گهڻو ان سفر جو مزو ورتو آهي. خاص ڪري بابا جون بدليون سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ٿينديون هيون ۽ اوڏانهن وڃڻ جو آرام ده ۽ ٽائيم جو پابند ذريعو ريل گاڏي هئي پوءِ اهي مئن لائين تي براڊ گيج واريون گاڏيون هجن يا حيدرآباد کان ميرپورخاص ڏانهن هلندڙ سمال گيج جون گاڏيون. جن کي پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ راجا واري گاڏي چيو ويندو هو ۽ اها گڏڙي واري بارڊر کان ميرپورخاص رستي حيدرآباد ۽ ميرپورخاص کان جهڏي، ڪنري ۽ ٻين شهرن جي درميان هلندي هئي. ريل جي مسافريءَ ۾ امير ۽ غريب گڏ سفر ڪندا هئا. غريب ٿرڊ ڪلاس ۾ تہ سفيد پوش انٽر ڪلاس ۾. جن ۾ ماستر، ٽپيدار، ڪلارڪ ۽ ننڍا واپاري بہ شامل هوندا هئا. سيڪنڊ ڪلاس ڪامورن ۽ ڪجهہ وچولي درجي جي ماڻهن لاءِ مناسب هوندو هو. جيئن تہ بابا مختيارڪار هو تہ اسان کي سيڪنڊ ڪلاس ۾ چڙهڻ جا گهڻا موقعا مليا. ان کانپوءِ فرسٽ ڪلاس صاحبلوڪن لاءِ هوندو هو يا وڏن ڪامورن ۽ گڙنگ زميندارن لاءِ. باقي جڏهن ايئرڪنڊيشنڊ ڪلاس بہ ان ۾ شامل ٿيو جنهن جا مسافر ئي هڪ ٻئي مخلوق لڳندا هئا. اڇا اجرا، صحتمند، مرد ۽ عورتون ۽ خوبصورت صحتمند ٻار. جڏهن ريل جي ٻاهران سائي رنگ جي بند شيشي جي درين مان ڏسبا هئا تہ الف

ليليٰ جي داستان جا ڪردار نظر ايندا هئا. انهن جي نوڪرن لاءِ وري سرونٽ ڪلاس جا ٽڪيٽ ملندا هئا. جيڪي پوءِ ٿرڊ ڪلاس لاءِ استعمال ٿيندا هئا پر مزو اهو هوندو هو ته ٿرڊ ڪلاس ۾ ماڻهو ماڻهو تي چڙهي وينو هوندو هو. ڪيترا مسافر ته سيٽ نه ملڻ سبب ڪنڌن پاسن ۾ پنهنجي پيتين ۽ بسترن تي ئي ويهي سفر ڪندا هئا. گهڻا ته دروازن تي بيهي يا پٽ تي ويهي سفر ڪندا هئا. ليڪن جيئن جيئن درجو وڌندو هو ته رش به گهٽجندي ويندي هئي. فرسٽ ڪلاس ۽ اي سي ڪلاس ۾ خالي سيٽون به نظر ايندڙيون هيون ليڪن بعد ۾ انهن ڪلاسن ۾ به ريل وارا پئسا وٺي بنا ٽڪيٽ ماڻهو چاڙهي ڇڏيندا هئا. تنهن ڪري انهن ڪلاسن ۾ ٽڪيٽ وارا پنهنجن ننڍن ڪمرن ۾ آرام سان وينا هوندا هئا. باهر گيلري بنا ٽڪيٽ ماڻهن سان ائين پريل هوندي هئي جو لنگهڻ جو رستو مس ملندو هو.

هن ريل کي نارٿ ويسٽرن ريلوي چيو ويندو هو. جيڪا پوءِ پاڪستان ريلويز ۾ تبديل ٿي ۽ ريل وارو اصلوڪو تصور محفوظ ۽ آرام ده سفر به ختم ٿي ويو. حادثا ايترا ته وڌي ويا جو ماڻهن ريل بجاءِ حيثيت آهر هوائي جهاز ۽ روڊ ٽرانسپورٽ کي وڌيڪ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو۽ ريلوي به ٽائيم تي هلڻ بند ٿي ويون. جنهن ڪري غريب طبقي توڙي شاگردن لاءِ وڏو مسئلو ٿي ويو. آخرڪار اهو ڏينهن به ڏٺوسين جو ريلوي ٽرينون صرف نالي ماتر وڃي رهيون. اهو تيزگام، ڪراچي ايڪسپريس، لاهور ميل، شاهين ڪوئيٽا ميل، سکر ايڪسپريس، مڪس ٽرين، چناب ايڪسپيرس جهڙن نالن جو رومانس ئي نه رهيو. مٿان ميرپورخاص ڪراچي ۽ ڪراچي حيدرآباد درميان هلندڙ نوري ريل ڪار جيڪا صبح جو سوير حيدرآباد کان ڪراچي ويندي هئي ۽ اسين ۽ اسان جهڙا پيا. جيڪي صرف هڪ ڏينهن لاءِ ڪراچي ويندا هئا. پوءِ واپار جي سانگي يا سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڪم سانگي يا مورڳو فلم ڏسڻ لاءِ ڪراچي ويندا هئا ته واٽ تي ڪينجهر تي سج نڪرڻ جو نظارو به ڏسڻ لاءِ ملندو هو. جنهن جا نقش اڃا به دل ۾ دفن آهن. هيءَ ريل

ڪار حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ هڪ ثقافتي انڊلٽ هئي، جنهن ۾ چڙهندي نوان دوست به ملندا هئا ۽ نت نوان نظارا به ڏسڻ لاءِ ملندا هئا اها به هلڻ بند ٿي.

نيٺ طوفان ميل کان تيزگام عوامي ايڪسپريس جو رومانوي دور پورو ٿيو. جيڪو هنٽر والي، جواب، ڊاڪٽر، انوکي ادا، سگائي، دلربا ۽ ڪٽي پتنگ فلمن ۾ ته ڏنوسين پر حيدرآباد کان لاهور ۽ اسلام آباد ويندي نوابشاهه، پڊعيدن، روهڙي، رحيم يار خان، ملتان، خانپور، لوڌران، خانيوال، لاهور، گجرات جهڙن داستانوي نالن سان واڳيل اسٽيشنون به ڏسڻ لاءِ نه مليون. لڳي ٿو ته هڪ پروگرام تحت ٽرانسپوٽرن جي ڪيسي کي ڀرڻ لاءِ هي الف ليلوي سواري ختم ڪئي وئي، انهن ۾ بار گاڏيون به شامل هونديون هيون جن ۾ سئو سئو گاڏا هڪ ئي وقت ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين سامان پهچندا هئا، انهن جي جڳهه اجگر جيڏن ٽرڪن ۽ ڪنٽينرن اچي والاري، جن جو ڪاج هزارين انساني جانيون ٿي ويون ۽ ملڪ جي آب و هوا به انهن جي دونهين ۽ شور جي ڪري زهريلي ٿي وئي. هاڻ وري ٽرينن جو نئون دور آيو آهي، جنهن مان صرف اهي فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا، جيڪي هوائي جهازن ۾ سفر جي قابل آهن. گرين، بليو ٽرينون جن جا ٽڪيٽ هزارن ۾ آهن ۽ مسافرن لاءِ سفري سهوليتون به آهن ته تفريحي سلسلا به آهن، جنهن مان لڳي ٿو ته جڻ هي ملڪ ڪو سکيو ستابو ملڪ آهي، جيئن عام سئنيما ختم ڪري نهايت گرين قيمتن واريون ننڍيون ننڍيون سئنيمائون ناهيون ويون آهن، جن ۾ غريب غربي جي وڃڻ جو ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي، تيئن سڀ کان سستو هي سفر به هاڻ صرف مخصوص ماڻهن لاءِ وڃي رهيو آهي.

---

جاسوسي، سسپينس ۽ هيبائتي ڪهاڻين وارو ادب ۽ فلمون مون کي تمام گهڻيون وڻنديون هيون. اهو ئي سبب آهي جو ننڍپڻ ۾ آڪاٽين ڪانپوءِ سڀ کان وڏيڪ پسند مون کي پوڪر داس جا ڇپاريل جاسوسي ڪتاب وڻندا هئا جن ۾ هڪ طرف شرلاڪ هومز جا ڪردار ته ٻئي طرف

جيئن هڪ بڪئي انسان لاءِ ڪاڏو ۽ اُجايل شخص لاءِ پاڻي، ڪن لاءِ مڌ جي شوق جيان بہ رهيو آهي ليڪن اهو ڪنهن نہ ڪنهن فطري ۽ فڪري طلب جي ڪري ئي وجود ۾ اچي ٿو.

اديب جي دنيا تي نظر وجهجي تہ اها تمام وشال بہ نظر ايندي تہ اونهي بہ. ان ڪي پڙهڻ مان سبق بہ ملندو تہ مزو ۽ سک بہ حاصل ٿيندو ۽ ائين لڳندو جڻ، ڪو پڙهندڙ پاڻ بہ ائين چئي يا لکي سگهي ٿو. ليڪن اهو سچ آهي تہ شعر صرف شاعر ئي چئي سگهي ٿو ۽ افسانا ۽ ناول ڪو تخليقي اديب ئي لکي سگهي ٿو. هڪ طرح سان اديب ۽ شاعر بين انساني ڪم ڪار ڪندڙن جيان آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي فن جا ماهر ٿين ٿا، ليڪن هر ڪو ماڻهو جيستائين ان خاص ڪم ڏانهن لاڙو نہ رکندو هجي انهي ۾ سکيا نہ ورتي هجائين، تيسين هو اها ڪ.ت نہ ڪري سگهندو.

—

موبائل فون جي مهربانيءَ سان Whatsapp تي سنڌيءَ جي وڏي اسڪالر هيري ٺڪر سان گفتگو تي، جيئن ريٽا شهاڻي، نند ڇڳاڻي، لڇمڻ ڪومل، ٻلديو متلاڻي، جگديش لڇاڻي ۽ ٻين ليکڪن ۽ ليکڪائن سان موبائيل تي اڌ ملاقاتون ٿيون پر ڪيترن سڄين ملاقاتن ڪان بہ وڌيڪ سگهاريون هيون. ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ پنهنجي آل انڊيا ريڊيو سان واسطي جو ذڪر ڪيو تہ مون ڪي بہ حيدرآباد جي ريڊيو سان پنهنجا دلي واسطا ياد اچي ويا. هن ٻڌايو تہ جڏهن ڪو ساٿس ڪنهن گاني جي فرمائش ڪندو آهي تہ هو ريڊيو وارن کي چئي ضرور سندن فرمائش پوري ڪندو آهي. اهو ئي حال ان وقت اسان جو بہ هو. جڏهن ريڊيو حيدرآباد. ڪراچي يا سلون جي ڪمرشل سروس تان نشر ٿيندڙ فرمائشي گانن لاءِ فرمائشون ڪري، وقت تي پنهنجو نالو ٻڌڻ لاءِ ريڊيو کي ڪن ڏيئي ويهندا هئاسون ۽ جڏهن اناؤنسر ڪنهن خاص گاني جي فرمائش ڪندڙن ۾ اسان جا نالا وٺندو هو تہ پنهنجي دل جي ڌڙڪن تي قابو پائڻ مشڪل تي ويندو هو پوءِ تہ منهنجا ڊراما، فيچر ۽ مزاحيہ خاڪا

توڙي تقريرون ريڊيو تان نشر ٿيڻ لڳيون تہ پنهنجي نالي ٻڌڻ جو شوق گهٽجي ويو.

هاڻ هيري جون ڳالهيون ٻڌي لڳو جڻ جڳديش لچاڻيءَ سان ڳالهائي رهيو هجان. اهو ئي پنهنجائپ جو انداز اهي ئي سنڌ جون ڳالهيون، بشير احمد لغاري جو ذڪر، جيڪو هن وقت قاسم آباد جي مصطفيٰ ٽائون ۾ اسان جي پاڙي ۾ ئي رهندو آهي ۽ ڪڪڙيون پالڻ سان گڏ ٻاهران ايندڙ اديبن جي خدمت ۽ دعوتون ڪري خوش ٿيندو آهي. هيرو نڪر جيئن پنهنجي تحقيق ۾ هڪ خشڪ محقق لڳو هئم، ان جي ابتڙ ڳالهائڻ ۾ هڪ خوش مزاج ۽ جذباتي انسان لڳم

—

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌ ۾ ڪاليج ۽ اسڪول تہ تمام سٺا ۽ ناميارا هئا، جن ۾ شڪارپور جو ڪاليج CNS، حيدرآباد جو ڏيارام گدومل نيشنل ڪاليج، ڪراچيءَ جو ڏيارام جيٺانند DJ ڪاليج، اين اي ڊي توڙي ڊو ميڊيڪل ڪاليج وڏي ناليوارا هئا پر گڏوگڏ اسڪول بہ تمام وڏا ۽ ناليوارن استادن جي نگرانيءَ ۾ هلندڙ هئا. جن ۾ اين جي وي هاءِ سڪول ڪراچي، نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، ساڌو هيرانند نولراءِ اڪيڊمي، ميران گرلز هاءِ اسڪول، مدرسته البنات گرلز هاءِ اسڪول، ڪندن مل گرلز هاءِ اسڪول، تاراچند گرلز هاءِ اسڪول ۽ اٿين سکر، لاڙڪاڻي ۽ دادوءَ جا وڏا ناليوارا اسڪول هئا جڏهن تہ خيرپور ۾ ناز هاءِ اسڪول وڏي اهميت رکندو هو جتي يتيمن جي ڪوٽا تي بہ مفت پڙهائي وارا شاگرد داخل ڪيا ويندا هئا ۽ ڪراچيءَ جو سنڌ مدرسته السلام بہ وڏو ناليوارو اسڪول هو جنهن مان سنڌ جا گهڻا وڏا ماڻهو پڙهي نڪتا. هنن اسڪولن جو تفصيلي احوال ڪيترين آتم ڪٿائن مان ۽ تاريخ مان ملي ٿو جن ۾ انهن اسڪولن قائم ٿيڻ جا سبب بہ ڄاڻايا ويا آهن. ليڪن سنڌ ۾ يونيورسٽي ڪا نہ هئي جنهن ڪري بمبئي سان سنڌ جو الحاق ٿيڻ ڪانپوءِ بمبئي يونيورسٽي ئي سنڌ جا گريجوئيٽ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ ڪورسز جا امتحان وٺندي هئي، ان لاءِ بمبئي وڃڻو لازمي

ڪو نہ هو پر ان سان ايفيليئيڊ ڪاليج جا امتحان بہ بمبئي يونيورسٽيءَ وٺندي هئي. بابا (قاضي محمد لائق قريشي) بمبئي يونيورسٽي جو گريجوئيٽ هو جڏهن تہ هو حيدرآباد جي ڏيارام گدو مل نيشنل ڪاليج ۽ ساڌو نولراءِ هيرانند اڪيڊميءَ ۾ پڙهيو هو. البت ڪيترن پئسي وارن بمبئي ۾ بہ گهر نهرائي ڇڏيا هئا ۽ انهن جو اولاد اتان ئي پڙهي ايندو هو.

پاڪستان جي حصي ۾ آيل صوبن مان پنجاب يونيورسٽي لاهور سڀ کان پراڻو تعليمي ادارو آهي جڏهن تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جو بل سنڌ اسيمبلي اپريل 1947ع ۾ پاس ڪيو هو ۽ پاڪستان ٺهڻ 14 آگسٽ (1947) ڪانپوءِ اها يونيورسٽي هڪ امتحان وٺندڙ اداري جي صورت ۾ ڪراچي ۾ قائم ٿي ۽ ان کي اين جي وي اسڪول (سعيد منزل بندر روڊ ڪراچي) ۾ بہ چار ڪمرا ڏنا ويا هئا. جتي هندستان مان هڪ تعليمي ماهر ABA Haleem جنهن کي ابا حليم سڏي چوندا هئا. تنهن کي هن يونيورسٽيءَ جي چارج ڏني وئي ۽ پوءِ 1951ع ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي کي وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو. جنهن ان کي ڪراچي مان آڻي حيدرآباد جي نوودالپہ هاءِ اسڪول جي عمارت ۾ قائم ڪيو جنهن کي هينئر اولڊ ڪئمپس چوندا آهن. اهڙي طرح علامہ آءِ آءِ قاضي جي دور ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين ماهر استادن سان گڏ درياهہ جي هُن پار ديهہ سون ولهار ۾ زمين پسند ڪئي وئي ۽ نئون ڪئمپس وجود ۾ آيو جتي هاڻ سنڌ يونيورسٽي کان علاوه LUMS ميڊيڪل يونيورسٽي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي بہ قائم آهن ۽ گڏوگڏ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، بيورو آف ڪريڪيولم بہ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ هي هڪ تعليمي شهر بڻجي چڪو آهي. جنهن کي "ڄامشورو" جو نالو ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ هيءَ ديهہ سون ولهار آهي ۽ بقول ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڄامشورو درياهہ جي هُن پر حيدرآباد واري پاسي آهي. هن پنهنجو اهو اعتراض سنڌ يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي ميٽنگ ۾ رڪارڊ ڪرايو هو ۽ ڄامشورو ضلعي کي هن علائقي جو غلط نالو ڪونيو هئائين پر اسان وٽ تہ گهڻيئي شيون اهڙيون آهن جيڪي غلطيءَ سان رائج ٿي، حقيقت بڻجي ويون آهن.

سنڌ يونيورسٽي پاڪستان جو هڪ وڏو تعليمي ادارو ٿي اڀريو. شروعات ۾ جڏهن اجا سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري بورڊ ڪو نہ ٺهيا هئا تہ مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان سنڌ يونيورسٽي وٺندي هئي. اهي ايترا تہ ڏکيا هوندا هئا جو ڪيترا هتي جا رهاڪو جڏهن اهو امتحان پاس نہ ڪري سگهندا هئا تہ لاهور جو رخ ڪندا هئا ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ مان ڊگري وٺي ايندا هئا ان سان گڏ ڪي شوقين بہ پنجاب يونيورسٽي ۾ پڙهڻ ويندا هئا جن مان اسان جي استاد مئڊم امينہ خميساڻي بہ هڪ هئي. ٻئي طرف منهنجو هڪ عزيز ادا عزيز اختر هتان نااُميد ٿي پنجاب يونيورسٽي مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري آيو هو. علامہ صاحب جيئن تہ هن يونيورسٽيءَ جي ارتقائي حصي ۾ وي سي ٿي آيو هو تنهن ڪري هن جي علم ۽ ڪردار جا ڪيترائي قصا ماڻهن کي برزبان ياد آهن. حالانڪہ هن جا ڪي اهڙا ساٿي هئا جن هن کي عام ماڻهن کان ڪٽي ڇڏيو هو هن جا روحاني پٽ بہ سڏائيندا هئا. ان وقت مليل معلومات مطابق علامہ صاحب کي ان وقت جي ڪمشنر جيڪو سول لائينس ۾ بنگلو 99 سالن جي ليز تي ڏياري ڇڏيو هو ان تي ڪن وصيتون ڏيڪاري قبضا ڪيا، جنهن تي مشهور وڪيل ۽ سياستدان حفيظ قريشي جيڪو علامہ صاحب جو سچو چاهيندڙ هو چوندو هو تہ انهن ماڻهن کي آئون ڪورٽ ۾ پڌرو ڪندس، ليڪن وڏن ماڻهن جي اڳيان هُن جي بہ نہ هلي. (هن واقعي متعلق جسٽس مشتاق قاضي وري ٻيون حقيقتون بيان ڪيون آهن، مثلن: اهو بنگلو ميران محمد شاهہ جو هو. جنهن کان وڪيل محمد احمد ميمڻ خريد ڪري، علامہ صاحب کي گفٽ ڪيو هو ليڪن وري بہ تصديق ڪرڻ ضروري آهي) بهرحال علامہ صاحب بہ V.C Tenure رهيو جنهن مان پهريون عرصو تہ سرڪار هن کي مقرر ڪيو هو ليڪن ٻئي دفعي ان وقت جي اصول موجب سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسرن وي سي لاءِ هن کي چونڊيو. جڏهن تہ هن جي آڏو ٻيو اُميدوار علامہ عمر بن محمد دائودپوٽو بہ ميدان ۾ هو ليڪن علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب وڏيڪ ووٽ کڻي ٻئي عرصي لاءِ بہ وي سي ٿي ويو.

اهو واقعو مون کي ٻڌائيندي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ٻين ٻه ڪيترن واقعن تان پردا کنيا، جن جو ذڪر ڪرڻ هن وقت نيڪ ناهي ليڪن وي سي جي چونڊ بابت هن جيڪو هي واقعو ٻڌايو، تنهن مان خبر پوي ٿي ته وي سي جي چونڊ ڪرڻ وارا پاڻ به اهڙا ئي عالم ۽ ڄاڻو هئڻ گهرجن، جو هو صحيح ماڻهوءَ کي هن اهم ترين عهدي لاءِ چونڊي سگهن نه ڪي انٽرويو ذريعي هڪڙن کي ڇنڊي ته توهين ان عهدي جي قابل ناهيو ۽ ٻئي کي اهو چئي چونڊيو وڃي ته اهليت جي بنياد تي چونڊيو ويو آهي. منهنجي خيال ۾ هي عهدو هڪ سرڪاري آرڊر تحت نه بلڪ يونيورسٽيءَ جي سينئر پروفيسرن مان، چونڊ ذريعي ئي مقرر ٿيڻ گهرجي.

مون پنهنجي وقت ۾ فئڪلٽي جا ڊين، سينئر ترين پروفيسرن مان چونڊجي مقرر ٿيندي ڏٺا. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب چونڊ ذريعي ڊين فئڪلٽي آف آرٽس ٿيو هو ان کان اڳ هڪ دفعو هو ڊين جي عهدي لاءِ چونڊ هارائي به چڪو هو. جنهن جو هڪ جدا داستان آهي. هاڻ ڊين جي عهدي لاءِ ته وري به اهو قانون ناهيو اٿن ته ڪنهن به فئڪلٽي جي ڊين لاءِ ٽن سينئر پروفيسرن مان ڪنهن هڪ کي وائيس چانسيلر جي سفارش تي چانسيلر ڊين مقرر ڪندو، اهو وري به ڪجهه نه ڪجهه نهي ٿو ته پوءِ وي سي ڇو نه ٽن سينئر ترين پروفيسرن مان چونڊيو وڃي! ڇو اهو عهدو عام نوڪرين وانگر درخواستن ۽ انٽرويو جي ذريعي ڀريو وڃي.

—

ڪتابن سان عشق ڪندڙ دڪاندارن جو ذڪر ته هميشه پيو ٻڌبو آهي، ليڪن صفدر مهديءَ جو ذڪر مون ڪٿي به نه پڙهيو آهي. هو اهڙو ڪتاب وڪڻندڙ ۽ ڇپيندڙ شخص هو، جنهن ڪراچيءَ جي فٽ پاٿن تي ڊيريون لڳائي ڪتاب وڪڻڻ شروع ڪيا ۽ اتان صدر جي هڪ بلڊنگ ۾ پهچي ويو ۽ نه صرف انڊس پبليڪيشن نالي اشاعتي ادارو قائم ڪيائين ليڪن سڄي دنيا مان بهترين ڪتاب گهرائي، مناسب منافعي سان لائبريرين ۽ ٻين خريدارن تائين پهچايا اٿس. هن کي پنهنجا فٽ پاٿي ڏينهن هميشه ياد رهيا، جتي عام پڙهندڙن سان گڏ پير حسام الدين

راشدي، جميل الدين عاليءَ کان وٺي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بہ فٽ پاٿ تي اوڪڙو ويهي پنهنجي پسند جا ڪتاب خريد ڪندا رهيا هئا. انهيءَ پٺي صاحب هن کي فٽ پاٿي دڪان تان ڪٽي سندس انڊس پبليڪيشن واري هنڌ تي پهچايو هو. جتان هن دختر مشرق Daughter of the East، منهنجي Ph.D جي ٿيسز سنڌ جا نثري داستان، خان محمد پنهور جي الوحد اخبار بابت Ph.D ٿيسز توڙي ٻيا ڪيترا اهم سنڌ جا ڪتاب ڇپرايا ۽ انهن جو نهايت مناسب معاوضو بہ ڏنائين. جيڪو هاڻ هڪ حيرت انگيز ڳالھ تي محسوس ٿئي.

مون سان هن جي ملاقات منهنجي ياءُ منظور قريشي ڪرائي، جيڪو ڪتابن پڙهڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو هڪ شوقين شخص آهي. هن وقت بہ هن جي گهر ۾ قائم ڪيل لائبريري اهڙي آهي، جو اتي ويهي، تاريخ، ادب، اسلامي تاريخ ۽ بين الاقوامي موضوعن تي پي ايچ ڊي لاءِ ريسرچ ڪري سگهجي ٿي. ”دختر مشرق“ بہ صفدر مهديءَ مرادعلي مرزا کان ترجمو ڪرائي هئي ان ترجمي جو معاوضو ادا مراد عليءَ ڪي مون هٿن سان وجهي ڏنو هو.

ايترو ڪم ڪندڙ هي شخص، طبيعت ۾ نهايت نهٺو سخت محنتي انسان هو. هو پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪتابن سميت وڃي نڪرندو هو. وڏي ڳالھ تہ هو ڪتابن تي ڪا بہ ڪميشن ڪو نہ ڏيندو هو بلڪ منافعو بہ نهايت مناسب رکندو هو. جيستائين هلڻ جهڙو هو، مون وٽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بہ ايندو رهندو هو ليڪن وقت هميشہ هڪ جهڙو نہ ٿو رهي.

–

ڇاڇري ۾ رهڻ دوان (1958) منهنجي ٻن شاگرد ساٿين سان تمام گهري دوستي ٿي وئي هئي، جن ۾ هڪ محمد ڄام جنجهي هو تہ ٻيو مون کان هڪ ڪلاس مٿي عالم چند. هي اهي اوائلي دوست هئا، جن سان پوءِ زندگيءَ ۾ وڏو ساٿ رهيو. خاص ڪري جڏهن هو ميرپورخاص مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪري حيدرآباد آيا تہ مون وٽ ئي اوطاق ۾ رهڻ

لڳا. بابا جن جو بہ هنن سان رويو مهمانن وارو نہ بلڪ گهر ڀاتين وارو هو. اهو ئي سبب هو جو هو مون سان گڏ منهنجي ڀائرن جا بہ دوست ٿي ويا. جن مان منظور تہ اڳ ئي چاچري ڪان وٺي هنن سان واقف هو ليڪن الطاف، منهنجا سئوٽ بشير ۽ ظهير بہ هنن جا دوست ٿي ويا ۽ اهي ئي دوست هئا، جن 1962ع جي آگسٽ ۾ منهنجي شاديءَ ۾ شرڪت ڪئي، جيڪا پڻ ان مازيءَ واري اوطاق ۾ ٿي هئي. هن موقعي تي هو ڏاڍا خوش ٿيا هئا، حالانڪ شاديءَ واري ڏينهن پاٽي بند ٿي ويو هو ۽ عالم ۽ جام بہ منهنجي مائٽن وانگر پاٽيءَ جون بالٽيون مسجد جي ٽانڪيءَ مان ڀري آيا هئا. هنن دوستن سان گذريل هر پل ياد اٿم. چاچري مان اسين جهڏي ويا هئاسين ۽ ڪافي وقت اتي رهڻ ڪانپوءِ 1959ع ۾ بابا جي رٽائرمينٽ تي حيدرآباد اچي وسائي هئي سين ۽ ان دوران جهڏي ۾ بہ منهنجا ڪافي دوست بڻيا، جن ۾ اميد علي قائمخاني، غلام محمد ميمڻ ۽ عابد جيڪو بعد ۾ ڪنزويٽر فاريسٽ بنيو ۽ اجا سوڌو ملاقات ٿيندي آهي تہ نهايت گرمجوشيءَ سان ملندو آهي، تن سان دوستي ٿي ليڪن جام ۽ عالم جي جاءِ ڪو بہ والاري نہ سگهيو.

جام توڙي عالم ڪافي وقت مون وٽ رهيا پر پوءِ عالم پهرين تہ شهر ۾ هڪ ڪوٺڙي وٺي وڃي رهيو ۽ پوءِ سيلاٽن جي پاڙي ۾ سوچين جي هڪ بلڊنگ ۾ بار بچا وٺي رهائش اختيار ڪيائين ۽ جام وري گورنمينٽ ڪاليج جي هاسٽل وڃي وسائي ۽ اتان انٽر آرٽس ڪري تلڪ چاڙهي تي هڪ ننڍي عمارت ۾، جيڪا هڪ ڌوبيءَ جي دڪان جي ڀر ۾ بہ منزل جاءِ هئي، ڪجهہ دوستن سان گڏ وڃي رهيو انهن مان هڪڙو عبدالقادر ترڪ بہ هو. جنهن سان ملاقاتون پيون ٿينديون هيون، هاڻ هو وفات ڪري چڪو آهي. ان دوران جام بہ لکڻ شروع ڪيو ۽ جام ساقي بڻجي ويو. ائين عالم چند مسلم سائنس ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيو پوءِ وقت ڪان اڳ رٽائرمينٽ وٺي وڃي ڊنڊي سان لڳو ۽ اوچتو خبر پئي تہ ڪنهن تڪليف ده بيماريءَ ۾ گذاري ويو ۽ هاڻ 2018ع ۾ جام بہ گذاري ويو. تازو هن جي ڌيءَ جي شادي ٿي هئي، اها هن سان منهنجي آخري

ملاقات هئي. هن موقعي تي منهنجو پيارو دوست پير مظهرالحق بہ اتي موجود هو جتي ڏٺم تہ هن جي حالت ڪافي خراب هئي. شادي جي ٻئي ڏينهن ڪيس اٽيڪ ٿيو ۽ پوءِ وري نہ اٿيو. زندگي تمام ايڪٽو گذاري، نيڪ نيت ساٿي ۽ ايماندار قومپرست هئڻ ڪري بظاهر ڪا ترقي ڪري نہ سگهيو ايتري قدر جو گهر بہ هن جي والد سائين سچل پنهجي پينشن جي پئسن مان ٺهرائي ڏنو هئس. ڪاٻي ڌر جي انقلابي خيالن جي ڪري حڪومت کان ڪو بہ فائدو حاصل نہ ڪري سگهيو ۽ هڪ نهايت خوفناڪ دور ۾ بہ ڪميونزم جو پرچار ڪرڻ کان نہ مڙيو. جنهن جو نالو ونڻ وارن ڪيترن کي بيدرديءَ سان ماريو ويو. هو اهو سڀ ڪجهہ هوندي بہ هو منهنجو دوست هو. زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن ٽنگ جهري پوڻ جي ڪري هلڻ چلڻ کان ويهي رهيو هو تہ مون کي فون ڪري ملڻ لاءِ چوندو هو. ٿوري ٿوري وقفي سان اهي ملاقاتون ٿينديون رهيون. هو منهنجي ڪتابن کي ڏسي خوش ٿيندو هو ليڪن هڪ آزاد پنڇي ڪيترو وقت بند ۾ رهي ٿو سگهي. آئون هن کي ڏسي سوچيندو هوس تہ هي شخص ميلن جا ميل پنڌ ڪندو هو بلڪ هڪ دفعو تہ هن لانگ مارچ بہ ڪيو هو جيڪو چاهي مائو جي لانگ مارچ جهڙو نہ هو پر پنهنجي نوعيت جو عجيب لانگ مارچ هو جنهن ۾ هن سان گڏ ماڻهن جو وڏو تعداد جن ۾ ڪيتريون عورتون ۽ ٻار بہ گڏ هئا ۽ رستي ۾ ڏاڙيلن سان منهن ڏيندي، وڏيرن ۽ آفيسرن جا داٻا سهندي بہ پنهنجو لانگ مارچ مڪمل ڪيائين. هاڻ هي عظيم شخص صرف ڪتابن ۾ ٿي وڃي رهندو يا سائين جي دلين ۾.

—

ٺٽي ۾ ڪنهن وقت ۾ ملبارين جون الاهي هوٽلون هونديون هيون، انهن مان خاص هوٽل ٺٽي جي بس اسٽينڊ کان شهر ڏانهن ويندي رستي جي منهن تي هوندي هئي، جتان هڪ طرف رستو اسان جي گهر ڏانهن ويندو هو تہ ٻئي طرف اسڪول ڏانهن. اتي جيڪا چانهہ ملندي هئي، تنهن جهڙي چانهہ مون ورلي ڪا ڪٿي پيتي هوندي. هن هوٽل تي ويهبو

هو تہ بيرو هڪدم پاڻيءَ جو گلاس آڻي ميز تي ڦٽو ڪندو هو. اهڙي طرح جو ڪڏهن چندا ڪپڙن کي بہ اڇي لڳندا هئا. پوءِ هن کي چئبو هو تہ ملائي واري چانهہ آڻي. ان چانهہ جو ذائقو ئي نرالو هوندو هو. جڏهن تہ گرم فالودو پيو کائجي. چانهہ تہ لذيذ هوندي هئي پر ملائي ان جي لذت ۾ اضافو آڻي ڇڏيندي هئي يا وري پوڙيا چانهہ چئبي هئي تہ بنا ملائيءَ جي اڌ ڪوپ چانهہ صرف ڪير ۾ ناهيل ملندي هئي ۽ ان جو مزو وري اهڙو جو بہ بہ ٽي ٽي ڪوپ پي وڃبا هئا. چون ٿا تہ ان چانهہ ۾ ڏوڏي ملائيندا هئا. آئون پنهنجي دوستن حيدر شاهہ ۽ راجا سان گڏ روز اها چانهہ ضرور پيئندو هوس.

نئين شهر جا ماڻهو نيرن تي گهڻو ڪري سيگو چانورن جي رٻ پيئندا هئا. جنهن جون ديڳيون صبح ساڻ هوٽلن تي نظر اينديون هيون. سيگو چانورن جي گرم گرم مٺي رٻ جنهن ۾ ڦوٽا بہ پيل هوندا هئا. اهي پيالن ۾ ملندا هئا ۽ نيرن طور استعمال ٿيندا هئا.

زندگيءَ ۾ ڪيترا دفعا ٺٽي وڃڻ ٿيو آهي، پر نہ آهي اهو بس اسٽئنڊ جتي بسون ۽ ڪارون اچي بيهنديون هيون نہ آسپاس اهي هوٽلون جن تي جليبيون ۽ ڪچوريون کائڻ کان رهي نہ سگهبو هو. اپريل 2018 ۾ مدد علي سنڌي، شوڪت شورو، احسان راهوجو، شوڪت چاچڙ، حافظ احمد ۽ نفيس ناشاد سان، پير حسام الدين راشدي جي ورسيءَ تي وياسين، جنهن جو احوال تہ لکڻ جهڙو ڪونهي، باقي ٺٽي کي نئين سر ڏسي آءٌ نہ مڪليءَ کي سڃاڻي سگهيس نہ ٺٽي کي.

–

منهنجي زندگيءَ ۾ دوستن جي وڏي اهميت رهي آهي. ننڍپڻ کان ئي ايترا ۽ اهڙا دوست مليا، جن جي ذڪر ڪانسواءِ منهنجو ماضي بنا لوڻ جي بيدي وانگر هجي ها. (هي لفظ سارتر جا آهن، جنهن پنهنجي آتم ڪٿا The Words ۾ پنهنجي دور جي باري ۾ لکندي چيو آهي تہ اهو دور اهڙو هو جنهن ۾ ڪو مرد بنا مڇن جي هوندو هو تہ ائين لڳندو هو جڻ تہ ڪو بيدو بنا لوڻ جي هجي.) ائين ئي منهنجي زندگيءَ جون رنگينيون

خاندان جي فردن سان گڏ ۽ پيارن دوستن جي ڪري ئي اجا تائين ايتري قوت رکن ٿيون، جو انهن کي ياد ڪري به آئون زنده رهڻ جي چاهت کي برقرار رکيو اچان. حالانڪ دوست به سڀ هڪ جهڙا نه هوندا آهن، ڪي ڏيکاءَ خاطر ته ڪي ڪم ڪار خاطر به دوستيءَ جو ڏيک ڏيندا آهن پر مون کي گهڻا دوست، اهڙا مليا جيڪي دلي طرح دوست هئا، خاص ڪري ان دور جا دوست جڏهن آئون اجا اسڪول ۾ پڙهندو هوس، بلڪ جڏهن اجان اسڪول ۾ نه به ويو هوس ته ڪي اهڙا نالا ۽ چهرا ذهن تي ڇهٽيل نظر اچن ٿا، جيڪي منهنجي تصور ۾ پس منظر کي مڪمل ڪيو وينا آهن.

مون پنهنجي يادگيرين ۾ رتي ديري، ڏوڪري، سيوهڻ، هالا پراڻا، ٺٽي، ڇاڇري، جهڏي ۽ ٻين ڪيترن ئي هنڌن جي دوستن جو ذڪر ڪيو آهي، جن ۾ محفوظ آهي، رحمت الاهي، امير علي قائمخاني، عابد، غلام محمد ميمڻ، مشتاق قاضي، حيدر شاهه راجا، سيف ٻنوي، ڄام ساقي، ڊاڪٽر پرڏان (پيريو)، عالم چند، عدلو ڪوتار، نصير ڪوتار، ربڏنو ڪوتار، ٺٽي جي قريشي (ڪشمشي) خاندان جو حفيظ قريشي، نصرپور جا دينو (شمس قاضي)، بچو (بچل قاضي)، ڊاڪٽر ڪريم الدين احمد (جيڪو منهنجو استاد پڻ هو) محمد علي (ٻوهارا وارو) نياز آفتاب قاضي، آفتاب شيخ، خورشيد شيخ، جهانگير آذر، غلام مصطفيٰ شهواڻي، يوسف لغاري، ظفر مرزا، مرزا نجمي، شفيق پراچا، مسعود قريشي، ظهور انصاري، مقبول صديقي، قاضي اقبال الدين، ادا خيرو حميد سنڌي، آغا سليم، ظفر ڪاظمي، جهانگير صديقي، عطاءالحق قاسمي، امجد اسلام امجد، غلام حيدر ٻرڙو جوهر حسين، مراد علي مرزا، انور بلوچ، ڪريم بلوچ، سڪندر بلوچ، شمشيرالحيدري، قاضي عبدالستار، مشتاق چنه، حمايت علي شاعر، ستار سومرو، رشيد انصاري ۽ ڪئين نالا لکيا اهن، جن مان ڪي اجا به موجود آهن ۽ فون تي رابطو رکندا آهن، ملندا آهن، محبتون ونڊيندا آهن ۽ ڪي منهن تي مرڪي ملڻ وارا به موجود آهن ليڪن وري به سوچيان ٿو ته ڪيترا نالا اجا ياد اچي رهيا آهن خاص

ڪري سيوهڻ وارو سهڻو دوست قادر بخش بروهي، جيڪو منهنجو هم ڪلاسي به هو ۽ ٽئي وارو ڪنهباتي جنهن جو نالو ياد نه ٿو اچيم پر سڀ منهنجي يادگيريءَ جي ڪڙي منجهه ڪڙي وانگر جڙيل آهن.

–

’شبستان‘ نسيم بانو ۽ شيام جي فلم هئي، جيڪا هڪ انگريزي ناول Prisoner of Zenda تان ورتل هئي. هن فلم جو نالو ته گهڻو هو پر خاص ڳالهه اها آهي ته ان وقت جو خوبرو قدآور هيرو شيام، جنهن مينا بازار، پتنگا، بازار، سماڌي ڪنيز، دل لڳي ۽ ڪيترين ڪامياب ميوزيڪل فلمن ۾ ڪم ڪيو هو، اهو گهوڙي جي ڊوڙ وارو سِين فلمبند ڪرائيندي گهوڙي تان ڪري مري ويو هو ۽ باقي رهيل فلم ۾ ان وقت جي هڪ ٻئي ناليواري اداڪار جيراج کان ڪم ڪرائي فلم پوري ڪئي وئي هئي.

مون هي فلم هڪ عيد تي پنهنجي وڏي ڀاءُ دادا مشتاق سان گڏ، ٻين ڀائرن ۽ ڀينرن سميت حيدرآباد جي ”پاڪ“ سئنيما، جيڪا پوءِ راحت ۾ بدلجي وئي، اتي ڏٺي هئي. ان وقت سئنيما ۾ ڏاڍي رش هئي ليڪن بابا جو ماروٽ حسن آخوند هن سئنيما ۾ ڪم ڪندو هو تنهن اسان کي ٽڪيٽ وٺي ڏني هئي. بهرحال فلم بور هئي اسان کي مزو نه آيو اوٻاسيون ڏيندي وقت پورو ڪيوسين.

–

ڀائي ڀائي اشوڪ ڪمار، نروپا راءِ، ڪشور ڪمار، شياما نمي، ڊيوڊ ۽ اوم پرڪاش جي هڪ تمام دلچسپ رومانوي فلم هئي. هيءَ فلم اسان ڀائرن ڀينرن پنهنجي ماسات ظفر سان گڏ هڪ عيد تي نشاط سئنيما ۾ ڏٺي هئي، فلم جا گانا ۽ اوم پرڪاش ۽ ڪشور ڪمار جو مزاح ڏاڍو وڻيو هو. تنهن ڪري اها فلم پوءِ به گهڻا دفعا ڏٺم. ان جا گانا:

– اپنا هي ٿر ڀهي اپنا، بڙهه ڪر گلي لڳالي
– ميرا ڇهوٽا سي ديکهو يه سنسار هي

- شرابي جا جا جا
- هي گانا ان وقت ڏاڍا وڻيا هئا ۽ اڄ به وڻندا آهن.

-

بازار ۽ پتنگا فلمن جو هيرو شيام ۽ هيروئن ان وقت جي تمام مشهور اداڪاره نگار سلطانہ هئي ليڪن هنن فلمن کي گوپ ۽ يعقوب جون فلمون چئبو هو جيئن سگهائي. پريم ناٿ ۽ ريحانہ جي فلم هئي پر گوپ ۽ يعقوب جي فلم طور مشهور هئي. هي فلمون پنهنجي خوبصورت گانن ۽ دلچسپ ڪهاڻيءَ جي ڪري اڄا تائين تمام گهڻي شوق سان ڏسندو آهيان. خاص ڪري بازار جو گانو ”ساجن ڪي گليان چهوڙ چلي“ ۽ پتنگا جو ”ميري پيا گئي رنگون وهان سي ڪيا هي ٽيليفون“ تہ اڄ بہ نهايت مقبول گانا آهن.

هي فلمون ٿئيٽر جي موضوع تي ٺهيل آهن. جيڪو ان وقت جو پسنديده موضوع هو. ٻئي طرف يعقوب جيڪو ان کان اڳ ناديا جي مار ڌاڙ واري فلمن ۾ لالا يعقوب جي نالي سان ايندو هو. تنهن جي اداڪاري بہ ڏسڻ وٽان هئي. جڏهن تہ گوپ، جيڪو هڪ سنڌي هوندي بہ هندستاني فلمن لاءِ اڻ ٽر حيثيت رکندڙ هو. مرزا صاحبان، گهر ڪي عزت، ترانا، نگينہ، ڪالي گهٽا، خزانا، ساقي ۽ الف ليليٰ جهڙين فلمن ۾ هن جا ڪيل ڪردار ڪڏهن نہ وسرندا. هن جون ڪي فلمون تہ لاجواب آهن خاص ڪري فلم ”چوري چوري“ جنهن ۾ نرگس راجڪپور، ڀگوان، جاني واڪر ۽ ڊيوڊ جهڙن اداڪارن ۾ ڪم ڪيو آهي. ان ۾ نرگس جي پيءَ سيٺ صاحب جو رول جهڙو گوپ ڪري سگهيو آهي. اهڙو شايد ٿي ڪو ٻيو اداڪار ڪري سگهي ها. ساڳي طرح فلم خزانہ ۾ مڌوبالا جي پيءَ جو روپ بہ هن جي اداڪاري جو هڪ مثال آهي. انهن مان ”چوري چوري“. ڪلارڪ گيبل جي فلم It Happened one night ۽ خزانہ King Soloman's Mines تان ورتل هيون ليڪن نقل تي اصل جو گمان ٿئي ٿو.

آرزو ايڪ نظر، هنگامہ ۾ بہ هو پنهنجي اداڪاري جي اوج تي آهي. هن جو اصل ڪارنامو تہ اهو آهي تہ ڪيترين فلمن جهڙوڪ مرزا

صاحبان، آرزو ترانا وغيره ۾ ولين جو ڪردار ادا ڪيو اٿس پر ان ۾ بہ مزاح جو رنگ پري ڇڏيو اٿس. هڪ طرح سان هو سنڌي فلمي اداڪارن، جن ۾ راج، ايسراڻي، شيلا راماڻي، ساڌنا، شوداساڻي وغيره شامل هئا، تن ۾ نمايان حيثيت رکندو هو. مون کي تہ هن تي ساقي فلم ۾ فلمايل هي گانو وسري ئي نہ ٿو.

حسينہ سنيل سنيل ڪي چل، پڙ نا جائي ڪمر مين بل.

هيءَ فلم Thief of Baghdad تان ورتل هئي پر ٻاراڻي عمر کان اڄ تائين جڏهن بہ ڏسندو آهيان، ڪنهن حيرت انگيز دنيا ۾ پهچائي ڇڏيندي اٿم، اهڙيون هن جون ڪئين اهڙيون فلمون بہ هاڻ ڏٺم، جيڪي اڳي بدل بہ نہ هيون.

هاڻ جڏهن نيٽ تي پراڻيون فلمون ڏسان ٿو تہ هن جي گذاري وڃڻ پڄاڻان ڪيتريون اهڙيون فلمون فلمستان ۾ ٻين ادارن طرفان ٺاهيون ويون آهن، جيڪي هن جي نالي ارپيل آهن. هن عظيم اداڪار جو موت بہ عجيب طرح ٿيو هو. هو هڪ فلم 'تيسري گلي' جي شوٽنگ ۾، ڪِري مرڻ جو رول ادا ڪري رهيو هو ۽ اتي ئي موت جا اداڪاري ڪندي گذاري ويو.

گوپ جون تمام گهڻيون مشهور فلمون هيون ليڪن هن جي جوڙي يعقوب سان نهي، هي اهي اداڪار هئا جن اسان کي انساني زندگيءَ جا ڪئين رخ ڏيکاري ڇڏيا. ڏک کي مزاح ۾ تبديل ڪري، جيئڻ کي آسان بنائڻ ۾ هنن اداڪارن جو وڏو هٿ هو. هنن بڌايو تہ مزاح اصل ۾ ڏک جي پوشاڪ آهي پر اها بہ حقيقت آهي تہ ڏاهي جو مزاح ڏک کي لڪائي ٿو ۽ دکي دلين کي ڪجهہ وقت لاءِ ڏک کان آجو ڪريو ڇڏي. بيوقوف جو مزاح ماڻهن کي ڏکوئي ٿو تڏهن تہ شيڪسپيئر چيو آهي تہ:

It is better to be a witty fool than a foolish wit.

هنن وانگر ئي راجڪپور جهڙن ڪيترن عظيم اداڪارن بہ ذڪ ڪي لڪائڻ ۽ جيئڻ جا رستا تلاش ڪرڻ لاءِ مزاح جو پوش استعمال ڪيو ۽ دلين تي اڻمٽ يادون ڇڏي ويا.

—

1960ع واري ڏهاڪي ۾ جاني واڪر هڪ بهترين مزاحيہ اداڪار ٿي ابريو. ٽئڪسي ڊرائيور، مڏو متي، مسٽر اينڊ مسٽر 55، پياسا، مڏوو متي، انجان، جواني ڪي هوا، چوري چوري ۽ ڪيترين ئي فلمن ۾ هن ان وقت جي دکي دلين ۾ خوشيءَ جي هڪ لهر پيدا ڪئي. هن تي فلمايل گانا بہ ڏاڍا مقبول ٿيا بلڪ ائين چئجي تہ هن جي اداڪاري جي ڪري محمد رفيع جو آواز اجا بہ وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ويو خاص ڪري پياسا جو گانو:

ـ مالش تيل مالش،
سر جو تيرا چڪرائي اور دل ڈُوبا جائي
آجا پياري پاس هماري ڪاهي گهبرائي
ـ مسٽر ۽ مسٽر 55 جو گانو
جاني ڪهان ميرا جگر گيا جي
ابهي اهي يهين ٿا ڪدهر گيا جي
ـ جواني ڪي هوا جو گانو
ڪيسي آئون نديا ڪي تير
تيري ڪتي ڪي کلي زنجير.

ائين هي اداڪار جنهن جو اصل نالو بدرالدين هو، تقريبن اڌ صدي فلم جي شوقينن جي دل وندرائيندو رهيو. سندس فلمون اسان کي بہ وڻنديون هيون تہ چاچا غلام قادر ۽ گهر جي ٻين ڀاتين کي بہ وڻنديون هيون.

گرو دَت ۽ ديوآنند هن کي گهڻو ڪري پنهنجي فلمن ۾ ضرور کڻندا هئا. جنهن ۾ هن جي سنجيده اداڪاري سان مزاح جي چاشني هوندي هئي، هن کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهبو.

تازو مون مشهور اداڪار موتي لعل جنهن 'تقدير' ۾ نرگس سان ۽ 'ديوداس' ۾ دليپ ڪمار سان اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا هئا، ان جي فلم 'چوٽي چوٽي باتين' ڏٺي، جنهن ۾ هڪ پيار ڪرڻ واري پيءُ جو رول جنهن طرح ادا ڪيو آهي ان دل کي تڙپائي ڇڏيو. هن اداڪار 'ايڪ ٿي لڙڪي' کان 'اناڙي' تائين جنهن فلم ۾ ڪم ڪيو اها وسارڻ جهڙي ناهي.

—

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب هڪ دفعي نهايت دلچسپ واقعو ٻڌايو تہ "سنڌ ٿرو سينچريز" جي دوان موهن جي دڙي تي هڪ اعليٰ پائي جي موسيقيءَ جي پروگرام ۾ هن پاڻ "ڪمپيئرنگ" ڪئي هئي، سا بہ انگريزي زبان ۾. ڇو جو سڄي دنيا مان ڪئين عالمن، مورخن ۽ ساڃاهہ وندن ان ۾ شرڪت ڪئي هئي. جڏهن تہ سنڌ مان صرف پسند جي ماڻهن کي گهرايو ويو هو. ايتري قدر جو مون کي بہ دعوت نہ ڏنائون جڏهن تہ بلڪل غير متعلقہ افراد کي بہ ڏاڍي شان مان سان گهرايو ويو هو ۽ پنجاب جا بہ ڪيترا غير معروف افراد ان ۾ شامل هئا. مون کي تہ رني ڪوٽ هلڻ جي دعوت بہ ڪانہ ملي هئي، وري بہ علي محمدچنہ مون کي ڏاڍي قرب ۽ پنهنجائپ سان هلڻ لاءِ چيو هو. پر هن کي منهنجي نظرانداز ٿيڻ جو ڏاڍو احساس هو. مون کي اهو اعتراض هو تہ جڏهن خود منهنجي استاد، جيڪو هن سلسلي جو ڪرتا ڌرتا هئو تنهن مون کي ڊيليگيٽ واري حيثيت ڪانہ ڏني آهي تہ آئون نمبر2 تي ماڻهن سان ڇو هلان.

بئي ڏينهن ڊاڪٽر صاحب جڏهن تاريخي نشست ۾ اسٽيج تي بين الاقوامي عالمن سان اچي وينو تہ هڪ غير ملڪي عالم چيو تہ "هي انائونسر ڇو اسٽيج تي اچي وينو آهي". ان تي جڏهن ڊاڪٽر صاحب سان تعارف ڪرايو ويس، تڏهن حيران ٿي ويو ۽ پنهنجي رويي تي معذرت ڪيائين.

مون پنهنجو ذڪر صرف ان ڪري ڪيو جو اسان وٽ علمي جلسن ۽ محفلن ۾ اڄ کان وڏيڪ دوست ۽ احباب گهرايا ويندا آهن

جڏهن تہ دنيا جي هر هنڌ پهرين مقالا گهرايا ويندا آهن پوءِ انهن جي آڌار تي دعوتناما موڪليا ويندا آهن. اهو ئي حال اڪيڊمي آف ليٽرز جو بہ ٿيو صرف مسيح الدين صديقيءَ جي ڊائريڪٽر هجڻ واري وقت ۾ هو خود هر صوبي ۾ وڃي اديبن سان ملاقاتون ڪندو هو ۽ اتي جا چونڊ اديب ۽ عالم اڪيڊمي جي اجلاس ۾ گهرايا ويندا هئا پوءِ جيڪڏهن ڪنهن اديب لاءِ سفارش ڪبي هئي تہ، هو چوندو هو تہ، آبزرور تي اچي تہ وٺي اچوس، باقي ڊيليگيٽ نہ ٿي سگهندو. ليڪن مون سان ڇو جو هن جو ڪجهہ وڌيڪ تعلق هو هڪ تہ هو سنڌ يونيورسٽي جو پهريون ايم اي انگريزي هو ۽ ٻيو تہ منهنجي ڀاءُ دادا مشتاق جو استاد ٿي رهيو هو تنهن ڪري منهنجي چوڻ تي هڪ اهڙي شخص کي بہ ڊيليگيٽ ڪيائين، جنهن تي هاڻ خود مون کي بہ شرمندگي ٿي رهي آهي. اهو ئي سبب هو جو جڏهن صديقي مرحوم ڊائريڪٽر جي عهدي تان لٿو ۽ فاروق لغاري جي صدارتي دور ۾ هڪ گڏجاڻي ۾ مون کي دعوت ملي تہ ڏٺم تہ هن جي چوڌاري پروانن وانگر چڪر ڪاٽيندڙ اديب هاڻ هن کان دور دور گهمي رهيا هئا پر آئون وڃي وڃي مليومانس تہ ياڪر پائي چيائين "قاضي خادم تم اب تک مجهي پهچانتي هو اس ليي تم بهي مجهي ياد هو." قسمت جي ستم ظريفي ڏسو جو ان ڪانپوءِ تہ اهي منٿون ڪري ڊيليگيٽ ٿيڻ وارا انهيءَ اداري جا سربراهہ بہ ٿي ويا.

—

مرزا قليچ بيگ پنهنجي آتم ڪهاڻي "سائو پن يا ڪارو پنو" ۾ لکي ٿو تہ، وڏي حياتيءَ جي هڪ خرابي اها بہ آهي جو ان ۾ دوست نٽا رهن، جن سان زندگيءَ جو ساٿ رهي ٿو اهي بہ ڪڏهن ڪڏهن گم ٿيو وڃن ۽ ظاهر آهي وڏي عمر ۾ نوان دوست بنائڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي. ان جو تجربو تڏهن ٿيو آهي جڏهن آئون پاڻ وڏي عمر جي دائري ۾ پير پائي چڪو آهيان ۽ ڪيترن دوستن جي مستقل جدائيءَ جا ڏک ڏسي چڪو آهيان.

اجان هاڻ، 21 صديءَ ۾ ٻه ڪيترا دوست جدا ٿي ويا آهن، جن جي ذڪر ڪانسواءِ منهنجي ڪهاڻي اڌوري آهي. ڄام ساقي ۽ آفتاب شيخ جو وڇوڙو ته ٻه اهڙيون حقيقتون آهن جن تي وهم جو گمان ٿو ٿئي. ڄام ته منهنجو ننڍپڻ جو دوست هو. 1958ع کان هن سان دوستي هئي. دوست ڇا هو پڻ هڪ گهر ڀاتي هو. منهنجي وڏي ڌيءَ جڏهن ننڍڙي هئي ۽ جڏهن مشهور سنڌي گيت ٻڌندي هئي،"اٺ ته آري ڄام جا"، ته هڪدم چوندي هئي ته "نه نه. اٺ ته چاچا ڄام جا." منهنجا ٻائر هن کي زندگي ڀر ڀاءَ وارو مان ڏيندا رهيا ته بابا به هن کي پنهنجو پٽ ڪري سمجهندو هو. هميشه هن جو پڇندو رهندو هو. خاص ڪري جڏهن هو روپوش هوندو هو ته بابا کي ڏاڍو الڪو ٿيندو هو.

ڄام سان منهنجي زندگيءَ جو تمام گهڻو عرصو گڏ گذريو.هن سان دوستي جو تعلق آخر تائين جاري رهيو. ملاقاتون به آخري وقت تائين رهيون. مون کي ڄام جي ڌيءَ جي شادي واري شام ڪڏهن به نه وسرندي، جڏهن مون ۽ پير مظهر هن جي صوفي جي پاسن تي ويهي هن سان تصويرون ڪڍرايون هيون ۽ مون چيومانس "ڄام، ڏس اڄ آئون ۽ پير مظهر هڪ ئي تصوير ۾ توسان گڏ آهيون" ته هن صرف ايترو چيو هو "يلو." اها هن سان آخري ملاقات هئي. ٻئي ڏينهن هن جي طبعت خراب ٿي وئي ۽ پوءِ وري هن جي وڇوڙي جي خبر پئي. مون کي لڳو دل جي هڪ ڪنڊ خالي ٿي وئي. بلڪل ائين آفتاب شيخ به هليو ويو. هن سان به 1962 کان دوستيءَ جو ناتو رهيو. جڏهن مون سچل آرٽس ڪاليج ۾ داخلا ورتي، هو ان ڪاليج جي منتظم شيخن مان هئو ۽ ڪسٽم ۾ اعليٰ عهدي تي ڪم ڪندو هو. هو ڪافي عرصي کان بيمار به هو پر ڏيئلداس ڪلب اچي ويندو هو. ڪل، ٺهڪ، ٽوڪون، چرچا ڪندي جڏهن هڪ دفعي جلدي واپسيءَ جي ڪيائين ته مون چيومانس، "ڇو آفتاب جلدي پيو وڃين"، چيائين "يار طبيعت ۾ مزو ناهي." ٻن ڏينهن ڪانپوءِ موبائل فون تي هن جي نمبر تان گهنٽي وڳي، مون سمجهيو آفتاب هوندو پر فون تي هن جو پٽ هو جيڪو چئي رهيو هو "بابا رات وفات ڪري

ويو. چئي ويو هو تہ توهان کي ضرور ٻڌايان، ٻين دوستن کي بہ اطلاع ڪريو." آئون هن کي ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيس. شام تائين آفتاب، تلڪ چاڙهيءَ تي ڪاليج جي ٻاهران ئي پنهنجي خانداني قبرستان ۾ غروب ٿي ويو.

ڪپڙا پراڻا ٿين، ڦاٽي بہ پون تہ نوان وٺيو ڇڏيون بلڪ گهر بہ پراڻا ٿين تہ مرمت ڪرائي نوان ڪريو ڇڏيون يا نوان گهر وٺيو ڇڏيون. دوس ن ائين گم ٿي وڃن تہ ڇا ڪريون، اهو وکر بازار ۾ تہ ملي ڪو نہ ٿو. هاڻي تہ تلڪ چاڙهيءَ تي وڃڻ کي سال ٿي ويو آهي، پڪ اجا بہ آفتاب جي ٽهڪن جا آواز هت، هُت ضرور فضا ۾ موجود هوندا.

—

مسئلو اهو هوندو آهي جنهن جو ڪو نہ ڪو حل هجي. ڀلي تہ ڪيڏو ڏکيو ۽ سخت حل هجي پر هجي ضرور. جڏهن تہ جنهن مسئلي جو ڪو حل نہ هوندو آهي يا جنهن کي منهن نہ ڏئي سگهبو آهي تہ ان کي تقدير جو لکيو چئبو آهي. ان تي راضي رهڻ ئي بهتر سمجهيو ويندو آهي، ليڪن هڪ ڳالهہ کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. هر مسئلي جو ڪو نہ ڪو حل ضرور آهي ۽ هر مرض جي دوا. قدرت جي قانون موجب هر عمل جو هڪ ردعمل ضرور هوندو آهي تيئن معلومات ۽ سائنس جي ترقيءَ سان ڪيترين اهڙين موتمار بيمارين کي بہ جڙي ٻوٽين ۽ قدرتي اجزا سان قبضي ۾ آندو ويو آهي، جن کي اڳ موت جي پڪي نشاني سمجهيو ويندو هو. پليگ، ماتا، نمونيا ۽ ٽائفائڊ مليريا جو ئي مثال وٺو. جنهن ملڪ يا شهر ۾ پير پاتائون شهر خالي ڪري ڇڏيائون. يورپ ۾ ڪاري پليگ قيامت آڻي ڇڏي تہ ان ئي پليگ سنڌ ۾ ڪئين گهر اجاڙي ڇڏيا. خود هالن پراڻن ۾ ڪنهن وقت هڪ هڪ گهر مان ڪيترائي جنازا هڪ وقت نڪتا. منهنجي ڏاڏي بہ ويني ويني ان جو شڪار ٿي وئي. نمونيا بہ آئي ماٺهو ڪٽي وئي، منهنجو ڏاڏو قاضي عبدالقوي بہ ويني ويني ان جو شڪار ٿي ويو. جيڪو صرف ٿڌي پاڻيءَ سان وهنجڻ ڪري ڪلاڪن ۾ گذاري ويو. نہ ڪا هئي پنسلين ۽ نہ ڪا اينٽي بايوٽڪ.

بلڪ مليريا ۽ ٽائيفائڊ ۾ دنيا جي ڪيترن شاهي خاندانن ڪي ڀاروا اچي ويو پر هاڻي انهن جون دوائون به عام جام پيون ملن ۽ اهي به قابل علاج بيماريون ٿي ويون آهن. انسان اڃا همت نه هاري آهي، اڃا به ڪجهه موتمار بيماريون آهن، جن تي تحقيق ٿئي پئي.

—

مون پنهنجي خاندان ۾ هڪ ڳالهه ڏاڍي عجيب ڏٺي ته مون سميت منهنجي والد، وڏي ڀاءُ، ننڍن ڀائرن هميشه پنهنجن مٿن مائٽن سان دوستيون رکيون ۽ ننڍپڻ کان ئي جيڪي ڀاڙي وارا، اسڪول جا ساٿي ۽ ملڻ جلڻ وارا دوست بڻيا، تن سان سڄي عمر نباهيائون.

دادا مشتاق (منهنجو وڏو ڀاءُ) جا دوست جيڪي مون پنهنجي ننڍپڻ کان ڏٺا، اهي اڄ ڏينهن ڏينهن ڏئي ڪانپوءِ به هن سان گڏ نظر آيا. انهن ۾ منور ارباب (بئنڪ آفيسر) علي محمد ميمڻ (پي آءِ اي ۾ آفيسر)، ڏٽي بخش سومرو (واپاري)، مشتاق منگي (بابا جي هڪ ساٿي مختيارڪار شاهه محمد منگي جو پٽ) ۽ ڪراچيءَ ۾ آرام باغ وٽ آفندي بلڊنگ ۾ رهڻ واري عرصي دوران ٿيل هڪ اردو ڳالهائيندڙ دوست مسعود. اهي ئي سڄي عمر سنڌس دوست رهيا پوءِ چاهي جو دادا ڪراچيءَ مان حيدرآباد اچي سينڌوز ۾ مئنيجر ٿيو يا وري اتان وڃي اسلام آباد ۾ سيڪريٽريٽ ۾ مختلف عهدن تي رهيو يا وري واپس ڪراچيءَ ۾ اچي نيشنل سيونگس، ڪي. اي. ايس. سي اوورسيز ايمپلائمينٽ ڪارپوريشن سول ايوي ايشن ۽ ٻين ڪاتن ۾ اهم عهدن تي رهيو. جتي ڪيترن ننڍن وڏن ماڻهن سان ملاقاتون ۽ واسطا رهيس پر دوست وري به اهي ئي رهيس. جن مان منور ارباب ۽ مشتاق منگي سان گڏ ڪيترا دفعا يورپ ۽ فار ايسٽ جا چڪر به هنيائين ۽ ڪراچيءَ ۾ به مستقل هنن سان واسطو رهندو آيس. ٻئي طرف ماتتن ۾ ادا امير اختر، ادا عزيز اختر ۽ ادا حاجن (قاضي عبدالواحد) سان زندگي پر نڀائيندو آيو ۽ دوستي نه هئي جڻ هڪ ٻئي سان پيار هئن. مون کي ته اهو ڏسي حيرت ٿي ته سنڌس وڏي پٽ امتياز

جي شاديءَ ۾ مسعود. جيڪو جپان ۾ وڃي رهيو هو اهو به اتان شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ آيو.

دادا جي هنن دوستن سان منهنجون به ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون ۽ ڏاڍا دلچسپ واقعا اهڙا آهن جن جو ڪڏهن ذڪر ڪبو ليڪن بعد ۾ منصورالحق سولنگي به دادا توڙي منظور ۽ مون سان پر الطاف سان به اچي دوستي رکي ۽ چوندو آهي تہ آئون توهان جو پنجون ياءُ آهيان. هن تہ دادا جي وفات تي هڪ ويلو به اهو چئي بلڪ ضد ڪري پاڻ ڪيو تہ ڇا مشتاق صاحب منهنجو ياءُ نہ هو؟

هي دوستيون ۽ ناتا گذريل دور جي هڪ اهڙي ياد آهن، جن کي وسارڻ ممڪن ناهي. مون بابا جي دوستن مان خاص ڪري عبدالحميد خان جتوئيءَ جو ذڪر تہ اڳ ئي لکيو آهي ليڪن سائين جي ايم سيد جا اهي لفظ نہ ٿا وسرن، ”اڳ اسان دوستن وٽ وڃي ڏينهن جا ڏينهن سندن اوطاقن تي رهندا هئاسين ۽ هو به وري اسان وٽ اچي رهندا هئا ۽ ڪچهرين جا دور هلندا هئا“. هاڻ تہ ڪنهن وٽ وڃي ويهڻ تہ ٺهيو پر ڪنهن سان ملڻ جو به وقت نہ ٿو ملي.

—

سورن لتا جي پاڪستاني فلم ”صابره“ مان مون کي رتي ديري جي خوشبو ايندي آهي، جتي اها فلم مون بنا ڇت واري عالم شاهہ جي سئنيما ۾ بابا ۽ امان سان گڏ ڏٺي هئي. هڪ گهريلو سوشل فلم، جنهن کان اڳ سورن لتا ۽ نذير جي فلم ”نوڪر“ به ماڻهن جي دلين تي وڏو اثر وجهي وئي هئي ۽ ان جو گانو راج دلاري مين تو واري واري جائون.

گهر گهر پيو فوني تي وڄندو هو ۽ ريڊيو تان به نشر پيو ٿيندو هو. گهريلو عورتون هي گانو ٻڌي روئي پونديون هيون. ساڳي طرح صابره جو گانو:

رات هوگئي جوان، نغمہ بن کي ڇا گئي

لب پر دل کي داستان

جيڪو هڪ دوگانو آهي، ڏاڍو مشهور ٿيو. هن فلم جي ڪهاڻي هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي آهي، جيڪا گهر جي وڏي آهي، وڏي ياءُ جي زال آهي ۽ پئسن ڏوڪڙن ۾ خوشحال آهي ليڪن هڪ بار جي سالگرهہ ۾ هن جو مڙس ڏاڪڻ تان ڪري مري ٿو وڃي ۽ اها عورت جيڪا وڏي ياپي جي صورت ۾ گهر تي حڪمراني ٿي ڪري. تنهن جي زندگي ڏکن جو شڪار ٿي وڃي ٿي. پنهنجا پرايا ٿي ٿا وڃن. هندستان ۽ پاڪستان جي سوشل فلمن ۾ هن جهڙي سبق آموز فلم ڪا ورلي هوندي.

—

پي ٽي وي جو دور آيو تہ ريڊيو اسٽيشن اباڻڪا ٿي ويا. ماڻهن جي ريڊيو ڊرامن مان دلچسپي گهٽ ٿي وئي. موسيقيءَ جي پروگرامن جو صرف ڀهراڙين ۾ وڃي شوق بچيو. خود مون بہ ريڊيو لاءِ لکڻ گهٽائي ڇڏيو. مون کي ياد آهي جڏهن ٽي وي پروڊيوسرن جي لاءِ انٽرويو ٿي رهيا هئا تہ ڪريم بلوچ انهن ۾ شريڪ ٿيو ۽ چون ٿا تہ هڪ بااثر شخصيت جي چوڻ ڪري هن کي اها نوڪري ملي هئي ليڪن مون کي اهو بہ ياد آهي تہ جنهن ڏينهن هن جو ڪراچي ۾ انٽرويو هو اها سڄي رات هن ڪراچي هوٽل جي هڪ ورانڊي ۾ مون کان ڊراما جي تاريخ جي باري ۾ ڪافي سوال پڇيا ۽ مون هن کي اسٽيج ڊراما، ون ايڪٽ پليز کان وٺي براڊ وي جي جديد ڊرامن، ٿيم، پلاٽ، ڪردارن، اسٽيج، خود ڪلامي ۽ ٽن ڪلاسيڪل ايڪاين جي باري ۾ مڪمل معلومات ڏني هئي. حالانڪ هو ريڊيو جو هڪ نهايت اعليٰ صداڪار هو ۽ ڊرامن جو بہ شوقين هو ليڪن هن ايم اي مسلم هسٽري ۾ ڪئي هئي، ڇو جو مون سان يونيورسٽي کان وٺي واسطو ۽ دوستي رهندي آئي هئس ۽ آئون سنڌي ۽ انگريزي ادب ۾ ايم اي ڪري چڪو هوس، هن جي پسند جو ڊراما ليکڪ هوس، تنهن ڪري هن مون کان اهي ڳالهيون پڇيون ۽ جڏهن ڪراچي ويو ۽ پروڊيوسر جو آرڊر وٺي آيو تہ پريس ڪلب ۾ پاڻ اچي مون کان ٻڌايائين ۽ پوءِ هر خميس تي حيدرآباد ايندو هو تہ مون کان ڊراما اسڪرپٽ ضرور وٺي ويندو هو پر جي پاڻ نہ ايندو هو تہ منهنجي ماسات

ممتاز مرزا هتان اسڪرپٽ گهران گهرائي ونندو هو. هو منهنجي اهڙن دوستن مان هو جن کي وساري نـ ٿو سگهجي مون کي ياد آهي تـ جڏهن آئون ۾ مسعود قريشي پشاور وبا هئاسين جتي هو T.V اسٽيشن جو ڊائريڪٽر هو. هو منجهند جي ماني مون کانسواءِ نـ کائيندو هو. مسعود قريشي ۾ چوندو هو تـ هن منهنجا گهڻا ئي دوست ڏٺا پر ڪريم جهڙو دل وارو دوست شايد ئي ڏٺو هجيس.

—

زندگيءَ ۾ ڪيترا نظارا ڏٺم، ڪيترا نديا وڏا سفر ڪيم، طرحين طرحين طعام کاڌم، مختلف ماڻهن سان ملاقاتون ڪيم، نوڪريون ڪيم، امتحان ڏنم، سڄي سنڌ ۽ پاڪستان جو گهڻو حصو گهمي ڏٺم، آپا عزيز ۽ آپا سڪينـ جن سان گڏ ڪوئيٽا ويس، جتي پراڻن دوستن، پير سرهندي ريڊيو جو اسٽيشن ڊائريڪٽر، چيف انجنيئر قوي صديقي، انجنيئر شريف انصاري، جن سان پڻ دوستي هئم، اتي هئا، انهن سان ڪوه چلتن ۽ ڪوه مردار جي وچ ۾ هن خوبصورت شهر ۾ هنن سان گڏ گرين هوٽل جا روسٽ ۽ جوائنٽ کاڌا، اُرڪ ۽ حنا جا سير ڪيم، سچ پچ تـ حنا ڍنڍ جو ماحول ہي ڪنهن ڍنڍ تي نظر نـ آيو جبلن جي وچ ۾ هن ڍنڍ جو حسن ڏسڻ وٽان هو اتي ئي متاثر ٿي مون 'هڻ ڪڻ' ڪهاڻي لکي هئي. ٻئي طرف سوات، پشاور، اسلام آباد، راولپنڊي، ايبٽ آباد، لاهور، ملتان ۽ ٻين ڪيترن ماڳن جا سير ڪيم. شاگردن سان گڏ تـ دوستن سان گڏ، هر سفر جو هڪ الڳ داستان آهي، جن ۾ ڪيترا تـ لکي چڪو آهيان پر اجا بـ يادون ڪر پيون موڙين، الاهي ڪنهن مهل جاڳي پون!

هاڻي وري هڪ دفعو مريءَ جي مال روڊ تي پوسٽ آفيس جي ڏاڪڻ تي ويهي ڪنهن ساٿيءَ سان گڏ قلفي کائڻ تي دل چوي ٿي ۽ جهڏي جي گلين توڙي ڇاڇري جي پٽن جا چڪر هڻڻ تي دل چوي ٿي پر همت ناهي، نـ ئي حوصلو آهي بلڪ حالت اها آهي جو سال گذري ويا آهن جو حيدرآباد جي شاهي بازار ئي نـ ڏٺي اٿم، جتان ڏينهن ۾ ٻـ نـ تـ هڪ دفعو لنگهڻ ضرور ٿيندو هو. تريل مڇي، بوائل بيدا، مگن جي دال جو

حلوو ۽ مٺڪي واري قلفي جڻ تہ ياد جي دنيا جا واسي ٿي چڪا آهن. ٻيو تہ ٺهيو پر امان جي مقام تي سال ٿي ويا آهن حاضري نہ ڀري اٿم. اتي منهنجي ناني، ماسي، ماما ۽ منهنجي زندگيءَ جي ساٿي بہ ابدي ننڊ ۾ آهن پر ڪيڏو چاهڻ جي باوجود بہ اوڏانهن وڃڻ نہ ٿو ٿئي.

الهداد چنڊ جو ڳوٺ، جتي منهنجو جنم ٿيو شادي بہ ٿي ۽ وڏي عرصي تائين رهڻ بہ ٿيو اوڏانهن بہ وڃڻ ڏکيو ٿو لڳي، جڏهن تہ هاڻ موٽرون بہ آهن. وڃڻ ڏکيو بہ ڪونهي پر ڇا ڪجي؟ دنيا جي ڪاروهنوار ۾ ايترو ڦاٿل ناهيان، جيترو رهيل رشتن کي سنڀالڻ ۾ مصروف آهيان پر دل چوي ٿي تہ هڪ دفعو اتان ضرور لنگهان جتي منهنجي قدمن جا نشان، پلي تہ ميساريل هجن پر هوندا ضرور البتہ هڪ ٻيو خوف بہ آهي تہ جن نظارن، رستن، جڳهن ۽ ماڻهن سان ناتو هو جي اهي هاڻ ات نہ هجن، جنهن جو گمان گهڻو آهي تہ پوءِ پنهنجي موجود ياد واري ڪيفيت تان بہ هٿ کڻڻو پوندو.

–

پي ٽي وي جي اوج جو دور هو رڳو ٽي وي اسٽيشن تي وڃڻ بہ هڪ وڏي ڳالهہ سمجهيو ويندو هو. سنڌ جا وڏا عالم ۽ اديب توڙي شاعر ۽ استاد، ڳائڻا ۽ موسيقار، اداڪار، ڪمپيئر، سياستدان، خبرون پڙهڻ وارا تہ پروگرام ڪنڊڪٽ ڪرڻ وارا. ٽي وي ڄڻ تہ چونڊ ماڻهن جو ڪو گلدستو هوندي هئي.

هت آئون هڪ اهڙي نيوز ڪاسٽر جو ذڪر تہ ڪرڻ چاهيان، جيڪو حيدرآباد جي هڪ ناليواري خاندان جو فرد آهي، رشيد هميراڻي جنهن جو ڏاڏو لعل محمد هميراڻي منهنجي ڏاڏي قاضي عبدالقوي جو گهرو دوست هو جنهن جو ڏاڏا جي 1736_37ع واري ڊائري ۾ جابجا احوال ملي ٿو. پر رشيد هميراڻي سان ملاقات ٻين حوالن کان بہ هئي ۽ جڏهن هن جي ڀاءُ حميد هميراڻي سان منهنجي نياڻي جي شادي ٿي تہ مائٽي بہ ٿي وئي.

رشيد هوندئن تہ سرڪاري نوڪري ۾ هو ليڪن اداڪاري ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوس. قد بت، رنگ روپ بہ ان لاءِ مناسب هو. تنهن ڪري هن کي رنگ محل فلم ۾ هيرو بڻجڻ جو موقعو بہ مليو. وري جو سندس مامو موسيٰ ڪليم نہ صرف فلمي شاعر هو ليڪن فلمي دنيا ۾ هن جو سڪو هلندو هو. تنهن ڪري بہ هن کي ڪئين چانس مليا ليڪن ٿي وي تان خبرون پڙهڻ نہ ڇڏيائين ۽ اها ئي سندس سڃاڻپ ٿي. هو منهنجي سوٽ آفتاب جو هم ڪلاسي بہ هو. مون سان بہ دعا سلام هوس، ليڪن اهو خوبصورت اداڪار الائجي ڪنهن جي نظر جو شڪار ٿي، هينئر تمام ڏکدائڪ زندگي گذاري رهيو آهي هو جڏهن بہ مون سان ملندو آهي تہ پيار منجهان ڇنبڙي ويندو آهي وڏي ڳالهہ تہ منهنجي يادگيرين جا ڪتاب تمام شوق سان پڙهندو آهي.

—

خادم وطن اخبار ۾ ڪم ڪرڻ دوران منهنجو واسطو هڪ خوش پوش ۽ خوبصورت نوجوان سان پيو هو. جيڪو نصرپور جو رهواسي هو ليڪن خادم وطن سان واسطي ۾ هو ۽ نوڪري ڪراچي جي صدر اسٽيشن پرسان مونا ليزا هوٽل ۾ ڪندو هو. جتان جڏهن هو واپس حيدرآباد وريو ۽ 'خادم وطن' اخبار جي سرڪيوليشن سائيڊ سان اچي لڳو تہ ان هوٽل جا اشتهار باقاعده خادم وطن کي ڏياريندو هو ۽ ان وقت هن هڪ انقلابي قسم جو ڪتاب، "خدا، انسان ۽ جانور" لکيو جيڪو شايع بہ ٿيو اهو دور هو جڏهن منهنجو ترجمو ڪيل ڪتاب زوال بہ شايع ٿيو هو ۽ ٿورو اڳتي هلي رسول بخش پليجي صاحب جو مشهور ڪتاب "انڌا اونڌا ويڄ" بہ خادم وطن مان ئي ڇپجي شايع ٿيو هو.

هي نوجوان جنهن جو نالو يوسف شاهين هو. نهايت مانيٽو پر جفاڪش انسان نڪتو. هن جي دوستي مون سان توڙي شمشيرالحيدري ۽ ٻين اديبن سان بہ هئي، جيڪا نڀائيندو پيو اچي، اخباري دنيا سان واسطو قائم ڪندو پيو اچي. هفتيوار برسات کي نهايت عمدگيءَ سان هلايائين. هڪ وقت تہ شيخ اياز صاحب کي بہ مصروف رکيائين. هوٽل

روما شبانہ جي مئنيجري واري دور ۾ جڏهن آئون پنهنجي پريس تي پيپل چاپي ڪانپوءِ بابا سميت روپوش تي ڪراچيءَ جي ڪوئنس روڊ تي ظهور انصاري جي انقلابي ياءَ غفار انصاري انجنيئر وٽ بيريڪس ۾ رهيل هوس تہ ڪڏهن ڪڏهن شام جو شمشير سان روما شبانہ ۾ وڃي ٽورو رقص جو مزو بہ وٺبو هو جتي يوسف شاهين اسان کي هڪ مخصوص ميز يعني (F) تي ويهاريندو هو ۽ اسين اتي جي رنگينين ۾ پنهنجي درد جون ڪجهہ گهڙيون آرام سان گذاري ايندا هئاسين.

يوسف شاهين پوءِ بزنس ۽ انڊسٽري ۾ وڃي پير کوڙيا. هن جي سپر هاءِ وي تي هوٽل ڏاڍي مشهور تي، جنهن کان اڳ هن اتي هڪ جهوپڙا هوٽل کولي هئي جتي جو هڪ ڪم ڪندڙ ڇوڪرو ڪنهن بس جي زد ۾ اچي جان وڃائي ويٺو تہ ان جي ياد ۾ ان هوٽل جو نالو عبدالله رکي ڇڏيائين ليڪن آهستي آهستي هن هوٽل مان هٿ ڪڍيو ۽ سياست ۾ پير داخل ڪيائين جنهن ڪري قيد و بند جون صعوبتون بہ ڏٺائين ان دوران هن لکڻ جو ڪم نہ ڇڏيو ۽ دوستن سان واسطو بہ رکندو آيو. ايتري قدر جو موبائل جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ فيس بڪ تي بہ منهن ڏيکاريندو رهيو.

هاڻ تازو هن جو موبائل تي منهنجي هڪ ٻئي دلبر دوست شيخ عزيز سان گڏ فوٽو ڏسي دل تان ڄڻ ڪو غبار لهي ويو. حالانڪہ عمر ٻنهي کي پنهنجي چنبي ۾ آٽي ڇڏيو آهي، تڏهن بہ گڏ خوش پيا نظر اچن.

شيخ عزيز کي يوسف شاهين سان گڏ ڏسي ائين لڳم ڄڻ بوتل ۽ شراب گڏوگڏ بيٺا هجن. عزيز سان ملئي بہ وقت ٿيو آهي، هن سان گهڻو ڪري ڏينهن جو اخبار ۾ تہ شام جي پريس ڪلب يا ايڊون بار ۾ زبردست ڪچهريون هلنديون هيون. آخري ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ جي عمارت ۾ ملاقات ٿي هئي، جتي هو وائيس چيئرمن مقرر ٿيو هو. هن مون کي پنهنجا ڪافي ڪتاب بہ ڏنا. هن کي ناني جو ڪو شوق ڪونهي تنهن ڪري ڪيترا پڙهندڙ هن جي موسيقي، شاعري ۽ مصوري توڙي سياست تي ڪتاب نہ پڙهي سگهيا آهن بهرحال دل کي اطمينان آهي تہ هو ٻئي يار

اجا گڏ آهن. شال وڏو عرصو گڏ رهن ۽ خوش رهن. ڪيڏو نه مزيدار وقت هو. جڏهن دل ۾ اُمنگون پيون پاسا ورائينديون هيون. زندگيءَ جي سفر جا ٽيڪ آف وارا ڏينهن هئا. فضائن ۾ اڏامڻ جو شوق هو هوائن ۾ اڏرندڙ پکين کي جهٽڻ جا شوق هئا ۽ پاڻ به بنا ڏور لغڙن وانگر پيا هِتان کان هُتي هتان کان هٽ ٽيندا هئاسين. نه ڏينهن جو فڪر نه رات جو خوف. نه ٿڪ نه بيزاري. دوست ئي دوست. ملاقاتون ئي ملاقاتون. فلمون ۽ هوٽلون. ڪاليجون ۽ لائبريريون. جتي وڃبو هو اتي پنڌ ئي پنڌ شهر گهمي ونبا هئا. مون کي ته ياد نه ٿو پوي ته مون ڪا هرويرو تانگي يا رڪشا. ٽئڪسيءَ جي سواري ڪئي هجي. منهنجا دوست به مون سان پنڌ ئي پنڌ صبح مان شام ۽ شام مان رات ڪندا رهندا هئا. حيدرآباد يا هالا ته نهيو پر ڪراچيءَ ۾ به سجو بندر روڊ. وري ميري ويدر ٽاور کان ڦري ڪوئنس روڊ کان پي آءِ ڊي سي جي مشهور پان جو ذائقو چکي واپس صدر پهچبو هو. پنڌ ئي پنڌ. ڪڏهن شمشير گڏ هوندو هو ته ڪڏهن ناڪر شرما ۽ اقبال جتوئي ته ڪي بيا دوست. وري ڪڏهن حبيب پلازه ۾ تاج بلوچ سان ملي ۽ سراج جهڙن ڪامورن اديبن جا درشن ڪري. ميڪلوڊ روڊ تان ٽيندا وڏيون وڏيون عمارتون ڏسندا. ڪراچي جي دل لياڻيندڙ هوائن سان دل ناريندا. برنس روڊ کان ٽيندا وري ريگل واري چوڪ کان ڦرندا پنهنجو بچپن واري گهر ”ڪارونيشن بلڊنگ“ کي سلام ڪندا. صدر جي فريڊرڪ ڪيفي ٽيريا جي ٻاهران فٽ پاٿي دڪانن تي اوڪڙو ويهي ڪتاب ڏسڻ جو مزو ونبو هو. جتي ڪتاب پٽ تي يتيم ٻارن جيان پکڙيا پيا هوندا هئا ۽ هنن کي ونڻ وارا به جام هوندا هئا ۽ پنڌ جو ٿڪ به اوڪڙو ويهڻ جي ڪري لهندو هو. پوءِ وري ايلفي ۽ بوري بازار جا اڻ ڪٿ چڪر. اهڙي طرح لياري ۽ چاڪيواڙي کي به نه ڇڏيوسين. ٻئي طرف ڪلفٽن تي به وڃي پهچبو هو. هڪ دفعي ته صدر مان ريڪس سئنيما مان فلم ڏسي مرحوم مشتاق قريشي (چاچا حمزي خان جج جو پٽ) سان گڏ پنڌ ئي پنڌ ڊرگ روڊ تان (هاڻ شاهراه فيصل) سنڌي مسلم ۾ وڃي پهتا هئاسين. جتان وري آئون اجان به اڳتي پنڌ ڪندو طارق روڊ

لتاڙبندو شرف آباد پنهنجي ياءُ جي گهر ويو هوس. جو دادا مشتاق جنهن وقت اوورسيز ايمپلائمينٽ جو ڊائريڪٽر هو تہ هو تي وي اسٽيشن پرسان شرف آباد ۾ مسواڙي گهر ۾ رهندو هو.

هڪ دفعو تہ ڏاڍو مزو آيو جڏهن اسين حيدرآباد مان جوهر حسين جي مجبور ڪرڻ تي يوم باب الاسلام جي تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ، ڪراچيءَ ۾ لياقت ميموريل لائبريري آيا هئاسين. جتان فنڪشن جي پوريت کان پڄي آئون پنهنجي هڪ شاگرد کي ساڻ ڪري پنڌ ئي پنڌ سنڌي مسلم ۾ پنهنجي پيڻ جي گهر ويو هو ۽ واپسي تي هن جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. هر هر چوي تہ سائين هاڻ تہ ڪا رڪشا ڪريو متان دير ٿي وڃي ۽ بس نہ نڪري وڃي پر آئون ان کي تاريندو آيس ۽ پنڌ ئي پنڌ لياقت ميموريل لائبريري وٽي آيوسانس، جتي اڄا مقرر پنهنجي ڪم سان لڳا پيا هئا. هن پنڌ جو هڪ فائدو اهو ٿيو تہ اهو شخص پوءِ زندگي پر منهنجو مخالف ٿي ويو. ساڳي طرح لنڊن شهر ۾ سينٽ ٿامس اسپتال، جيڪا ٿيمز جي ٻئي پاسي واٽر لو تي آهي، اتان هلي ويسٽ منسٽر برج ڪراس ڪري، جيمز پارڪ، بڪنگهم پيلس کان آڪسفورڊ اسٽريٽ تان هلندو ڪائيندو پيئندو اڪيلو ئي اڪيلو پيڊنگٽن اسٽيشن تان ٿيندو بشپ گيٽ برج وٽ ماربل آرچ تي آرسيٽ ٽيريس ۾ پنهنجي فليٽ تائين بہ پنڌ پهتس تہ بئنڪاڪ ۾ بہ ڪائو بوائي لين (جت نائٽ ڪلب آهن) کان وٺي اندرا ۽ ڊيمرو شاپنگ مال تائين سڄو سُخم وِٽ روڊ پنڌ گهمندو رهيس.

حيدرآباد ۾ منهنجا دوست، جن ۾ خاص طور جوهر حسين شامل هو مون کي ڏسي گهبرائجي ويندو هو تہ هاڻ پڪ پنڌ ئي پنڌ ڪيس پنهنجي هوٽل تائين هلڻو پوندو. چو جو هن جي آفيس پاڪستان نيشنل سينٽر، تلڪ چاڙهي تي هئي. جڏهن تہ رهندو اسان جي پاڙي الهداد چنڊ جي ڳوٺ ۾ شيزان هوٽل ۾ هو. جتي مون هن کي تمام گهٽ پئسن تي هڪ وڏو ڪمرو وٺي ڏنو هو. اهو بہ ان ڪري جو ان هوٽل جا مالڪ اسان جي ڳوٺ هالا پراڻا جا ميمڻ هئا. اها هوٽل عبدالعزيز نالي هڪ ميمڻ جي

هئي ۽ هن جي مرڻ پڇاڙان هن جا پٽ قيوم ميمڻ ۽ بيا ان کي هلائيندا هئا. اسان جو تہ لحاظ ڪندا هئا پر خاص خيال ماما احمد جو ڪندا هئا، جيڪو هنن سان پتي راند جو ساٿي هو پر جوهر حسين کي اهي پنڌ ڪرڻا ئي پوندا هئا. هڪ همراهہ جو قد ڏگهو بيو بت جو پريل هوٽل پهچي پهرين تہ پلنگ تي ڪري ٽنڌا ساهہ پريندو هو پر ساٿ ڏيندو رهيو.

اهڙي طرح پنڌ ئي پنڌ جڏهن اونهاري جي ٽاڪ منجهند جو مئٽني شو ۾، مئجسٽڪ سئنيما ۾ فلم ڏسڻ ويجبو هو تہ حال کان بي حال ٿي ويجبو هو. قلعي جي پٽ کان وٺي راهہ ۾ ايندڙ هر پٽ جو پاڇو وٺبو هو جيڪا وات تي ايندي هئي پوءِ صدر ۾ پهچي ڪيفي مهربان ۾ چانهہ پي، ساهي پٽي وجي سئنيما ۾ پهچبو هو.

هونئن بہ حيدرآباد ۾ منهنجي نظر ۾ وڏي ۾ وڏو پنڌ الهداد چنڊ جي ڳوٺ کان صحافي ڪالونيءَ جو هو. جيڪو مون سالن جا سال بنا ڪنهن وقفي جي ڪيو ۽ ڪڏهن بہ ڪو نہ ٿڪس، جڏهن تہ اتان واپس اچي هير آباد مان مسعود قريشيءَ کي گڏ وٺي سلاوٽ پاڙي،خواجہ جماعت خانو مارڪيٽ، تلڪ چاڙهي ۽ لجپت روڊ کان پريس ڪلب تائين اچڻ ۽ رات جو دير سان اتان پنڌ ئي پنڌ لجپت روڊ، چوٽڪي گهٽي چاڙهي، شاهي بازار مان فقير جي پڙ کان چاڙهي لهي گهر ويندو هوس. اهو عمل تہ ڪڏهن ڏينهن ۾ بہ پيرا بہ ٿيندو هو. واپسيءَ ۾ جڏهن ريڊيو اسٽيشن تان موٽبو هو تہ گهڻو ڪري مراد علي مرزا بہ گڏ هوندو هو. جڪو وري فقير جي پڙ کان لهي قليلي واري پاسي ڏانهن ٽنڊي آغا هليو ويندو هو. انهن پنڌن جو هڪ دلچسپ پهلو اهو هو تہ رستي هلندي لجپت روڊ تان اونهاري ۾ پڙي ۾ قاروان وٺي کائبو هلبو هو ۽ سياري ۾ "نيزن" جي پڙي يا بوهي چڻا (جنهن کي اردوءَ جي اثر کان هاڻ مونگ قلي چون) پڙي ۾ وٺي يا ڳڙ جي گجڪ وٺي کائبو هلبو هو. هلندي قرندي ڪمند جو رس يا پوٽيا چانهہ جو ڪوپ بہ پي ڇڏبو هو تہ فٽ پاٿ تي رکيل ڊائجيسٽ بہ پڙهي يا هٿ ۾ کڻي اکين جي اڄ اڄهائي سگهبي هئي، هر وقت اکيون. ڪن ۽ وات مصروف هوندا هئا. جڏهن تہ پنڌ ڇڏي، رڪشا ٽيڪسي يا هاڻ

پنھنجي سواري هجڻ ڪري رڳو هڪ اهو هو. ڏسي سگهجي ٿو جتان چڙهجي ٿو يا وري جتي وڃي لهجي ٿو. واٽ وارا مزا هاڻ ڪڏهن ڪڏهن ڪلب مان پنڌ ڪري پير ۾ ٿي بورين جي پاڙي ۾ بينل چڙهن. گولي گپن ۽ حليم جي دڪان تي ويهي ڪائي اڳوٽي دور جي ڏاتڻي ڪي ياد ڪجي ٿو باقي هوٽلون، جيڪي اسان جو باقاعده "Stop" هونديون هيون يا سئنيمائون. اهي ته هڪ وڏي سماجي زلزلي ۾ غرق ٿي چڪا آهن.

60 ۽ 70 جي ڏهاڪن ۾ جڏهن مون ادبي دنيا ۾ پير پاتو. تڏهن ڪو افسانو مضمون يا شعر جي ڪڏهن ڪنهن رسالي يا اخبار ۾ شايع ٿي ويندو هو ته جڻ ڪو وڏو ڪارنامو ٿي ويندو هو. سڀ اديب ۽ شاعر هڪ ٻئي جي لکڻين جي ڇپجڻ تي مبارڪون ڏيندا هئا ۽ جي دل ئي دل ۾ ڪو حسد يا ساڙ ٿيندو هون ته اهو لڪائي ڇڏيندا هئا. سنڌيءَ ۾ رسالا به ڪي گهڻا ڪونه ٿي نڪتا مهراڻ ۽ نئين زندگي ۽ ان ڪان اڳ فردوس ۽ فلمي دنيا، پوءِ سهڻي، روح رهاڻ ۽ بادل ۽ ڪي موسمي رسالا جن جا به چار يا اٺ ڏهه پرچا نڪتا تي ۽ وري بند ٿي ويا. جيئن نئون نياپو، آرسي، ڪلاڪار عبرت جا ڪتابي سلسلا، ان سان گڏوگڏ ڏيپلائي صاحب جو مسلمان ۽ ٻيا رسالا جيڪي ڪافي گهڻو وقت هليا، تن ۾ ڇپجندڙ لکڻيون ڪنهن ڪي اديب طور مڃرائڻ لاءِ ڪافي هونديون هيون.

ٻئي طرف انهن رسالن جا ايڊيٽر لکڻين کي تڪي توري شايع ڪندا هئا ۽ لکڻي چڱي نه هوندي هئي ته شڪريي جي خط سان واپس ڏياري، ان کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪي صلاحون ڏئي موڪليندا هئا. ليڪن مولانا غلام محمد گرامي ۽ شمشيرالحيدري "مهراڻ"، مولانا عبدالواحد سنڌي ۽ شمشيرالحيدري (نئين زندگي)، محمد عثمان ڏيپلائي (مسلمان)، حميد سنڌي (روح رهاڻ)، طارق اشرف (سهڻي) جن لکڻين ۾ ٿوري به جوت ڏسندا هئا ته ان کي پاڻ درست ڪري شايع ڪندا هئا. جيڪو طريقو وري شاه ولي الله اڪيڊمي مان علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جن جي زير ادارت نڪرندڙ رسالن 'الولي' ۽ 'الرحيم' ۾ به هوندو هو انهن علمي

مواد کي علامہ صاحب محنت ڪري ان کي ڇپجڻ جي قابل بنائي شايع ڪندو هو.

رسالا تہ هڪ طرف پر ان دور ۾ ڪاليجن مان نڪرندڙ مخزن بہ پنهنجو معيار اوچو رکندا هئا. گورنمينٽ ڪاليج ڦليلي توڙي سچل سائنس ۽ آرٽس ڪاليج جا مئگزين مسلم ڪاليج ۽ سٽي آرٽس ڪاليج جا مئگزين بہ وڏي نالي وارا هوندا هئا. هڪ طرف "ڦليلي" ۾ ان وقت تمام وڏن عالمن استادن ۽ لائق شاگردن جا مضمون توڙي افسانا ۽ شعر شايع ٿيندا هئا تہ ٻئي طرف سچل آرٽس ڪاليج بہ ڪيترن اديبن ڊراما نگارن ۽ شاگردن کي متعارف ڪرايو. منهنجا، عبدالحق عالماڻي ۽ عبدالحق ابڙي جا افسانا، مضمون ۽ ڊراما بہ هن ئي ڪاليج جي مئگزين ۾ سڀ کان پهرين شايع ٿيا ۽ پوءِ وري اخبارن، خادم وطن ۽ هلال پاڪستان ۽ عبرت جي ادبي صفحن کان ٿيندا نئين زندگي، مهراڻ، روح رهاڻ ۽ سهڻي تائين پهتا.

هنن رسالن جو هڪ فائدو اهو هوندو هو تہ جيڪڏهن ڪا لکڻي هلڪي هوندي هئي تہ ايڊيٽر محنت ڪري ان کي وڻائتو بنائيندو هو پر جي صفا ناڪاره هوندي هئي تہ پوءِ لکت ۾ ان کي بهتر بنائڻ جون صلاحون ڏئي ليکڪ کي واپس ڪيون وينديون هيون. ڪڏهن بہ اهو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو تہ جيڪڏهن ڪو اديب پئسي وارو، اثر وارو يا سرڪاري ڪاتي سان واسطو رکندڙ هجي تہ ڪو ان سان امتيازي سلوڪ رکيو وڃي، جيئن پوءِ اها هڪ عام رسم ٿي، جنهن مان وري ڪتابن جي مهورت يعني رونمائيءَ جو رواج وڌيو. جنهن جو عام تاثر اهو وڃي رهيو آهي تہ بجاءِ ڪنهن لکڻيءَ تي تنقيد ڪرڻ جي صرف اُن جي تعريف ئي ڪئي وڃي. تنهن ڪري سنن ڪتابن جي نہ اچڻ ڪري، ڪتابن جو وڪرو گهٽجي ويو پر مهورت ڪرائڻ جي شوق ۾ جنهن وٽ بہ ٿورو ڪي گهڻو پئسو آيو تنهن ڪتاب ڇپائي ڇڏيو. ان کان اڳ جن چند ڪتابن جا مهورت ٿيندا هئا، تن جون ڪافي ڪاپيون پهرين ڏينهن وڪجي وينديون هيون. هاڻ پهرين ڏينهن مهورت ۾ مفت ورهائجي ٿيون وڃن.

وري جو ادبي ادارن جو زوال اچي ويو آهي ۽ اديبن کي ڪا سني موٽ ڪانہ ٿي ملي تہ هاڻ جيڪو لکي ٿو اهو ڇپائي بہ پاڻ ٿو ۽ پڙهي بہ پاڻ ٿو.

—

اسان ننڍپڻ ۾ وليز جيپن ۾ ڏاڍا سفر ڪيا. عام موٽر ڪارن جي برعڪس هي جيپ کليل ڇت واري هوندي هئي ۽ ونڊ اسڪرين بہ هيٺ ڪري سگهبي هئي. دروازا بہ ڪو نہ هوندا هئس تنهن ڪري اڳوٺي سيٽ تي وهندڙ خاص ڪري وڏيرا ۽ ڪامورا ڪڏهن ڪڏهن تنگ گاڏيءَ مان ڪيڏي ٻاهر ٽهيل ننڍي اسٽينڊ تي رکي ڇڏيندا هئا. ليڪن پوءِ ٽريفڪ وڌڻ جي ڪري ڪيترا ماڻهو ٽنگون ڀڃائي ويٺا. انهن ۾ هڪ اداڪار رحمان بہ هو. هو بنگالي سان گڏ اردو فلمن ۾ بہ ڪم ڪندو هو ۽ هڪ دفعي ڍاڪا ۾ رانگاماٽي جبل جي روڊ تي جيئن هڪ ٽنگ ٻاهر ڪيڏي لڏ پئي ڏيکاريائين تيئن هڪ تيز رفتار ٽرڪ ٽنگ ٽي ڪيڏي ويس پوءِ ڪاٽ جي ٽنگ هڻائي اداڪاري ڪندو رهيو.

اهڙي طرح بابا جي هڪ دوست مختيارڪار سان بہ اهڙو حادثو پيش آيو جڏهن تہ بابا پاڻ بہ ڪڏهن هڪ ٽنگ ٻاهر ڪيڏي اسٽينڊ تي رکندو هو ليڪن هنن حادثن ڪانپوءِ اها عادت ڇڏي ڏنائين. هي جيپون ٻي عالمي جنگ ۾ ڏاڍيون مشهور ٿيون. امريڪي نسل جي هن جيپن جي هڪ خصوصيت اها هئي تہ انهن ۾ هڪ اسپيشل گيئر بہ ٿيندو هو جنهن ڪري ڪڏن ڪوٻن مان ۽ جبلن ۽ ريگستان جي چڙهائي تي آرام سان چڙهي ويندڙيون هيون ۽ ٻيو تہ انهن کي ضرورت وقت پرزا الڳ ڪري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائي سگهبو هو. خاص ڪري اهڙن جابلو علائقن ۾ جتي ڪيترن ندين نالن تي ڪا پل ڪونہ هوندي هئي. مون ريڊرس ڊائيجسٽ ۾ هڪ تصويري مضمون ڏٺو هو تہ ڪيئن هڪ جيپ کي اڌ ڪلاڪ اندر کولي. فوجي ڪلهن تي کڻي نديءَ جي ٻئي پار پهچائي تمام جلد وري اسيمبل ڪري وٺندا هئا. ان ڪري جنگي ميدان ۾ هي تمام ڪارائتيون هونديون هيون ۽ آفيسر طبقي کي بہ جبل يا

ڪچي ۾ وڃڻ لاءِ ڪم ايندين هيون. حالانڪ جيپ ۾ سفر ڪندي ماڻهو ڏوڙ ۾ پيوت ٿي ويندو هو ۽ ڪيترا ماڻهو تہ ان ۾ سفر ڪرڻ وقت خاص قسم جا شيشا اکين تي چاڙهيندا هئا. تڏهن بہ ان جا لوڏا ۽ جهٽڪا اڌ مئو ڪري ڇڏيندا هئا. مون بابا سان ڪيترا دفعا جيپ جا سفر ڪيا هئا ليڪن بعد ۾ منهنجي دوست سليم قاضي ۽ رشيد قاضيءَ سان جيپ ۾ شهدادپور، ٽنڊوآدم ۽ حيدرآباد جا سير ڪيم بلڪ جڏهن ڏين ٽيس تہ مون کي بہ جيپ ملي. جنهن ۾ خيرپور ۽ سکر تائين جا چڪر هنيم. اصل هڏ گڏ هڪ ٿي ويندا هئا پوءِ بيزار ٿي ٽرين ۾ وڃڻ لڳس، ليڪن موجوده جيپون وري بہ آرامده ۽ ڇت توڙي دروازون واريون هيون. پوٺوهار جيپ ۽ وليز ۾ وڏو فرق آهي.

ڪنهن وقت وڏيرا، هن سواري کي پسند ڪندا هئا. بهترين ڪارون هوندي بہ جيستائين جيپ نہ هوندي هئن تہ اڌورا لڳندا هئا. ان بعد وليز 52 ڏاڍي مشهور ٿي جيئن پارڪر 52 پين جو وڏو نالو هوندو هو تيئن وليز 52 جو بہ وڏو نالو هو. حالانڪ اسٽيشن ويگن ۾ گيئر جيپ وارو ڪم ڪندا هئا پر اهي آرام واريون هونديون هيون. مخدوم طالب المولي جن وٽ بہ هڪ سائي رنگ جي ويگن هئي تہ چاچا عنايت علي خان وٽ ۾ سائي اسٽيشن ويگن هئي. اهي ويگنون ان وقت جون پيجارو گاڏيون هيون پر وليز ڪير سڏائي، اڄ هڪ ويلز جيپ بهترين حالت ۾ قاسم آباد جي مشهور مڪينڪ ياءُ بلا (علي محمد بلوچ) وٽ بيٺي آهي، جيڪا هن جي والد مستري محمد اسماعيل سائين جي ايم سيد کان ورتي هئي. هو جيپ کي اڃا بهترين ۽ اصلوڪي حالت ۾ رکيو پيو هلائي پر اهو ان ڪري جو هو پاڻ مڪينڪ آهي. هن جيپ مان بيا ڪم پيو وٺندو آهي جي ڪٿي ڪا گاڏي خراب ٿيندي آهي تہ هن جيپ سان ٻڌي ڪٺي ايندو آهي باقي پاڻ رڳو صبح جو گهران اچڻ مهل ۽ رات جو گهر وڃڻ مهل ان ۾ چڙهندو آهي ورنہ شايد سڄي ڏينهن جي ڪمائيءَ مان بہ ان جي پيٽرول جو پورائو نہ ڪري سگهي.

تيهارو سال اڳ منهنجو هڪ دوست گل (غلام مصطفيٰ ميمڻ) ٽنڊي محمد خان مان جيپ کڻي ايندو هو. ڏاڍا چڪر هڻندا هئاسين. ڪليل جيپ جو اهو مزو به ته آهي ته چوڌاري سڀ ڪجهه ڏسي سگهجي ٿو. اسپيڊ بيشڪ گهٽ هئس پر ان ۾ چڙهندي ننڍپڻ جا ڪئين واقعا ياد اچي ويندا هئا جڏهن بابا سان ڪنهن زمين جي گشت تي يا ڪنهن ڏوهه جي سرزمين تي چڙهي وڃبو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن آئون ضد ڪري ڊرائيور کان اسٽيئرنگ وٺندو هوس. هڪ دفعي ته هڪ ڪامي ۾ ڪرندي ڪرندي بچياسين. منهنجو وڏو مامو جيڪو جي ايس تي ۾ ڊرائيور هو. اهو به هڪ دفعي اسان جي پاڙي جي هڪ انجنيئر نور الدين شيخ سان جيپ ڪاهي آيو هو. هو سيوهڻ جي پاسي آبپاشيءَ ۾ انجنيئر هو. ماما کي جيپ جي سواري هلائڻ سولي لڳندي هئي. چوندو هو ته ڏاڍي طاقتور سواري آهي. ڪهڙي به ڪڏي ۾ لاهي ڇڏيوس. اسپيشل گيئر هڻو ته چار ئي ڦيٿا ڪم ڪندس. اڄڪلهه ته پيجارو پراڊو جيپون نڪتيون آهن جن جي قيمت ٻڌي وڃڻ تان ارواح ڪڄيو وڃي باقي وليز ڪٿي ڪٿي پراڻي وقت جي يادن وانگر هلنديون يا بيٺل نظر اينديون آهن.

--

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نوڪريءَ دوران ڪيترن ئي وائيس چانسلرن جا دور ڏٺم. پڙهائيءَ دوران ڊاڪٽر رضي الدين صديقي، حسن علي عبدالرحمان محمد صالح قريشي کي فنڪشنن ۾ ڏسبو هو يا ڪانووڪيشن جي وقت نظر ايندا هئا ليڪن شاگرد جي حيثيت سان ڪنهن سان به ميل ملاقات نه هئي بلڪ ان دور ۾ ته رجسٽرار کي به ايندو ڏسي شاگرد ته شاگرد، استاد به ڪلاس رومز ۾ گهڙي ڪتاب هٿ ۾ کڻي ويهندا هئا. ٻئي طرف شعبن جا هيڊ (جيڪي بعد ۾ چيئرمين ٿي واري وٽي سان به ڪرسيءَ تي ويهڻ لڳا) جن کي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ چيو ويندو هو انهن سان ڪو ٽڪر ڪري ڪا هلڪي ڳالهه ڪونه ڪندو هو. ڊين ته اڃا به اڳيرا هئا.

اولڊ ڪئمپس ۾ وائيس چانسلر جي آفيس هوندي هئي، جيڪا علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي دور ۾ قائم ٿي. اها بلڊنگ جي ڇيڙي تي هڪ گول ورانڊي واري ڪمري ۾ هوندي هئي. چون ٿا ته علامه صاحب ان ۾ فرش تي تڏو وڇارايو هو. ان ڪري جو هو فضول خرچي ڪرڻ يا سرڪاري پئسي جو ناجائز استعمال ڪرڻ کي گناهه سمجهندو هو. تنهن ڪري اچڻ وڃڻ لاءِ به هڪ وڪٽوريا گاڏي پاڙي تي رکي ڇڏي هئائين.

بهرحال مون سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي وائيس چانسلريءَ ۾ سنڌي شعبو جوائن ڪيو. جنهن جو آئون احوال اڳ ۾ ئي ڪري چڪو آهيان ان ڪانپوءِ مظهرالحق صديقي صاحب سان منهنجي غيرملاقاتي واقفيت گهڻي پراڻي هئي، جڏهن آئون اجان اسڪول ۾ پڙهندو هوس ۽ گاڏي کاتي ۾ مرزان عبدالرحمان جن وٽ اچڻ وڃڻ جي ڪري اتي ئي سندس ڀاءُ جهانگير صديقيءَ سان واقفيت ۽ دوستي ٿي جيڪي مٺن روڊ تي بلڊنگ ۾ رهندا هئا. هيٺ ڪنڊ واري دڪان ۾ قاضي عبدالجليل وڪيل جي آفيس هئي ۽ بابا سان گڏ آئون اتي به ايندو هوس، هاڻ اتي ڪلو پڪوڙائيءَ جو دڪان آهي ليڪن مظهر صاحب کي ڏٺم ڏاڍو دير سان جڏهن هو سنڌ سرڪار ۾ ڪجهه وقت لاءِ تعليم جو سيڪريٽري ٿيو ۽ اسان جوهر حسين جي پاڪستان نيشنل سينٽر ۾ جشن لطيف تي هن کان صدارت ڪرائي هئي.

مظهر صاحب کي هڪ دفعو شايد مون حبيب پلازه ۾ سراج ميمڻ سان گڏ 1963ع ۾ ان وقت ڏٺو هو جڏهن آءٌ ۽ شمشيرالحيدري سنڌي شعبي جي مئگزين 'سوکڙيءَ' لاءِ اشتهار وٺڻ لاءِ سراج وٽ ويا هئاسون. هي ٻئي ڄڻا قدآور نهايت سهڻي نقش نگار وارا شخص اٿي بيهي اسان سان مليا هئا. سراج کي ته ادبي لحاظ کان سڃاڻندو هوس مون ڏٺو ته سراج شمشيرالحيدري جي تمام گهڻي عزت پئي ڪئي. اشتهار ته ڪونه ڏيارپائين باقي مسڪرائي ضرور مليو اتان اسين هيٺين منزل تي تاج بلوچ جي آفيس ويا هئاسين. ٽريزري ۾ ڪم ڪندو هو. هن اسان کي بلڊنگ کان ٻاهر نڪري لسي به پياري هئي ۽ ڪچهري به ڪئي هئائين.

ڳالهه سائين مظهرالحق جي ٿي هلي، هو پنهنجي قد بت، مرڪندڙ چهري ۽ خوبصورت لباس جي ڪري هميشه ٻين کان نمايان نظر ايندو هو. ان ملاقات کانپوءِ هن جي شادي به جلدي ٿي وئي، اها به سنڌ يونيورسٽي جي رليجن ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندڙ هڪ بيحد حسين ڇوڪريءَ سان جيڪا اڳتي هلي منهنجي لاءِ آپا اختر بڻجي وئي ۽ مون سان پيڻ واروئي پيار ڪندي آهي. خاص ڪري سنڌ يونيورسٽي ۾ اچڻ کانپوءِ مظهر صاحب جو روبو نهايت دلپذير بڻجي ريو. هو آفيس ۾ گهٽي ۾ گهٽو وقت ويهندو هو ۽ ڪڏهن به ڪو فائيل هن جي ميز تي هڪ ڏينهن کان وڌيڪ نه رهيو. جنهن جو مون کي ڪافي دفعا تجربو ٿيو. اها منهنجي پسنديده ڳالهه هئي ڇو جو منهنجو والد توڙي منهنجو وڏو ڀاءُ به ڪڏهن ڪو ڪاغذ اڪلائڻ ۾ ضرورت کان وڌيڪ وقت نه وٺندا هئا. اها ئي عادت مون ۾ به آهي ته منهنجي ننڍي ڀاءُ منظور ۾ به. هاڻ ته منهنجو پٽ عامر، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪندو آهي ان کي به ڏسندو آهيان ته فائيل گهر کڻي ايندو آهي ۽ رات تائين ڪم ڪندو رهندو آهي.

مظهر صاحب جي هڪ وڏي خوبي اها آهي ته هو شادي جي دعوت يا ڪنهن علمي ۽ ادبي محفل ۾ دعوت ملڻ تي ضرور ويندو آهي، ايتري قدر جو جيترو وقت وي سي رهيو، سنڌ جون ادبي محفلون هن جي ڏاهپ ڀريل گفتگو ۽ دلچسپ انداز کانسواءِ اڌوريون لڳنديون هيون. خود منهنجي ڪيترن ڪتابن جو افتتاح به هن ڪيو جن ۾ 'دل جي دفتر مان' ۽ 'دي گلوريس پاسٽ' کان 'ياد ياد هڪ زندگي' تائين شامل آهن، ته ڪيترن جا پيش لفظ به لکيائين. ايتري قدر جو منهنجي پهرين ناول، جيڪو 1981ع ۾ شايع ٿيو هو. 'پيار ۽ سپنا' تنهن جي نئين ڇاپي جو بيڪ پيج به پاڻ لکيائين.

مظهرالحق صاحب ٻيو دفعو جڏهن وي سي ٿي آيو ته آئون ايسوسيئيٽ ڊين فيڪلٽي آف آرٽس ٿي چڪو هوس. جنهن ڪري هن سان هر ميٽنگ ۽ هر محفل ۾ ملاقاتون ٿينديون رهيون ۽ اهي ايتريون وڌيون جو هو چوندو هو ته توهان کي منهنجي گهر ۾ اچڻ ۽ هتان وڃڻ

مهل اجازت وٺڻ جي ڪا ضرورت ناهي. ان ڪري ڇا ٿيو جو آئون هر عيد تي ساٿس ملڻ ويندو هوس. مون سان گڏ منهنجو پٽ عامر ۽ پوٽو شاهه رخ به گڏ هلندا هئا، جن کي وري آپا ڏاڍو پيائيندي هئي. وري جو ڪين اها به خبر هئي ته آئون جهانگير جو دوست ۽ سلطانه جو هم ڪلاسي رهيو آهيان ته جڻ گهر جي هڪ ڀاتيءَ واري حيثيت ملڻ لڳي. هڪ ڳالهه جيڪا مظهر صاحب لڪائيندو هو اها هئي غريب پر هوشيار شاگردن جي مالي امداد. جيڪا هو پنهنجي کيسي مان ڪندو هو ۽ جڏهن اهي شاگرد سني گريڊ ۾ پاس ٿيندا هئا ته نهايت فخر سان انهن جو ذڪر ڪندو هو. هن جو دور سنڌ يونيورسٽي جو سونهري دور هو. جيڪو ڪن کي پسند نه آيو هن جي ڪانٽريڪٽ ختم ٿيندي ئي ڪيترا ماڻهو ڪلم ڪلا هن جا دشمن ٿي بيٺا. جن جو ذڪر وقت اچڻ تي ضرور ڪبو. ليڪن هن وقت به يونيورسٽيءَ جي ڪنڊ ڪنڊ تي هن جو ٺپو لڳل آهي.

نوڪري دوران محترم شيخ اياز، ڊاڪٽر آر اي شاهه، ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري، ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر محمد الياس ابڙو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر نذير مغل ۽ محترم مظهرالحق صديقي جا دور منهنجي لاءِ ڪافي اهم رهيا. انهن مان به شيخ اياز، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محترم مظهرالحق صديقي (جيڪو طويل ترين عرصو 12 سالن کان به مٿي، وقفي سان) جي وقت ۾ جڏهن آئون عهدي ۾ پررفيسر، چيئرمين سنڌي شعبو ۽ ڊين فئڪلٽي آف آرٽس رهيس، ڪم ڪرڻ جو گهڻو موقعو مليو.

حالانڪ نومبر 2005 ۾ آئون يونيورسٽي سروس مان رٽائر ٿي ويس ليڪن رٽائر ٿيندي ئي مون کي اتي قائم ٿيل علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جو اعزازي ڊائريڪٽر ۽ ايم. فل. پي ايڇ ڊي جي گائيڊ طور وزيٽنگ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. جنهن دوران وري ڪيترا دلچسپ ۽ تڪليف ده لمحا به ذهن پر اهي منهنجي يادن جو ئي هڪ حصو آهن انهن جو ذڪر به ضرور ڪبو.

—

جڏهن بہ ڪا نئين سائنسي ايجاد ٿي آهي تہ انهيءَ ماڻهن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو آهي. گونگين فلمن کي ڏسي ماڻهو حيران ٿيندا هئا تہ پڙدي تي ايڏا وڏا ماڻهو ڪيئن ٿا نظر اچن. وري جو ڳالهائيندڙ فلمون نهيون تہ وينر حيران ٿي ويا تہ هي ماڻهو ڪيئن هيڏي وڏي پڙدي تي ڳالهائي ۽ ڳائي رهيا آهن. اهڙي طرح جڏهن ريڊيو شروع ٿيو تہ اسان ٻار ڪيترن ماڻهن کي حيران ٿيندي ڏٺو تہ هن دٻي مان ماڻهو ڪيئن پيو ڳالهائي. ڳوٺ جا ماڻهو چوندا هئا تہ ڀڪ ڀنيان ڪو ماڻهو لڪو ويٺو آهي، جيڪو ڳالهائي پيو تہ ڳائي بہ پيو. اسان ٻار بہ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي ڀهرين تہ ڏاڍا حيران ٿياسين ليڪن پوءِ ڄاڻ پئي تہ اهو سڀ سائنس جو ڪمال آهي، ڪو جادو يا چشم بندي ناهي.

اهڙي طرح ٽيليفون بہ هڪ حيران ڪندڙ ايجاد هو ۽ صرف ڪن سرڪاري جڳهين تي ئي لڳل هوندو هو يا دولتمند ماڻهو، وڏيرا ۽ جاگيردار پنهنجن گهرن ۾ هڻائيندا هئا. جن ۾ وري هڪ تار ارٿ لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي تہ جي مينهوڳيءَ ۾ ڪنوڻ وغيره ان تي ڪو اثر نہ ڪري سگهي ليڪن بعد ۾ اهي بہ عام ٿي ويا ۽ تار ڪانسواءِ ڪارڊ ليس فون بہ اچي ويا ليڪن موبائل فون انهن سڀني کان گوءِ کٽي ويو. جيڪو هڪ ئي وقت فون بہ آهي، ريڊيو بہ آهي ۽ ڪيميرا ۽ اي ميل توڙي نيٽ ذريعي فلمون بہ ڏيکاري سگهي ٿو تہ فون ڪندڙ بہ هڪ ٻئي کي ڏسي سگهن ٿا. ڊڪشنريون ۽ انسائيڪلوپيڊيا بہ ان ۾ موجود آهن. تہ دنيا جي موسم جو حال بہ هر وقت ڏسي سگهجي ٿو. واقعي هڪ حيران ڪندڙ ايجاد آهي.

هڪ دفعي مون هڪ نهايت مهانگو ۽ مارڪيٽ ۾ نئون آيل موبائيل خريد ڪيو جنهن جي لاءِ پنهنجي دوست اسرار مغل کان هن جي آپريشن جا طريقا بہ سکيس، ڇو جو هو موبائيل جي ڪم جو وڏو ڄاڻو هو ۽ هر قسم جو سافٽ ويئر جن ۾ رنگ ٽون کان فلمون رڪارڊ ڪرڻ ۽ ڊائون لوڊ ڪرڻ ۾ مدد ڪندو هو.

مون کي ياد آهي تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بورڊ آف ايڊوانس اسٽڊيز ۽ ريسرچ جي ميٽنگ هئي. محترم مظهرالحق صديقي ان وقت وائيس چانسلر ۽ آئون فيڪلٽي آف آرٽس جو ڊين هئس. ميٽنگ هلي ٿي رهي هئي تہ اوچتو بانگ جو آواز آيو. ان وقت اڳين نماز جو وقت هو. ميٽنگ ۾ سڀ خاموش ٿي ويا ۽ بانگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ڪلمو پڙهي وري ڪارروائي شروع ڪيائون. آئون حيران هوس تہ اها بانگ آئي ڪٿان؟ ڇو جو مسجد آفيس کان تمام پري هئي ۽ آفيس جي اندر هڪ ننڍي مسجد اتي ئي نماز پڙهڻ لاءِ ٺهرايل هئي، جنهن جي بانگ در دريون بند. اي سي ڪمري ۾ نہ ٿي ٻڌي سگهياسين. مظهر صاحب مون ڏانهن ڏسي آهستي چيو، ”خادم حسين، هي بانگ ڪٿان آئي؟“ پوءِ مون کي ياد آيو تہ اسرار منهنجي فون ۾ هڪ سافٽ ويئر پيريو هو جنهن ۾ دنيا جي هر حصي ۾ اتي جي وقت مطابق بانگ خودبخود ايندي هئي. مون ڪنڌ ڌوڻي ”ها“ چيو ۽ موبائيل جو آواز بند ڪري ڇڏيم.

—

ڊاڪٽر غلام علي الانا، جنهن کي هر ڪو الانا صاحب ئي چوندو آهي، نہ صرف منهنجو استاد آهي بلڪ منهنجي يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻ کان اڳ شمشيرالحيدري هن جو مون سان تعارف ڪرايو هو ۽ پان ڪائڻ ۽ چانهہ پيئڻ جي حد تائين اچڻ تہ دوست هو. ان وقت هو مارڪيٽ ٿاڻي جي سامهون ننڍي ولي محمد ڏانهن ويندڙ رستي جي ڪنڊ تي هڪ گهر جي مٿئين حصي ۾ رهندو هو ۽ منهنجو شمشير سان گڏ اتي اچڻ وڃڻ ٿيندو هو جتي وري سندس گهر واري آپا شهرو منهنجي اچڻ تہ سڀي آپا ٻڌي وٺي ۽ ڏاڍي خوشيءَ سان اسان جي خاطرداري ڪندي هئي، جيڪا اڄ سوڙو هلندي ٿي اچي. الانا صاحب ان وقت لنڊن جي اسڪول آف اورينٽل اينڊ افريقن اسٽڊيز مان لسانيات (Linguistics) ۾ ايم. اي ڪري آيو هو ۽ سندس خيال هو تہ آئون سنڌي شعبي ۾ داخل ٿيان اهو قصو مون اڳ بہ بيان ڪيو آهي. ان ڪري جو بي اي آنرز جا 3 سال ۽ ايم اي فائنل جو هڪ سال الانا صاحب منهنجو استاد رهيو، نہ صرف استاد بلڪ هن هڪ

اتاليق وارو رول ادا ڪيو ۽ منهنجو هر طرح سان خيال رکڻ لڳو. ان وقت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو به اتي ليڪچرار اچي ٿيو. جيڪو ادب ۽ شاعريءَ ۾ عبدالجبار "شام" سڏائيندو هو ۽ ڪافي وقت تائين ڏاڍو قربائتو به رهيو ۽ مون سان ته ذاتي دوستي ٿي ويس. جو سچل جي ميلي توڙي مختلف سيمينارن ۾ ڪراچي، سکر، خيرپور کان لاهور ۽ اسلام آباد تائين هميشه گڏ ويندا هئاسين ۽ رهندا به گڏ هئاسين. هن سان ڪچهرين جا ڪئين دلچسپ داستان آهن جيڪي وقت سربيان ٿيندا رهندا، ليڪن هتي الانا صاحب جو ذڪر پيو هلي جيڪو جبار صاحب کي به تمام ويجهو رکندو هو ۽ جبار صاحب کي الانا صاحب سان ٻئي ڪنهن جي ويجهڙائپ نه وڻندي هئي ان جو ثبوت هن جو افسانو "خوابگاهه مان هڪ خط" آهي، لفظ لفظ مان ظاهر آهي ته هن اهو الانا صاحب لاءِ لکيو آهي.

الانا صاحب استاد ته بيشڪ هو پر بنيادي طرح هن جي اندر ۾ هڪ اعليٰ درجي جو منتظم (Administrator) موجود هو. جيڪو ان وقت نکري نروار ٿيو جڏهن هو سنڌي شعبي جو چيئرمين، آرٽس فئڪلٽي جو ڊين ۽ سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر بڻيو. جنهن مان خاص ڪري هن سنڌالاجي کي ڏاڍو زور ورتايو ۽ ڪنهن وقت اها سنڌي ادبي بورڊ کان وڌيڪ اهميت حاصل ڪري وئي. ان کي ايتري اهميت ڏيارڻ ۽ ان لاءِ ايڏي محنت ڪرڻ جو خراب اثر اهو ٿيو جو سندس علامه اقبال اوپن يونيورسٽي وڃڻ سان هتي جيڪو خال پيدا ٿيو اهو وري ڪير به پري نه سگهيو ۽ ان تي وڌيڪ لکڻ وقت ضايع ڪرڻ آهي. ايترو ضرور چوندا سين ته هڪ وقت اهڙو به آيو جو جيڪڏهن يونيورسٽي جي ڪنهن آفيسر کي سزا ڏيڻي هوندي هئي ته هن کي سنڌالاجي اماڻي ڇڏيندا هئا.

علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ کي الانا صاحب وائيس چانسيلر هجڻ واري دورن جيڪو اوج ڏياريو اهو حاسدن کي پسند نه آيو ۽ نهايت خراب انداز سان اتان ڪيس واپس اماڻيو ويو. اهو هڪ دکدائڪ داستان

آهي، ليڪن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هو جيترو به وقت وائيس چانسلر رهيو، منهنجو ساڻس پراڻو ناتو هلندو آيو ۽ آئون هن سان ويجهو رهندي هن جي ڪم ڪرڻ جي انداز کي ڏسي حيران ٿيندو هوس.

اهو ئي وقت آهي جڏهن هن سنڌ يونيورسٽي جي هڪ شعبي بيورو آف اسٽوڊنٽس گائيڊنس (STAGES) کي نئين سر جيئاريو ۽ هڪ محنتي ڪارڪن حنيف قاضيءَ کي ان جو انچارج ڊائريڪٽر بڻايو ۽ مون کي ان جو ايڊوائيزر ڪيائين حالانڪ هو مون کي ايڊوائيزر بنائڻ جي سخت خلاف هو. شايد ان لاءِ ڪو بيو نالو وٽس هو ليڪن هم نصابي سرگرمين سان منهنجي دلچسپي ۽ ايڪسٽرا ميوريل اسٽڊيز ۾ گڏ ڪم ڪرڻ جي ڪري حنيف قاضيءَ هن کي چيو ته ڪيس ايڊوائيزر اهڙو ڪپي، جيڪو صاحب نه پر ساٿي ۽ رهبر ٿي گڏ هلي. بهرحال آئون به هن شعبي ۾ شامل ٿي ويس ۽ نئين سر ان جا رولز ناهياسين، ان ڪري جو جنهن مقصد لاءِ اهو شعبو وجود ۾ آيو هو اهو ڪم هتي چڱي طرح نه پيو ڪري سگهجي. هن شعبي ۾ 15 سال ڪم ڪري مون کي جيڪو دلي سڪون ۽ اطمينان ٿيو اهو ڪڏهن پڙهائڻ مان به ڪو نه ٿيو. اسان هن شعبي ۾ شاگردن جي ذهني نشونما ۽ تربيت لاءِ جيڪي ڪم شروع ڪيا، تن ۾ سنڌي اردو ۽ انگريزي مباحثا، مضمونن جا مقابلا، مصوري جا مقابلا، موسيقيءَ جا مقابلا ۽ پاڪستان جي مختلف يونيورسٽين جا خالص تعليمي دورا، جن ۾ تفريح بهرحال شامل هوندي هئي ۽ فخر جي ڳالهه اها آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ هن سڄي دور ۾ هر هنڌ شيلڊون، ٽرافيون ۽ سرٽيفڪيٽ انعام حاصل ڪيا ۽ اسان جا سوين شاگرد ۽ استاد سڄي ملڪ جا ريل ڪان وٺي هوائي جهازن تائين دورا ڪري آيا. اسلام آباد، راولپنڊي، لاهور، فيصل آباد، ملتان، رسالپور، ڪاڪول، ڪراچي، ڪرڪ (پشاور)، بالا ڪوٽ، آزاد ڪشمير، هر هنڌ اسان جا شاگرد پنهنجي ذهانت کي ميرائي چڪا ۽ هڪ وقت اهڙو آيو جو اسين جنهن يونيورسٽيءَ ۾ ويندا هئاسين اتي جا V.C ڪيترا دفعا اسان جون دعوتون ڪندا هئا ۽ شامن جو اسان وٽ گيسٽ هائوس ۾ اچي

ڪچهريون ڪندا هئا. خاص ڪري اسٽوڊنٽس ايڪسچينج پروگرامن کي آئون، حنيف قاضي، رشيد انصاري، اقبال قريشي ۽ ياسمين اقبال ٺي وٺي ويندا هئاسين. انهن مان رشيد صاحب ۽ اقبال قريشي تہ هن دنيا ۾ ناهن رهيا. باقي جيڪي آهيون تن جون دليون هڪ ٻئي سان اڄا بہ جڙيل آهن.

ان کان پوءِ ڊاڪٽر نذير مغل وي.سي ٿيو تہ STAGS طرفان اسان علامہ آءِ آءِ قاضي ميموريل جو ڪم بہ پنهنجي ذمي کنيو ۽ هر سال 9 اپريل کان 15 اپريل تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جو هر شعبو اسان سان گڏجي هن هفتي کي ملهائيندو هو. ان ۾ خاص هڪ سيمينار 9 اپريل تي ۽ هڪ سيمينار 15 اپريل تي ڪيو ويندو هو. جن جي صدارت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، ڊاڪٽر نذير مغل، الانا صاحب، محترم مظهرالحق صديقي ۽ ڪڏهن مان ۽ ٻيا ڪيترا V.C توڙي عالم ۽ اديب ڪندا هئا. هن موقعي تي 3 ڏينهن لاءِ قومي ڪتابي ميلو لڳايو ويندو هو. جنهن ۾ فن فيئر ميوزيڪل شامون بہ هونديون هيون جن جي ياد اڄا بہ زنده آهي. ڪيتريون ئي تصويرن جون نمائشون ڪيوسين جن کي فائن آرٽس شعبي جا استاد سعيد منگي ۽ نعمت خلجي پنهنجي ساٿين سميت سنڀاليندا هئا تہ مباحثن کي اقبال جوڻيجو ۽ مسرور احمد زئي، پروفيسر سليم بيگ، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، شوڪت حسين شورو، ڊاڪٽر جاويد اقبال، فريده پنهور، ڊاڪٽر سعديہ نسيم، پروفيسر عبدالنقي شيخ مرحوم، ڊاڪٽر گل حسن قاضي، ڊاڪٽر قمر واحد، آپا عزيز چنا، سحر امداد ۽ ٻيا سنڀاليندا هئا.

اهي ڏينهن هئا جڏهن اسان يونيورسٽي مان واپس گهر ايندا هئاسين تہ چنڊ اڌ آسمان تي پهچي چڪو هوندو هو. الانا صاحب اهڙن موقعن تي شاگردن کي سندن ڪاميابين جون پارٽ هلي اچي مبارڪون ڏيندو هو. ان کانپوءِ ڊاڪٽر آر. اي شاهہ، ڊاڪٽر نذير مغل ۽ محترم مظهرالحق صديقي اهو رواج قائم رکيو ۽ هن کي شاگردن کي نقد انعام

توڙي پڙهائي ۾ پنهنجي ڪيسي مان مدد ڪندي به مون ڏٺو. حالانڪ الانا صاحب V.C جو مدو پورو نہ ڪري سگهيو ليڪن V.C جي عهدي جو مان رکي ويو.

هاڻ به الانا صاحب بدليو ڪونهي. وقت جي پابندي، وقت تي اٿڻ، وقت تي لائبريري ۾ وڃي ويهڻ ۽ لکڻ پڙهڻ بلڪ سنڌي ٽائيپ ڪرڻ به سکي ورتائين. هو پنهنجو هر مقالو ۽ ڪتاب پاڻ ٿو ٽائيپ ڪري، پنهنجي جماعت کي به منهن ڏئي، جماعت خاني ۾ به وڃي ۽ جيڪڏهن ڪو پراجيڪٽ مليس ٿو تہ ان تي به ڪم ڪري ٿو. باقي طبيعت نرالي اٿس. جيڪو وٽيس تنهن جي هر عمل جي ساراهہ جا ڍڪ پيو پريندو جيڪو دل تان لهي ويس ۽ نہ وٽيس ان کي ڪڏهن به معاف نہ ڪندو. وڏي ڪان وڏي ڪانفرنس ۾ هن اهڙن ماڻهن کي بخش نہ ڪيو. مون ڪئين دفعا کيس چڱن ڀلن کي للڪاريندي ڏٺو آهي. خاص ڪري 1979 ۾ اسلام آباد ۾ فلاسافي ڪانفرنس جي شاهہ لطيف سيشن ۾ هن ان وقت جي مرڪزي سيڪريٽري تعليم کي ”سر سورٺ“ کي ”سر سنار“ چوڻ تي اتي ماٺ ڪرايو ۽ وڏي آواز ۾ چيائين تہ ”جن کي سورٺ چوڻ نہ ٿو اچي، انهن ڪان سُر سورٺ تي مقالا ڪيئن ٿا پڙهايو.“ حالت ڪجهہ اهڙي ٿي وئي جو ڪانفرنس جي صدر پروفيسر سي. اي قادر کي اعلان ڪرڻو پيو تہ ان سيشن کي ٻن حصن ۾ ٿا ورهايون. هڪ جتي اهو هلي پيو ۽ ٻيو پاسي واري هال ۾ ڪيو ويو جتي الانا صاحب کي صدارت ڪرڻ لاءِ چيو ويو. مون ۽ حمايت علي شاعر ات به الانا صاحب جي صدارت واري سيشن ۾ ويهڻ پسند ڪيو. هڪ ڳالهہ جيڪا الانا صاحب کي ڪيترن اديب ۽ استادن ڪان ممتاز ڪري ٿي، اها آهي هُن جي روايت پسندي، هو سنڌي ثقافت ۽ ريتن رسمن جو هميشہ ڪان خيال رکندو آهي ايتري قدر جو جيڪڏهن کيس ڪنهن ساٿي سنگتي جي ڪنهن تڪليف جي خبر پئي تہ هڪدم هن وٽ پهچي ويندو ۽ مدد ڪرڻ جي آڇ به ڪندو.

حالانڪ هن وقت هو گهڻو ڪري گهر کان ٻاهر نہ ٿو نڪري پر پنهنجي لائبريري ۾ باقاعدي وقت تي پهچي پڙهڻ ۽ لکڻ جي ڪم ۾ مصروف آهي.

—

جان پال سارتر جي آتم ڪهاڻي "The Words" جڏهن مون پڙهي تہ ان ۾ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون نظر آيون، جيڪي مون پنهنجي گهر ۾ محسوس ڪيون هونديون. جڏهن هو لکي ٿو تہ سندس پيءُ کي سندس وڏا وار ڪو نہ وڻندا هئا ۽ چوندو هوس تہ زالن وانگر وار وڏا ڇو ٿو ڪيو هلين؟ ايتري قدر جو هڪ دفعي کيس اتڪل سان وٺي حجام جي دڪان تي وهاريائين ۽ وار لهرائي بلڪل ننڍڙا ڪرائي ڇڏيائين. جنهن جو ان وقت سارتر کي ڏاڍو ڏک ٿيو بلڪل ائين بابا بہ منهنجي وڏي ڀاءُ دادا مشتاق جي وڏن وارن رکڻ تي اعتراض ڪندو هو. حالانڪ دادا ان وقت جي رواج موجب وارن جي هڪ لٽ دليپ ڪمار وانگر پيشاني تي ڇڏي ڏيندو هو جنهن کي بابا "پونگي" چوندو هو. بهرحال دادا بہ پنهنجي عمر ۽ شوق کان مجبور هو تہ هر وقت تنقيد بہ ضرور ٻڌڻي پوندي هئس.

ٻيو تہ سارتر چواڻي تہ هن جي ننڍپڻ ۾ هن جو گهڻو وقت پاڻ کان وڏن مٿن مائٽن ۽ پيءُ ۽ سندس دوستن سان گڏ گذرندو هئو جنهن ڪري هن جا خيال جلد پنهنجي عمر کان وڏا ٿي ويا هئا. اهو ئي حال مون سان هو جو آئون پنجن ورهين جي عمر کان ئي بابا سان گڏ رهندو هئس. خاص ڪري جاتي، سجاول، ڪجهہ وقت سيوهڻ وغيره ۾ جتي بابا جا دوست ۽ نوڪريءَ وارا ساٿي توڙي وڪيل، سياستدان ۽ صحافي بابا سان ملڻ ايندا رهندا هئا. هنن جون ڳالهيون ٻڌي ٻڌي منهنجون سوچون بہ منهنجي عمر کان مٿي ٿي ويون. ان سان گڏ وري جو فلمن جو شوق بہ هو تہ پاڻ کان وڏا هيرو ڏسي. پاڻ کي انهن جيان هيرو سمجهندو هوس تہ پاڻ کان وڏين هيروئنن مڌو بالا، نرگس، منور سلطانہ، گيتا بالي، شياما وغيره منهنجي پسند جو معيار بڻجي ويون هيون. ان جو بہ مون تي ڪو سنئو اثر

ڪو نہ پيو موربگو پاڻ کان وڏيون ۽ ٿلهيون متاريون عورتون منهنجي پسند جو معيار ٿي ويون.

جنهن دور جي آئون ڳالهہ پيو ڪريان تڏهن سنڌ ۾ مڇ کي مرد جو شان سمجهيو ويندو هو ۽ ڪيترا ماڻهو هٽلر ڪٽ مڇون رکائيندا هئا ڪي ٿلهن شهپرن وارن مڇن کي پيا تاءُ ڏيندا هئا. جڏهن تہ مون ڪڏهن بہ مڇون نہ رکايون پر سارتر جي آتم ڪهاڻي مان معلوم ٿيو هن جي وقت ۾ فرانس ۾ بہ مڇ جو وڏو مان هو ۽ بقول سارتر, بنان مڇ واري ماڻهو کي ان بيدي جيان سمجهبو هو جنهن ۾ لوڻ پيل نہ هجي يعني ڦڪو هجي.

—

منهنجو ننڍپڻ کان نوجوانيءَ وارو دور سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ جيڪي ذڪڻ ۾ جاتي ۽ سجاول تہ اُتر ۾ اباوڙي تائين ۽ ڪراچي جي ساموندي هوائن واري شهر کان ٿر جي واریاسي شهر چاچري تائين ڦهليل آهي, تنهن جون يادون جڏهن بہ اچن ٿيون تہ ائين ٿو لڳي, ڄڻ تہ وقت ڪنهن هڪ هنڌ ترسي اڳتي وڌڻ کان پڙ ڪيدي بينو آهي. خاص ڪري انهن ڳوٺ نما شهرن جون راتيون, جو جتي بجلي اجا ڪا نہ پهتي هئي, تنهن ڪري سج جي ڏينهن جو تہ چنڊ ۽ تارن جي رات جي وڳڙي ۾ حڪمراني هوندي هئي. ان وقت سج لٿي کانپوءِ جلدي اونداهہ ماحول کي نظرن کان گم ڪري ڇڏيندي هئي ۽ لالٽين, گئس جي گولي (پيٽروميڪس) يا ڪٽي تہ لالٽين ۽ ڏيئي جي روشنيءَ ۾ بہ رهڻو پوندو هو, جن جي وَٽ هوا ۾ لرزندي هئي ۽ سڄي ماحول ۾ هڪ پراسرار ڪيفيت قائم ڪري ڇڏيندا هئا.

اهڙيون راتيون, جڏهن ريڊيو سيلون جي آخري پروگرامن کي بڌندي يا انهن جي پوري ٿيڻ کانپوءِ, خاص ڪري اونهاري جي موسم ۾ کٽون گهرن جي ڇت تي وڇائي اچن اُجرن هنڌن تي ليٽبو هو تہ آسمان ۾ چوڏس ڄڻ تہ ڏيئا ٽمڪندا نظر ايندا هئا. مون کي ان وقت هڪ گانو ڏاڍو وڻندو هو جيڪو ڪڏهن ريڊيو سلون جي ڪمرشل سروس تان وڄندو هو:

جهان مين آئي ديوالي ٻڙي چراغ جلي،
هماري دل مين مگر تيري غم ڪي داغ جلي.

فلم ’تاج‘ جو هي گانو پنهنجي سر ۽ لئي جي ڪري وڻندو هو پر ان جي معنيٰ پوءِ معلوم ٿي جڏهن دل ۾ غم ڪي پاليوسين. مون کي ياد آهي ته اج کان ڪئين سال پوءِ جڏهن هڪ دفعي آئون مراد علي مرزا سان گڏ آغا سليم جي ڪوٺ تي هن سان ملڻ لاءِ ملتان ويا هئاسين، جنهن جو ذڪر مون اڳ به ڪيو آهي ته هن اهو گانو اتي هارمونيم تي ڳائي ٻڌايو هو بلڪ مون کان به زوري اهو گانو ڳارايو هئائين. ان ڪري جو مون پل ۾ ان گاني جي بابت مرزا حبيب الله کان ٻڌل ڳالهه ڪئي ته اهو پيروي ۾ ڳايل آهي، آغا چيو ته توکي سُرن جي ڄاڻ آهي. بهرحال پوءِ مون کي اهو ڳائڻو پئجي ويو هن سو به جيڪو هارمونو آغا پاڻ وڄائي رهيو هو ۽ اهو به ڪو خاص سريلو ڪو نه هو. بهرحال هي گانو يا جگنو فلم جو گانو:

همين تو شام غم مين ڪاٽني هي زندگي اپني

مون تي ڏاڍو اثر ڪندا هئا ۽ دل ۾ هڪ اڻ ڄاتل آنڌ مانڌ پيدا ڪري وجهندا هئا. اڪثر ڪري اوٻاوڙي، سيوهڻ، جاتي، چاچري، هالن پراڻن جون اهي راتيون دل تي نقش آهن جن ۾ تارن جا اڻ ڳڻت تمڪندڙ وجود به موجود آهن پر هاڻ لڳي ٿو ته اهي بي حساب تارا منهنجي دل جي خواهشن جي آڏو ڪا حيثيت ڪانه ٿا رکن، اهي بي حساب خواهشون، جن مان ڪي پوريون ٿينديون هيون پر هڪ دفعو ڏنو آهي ۽ ٻيو دفعو ڏسڻ جي تمنا آهي، اڃا به جڻ انهن ۾ ساهه اٽڪيو پيو آهي. هي موسمون، هي ڏينهن ۽ راتيون، هي ڳالهيون، هوائون، لُڪون ۽ بارشون، اسان جي اندر ۾ ڪهڙي ڪهڙي مانداڻ مچائين ٿيون، تن لاءِ بي حساب شاعرن شاعري ڪئي، مصورن منظر چٽيا آهن پر اڃا ڪوائين نه ٿو چئي سگهجي ته ڪو انهن جو مڪمل ذڪر ڪري چڪو آهي. صرف هڪ لفظ 'پيار' جو ئي سوچيو ته جڏهن کان دنيا هوش ۾ آئي آهي، تڏهن کان اج ڏينهن

تائين ان لفظ جو ”جادو“ ختم ٿي نہ ٿيو آهي. ان هڪ لفظ جي تڪميل لاءِ بي انتها جوانن ۽ جوانڙين پنهنجون حياتيون داءَ تي لڳائي ڇڏيون هونديون پر اڄ بہ مڙن ڪو نہ ٿا. ڪيترا سريلا گيت، ڪهاڻيون ۽ ڊراما صرف ان لفظ جي تشريح لاءِ لکيا ويا آهن تہ بہ جڏهن پيار جو لفظ دل کي جيڪا ٺڏڪار ۽ سڳنڌ پهچائي ٿو اهو بيو ڪو لفظ نہ ٿو پهچائي سگهي ۽ وڏي حيرت جي ڳالهہ اها آهي جو اهو لفظ ماءُ پٽ کان وٺي عاشق معشوق تائين سڀ ڪو استعمال ٿو ڪري ۽ هر چپ مان نڪتل ان لفظ جي معنيٰ جي لذت جدا جدا آهي. اهي چانڊوڪيون، اهي اتر جون هيرون ۽ اهي پيار جا لفظ ٿي تہ هن دنيا جي تسلسل کي قائم رکيو پيا اچن. مون کي سبحان ميمڻ سان گڏ حيدرآباد کان ميهڙ تائين ڪيل هڪ طويل سفر ياد آهي جڏهن هن مون کي منهنجي هڪ نهايت پياري شاگرد، ڊاڪٽر رياض مهيسر جي وفات جي خبر ڏني هئي ۽ چيائين تہ ان جي فاتح لاءِ ميهڙ هلون؟ مون هڪدم ها ڪار ڪئي ۽ هن سان گڏ سندس سرڪاري گاڏيءَ ۾ ميهڙ روانا ٿياسين. حالانڪ ان وقت سنڌ ۾ ايڏي وڏي ٻوڏ آئي هئي جو حيدرآباد کان دادو، ميهڙ ڏانهن ويندڙ نيشنل هاءِ وي جا بہ ٿي پاسا ۽ اتي جا ڳوٺ مڪمل طور تي پاڻيءَ هيٺ آيل هئا. جنهن تي سڄو رستو سبحان اطمينان جو اظهار ڪندي پئي هليو تہ ان پاڻيءَ جي ڪري ڪم از ڪم ڏاڙيل اسان کي اغوا ڪري ڪو نہ سگهندا. ڇو جو هنن جا لڪل نڪاڻا جهنگ ۾ هوندا آهن ۽ جهنگ سڀ ٻوڏ هيٺ آيل هئا.

هن سفر دوران ڪيترا ننڍا وڏا ڳوٺ مون کي پاڻيءَ جي اندر نظر آيا، خاص ڪري منظور آباد نہ ٿو وسري، جتي هڪ اسڪول جي ڇت پاڻيءَ کان ٻاهر نظر اچي رهي هئي. باقي بختيارپور جو ڳوٺ هڪ دڙي تي هو اهو البتہ بچيل نظر آيو پر چوطرف پاڻي ئي پاڻي هو سبحان ٺٽي جام جي ميمڻ جي عاقلاڻي شاخ مان آهي، يعني هنن جو وڏو شايد ڪو عاقل خان هو پر هونئن بہ هو ڳالهيون عقل واريون ڪندو آهي هو چوندو آهي تہ ڪنهن جي شادي ۾ دعوت کانسواءِ نہ وڃجي پر وفات تي تعزيت

ڪرڻ لاءِ دعوت جي ضرورت ناهي. ان ڪري ئي هن مون کي ميهڙ هلڻ لاءِ چيو هو ليڪن رياض مهيسر سچل سائنس ڪاليج ۾ منهنجو شاگرد رهي چڪو هو جتي آئون سنڌيءَ جو پارٽ ٽائيم ليڪچرار هئس. (67ـ 1966) ۾ هو ۽ ساڻس گڏ الهرکيو ٻگهيو، افضل ميمڻ، معروف خشڪ (معروف بہ هئا) ۾ ٻہ ٿي خشڪ هئا. هڪ ڊاڪٽر ٿيو ۽ ٻيو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ٿيو) رحيم پٺو (انجنيئر)، مجيد ميمڻ (انجنيئر) طفيل ميمڻ (انجنيئر) ۽ ٻيا ڪيترائي سائنس جا شاگرد جيڪي انهن ئي سالن ۾ مون وٽ پڙهيا ۽ واپڊا توڙي سئي گئس ۾ وڃي نوڪرين سان لڳا هئا ۽ ڪي وري سول سرڪاري نوڪرين کي لڳي ڊي سي، ڪمشنر، پوليس چيف، انڪم ٽيڪس آفيسر بڻيا. تن ۾ جن سان وڏو رابطو رهيو، رياض مهيسر انهن مان هڪ هو. هو هڪ نهايت خوبصورت ۽ تميزدار نوجوان هو. جيڪو پوءِ ڊاڪٽر ڪريم عباسي سان سول اسپتال ۾ دل جي شعبي سان وابستہ ٿيو ۽ اتي رجسٽرار بہ رهيو. مون سان واسطي ۾ رهيو. مون کي دل جي شعبي ۾ رياض مهيسر ۽ ڊاڪٽر خالده سان گذاريل اهو وقت نہ ٿو وسري. جڏهن منهنجي دوست مسعود قريشيءَ جو والد، چاچا حمزه خان قريشي پنهنجي آخري ڏينهن ۾ اُت داخل هو ۽ منهنجو گهڻو وقت مسعود سان گڏ اتي گذرندو هو.

اتي هڪ واقعو ٿيو جيڪو ياد اچي ويو آهي تہ ضرور ٻڌائيندو هلان تہ هڪ ڏينهن منجهند ڌاري سائين محمد ابراهيم جويو ۽ ع. ق شيخ صاحب اچي دل جي وارڊ ۾ نڪتا. اهو وارڊ اجا پراڻي عمارت ۾ هو. ديوان مشتاق جي عمارت نهي رهي هئي. هت هو جوئي صاحب جو ECG ڪرائڻ آيا هئا ۽ شوق ۾ ع.ق. شيخ بہ ECG ڪرائي. ڊاڪٽر ڪريم جوئي صاحب کي ڪليئر ڪندي ع. ق شيخ صاحب کي داخل ٿيڻ جو مشورو ڏنو جنهن جي اي سي جي ۾ گڙٻڙ نظر آئي هئي. بهرحال هن سفر جي منزل يعني ميهڙ جي ير ۾ مهيسرن جي ڳوٺ پهتاسين جتي رياض مرحوم جي ڀيڄهي جو تڏو پيل هو ۽ ات مون کي خبر پئي تہ هو بابا جي نهايت عزيز دوست حاجي عبدالله مهيسر جو پٽ هو. جنهن کي مون

سيوهڻ ۾ ڪئين دفعا عبدالحميد خان جتوئي ۽ حاجي يار محمد جوڻيجي سان گڏ بابا سان ملڻ لاءِ ايندي ڏٺو هو. اهي ٻئي شخص هئا، جيڪي بابا سان ملڻ ايندا هئا ۽ ماني به اسان وٽ کائيندا هئا. اتي حاجي ظفر خان لغاري، جنهن کي آئون يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائي واري دور کان سڃاڻندو هوس، ڇو جو هو رشيد انصاري، اڪبر ميمڻ ۽ آپا عزيز جن جو ڪلاس فيلو هو ۽ نهايت تميزدار، ڪپڙي لٽي ۾ توڙي اٿ ويهه جي انداز ۾ ممتاز شصيت هو. هن جي مهيسرن سان عزيزداري به هئي. بهرحال خيرات ۾ شرڪت ڪري نهايت دکي دل سان اسان اتان مرحوم اعجاز جتوئيءَ جي زور پرڻ تي سندن ڳوٺ ڀيٽو جتوئيءَ به وياسين جتي خانصاحب عبدالحميد خان جتوئي سان ملاقات ٿي، جنهن بابا سان پنهنجي دوستيءَ وارن ڏينهن جي ياد کي پاڻ سان سانڍي رکيو هو جنهن جو تفصيلي ذڪر آئون اڳ به ڪري چڪو آهيان. هن سفر جي واپسي وري اسان دادو مورو پل ٽپي ٻئي طرف کان ڪٽي ۽ نوشهرو سڪرنڊ، سعيد آباد ۽ هالا کان ٿيندا واپس حيدرآباد پهتاسين ۽ سڄي واٽ سبحان جي سرڪاري گاڏي ۾ لڳل واڪي ٽاڪي کان ٻڌندا آياسين ته هاڻ فلاڻي پوليس جي حد مان پيا لنگهون ۽ هاڻ فلاڻي، ليڪن سڪرنڊ ڪانپوءِ ان به اطلاع ڏيڻ بند ڪيا، جنهن تي سبحان چيو ته ”سائين هاڻ پوليس جي ڪا به گاڏي اڳيان پٺيان ڪونهي. هاڻي الله جي حوالي آهيون.“ انهن لفظن مان ان وقت سنڌ جي لا ايند آرڊر جي خبر ٿي پئي ۽ اهي رستا جن تي رات جو سفر ڪرڻ هميشه آرام ده ۽ محفوظ سمجهيو ويندو هو ڌاڙيلن جي ولرن سان پرِيل غير محفوظ بڻجي چڪا هئا پر اسين دير سان پر خير سان رات جو وچي گهر پيڙا ٿياسين.

–

جمال رند هڪ سٺو اديب ته هو ئي پر گلو به سريلو هوندو هئس. گهڻو ڪري ادبي محلفن ۾ هن کان ”مورو“ ڳارايو ويندو هو جيڪو هو نهايت دل سان ڳائيندو هو ۽ گڏوگڏ ان لوڪ گيت جا رومانوي تاثرات به ڏيندو ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ هو گهڻو ڪري پروفيسر عمر ميمڻ صاحب

۽ محمد ابراهيم جوئي سان گڏ هوندو هو ۽ جڏهن شيخ اياز حيدرآباد ايندو هو ته پاڻ به جوئي صاحب سان گڏ هن سان وچي شامل ٿيندو هو. ادب ۾ هن جي حيثيت هڪ سنجيده اديب سان گڏ هڪ سٺي دوست واري به هئي. هن ڪيئي دفعا ادبي رسالا شايع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، خاص ڪري ٻارن جي ادب ۾ وڏو شوق هوندو هوس، ليڪن هن جي مشهوري سندس هڪ فئنٽسي "۽ هوا اڏري ويا" جي ڪري هئي.

جمال سان ملاقاتون هلنديون ئي رهنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن هو مون وٽ ڪا ڪهاڻي وٺڻ منهنجي الهداد چنڊ جي ڳوٺ واري گهر به ايندو هو. جتان وري اداره آواز ادب به هليو ويندو هو ۽ رسول بخش خمار کي لکپڙهه ۾ مدد ڏيندو هو. جڏهن ته هن پبلڪ اسڪول ۾ سنڌي جي ليڪچرار جي حيثيت ۾ ڪم شروع ڪيو ۽ هڪ وقت آيو جڏهن هو پبلڪ اسڪول جو پرنسپل به ٿي ويو. مون کي ياد آهي ته هڪ دفعي هن مون کي، بقا محمد قريشي (چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ)، آپا شمس عباسي ۽ پروفيسر مرحوم عبدالغني شيخ کي ڪاليج ۾ انگريزي، سنڌي ۽ ميٿس جا ليڪچرار چونڊڻ لاءِ سليڪشن بورڊ ۾ گهرايو. ان ميٽنگ هلندي حيدرآباد جو ڪمشنر جيڪو اسڪول بورڊ جو چيئرمين به هو، اهو اچي ويو. جنهن کي هن اٿي پنهنجي جڳهه ڏني، اهو ڪمشنر سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران هڪ اديب دوست جي حوالي سان مون سان واقف هو. مون کي هن جي اچي پرنسپل جي ڪرسيءَ تي ويهڻ جي ڳالهه نه وڻي، ليڪن ڪجهه چئي نه سگهيس ڇو جو جمال خود اٿي ڪرسي هن کي ڏني هئي.

جمال سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ وڏو عرصو پراڊڪشن آفيسر طور ڪم ڪيو. هن جو رويو هميشه عزت وارو هوندو هو. هڪ دفعي جڏهن هڪ ڪتاب تي مون هڪ ڪميٽي ميمبر جي حيثيت ۾ شرڪت ڪئي هئي، جنهن ۾ پروفيسر محمد امين صديقي ۽ پروفيسر عبدالعلي قلباڻي صاحب به شامل هئا. تڏهن هن جي ڪارڪردگيءَ مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. هن نهايت احترام سان قلباڻي صاحب کي ڪميٽيءَ

جو سربراهہ بڻايو جنهن تي اسان کي بہ ڪو اعتراض ڪو نہ هو ۽ پوءِ مسودن جي چير ڦاڙ تي ان ۾ بہ هن ڏاڍو مثبت ڪردار ادا ڪيو. مون ڏٺو تہ جمال ۾ سهپ جو ڏاڍو مادو هو.

ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ مان رٽائرمينٽ ڪانپوءِ هن هڪ اخبار (بختاور) جيڪا قاسم آباد مان نڪرندي هئي، تنهن ۾ ايڊيٽر طور ڪم ڪيو. آئون هن سان ملڻ ويندو هوس تہ ڏاڍو خوش ٿيندو هو ليڪن ان وقت تائين حيدرآباد جو وايو منڊل بدلجي ويو هو. شهر تہ تمام وڏي ويو هو پر دليون سوڙهيون ٿي ويون هيون. جمال يونيورسٽيءَ ۾ ايندو هو ۽ مون سان ۽ خالد شهيد آخوند (پروفيسر آءِ آر) سان ضرور ملندو هو. شيخ اياز تہ هن کي سنڌي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ڪري رکيو هو ليڪن سنڌ يونيورسٽي جي استادن ان تي ڏاڍو سخت ردعمل ڏيکاريو ۽ ٽيچرس ايسوسيئيشن هڪ خاص گڏجاڻي ۾ ان خلاف ٺهراءُ بحال ڪيو تہ آخر هڪ شخص بنا ليڪچرار جي تجربي جي سڌو اسسٽنٽ پروفيسر ڪيئن ٿو ٿي سگهي. ان ڳالهہ کان دلبرداشتہ ٿي جمال پاڻ ئي اهو عهدو ڇڏي ويو.

ان هوندي بہ جمال سان منهنجو تعلق وڏي عرصي تائين قائم رهيو. ان دوران هن هڪ تعليمي ادارو بہ کوليو هو ۽ پاڻ کي مصروف رکندو آيو ۽ هڪ ڏينهن اوچتو هن جي وفات جي خبر ملي. مون کي لڳو هڪ وڏيڪ پرخلوص دوست اسان مان هليو ويو.

---

سفر چاهي ٽرين جو هجي يا بس جو جيڪڏهن ساٿي سٺو آهي تہ اڪيچنيڀ ۾ پورو ٿيو وڃي. مون زندگيءَ جو اوائلي حصو گهڻو تڻو سفر ۾ ئي گذاريو آهي ڪڏهن ريل ۾، ڪڏهن بس ۾، ڪڏهن ٽر ۾ هلندڙ جي ايم سي ٽرڪ، جن کي کيڪڙو چون، ان ۾ تہ ڪڏهن ڪار ۾ ۽ ڪڏهن وين ۾ ۽ هوائي جهاز ۾ جتي مون کي خوش قسمتيءَ سان تمام دل وارا ساٿي مليا. امان، بابا دادا مشتاق، منظور الطاف ۽ ٻين مائٽن ڪانسواءِ دوستن مان چار ساٿي، ظهور انصاري، غلام محمد شهواڻي، مشتاق قاضي،

مسعود قريشي، مراد علي مرزا، رشيد انصاري، آغا سليم، شمشير الحيدري، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر اياز قادري، نواز علي شوق، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، انور فگار هڪڙو، معشوق صديقي، سبحان ميمڻ، اقبال قريشي پنهنجي يونيورسٽي جي ساٿين آپا عزيز چنا، حنيفہ قاضي، مختيار پٺي، ياسمين اقبال ۽ ٻين ڪيترين ناليوارين شخصيتن سان جن جا نالا لکڻ لاءِ وقت گهرجي. لطيف جوڳي، سعيد منگي، نعمت خلجي،اظهار سومرو اعجاز قريشي، چنا شبير ناز هدايت آخوند، لعل جسڪاڻي، قبول ابڙو، عالم چند ۽ ٻيا ڪيترا جن سان حيدرآباد کان ڪراچي، لاهور، اسلام آباد، سوات تہ پاءَ سان لنڊن، سنگاپور، بئنڪاڪ ۽ ڪن ٻين بين الاقوامي هوائي اڏن تائين سفر بہ ڪيو پر انهن سفرن ۾ ڪڏهن بہ بور ڪو نہ ٿيس بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ڪن هستين سان سفر ڪندي دل چوندي هئي تہ شل اهو سفر ڪڏهن نہ کٽي، ليڪن سفر سفر ٿي رهندو هو ۽ واپس وري بہ گهر موٽڻو پوندو هو.

ريل گاڏي جا سفر تہ جمڻ کان ئي شروع ٿي ويا ۽ ريل جي انجڻ جو دونهون، درين مان ايندڙ مٽيءَ جي خوشبو ۽ لوڏن اچڻ ڪري دل جو ڪچو ٿيڻ ۽ الٽيون ڪرڻ اجا بہ وسري نہ ٿو پر پيٽرول کان ڊيزل تائين سفر ڪرڻ کي جڏهن هينئر بہ ياد ڪريان ٿو تہ دل هٿن ۾ اچيو ٿي وڃي. سچي سنڌ ۽ پاڪستان جا بار بار ڪيل سفر انهن جي پل پل جون اٽڪت يادون منهنجي زندگيءَ جو وڏو سرمايو آهن. حيدرآباد کان ٽنڊي يا هالا وڃڻ لاءِ بس يا وري سجاول کان جاتي ۽ جاتيءَ کان بنورو، ٽنڊو محمد خان کان حيدرآباد تائين بسن جو سفر يا حيدرآباد کان ڪراچي ريل ڪار جو رومانس بہ وسرڻ جوڳو ناهي وري لاهور ۽ راولپنڊي وڃڻ لاءِ تيزگام، ڪراچي ايڪسپريس ۽ عوامي ترين جا سفر بہ پنهنجي اندر وڏا داستان ٿا رکن. جڏهن تہ سيوهڻ ۽ لاڙڪاڻي واري پاسي وري ڪوئيٽا ميل جا بدن کي الوڙي ڇڏڻ وارا سفر، پر سيني جي جدا جدا خوشبو آهي.

—

ڪو وقت هو، جڏهن سنڌ جي شهرن ۾ پردي جو عام رواج هو. ڳوٺن ۾ تہ هونئن ئي وچولي ۽ وڏي درجي جي ماڻهن ۾ پردو تمام گهٽو هو. اسان جي هالن پراڻن جون قاضياڻيون ڪڏهن بہ هالا پراڻا ۾ محلي کان بہ ٻاهر ڪو نہ نڪتيون ليڪن جيئن بابا سان گڏ منهنجون ڦپيون بہ اسان سان گڏ هلنديون هيون. خاص ڪري نندي ڦپي، جنهن کي ”امان نندي“ ڪري ڪوٺيندا هئاسين. اها تہ امان سان گڏوگڏ هوندي هئي. اهي ٻن اکين وارو سنڌي برقعو پائينديون هيون. وري ڪنهن بيماري يا ٻئي سبب جي ڪري ڪنهن قاضياڻيءَ کي حيدرآباد اچڻو پوندو هو تہ ڪار جي صورت ۾ ڪار جي شيشن کي ميٽ هڻائي ڇڏيو هو يا جي بس ۾ چڙهنديون هيون تہ بس ۾ بہ پردو لڳائيو هو.

شهرن ۾ تہ برقعا ۽ چادريون عام هيون ان وقت گهٽو ڪري گهرن جي ٻاهرين درن جي ٻاهران وري چڪون يا ڇپريون لڳائيبيون هيون تہ جي ڪنهن عورت کي در تان لنگهندڙ ڪنهن ڀاجي ميوي واري کان ڪجهہ وٺڻو هجي يا ٻار ٻچي کان سڏ ڪرڻو هجي تہ ڇپري جي پويان بيهي سڏ ڪري. اسين بہ ان تاڙ ۾ هوندا هئاسين تہ ڪنهن ڇپري جي پويان بيٺل ڪنهن ڇوڪريءَ جا هٿ ئي نظر اچي وڃن اهي ڇپريون تہ پئسي وارا ئي هڻندا هئا ليڪن غريب بہ سٽي جي ڳوٽين مان ”ٽپڙيون“ ناهي در جي ٻاهران هڻندا هئا. جيڪي وقت گذرڻ سان پراڻيون ٿي وينديون هيون تہ انهن مان بہ در تي بيٺل عورتن جا هٿ ۽ اکيون پيا نظر ايندا هئا. عجيب رومانس هوندو هو هن پردي ۾! پردي جي پويان ڇاهي؟ اهو سوچي دل ۾ عجيب سُوسڙاٽ پيدا ٿيندا هئا. مون تہ ڪيترن گهرن جي در جي ٻاهران وري اڌ در بہ ٺهيل ڏٺا. جيڪڏهن در کليل رهجي وڃي تہ بہ اندر اڱڻ تي نظر نہ پوي، اتي وري جيڪڏهن در تي نڪاءُ ڪبو هو تہ اندران ايندڙ ماڻهو ان اڌ در جي اندران بيهي جواب ڏيندو هو.

در تہ هاڻي بہ آهن پر اهي ڇپريون ۽ ٽپڙيون غائب آهن نہ ڪو انهن جي ڪندن مان نظر ايندڙ هٿ يا ڪي هلڪا پاڇا ئي نظر اچن ٿا بلڪ گهرن مان نڪرندڙ عورتن کي برقعا يا نقاب بہ ڪونهن ۽ هاڻ تہ اکيون

انهن جون عادي تي وبون آهن اتفاق سان ڪٿي ڪاري يا بلو چادريءَ ۾ ويڙهيل ڪا عورت نظر ٿي اچي تہ وري دل تي پراڻي وقت جي ياد جو حملو ٿيو وڃي.

--

يورپ ۽ امريڪا جي گهٽو ڪري سيني مکيہ ليکڪن جي مشهور ناولن تي فلمون نهي چڪيون آهن جن مان ايڊگر ايلن پو جي ناول "پٽ ايند پنڊوليم" ڪان وني، جنهن ۾ ونسنٽ پرائز مک رول ادا ڪيو هو. نيٿنل هاٿورن جي "ٽوائيس ٽولڊ ٽيلز" چارلس ڊڪنس جا ڪيترائي ناول، وليم ميڪپيس ٿيڪري جو وينيٽي فيئر، هينري فيلڊنگ جو ٽام جونس، نڪولائي گوگول (روس) جو انسپيڪٽر جنرل، سروانٽيز (اسپين) جو ڊان ڪوئگزاٽ، هينري جيمس ۽ بالزاڪ توڙي موپاسان جا ڪئي ناول، جن ۾ 'بيلامي' بہ شامل آهي. سر رائيڊر هيگارڊ جو مشهور ناول "She"، آسڪر وائلڊ جو 'پڪچر آف ڊورن گري'، سمرسيٽ ماهم جا ناول 'آف هيومن بانڊيج'، 'مون اينڊ سڪس پينس'، 'دي ميجيشن'، ٽالسٽاءِ جو 'وار اينڊ پيس' ۽ 'اينا ڪرونينا'، البرٽو موراويا (اٽلي) جو 'ٽو وومن'، 'وومن آف روم' ۽ 'دي ايمپٽي ڪينواس'، ارنيسٽ هيمنگوي جا ناول 'فار هوم دي بيل ٽالس'، 'اولڊ مئن اينڊ دي سي'، 'اي فيئر ويل ٽو آرمس'، 'سنوز آف ڪلمانجرو'، هرمين ميوائل جو "موبي ڊڪ" جيڪا گريگوري پيڪ جي بهترين فلم هئي ۽ ٻين ڪيترين فلمن، جن ۾ ارل اسٽينلي گارڊنر، سر آرٿر ڪانن ڊائل جا لکيل شرلاڪ هومز جا جاسوسي ڪارناما هيرالڊ رابنس جا مشهور ناول 'سيونٽي نائنٽ پارڪ اوينيو'، 'ڪارپيٽ بيگرس'، 'ڊريم مرچنٽس'، 'نيور لِيوَ مِي'، 'نيوَر لوَ اَي اسٽرينجر'، 'دي ايڊوينچررس' جهڙا دلچسپ ناول توڙي اليگزينڊر فليمنگ جا جيمس بانڊ سيريز جا ناول برام اسٽوڪر جا هيباٿنا "ڊراڪولا' سيريز جا ناول، ان ڪان بہ اڳ جي ليکڪ اليگزينڊر ڊيوماس جا 'ٿري مسڪيٽيئرز' ۽ 'ڪوميليا' (جيڪو اردو ۾ ترجمو بہ ٿيو ۽

مشهور فلم ”جُگنو“ بہ ان تي نهي) جيڪا دليپ ڪمار ۽ نورجهان جي يادگار فلم آهي ۽ ان جا گانا اڄ بہ دل کي روشن ڪيو ويٺا آهن.

هتي آءُ ڪن وڏن ناولن تي ٺهيل فلمن کي ياد پيو ڪريان، جن مان 'رينس آف رانچي پور'، 'اي پيسيج ٽو انڊيا' (اي ايم فارسٽر) ۽ ٻيا بہ ڪئين مشهور ليکڪن جا ناول پردي اسڪرين تي پيش ٿيا ليڪن آءُ خاص طور تي اليسٽر ميڪلين جي ٻن ناولن تي ٺهيل فلمن جو ذڪر ڪندس، جيڪي جڏهن بہ ڏسجن ٿيون نيون ٿيون لڳن. هر دفعي ڏسڻ سان، انهن جو هڪ جدا انداز نظر اچي ٿو. انهن مان 'گنز آف نيوران'، جنهن ۾ گريگوري پيڪ، انٿوني ڪوئن، ڊيوڊ نيون ۽ انٿوني ڪوئل اداڪاري جا جوهر ڏيکاريا آهن تہ ٻي 'ويئر ايگلس ڊيئر'، جنهن ۾ رچرڊ برٽن ۽ ڪلنٽ اِيسٽوُوڊ پنهنجي اداڪاري جا ڪمال ڏيکاريا آهن.

هي ٻئي فلمون سيڪنڊ ورلڊ وار جي موضوع تي آهن، جن مان هڪ جو تعلق يوناني ٻيٽ تان پاڙيءَ رستي اتحادي فوجين کي بچائڻ ۽ اتي جرمن طرفان بہ وڏيون توپون، جن جو رخ سمنڊ ڏانهن آهي، تن کي تباهہ ڪرڻ آهي جڏهن تہ ويئر ايگلز ڊيئر جو موضوع جرمنن جي هڪ جابلو ناقابل تسخير فوجي قلعي کي ختم ڪرڻ آهي. هي ٻئي فلمون پنهنجي ڊائلاگ، اداڪاري، همت، بهادري ۽ سهڻن نظارن سان گڏ سازشي واقعن تي آڌاريل آهن، ليڪن هنن جو ايڪشن ايترو تہ تکڙو پوائنٽو ۽ تجسس پيدا ڪندڙ آهي جو انهن ۾ دلچسپي ڏسڻ ڪانپوءِ بہ برقرار ٿي رهي. اليسٽر ميڪلينس جون ٻيون بہ فلمون ٺهيون، جن مان هڪ 'رِوَر آف بلڊ' مون ڏٺي هئي، ليڪن ان ۾ اهڙو تجسس قائم ڪونہ ٿي سگهيو.

وري بہ اهو سمجهان ٿو تہ آئن فليمنگ جي فلمن، جيڪي جاسوسيءَ جي موضوع تي آهن ۽ ان جو مک ڪردار جيمس بانڊ آهي، جنهن ۾ سڀ کان پهرين ڪردار سين ڪونري ڪيو جيڪو تمام مشهور ٿيو. ان جون فلمون، ڊاڪٽر نو، فرام رشيا وٿ لوَ ڪسينو رائل ۽ ٻين ڪيترن مشهور فلمن جو هيرو هو ئي هو. هن ڪانپوءِ مشهور اداڪار راجر مور (جنهن کي بعد ۾ سر جو خطاب بہ مليو) ان سيريز جي ڪيترن فلمن

۾ ڪم ڪيو جنهن ڪانپوءِ پائرس بران سن، تموٿي ڊالٽن، ڊينئل ڪريگ بہ جيمس بانڊ جو ڪردار ادا ڪيو ان کان اڳ مشهور اداڪار ڊيوڊ نيون بہ جيمس بانڊ جو ڪردار ڪيو هو. ليڪن سين ڪونري ۽ راجر مور جهڙي دلچسپي ڪو قائم نہ رکي سگهيو. خاص ڪري فلم ڊاڪٽر نو فرام رشيا وٿ لو ڪس دي گرلس اينڊ ميڪ ديم ڊاءِ، دي اسپاءِ هو لوَڊ مي ۽ ڪسينو رائل جهڙيون فلمون وري نہ نهيون.

—

گهڻو ڪري ماڻهو ڪتاب يا تہ ڪنهن جي صلاح ڏيڻ تي وٺندو آهي يا وري ٽائيٽل ڏسي وٺندو آهي. چوندا آهن تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪتاب کي غير مقبول بنائڻو هجي تہ ان کي ڪورس تي رکي ڇڏجي. اهو ئي سبب آهي جو هيمنگوي جو مشهور ناول Old man and the sea آئون وڏي عرصي تائين پڙهي نہ سگهيس يا Prisoner of Zenda، ليڪن ان تي ڇربو ناهيل فلم "شبستان" ڏٺم. ان ڳالهہ مان ڪڏهن فائدو بہ پوندو آهي ان ڪري جو آئون بي اي جي ڪورس تي رکيل ناول 'جهان آرا' پڙهڻ کان بچي ويس، جيڪو اجا تائين سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڪورس تي ڪهڙي سبب کان رکيو ويو هو.

مون اڳ بہ ذڪر ڪيو آهي تہ بابا کي ايم اسلم جا ناول تمام گهڻو وڻندا هئا. جيڪي هو خريد ڪندو رهندو هو. انهن مان 'شام غريبان'، 'چشم ليليٰ' ۽ 'طوائف ڪي ڊائري' اجا بہ ياد اٿم. خاص ڪري طوائف ڪي ڊائري جيڪو 1957ع ۾ نڪتي ۾ مون رات جو لالٽين جي روشنيءَ تي ڊجي ڊجي پڙهيو هو تہ متان بابا کي خبر نہ پئجي وڃي، ليڪن اتفاق سان اهو هڪ صاف سٿري طوائف جو قصو هو ۽ ان ۾ ڪا بہ قابل اعتراض يعني دلچسپ ڳالهہ ڪانہ هئي.

ائين ئي وري اهي ناول بہ ضرور پڙهڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين جن تي پابندي پيل هئي. ان ڪري جو اسان جي جوانيءَ وارن ڏينهن ۾ جي ڪنهن بہ ناول يا افساني ۾ ڪو قابل اعتراض مواد هوندو هو تہ سرڪار ان تي پابندي لڳائي ڇڏيندي هئي. ائين ڪيترا وڏا ناول ان

قانون جي زد ۾ اچي ويا. سنڌ تہ ٺهيو پر سڄي هندستان، پاڪستان ۽ يورپي ملڪن ۾ بہ اهڙن لکڻين تي پابندي لڳندي هئي. آسڪر وائلڊ جي The Picture of Dorin gray ۽ ڊي ايچ لارنس جي Lady Chatterley's lover توڙي بالزاڪ جي Madam Bovary تي بہ پابنديون لڳل هيون. هندستان ۾ سعادت حسن منٽو جهڙن ليکڪن جي ڪهاڻين تي پابنديون لڳنديون هيون ۽ عصمت چغتائي جي افسانن تي بہ. جيڪي اسين لڪي ڇپي پڙهي وٺندا هئاسين. اهي ان وقت تہ پابنديءَ جي قابل ڪرڻ لڳندا هئا ليڪن هاڻ سمجهجي ٿو تہ حڪومت جا ڪم از ڪم اهي فيصلا درست هئا.

اهڙن ئي ڪتابن ۾ خشونت سنگهہ جو انگريزي ناول A Train to Pakistan بہ شامل هو جيڪو ورهاڱي جي موضوع تي هڪ مسلمان ڇوڪري ۽ سک ڇوڪري جي عشق جي ڪهاڻي بابت هو. حالانڪہ هي نهايت دلچسپ ۽ ورهاڱي جي حالات بابت اصلي تصوير ڪشي ڪندڙ ناول آهي ۽ جي مسلمان بدران ڇوڪري سک هجي ها ۽ ڇوڪرو مسلمان، تہ شايد پاڪستان ۾ پابندي ڪا نہ لڳيس ها. ليڪن ان تي پابنديءَ مان اهو فائدو ٿيو تہ اهو چڱيءَ طرح بنهي ڌرين پڙهيو. مون بہ مقبول صديقيءَ جي صلاح تي اهو ناول 1964ع ۾ ادبيات تان ورتو. ليڪن پڙهيم گهڻو پوءِ ۽ بعد ۾ ان تي ٺهيل فلم بہ ڏٺم پر ناول ۾ ڪيل منظر ڪشي فلم کان بہ زور آهي ۽ اهو ڪتاب مون وٽ اڃا بہ ليڊي چيٽرليز لور، مادام بواري، بوڪيشو جي ڊيڪميران ۽ ڪليوليند جي ناول 'فيني هل' سان گڏ هڪ ئي شيلف ۾ موجود آهن.

—

فلم اسٽار نادره جي فلمن ۾ آمد اوچتو ئي اوچتو ٿي. هن کي ننڍپڻ کان فلم ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق هو نہ ئي وري هن جا مائٽ. جيئن نرگس ۽ مڌو بالا جا مائٽ هنن کي فلمن ۾ وٺي آيا ۽ نہ وري شياما ۽ انگر جيڪا اسڪول لائف ۾ فلم "زينت" جي سيٽ تي شوٽنگ ڏسڻ ويئي هئي ۽ اتفاق سان ان فلم جي مشهور قوالي "آهين نہ ڀرين شڪوه نہ ڪيئي..." ۾

ڪم ڪري وجي فلمي دنيا ۾ پهتي. بلڪ نادره تہ اوچتو آن فلم مان نرگس جو نالو ڪيڻ وقت محبوب جي هٿ لڳي وئي، هوءَ هڪ يهودي ڇوڪري هئي جيڪا پنهنجي ڊيل ڊول، رنگ روپ ۽ چهري جي تاثرات جي ڪري هن مشهور فلم ۾ ڪاسٽ ٿي ۽ ان جي انگريزي نالي "The Savage Princess" سان بلڪل ٺهڪي آئي ۽ پهرين فلم ۾ ئي فن جي بلندين کي وڃي ڇهيائين. خاص ڪري ان دور جي مشهور هيروئنن، منور سلطانہ، نسيم بانو ثريا، نرگس، گيتا بالي ۽ مڌو بالا جي لائين ۾ پهچي وئي.

'آن' فلم ۾ دليپ ڪمار جي مقابلي ۾ ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ هن راجڪپور سان گڏ فلم شري چار سئو بيس ۾ وڏو نالو ڪييو. حالانڪ ان فلم جي هيروئن نرگس هئي پر ويمپ جي ڪردار ۾ رهندي بہ نادره فلم جو اهم ترين حصو بڻجي وئي. هن راجڪمار سان بہ فلمن ۾ ڪم ڪيو. موتي لعل سان بہ 'ڇوٽي ڇوٽي باتين' ۾ يادگار رول ڪيائين. پوءِ هوءَ بي شمار فلمن ۾ آئي ۽ امتياب ۽ رشي ڪپور جي فلمن ۾ بہ ماءُ وغيره جا ڪامياب رول ادا ڪيائين. نادره جي سڀ کان وڏو خوبي اها هئي تہ هن کي علم و ادب سان چاهہ هوندو هو. حالانڪ دليپ ڪمار پارت پوشن ۽ ٻيا اداڪار بہ مطالعي جا شوقين هوندا هئا ۽ وٽن سٺيون لائبريريون بہ هيون پر نادره جي لائبريري بہ ان وقت ڏاڍي مشهور هوندي هئي، جنهن ۾ شيڪسپيئر، هٽلر، وويڪانند، ٻي عظيم جنگ، يهوديت ۽ فلسفي تي بي شمار ڪتاب موجود هئا.

هندستاني فلمن جي هيءَ مشهور اداڪاره 74 ورهين جي ڄمار ۾ گهڻي شراب پيئڻ جي ڪري جيري جي بيماري وگهي 2006ع ۾ گذاري وئي، ليڪن سندس فلمون اهڙي آساني سان مرڻ واريون ناهن. هن جي فطري اداڪاري ۽ ناچ جو انداز اڄ بہ ڏسجي ٿو تہ ڪجھ وقت لاءِ گذريل وقت ۾ موٽيو ٿو وڃجي.

–

پاڪستان ۾ فلمن جي شروعات تہ 1947ع کان ئي ٿي وئي هئي جنهن تحت پهلي نظر، جنهن جو هيرو دليپ ڪمار جو ڀاءُ ناصر خان هو، جيڪو هندستاني فلمن: مزدور، نگينہ، شريمتي جي، انگاري، گنگا جمنا وغيره ۾ شهرت حاصل ڪري چڪو هو بلڪ هن جي فلم "مزدور" تہ دليپ جي فلم "جوار ڀاٽا" کان بہ اڳ رليز ٿي هئي "پهلي نظر" ۾ هن جي هيروئن آشا پوسلي هئي، جيڪا پوءِ پاڪستاني فلمن جي مشهور "ويمپ" ٿي.

هن دور جون پاڪستاني فلمون، ڪهاڻي توڙي گانن جي لحاظ کان ڪنهن بہ طرح هندستاني فلمن کان گهٽ نہ هيون البتہ اداڪارن جي وڏي کوٽ هئي تڏهن بہ سڌير سنتوش ڪمار، درپن، مسعود، حبيب، ڪمال، وحيد مراد، پراڻا اداڪار، شاهنواز، ايم اسماعيل، هماليہ والا، مجيد، علاؤالدين وغيره توڙي اسلم پرويز مصطفيٰ قريشي، نُهري ۽ رنگيلا وغيره انڊسٽري تي ڪافي ڇانئجي ويا هئا ۽ اسين بہ ڪوشش ڪري هنن جون فلمون پهرين ئي ڏينهن پهرين شو ۾ ڏسڻ ويندا هئاسين.

هن دور ۾ ڪيتريون ئي سٺيون پنجابي، ٿوريون سهي پر سٺيون سنڌي فلمون بہ ٺهيون، جن ۾ عمر ماروي، پرديسي رنگ محل بہ وڏو نالو ڪيو. جڏهن بنگال بہ اردو فلمون ٺهيون جن ۾ درشن، آخري اسٽيشن، (هاجره مسرور جي ڪهاڻي تي مبني) چڪوري ۽ تلاش جهڙيون ڪلاس جون فلمون ۽ شايد پهرين رنگين سئنيما اسڪوپ فلم "سنگم" رليز ٿيون تہ پاڪستاني فلم انڊسٽري ۾ رحمان ۽ نديم جهڙا لاجواب اداڪار، شبنم جهڙي گهڻ رخي هيروئن رابن گهوش جهڙو موسيقار ۽ رونا ليليٰ توڙي فردوس بيگم جهڙن آوازن نئون رنگ پيدا ڪري ڇڏيو. حالانڪ بليڪ اينڊ وائيٽ فلمن ۾ بنگال جا خوبصورت نظارا ۽ سندربن يا رانگا ماٽي جي جابلو علائقي جي سونهن تہ ڪا نہ ڏسي سگهبي هئي پر ڪهاڻيون جاندار، ڊائلاگ معنيٰ خيز موسيقي توڙي اداڪاري جي سنگم انڊسٽري کي نئون رخ ڏئي ڇڏيو. شبنم، نديم، رونا ليليٰ ۽ فردوسي بيگم پاڪستاني فلمن جا مشهور نالا بڻجي ويا.

اڄ بہ انهن فلمن جا گانا ٻڌجن ٿا تہ دل ۾ هڪ عجيب قسم جي رومانوي موسيقيت جو احساس ٿئي ٿو. ”ساون آئي ساون جائي، تم ڪو پڪارين گيت هماري“ جهڙا بي مثال گانا، اڄ بہ نہ ٿا وسرن. جڏهن 1970ع ۾ پاڪستان جو اهو حصو الڳ خودمختيار ملڪ بڻجي ويو تڏهن بہ شبنم ۽ نديم ئي هتي جي فلم انڊسٽري کي سهارو ڏئي هلائيندا رهيا، ليڪن انڊسٽري جي زوال کي ڪوئہ روڪي سگهيا. ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن تنهن تي سوچڻ جي ضرورت آهي.

–

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شخصيت جيتري متاثر ڪندڙ هئي، ايتري ٻئي ڪنهن پاڪستاني سياستدان جي شايد ئي هجي. اسين جڏهن اخبارون پڙهڻ جي قابل ٿياسين، خاص ڪري ايوبي مارشل لا 1958ع کانپوءِ، ڇو جو ان کان اڳ آئون تہ جنگ اخبار ۾ ايڊگر رائيس برو جي ٽارزن جي سسلسل تصويري ڪهاڻي پڙهندو هوس يا ان وقت جي ٻي مشهور اخبار ”انجام“ ۾ ابن حسن نگار جون تصويري ڪهاڻيون هونديون هيون جن جا ڪردار جوليا، بهرام اجا نہ ٿا وسرن. ان کانپوءِ وڏ ۾ وڏ فلمن جا اشتهار جن جي آئون ڪٽنگ بہ ڪري رکندو هوس تہ ڪلر پئنسل سان انهن ۾ رنگ بہ ڀريندو هوس.

هونئن تہ ڀٽي صاحب تي گهڻن ئي سوانح نگارن بہ لکيو آهي تہ آريانا فلاسي ۽ وولپرٽ توڙي ڪلديپ نائر تمام دلچسپ ڳالهيون لکيون آهن ليڪن ڊاڪٽر افضل اقبال جيڪو نہ صرف هڪ ڪيريئر ڊپلوميٽ هو بلڪ گورنمينٽ ڪاليج لاهور پنجاب جو اهو هوشيار ۽ ذهين شاگرد هو جنهن 1936ع ۾ ان وقت برصغير ۾ ڊبيٽ ۾ گولڊ ٽرافي کٽي هئي ۽ جنهن کي رابندر ناٿ ٽئگور خود ملاقات لاءِ گهرايو هو جنهن جو ذڪر آئون اڳ ئي ڪري چڪو آهيان، نہ صرف ايترو پر هن پنهنجي ڪاليج جي وئڪيشين ۾ پارٽ جي اڳوٽي صدر ڊاڪٽر ذاڪر حسين، جيڪو ان وقت جامعہ مليہ دهلي جو وائيس چانسلر هو تنهن سان لکپڙهہ

پچان.“ انهيءَ تي منهنجي زال پنهنجي ميزبان هجڻ جي حق کي استعمال ڪندي وچ ۾ پئي ۽ چيائين تہ ڪم از ڪم ماني وقت اهڙين سياسي ڳالهين کان پاسو ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ضرورت پوي تہ مانيءَ کانپوءِ پلي ان مسئلي تي وڏيڪ سوچ ويچار ڪريو.

مانيءَ کانپوءِ هميشہ جيان گلاس هٿ ۾ کڻي چيئرس چئي بهترين خواهشن جو اظهار ڪيو ويو ۽ ٿوري دير کانپوءِ وزيراعظم، وزير خارجہ کي چيو تہ اسلام آباد ۾ وزارت خارجہ کي فون ڪريو تہ هڪدم انگولا کي تسليم ڪيو وڃي. اهي لفظ ٻڌي آئون اچرج ۾ پئجي ويس، مون نہ ٿي سمجهيو تہ هو ڪو اهڙو ترت فيصلو ڪندو. بهرحال ان تي نہ صرف آئون پر ات موجود ٻين سڀني کي بہ ڏاڍي حيرت ٿي سواءِ فارن سيڪريٽري جي جيڪو چپ چاپ بنا ڪنهن تاثر ڏيڻ جي ويٺو رهيو. آئون سمجهي ويس تہ وزيراعظم، جيڪو هن گفتگو دوران بلڪل خاموش ويٺو هو، تنهن سوچي سمجهي اهو فيصلو ڪيو آهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو وزيراعظم کي اوٽاوا وڃڻو هو هن صبح ساڻ مون کي اسٽيٽ گيسٽ هائوس ۾ گهرايو. جتي ڏٺم تہ هو فارن سيڪريٽري تي ڏاڍو ڪاوڙيل نظر آيو. ان ڪري جو هن جي خيال موجب هڪ تہ وزيراعظم کان ڪيل سوال جي جواب ۾ هن کي ڳالهائڻ جو ڪو حق نہ هو جڏهن تہ اتي ٿي وزير ۽ سيڪريٽري خارجہ موجود هئا، تنهن ڪري ڪيس انهيءَ مسئلي تي راءِ ڏيڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪا نہ هئي. هن کي وڌيڪ ڪاوڙ اها بہ هئي تہ ڪنهن دعوت ۾ ڪنهن مهمان کي ميزبان جي ڳالهہ تي ڳالهائڻ جو حق نہ هوندو آهي جڏهن تہ اتي ملڪ جو چيف ايگزيڪيوٽو بہ موجود هجي. ان وقت ڀٽو صاحب سخت ڪاوڙ ۾ هو. هن چيو تہ اتي ٿي وزير بہ موجود هئا. هنن فارن سيڪريٽري کي ان غلطي تي ڪجہ نہ چيو. وري چيائين ”مون تہ چاهيو ٿي تہ ان وقت مانيءَ مان ٿي اٿي وڃان پر پوءِ اهو سوچي ويٺو رهيس تہ متان توهان ميزبان دل ۾ نہ ڪريو.“

تنهن ڪانپوءِ هن وزير خارجہ کي حڪم ڪيو تہ "راتوڪن سيني مهمانن کي، جيڪي دعوت ۾ شريڪ هئا. تن کي گهرايو ۽ فارن سيڪريٽريءَ کي چئو تہ سفير صاحب کان ڪلي طرح معافي گهري سندس اوٽاوا وڃڻ کان پهرين اهو ٿيڻ گهرجي."

وزير خارجہ هڪدم اها گڏجاڻي ڪئي ۽ فارن سيڪريٽري کي مون کان معافي وٺڻ لاءِ چيائين. هن پنهنجي سيٽ تان اٿي چيو تہ ڪالهہ رات هن جي دماغ تي ڪن ڳالهين جو بار هو جنهن ڪري اهي لفظ هن جي وات مان نڪري ويا. جن تي هو پشيمان آهي ۽ ڪلي دل سان معافي ٿو گهري. هن اٿي مون کي ڀاڪر پاتو ۽ مون کي بہ لڳو تہ هاڻ گهٽي ٿي، متان هي ڪنهن وڏي ڏچي ۾ نہ اچي وڃي. تنهن ڪري ڪلي دل سان معافي ڏني مانس ليڪن پٿو صاحب پنهنجي ڳالهہ تي اڃا بہ قائم هو سو جڏهن آئون ڪين اوٽاوا روانو ڪرڻ لاءِ خدا حافظ چوڻ ويس تہ هڪدم چيائين، "هن توکان غير مشروط معافي ورتي يا نہ." مون چيو "ها". وري چيم، "باقي هاڻ آئينده جيڪي ٿيندو تنهن کي منهن بہ مون کي ئي ڏيڻو پوندو." جنهن تي هن هڪدم وراڻيو "Only on my dead body" ان وقت سندس بيگم صاحبہ بہ موجود هئي. پٿي صاحب جا اهي لفظ ڪيڏا نہ معنيٰ خيز هئا. انهن جو اندازو ٿوري ئي وقت کان پوءِ پيش آيل حالات مان ٿي ويم.

علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جي دور کان جن ناميارن استادن سنڌ يونيورسٽي ۾ علم جو درس ڏنو تن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو. جديد دور ۾ اهڙي بزرگ ۽ عالم شخص جو سنڌ يونيورسٽيءَ جي اردو شعبي ۾ هجڻ ۽ پنهنجي نهايت عالماڻي حيثيت سان ڪم ڪري ان کي سڄي دنيا ۾ مقبول ڪرائڻ ۽ هتان ڪئين وڏا وڏا پي ايچ ڊي اسڪالر پيدا ڪرڻ ان دور جو وڏو ڪارنامو آهي. منهنجو استاد ۽ دوست پروفيسر ڪريم الدين احمد بہ هن شعبي

مان ڊاڪٽر صاحب وٽان ئي ڊاڪٽريٽ حاصل ڪئي ته ٻئي هڪ بزرگ دوست ۽ اديب، سابق وائيس چانسلر ڪراچي يونيورسٽي، ڊاڪٽر جميل جالبي به هتان پوسٽ ڊاڪٽريٽ ڪئي. مون کي ستر جا اوائلي سال ياد آهن جڏهن مون بي اي آنرز ۾ اردو سبجيڪٽ پڙهڻ دوران هن شعبي جي مان وارن استادن سان ملاقاتون ڪيون ۽ سندن علم مان فيض حاصل ڪيم، انهن مان قاضي مرتضيٰ صاحب ۽ هاشمي صاحب وٽ ته پڙهيس ۽ اردوءَ جي ادب، ثقافتي ۽ سياسي پس منظر کان واقف ٿيس ليڪن سائين غلام مصطفيٰ خان مون کي پنهنجي عزيزن جيان پنهنجي ويجهو رکندو هو. ايتري قدر جو هو اردو شعبي جي هر تقريبُ ۾ مون کي ضرور گهرائيندو هو. حالانڪ اردو جا ميجر سبجيڪٽ جا شاگرد، مائنر وارن شاگردن کي پنهنجي شعبي جي شاگرد تسليم نه ڪندا هئا. انهن ۾ هڪ عبدالحق حسرت ڪاسگنجوي به شامل هو جيڪو 64_63 ۾ شعبي جي شاگرد يونين جو صدر هو ۽ ان وقت منهنجي پنيور جي پڪنڪ ۾ شريڪ ٿيڻ تي اعتراض ڪيائين ليڪن ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان چيو ته، "خادم حسين ضرور چلي گا." جڏهن ته پوءِ واري زندگيءَ ۾ اهو ئي ڊاڪٽر عبدالحق منهنجو بهترين دوست بڻجي ويو ۽ هن منهنجا ڪيترا سنڌي افسانا اردوءَ ۾ ترجمو ڪيا، جيڪي پاڪستان جي مختلف اردو رسالن ۾ به شايع ٿيا ۽ منهنجي ڪتاب "قاضي خادم ڪي افساني" ۾ به شامل آهن.

خان صاحب سان منهنجو واسطو هميشه قائم رهيو ۽ آئون هن جي علم ۽ روحانيت جو قائل ٿي ويو هوس. خاص ڪري جڏهن ڪائنن ڪو علمي سوال ڪيو ويندو هو ته نهايت نهٺائي سان چوندو هو مين ڪس قابل هون ڪه اس بات ڪا جواب دي سڪون البته جو ڪڇ معلوم هي، وه بتا ديتا هون. ائين هو ان مسئلي تي نهايت مستند حوالن سان اهڙي ته معلومات ڏيندو هو جو عقل ئي دنگ رهجي ويندو هو. اسان جو پروفيسر محرم خان چوندو هو "خادم، هن جي علم جو ته اندازو ڪر، جو هي عالم شخص هيترو ڄاڻندي به چوي ٿو ته مين ڪس قابل هون!"

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان دنوي عالم تہ هو ايتري قدر جو جڏهن بہ دنيا مان ڪو اردو علم جو ماهر ايندو هو تہ هن وٽ حاضري ضرور پريندو هو. هن کي دنيا ۾ تسليم ڪيو ويندو هو ليڪن هو روحانيت جو صاحب بہ هو ۽ خاص ڪري قبرن سان ڳالهائڻ جو ڪشف بہ هئس بلڪ مون پنور ۾ هن کي ڪيترن هنڌن تي هوا ۾ پاڪر پائي ڪن ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ هستين سان عربي، فارسي ۾ گفتگو بہ ڪندي ڏٺو هو جن جو احوال پوءِ وري هن پاڻ بہ اسان کي ٻڌايو.

هڪ خاص واقعو آئون ضرور ٻڌائيندس تہ جنهن ڏينهن علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب سنڌوءَ جي پاڪر ۾ اسان کان دور هليو ويو هو ۽ هن جي ان خودڪشيءَ تي مختلف نڪتہ نظر جي ماڻهن جا بحث شروع ٿي ويا هئا. تڏهن بقول ڊاڪٽر صاحب جي، هو ان ئي رات فجر جي وقت سندن گهر ويو هو ۽ ساڻن گڏ فجر جي نماز بہ پڙهي هائين ۽ پنهنجو نقطہ نظر بہ بيان ڪيو هئائين.

بظاهر اهو واقعو عجيب ٿو لڳي ليڪن مون کي خود اهڙو هڪ تجربو ان وقت حاصل ٿيو هو جڏهن مون ڏوڪري شهر ۾ رات جو دير سان بابا جي وڏي پڦي کي سندس مخصوص سفيد لباس ۾ پنهنجي کٽ جي سيراندي دعائيہ انداز ۾ ہڪ کٽي بيٺل ڏٺو هو. جڏهن تہ عين ان وقت اتان ڪان سوين ميل پري هوءَ هالا پراڻا ۾ دم ڏٽي حوالي ڪري رهي ۽ هئي ۽ بابا سندس کٽ جي پاسي ۾ ويهي تلاوت قرآن ڪري رهيو هو.

ان ڪانسواءِ مون کي جسٽس جاويد اقبال جو لکيل اهو واقعو بہ ياد آهي تہ ڪيئن پٽي صاحب جي شهادت واري رات جو هن پٽي کي اوچتو دروازو کولي سندس خوابگاهہ ۾ ايندي ڏٺو هو جيڪو نهايت خراب حالت ۾ رت هاڻن ڪپڙن سان کيس چئي رهيو هو "جاويد ڏس هنن مون سان ڇا ڪيو آهي؟" ان واقعي جي تائيد جاويد اقبال جي زال بہ ڪئي هئي، جنهن پٽو تہ ڪو نہ ڏٺو پر ڪمري جي دروازي جي کلڻ جو نڪاءُ تي هو جاڳي پئي هئي.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان هڪ عالم، ماهر روحانيات ۽ هڪ نهايت اعليٰ درجي جو طبيب به هو ۽ وٽس ايندڙ ماڻهن جي ان ڏس ۾ مدد ڪندو رهندو هو جنهن جو مون کي ذاتي تجربو به آهي.

اهڙن عظيم شخصيت جي ياد اچي ٿي ته دل کي اطمينان ٿو ٿئي ته دنيا اَڄ به عظيم هستين کان خالي ناهي. هن عظيم هستيءَ وري پنهنجي پوٽي حافظ ڊاڪٽر منير احمد تي پنهنجي علم جي نظر وڌي، جيڪو پڻ مجسم اخلاق ۽ عالم شخص آهي هن جي قرائت ۾ ايترو اثر آهي جو دل بار بار اها ٻڌڻ چاهيندي آهي اهو ئي سبب آهي جو آئون پنهنجي هر سرڪاري تقريب ۾ کين قرائت جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ چوندو آهيان ۽ هن جي محبت ۽ عزت جو اهو حال آهي جو هو پنهنجي عظيم ڏاڏي جي واسطي جي ڪري جڏهن به ڪو عهدو ماڻيندو آهي ته اوستائين ڪرسيءَ تي نه ويهندو آهي، جيستائين آئون ان تي ويهي کيس دعا نه ڪريان ۽ هٿ کان وٺي اتي نه ويهاريان.

حافظ منير هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اسلامڪ اسٽڊيز جي فيڪلٽي ۾ ڊين به آهي ته پنهنجي ڏاڏي جي روحاني گادي جو به هر وقت خيال رکندو ٿو اچي.

هن کان اڳ ڊاڪٽر انور پناڻ هن فئڪلٽي جو ڊين هئو جيڪو پڻ منهنجي بيحد عزت ڪندو هو. افسوس جو هو رٽائرمينٽ کان پوءِ جلد اوچتو وفات ڪري ويو.

-

هڪڙو وقت اهڙو به ڏٺوسين جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو به پي ايچ ڊي ڪونه ٿي نظر آيو. ڊاڪٽر گربخشاڻي، علامه ڊاڪٽر دائودپوٽو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر هاليپوٽو، ڊاڪٽر ممتاز پناڻ اهي بيشڪ Ph.D هئا پر سنڌيءَ ۾ ڪونه هئا. جڏهن ته سرڪاري تعليم کاتي توڙي ڪاليجن ۾ پروفيسر ۽ پرنسپال جي عهدي تي گهڻو ڪري غير سنڌي ئي مقرر ٿيندا رهيا، سواءِ ڪن خاص شخصن جهڙوڪ پروفيسر محبوب

علي چنہ. ڊاڪٽر غلام حسين جعفري وغيره. هڪ دفعي جڏهن پرنسپل جي جاءِ لاءِ درخواستون گهرايون ويون تہ هڪ سينئر استاد ميمڻ عبدالمجيد سنڌي کي هڪ بہ سوال انگريزيءَ ۾ پڇي واپس ڪري ڇڏيائون. ان ڪري جو هو ڊاڪٽر ڪو نہ هو. جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ ڪو گائيڊ بہ ڪونہ هو سواءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي، جيڪو پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ پي ايڇ ڊي نہ هو بلڪ ايجوڪيشن جي حوالي سان ڪولمبيا يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي ڪري آيو هو. چوندو هو تہ هٿ ڪو ماٺهو پي ايڇ ڊي ڪرڻ جي قابل ئي نظر نہ ٿو اچي. جڏهن تہ هن وٽ ڊاڪٽر غلام علي الانا بہ رجسٽر ٿيل هو ليڪن ڊاڪٽر صاحب ان مان مطمئن نہ هو.

ان دور ۾ آرٽس، سائنس وغيره ۾ پي ايڇ ڊي ڪيل لاڳاپيل فئڪلٽي جي ڪنهن سبجيڪٽ ۾ گائيڊ مقرر ٿيندا هئا. تنهن ڪري پي ايڇ ڊي گائيڊ تہ وري بہ موجود هئا ليڪن ڊگري تمام ڏکيائيءَ سان ڪي حاصل ڪري ٿي سگهيا. انهن مان بہ جمن ٽالپر ۽ عزيز الرحمان بگهئي جون ڊگريون متنازعہ بڻجي ويون ۽ اهو فيصلو نہ ٿيو ٿي سگهي تہ جمن ٽالپور کي ايجوڪيشن ۾ ڊگري ڏجي يا سنڌي شعبي ۾ تہ عزيزالرحمان کي صحافت ۾ ڊگري ڏجي يا سنڌيءَ ۾. اهڙا ڪئين دلچسپ مسئلا ان وقت ٻڌاسين.

پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيندي ئي ان ڳالهہ جو سخت نوٽيس ورتو ۽ سنڌ جي هڪ جيد عالم علامہ غلام مصطفي قاسمي کي سنڌي شعبي جو اعزازي/وزٽنگ پروفيسر ۽ گائيڊ مقرر ڪيائين جنهن هن طلسمي محل جو در کوليو جنهن ۾ سڀ ڪان پهرين الانا صاحب ٽپي اندر ٿيو پوءِ لائين لڳي وئي. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ مون سميت ڪيترا استاد ۽ عالم هن جي رهنمائي هيٺ پي ايڇ ڊي ٿيا. ليڪن ان وقت ۾ هر پي ايڇ ڊي خودبخود گائيڊ ڪونہ ٿي ويندو هو بلڪ يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ

اھڙن نالن تي غور ڪري ھنن جي گائيڊ طور مقرريءَ جو آرڊر ڪيندي ھئي. خود منھنجي پي ايچ ڊي گائيڊ بنجڻ جو بہ آرڊر نڪتو ۽ آئون سنڌي، سنڌالاجيءَ جي ثقافتي موضوعات ۽ پاڪستان اسٽڊيز لاءِ گائيڊ مقرر ٿيس. گائيڊ مقرر ٿيڻ ٻي ڳالھ آھي ۽ گائيڊ ڪرڻ جي ڳالھ ٻي. مون وٽ جڏھن ڪيترا شاگرد داخلا وٺڻ آيا تہ انھن ۾ ان وڏو انگ تہ اٿندي ئي غائب ٿي ويو. ڪيتريون ڇوڪريون جن کي پي ايچ ڊي جو شوق ھو گھريلو ڪمن يا نوڪرين ملڻ جي ڪري گم ٿي ويون. ائين ڪيترا نوجوان ڇوڪرا جن ۾ ريسرچ ڪرڻ جو شوق تہ ھو پر ڪاليجن ۾ نوڪريءَ سبب ھو بہ اتي وڃي ڪرت سان لڳا ۽ ڪم نہ ڪري سگھيا. ٻئي طرف جيڪي شاگرد ريگيولر ايندا رھيا تن ۾ تمام ٿورا اھڙا ھئا، جن کي لکڻ پڙھڻ سان ڪو شوق ھو ورنہ ھنن جي مرضي اھا ئي ھئي تہ گائيڊ لکي بہ پاڻ ڏي اھو مون کان ڪونہ پڄو. تنھن ڪري صرف چند شاگردن مون سان ڪم ڪيو ۽ تحقيق ۾ دلچسپي ڏيکاريائون، اھي ئي مون وٽان ۽ پي ايچ ڊي ڪري سگھيا. آئون پاڻ حيران ٿيندو آھيان تہ ڪنھن استاد وٽ پي ايچ ڊي ۾ بيشمار شاگرد ڪيئن ٿا رجسٽر ٿين؟ جڏھن تہ يونيورسٽي لاءِ ھڪ استاد وٽ رجسٽر ٿيڻ لاءِ شاگردن جو تعداد مقرر ڪيل آھي.

—

ڪنھن وقت ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ بہ وڏو مان وارو ڪم سمجھيو ويندو ھو ۽ پوءِ ان جي جڳھ انٽر اچي والاري. جنھن ڪانپوءِ وري بي اي ڪرڻ کي وڏو ڪارنامو سمجيو ويو. ھاڻ تہ تعليمي معيار اھو ٿيو آھي جو ايم اي ڪندڙن کي پرائمري استاد جي نوڪري نہ ٿي ملي بلڪ ٿي سگھي ٿو تہ ڪجھ وقت ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري رکندڙ بہ رستن تي پاجيون وڪڻدا نظر اچن جيئن تمام گھڻو وقت اڳ، جڏھن ايم اي جي ڊگريءَ جو اجا مانُ ھو ھڪ شخص ايم اي مسلم ھسٽري ۾ ڪيل، ھوم اسٽيڊ ھال جي سامھون اڳوٽي دور جي دٻو نما ڪيمرا رکيو ماڻھن جا

پورٽريٽ ۽ پاسپورٽ سائيز فوٽو ڪڍندو نظر ايندو هو. هڪ دفعي مون چيومانس تہ "يار تون ايم اي آهين ڪا چڱي نوڪري ڇو نہ ٿو ڪرين" تہ وراڻائين "مون کي جڏهن فوٽوگرافي مان سٺي ڪمائي پئي ٿئي تہ پوءِ بہ نوڪري ڇو ڪريان؟"

سنڌ يونيورسٽيءَ جو اهو دور نہ وسرندو جڏهن سڄي ملڪ ۾ هن جو ناماچار هوندو هو. هن يونيورسٽي جا شاگرد جڏهن پڙهي تعليم حاصل ڪري وڃي دنيا جي ڪم ڪار سان لڳندا هئا تہ هو پنهنجن هم ڪلاسين کي تہ ٺهيو پر انهن شاگرد ساٿين کي بہ ياد رکندا هئا، جن سان صرف ڪينٽين ۾ چانهہ پيتي هونداؤن يا ڪنهن ڊبيٽ وغيره ۾ ملاقات ٿيل هوندي هئن.

انهن ئي ڏينهن ظفرالله قريشي هن يونيورسٽي مان پڙهي وڃي ريلوي کاتي ۾ داخل ٿيو هو ۽ وڏي عهدي تائين وڃي پهتو. هن جي دوستي پروفيسر حسن پٺي، پروفيسر عمر ميمڻ، غلام حسين خاصخيلي ۽ ٻين ڪيترن سان هئي. تنهن ڪري هو جڏهن بہ يونيورسٽي جي شاگردن کي ڪيڏانهن ٽوئر تي وٺي ويندا هئا تہ ريلوي ۾ ٽڪيٽ ۽ مناسب جڳهہ ملڻ ۾ دير ئي ڪا نہ ٿيندي هئي. بقول پروفيسر رشيد انصاري (مرحوم) جي تہ هن جو نالو ڄڻ تہ هڪ پاس ورڊ هوندو هو نالو ورتو ناهي تہ هر ڪم ٿي ويندو هو.

جيئن عليگڙهہ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيل ماڻهو پنهنجي نالي پويان "عليگ" لکڻ کي پنهنجو شان سمجهندا هئا، تيئن سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد وڏي ڪان وڏو عهدو حاصل ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي مادر علميءَ تي کلم کلا فخر جو اظهار ڪندا هئا ۽ هي يونيورسٽي هئي بہ ان قابل جو ان تي فخر ڪيو وڃي. جيڪڏهن يونيورسٽيءَ جو ڪو استاد ڪڏهن غلطي کان ڪو غلط ڪم ڪري وجهندو هو تہ هو يونيورسٽيءَ ۾ رهي نہ سگهندو هو.

مون کي ياد نہ ٿو پوي تہ منهنجي پڙهائي واري دور ۾ ڪڏهن ليٽ في سان فارم ورتا ويا هجن، داخلا جا يا امتحان جا، ان ڪري جو اهي عمل

پنهنجي مقرره وقت تي ئي ٿيندا هئا، جن کي بدلائڻ جو اختيار ڪنهن کي ڪو نہ هوندو هو. تنهن ڪري ڇا بہ ٿي پوي فارم ڀرائڻ ۽ امتحان ۾ وقت سر ويهڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو ڪو نہ هوندو هو.

حالانڪ ان دور جا استاد نهايت شفيق ۽ محبت ڪرڻ وارا شخص هوندا هئا. ليڪن قاعدي قانون ۾ ڪنهن سان بہ رعايت ڪو نہ ڪندا هئا. مون کي سوشالاجي جي پروفيسر شفيع محمد ميمڻ صاحب جو هڪ مثال ياد ٿو اچي، جيڪو شام جو اسان سان گڏ فردوس سئنيما جي سامهون واري ڪيفي فردوس ۾ ويهي چانهہ پيئندو هو ۽ ان جا پئسا پاڻ اهو چئي ڀريندو هو تہ ”توهين اڄا شاگرد آهيو. آئون پگهار وارو ماڻهو آهيان. جڏهن توهين نوڪري ڪندا تہ پوءِ ڀلي منهنجا پئسا بہ ڀرجئو.“

هو سوشيالاجي جو هيڊ آف ڊپارٽمينٽ هو ۽ هالا نوان جو هوندي جڻ تہ منهنجو ڳوٺائي بہ هو. هن لاءِ مشهور هو تہ هو امتحان ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن سان رعايت نہ ڪندو هو. ڇاهي اهو سندس پٽ هجي بلڪل ساڳئي قسم جو هڪ ٻيو وڏو پروفيسر ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو بہ هو جيڪو مون سان تمام سٺو هلندو هو. آئون سندس شعبي اسلامڪ ڪلچر اينڊ ڪمپريٽو رليجنس ۾ بي اي جي پارٽ ٽو ۾ مائنر ۾ پڙهي بہ چڪو هوس ۽ هو چاچا غلام محمد مرحوم سان دوستي هئڻ جي ناطي بہ منهنجو گهڻو خيال رکندو هو. جڏهن مون ايم اي ڪئي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار ٿيس تہ مون کي پي ايڇ ڊي ڪرڻ جو خيال ٿيو. مون ساڻس اها ڳالهہ ڪئي. ان وقت ڪو بہ پي ايڇ ڊي گائيڊ ڇاهي ڪهڙي بہ سبجيڪٽ جو هجي، ٻئي سبجيڪٽ جي شاگرد کي گائيڊ ڪري سگهندو هو ۽ موجوده دور جي سيمينارن واري ڪا بہ بندش ڪا نہ هوندي هئي. هن پهرين تہ مون کي ها ڪئي، ليڪن پوءِ چيائين ”قاضي صاحب آئون تہ بيشڪ توکي گائيڊ ڪريان پر تنهنجي شعبي وارا ڪاوڙجي پوندا ۽ اخلاقي طور بہ تو ي هنن جو حق آهي. تون اتان پڇي وٺ.“ آئون اهو ٻڌي چپ ٿي ويس. ڪجهہ بہ چئي ڪو نہ سگهيس. ڇو جو پنهنجي

شعبي ۾ استادن جو رويو ڏسڻ کانپوءِ تہ مون ڊاڪٽر صاحب کي اها درخواست ڪئي هئي.

—

نالن جو بہ هڪ پنهنجو رومانس آهي. اڳي جڏهن پڪنڪ لاءِ ڪراچيءَ ويجهو هو تہ هميشہ ’هاڪس بي‘ جو نالو سڀ کان پهرين ذهن تي ايندو هو پر جيڪڏهن ڇوڪرا ڪرڪيٽ يا فٽ بال جا شوقين هوندا هئا تہ ’سينڊس پٽ‘ تي ويجهو هو جتي ريتي جي وڏن ميدانن تي سامونڊي لهرن جي آوازن ۾ راند جا مزا ونبا هئا ۽ شام جو جيڪڏهن منهوڙي ڏانهن نڪري ويجهو هو تہ بندر روڊ تان ڊينسو مال، لشڪمي بلڊنگ ۽ ميري ويدر ٽاور کان هلي نيٽي جيٽي جي پل پار ڪري ڪياماڙيءَ تان هڪ وڏي جهاز رستي (استيمر نموني جو آهي جيڪو اڃا تائين اهو ئي جهاز ڪياماڙي ۽ منهوڙي جي وچ ۾ چڪر هڻي ٿو) منهوڙي ويجهو هو جيڪو ان وقت صرف هڪ سامونڊي ڪنارو هو جتي پري پري ڪي ڪچا، پڪا گهر نهيل هوندا هئا. ليڪن اسان گهڻو پوءِ جڏهن اتي وياسين تہ منهوڙي کي سجائي نہ سگهياسين. هڪ مڪمل شهر جي شڪل ورني بينو آهي، اتي بہ سمنڊ جي صاف هوا ۾ شهر جو دونهون ۽ ڌوڙ شامل ٿي وئي آهي.

ٻئي طرف ڪراچي ويجهي ۽ ڪلفٽن (جيڪا ان وقت سمنڊ جي ويجهو هئڻ سبب جڻ تہ سمنڊ جو ڪنارو سمجهبي هئي) نہ ويجهي، عبدالله شاهہ غازيءَ جي مزار سان گڏ خوبصورت برج واري پٿر جي محراب دار ديوار ۽ اتان لهندڙ ڏاڪڻيون، جن کي سمنڊ اچي ڇهندو هو. جيڪو پوءِ ڪافي پري ٿي ويو. ليڪن آهستي آهستي بمبيءَ جي ميرين ڊرائيو جي طرز تي سمنڊ کي ديوار ڏئي اُت رهائشي اسڪيمون ناهيون ويون. بنگلا ۽ هٽس نهي ويا، هوٽلون ۽ مال قائم ٿي ويا تہ سمنڊ بہ رسي اڳتي هليو ويو تڏهن بہ ڪيترو وقت سمنڊ نظر پيو ايندو هو. هاڻ تہ سمنڊ ڪلفٽن کان ايترو تہ پري آهي جو ان جون ٿڌڙيون هوائون ڪڏهن ڪراچي واسين کي ميسر نہ ٿيون ٿين.

جڏهن سمنڊ جي ڪناري تي بلڊنگس ۽ بنگلا ٺهڻ شروع ٿيا ته ان وقت مون قاسم پٽي (جيڪو ان وقت مشهور سمگلر طور سڃاتو ويندو هو ۽ ڪيس قاسو اڏارو به چوندا هئا جو هو ڪنهن کان به اوڌار وٺي واپس ڪو نه ڪندو هو) جو هڪ انٽرويو پڙهيو هو جنهن ۾ هن چيو هو ته جتي سمنڊ جي آڏو ڪا ديوار يا رڪاٽ ڪڙي ڪبي ته سمنڊ ان هنڌ کان گهٽو پري هليو ويندو. اهو ئي طريقو آهي جنهن سان ڪيترا ملڪ سمنڊ مان زمين حاصل ڪندا آهن.

مون ريڊروس ڊائجيسٽ ۾ امريڪي صدر ڪلنٽن جي فلپائن جي دوري بابت پڙهيو هو جتي ان وقت جي فلپائني صدر جي زال اميلڊا مارڪوس امريڪي فرسٽ ليڊي کي سمنڊ جي ڪناري چڪر هڻائڻ وٺي وئي هئي ۽ ٻڌايو هئائين. هتي هو هڪ وڏو ميوزيم ۽ لائبريري ٺهرائي رهيا آهن ان تي امريڪي فرسٽ ليڊي حيران ٿي چيو ته. "ائين ڪيئن ڪندا."

"توهين ايندڙ سال اچي ڏسجو." اميلڊا چيو. ان جي ٻئي سال واقعي سمنڊ واري هڪ حصي تي اهو ميوزيم ٺهي چڪو هو ۽ سمنڊ مان زمين حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ئي ديوار ڏيڻ وارو طريقو اختيار ڪيو ويو هو.

هاڻ قسمت جي ستم ظريفي ڏسو ته ڪراچيءَ ۾ سمنڊ کان زمين حاصل ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته لاڙ واري حصي، بدين ۽ پرپاسي ۾ سمنڊ زرعي زمينن کي ڳڙڪائيندو پيو اچي.

—

سيپٽمبر 1965ع وارو وقت به ڪڏهن نه وسرندو جڏهن آئون خادم وطن اخبار جي نائيٽ شفٽ ۾ ڪم ڪندو هوس. مون سان گڏ ظهور انصاري، مقبول صديقي، نياز همايوني، محمد صديق بلوچ حسام سومرو، موسيٰ سومرو، دلدار مري، علي حسن جمالي به اتي ئي مختلف حيثيتن ۾ ڪم ڪندا هئا. ظهور نائيٽ شفٽ جو انچارج هو يعني منهنجو باس ته شمشير هن کان اڳ نائيٽ جو انچارج هو ۽ صحافت ۾ اچڻ لاءِ هن مون

جواب ڏئي رهيون آهن. اهو ٻڌي پهرين تہ بدن ۾ سياڪڙو پئجي ويو. جنگ سا بہ زميني ۽ لاهور تي! آڪاش واڻيءَ تان بار بار جنرل اروڙا جو ان ڪان اڳ واري شام جو هڪ بيان پڙهي نشر پئي ڪيو ويو. جنهن ۾ هن اعلان ڪيو هو تہ هو ڇهين سيپٽمبر شام جو لاهور جي جيمخاني ۾ شراب جو جام پيئندو. ان ڪانپوءِ تہ پاڪستان ريڊيو تان هڪڙيون تہ آل انڊيا ريڊيو تان ٻيون خبرون اچڻ شروع ٿي ويون. شهر ۾ بليڪ آئوٽ ٿي وئي. سڄو شهر اونده ۾ ٻڏي ويو. گهرن ۾ شيشي جي درين تي ڪارا پنا چنبڙايا ويا اسان بہ در دريون بند ڪري، ٽيبل ليمپ کي ميز تي اونڌو ڪري ڪمري ۾ لڳي وياسين. بي بي سي تان صحيح خبرون ٻڌڻ جو آسرو هو. اها بہ ڪڏهن پرامید تہ ڪڏهن مايوس ڪندڙ خبرون ٻڌائيندي رهي ليڪن اها خبر پئجي وئي تہ بي آر بي نهر تي هندستان جو حملو ناڪام بڻايو ويو آهي، جنهن جي مڪمل ڪهاڻي آڪٽوبر 2005 ۾ جڏهن آئون سنڌ يونيورسٽي طرفان آخري ڀيرو استادن ۽ شاگردن کي وٺي پاڪستان ٽوئر تي ويو هوس تہ اتان جي مهمانداري لاهور وومين يونيورسٽيءَ طرفان ڪئي وئي هئي، جنهن جو رجسٽرار هڪ رٽائرڊ ڪرنل هو جيڪو ان جنگ دوران بي آر بي تي انجنيئر ڪور ۾ ڪم ڪري چڪو هو تنهن ڪري هن مون کي ۽ منهنجي ساٿين، جن ۾ پروفيسر عبدالستار سومرو حنيف قاضي، عائشہ نعيم جاويد، ياسين قربان، الماس، شاه صاحب ۽ ڪيترا ٻيا شامل هئا. (انهن شاگردن واگها ۾ سرحد تي جهنڊي لاهڻ واري تقريب ۾ پاڪستان جي قومي ڏن تي تمام سٺو ناچ بہ ڪيو.) هن واگها تي اسان جي لاءِ خاص اهتمام ڪيو.

ڪرنل اسان کي بي آر بي جي ڪناري تان هلندي ٻڌايو تہ هنن ڪيئن هن وڏي نهر جي پاسن کان خفيہ بنڪر ٺاهيا هئا، جتان حملو ڪري هنن دشمن کي پسپا ٿيڻ تي مجبور ڪيو. ان سان گڏ هنن بي آر بي جي پل بہ بارود سان اڏائي ڇڏي هئي. هيءَ ندي ان هنڌ ڏاڍي هيبائتي پئي لڳي. خاص ڪري ٽئنڪون تہ ان کي پار ڪري ئي ڪو نہ ٿي سگهيون.

بوڪ بورڊ ۾ ڪم ڪري پنهنجو گذر سفر ڪندو رهندو هو پر مجال آهي جو ڪير سندس آڏو ڪا غلط ڳالهه ڪري ۽ جواب نه ٻڌي. پنهور صاحب جو ادب سنڌ جي هاري، مزدور ۽ شاگردن لاءِ هو. هن جو خواب "سنڌ جي آزادي" هو. تنهن ڪري سن جي سائينءَ جي به ويجهو هوندو هو. اهو ئي سبب هو جو هو ون يونٽ جي خلاف قاضي فيض محمد سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٻاهران بک هڙتال تي ويهي رهيو ۽ نوڪريءَ تان هٿ ڌوتائين.

اسان ڪي ادبي زندگيءَ ۾ صحيح راهه تي لڳائڻ وارن ۾ پنهور صاحب جو وڏو هٿ هو. افسوس جو سندس زندگي جي آخري وڏي عرصي ۾ اسين هن سان نه ملي سگهياسين ۽ هو ٻئي جهان ڏانهن راهي تي ويو. ليڪن سندس هي شعر اجا به زنده آهي.

"سنڌ جا سوداگر، توتي لعنت لک هزار."

—

هندستاني فلمون ڊارمڪ، سياسي ۽ سماجي ته هونديون هيون، جن پنهنجي دور ۾ تماشبينن کي ڏاڍو متاثر ڪيو ليڪن رومانوي فلمن جو به جواب نه هو. هونئن ته تمام گهڻيون فلمون رومانوي موضوعات تي نهيون، جن جو ذڪر مون اڳ به ڪيو آهي، ليڪن فلم "بازار" جنهن ۾ اُن دور جي مشهور هيرو شيام ۽ نهايت خوبصورت اداڪاره نگار سلطانه رومانوي جوڙي جو ڪردار ادا ڪيو هو جڏهن ته گوپ ۽ يعقوب جي مشهور جوڙي به هن فلم ۾ هئي، جنهن ۾ هو دوست نه بلڪ جدا جدا حيثيت ۾ پنهنجا ڪردار نڀائي رهيا هئا ۽ فلم تمام پسند ڪئي وئي. هن فلم جي ڪاميابي نگار سلطانه جي اداڪاري، لتا جي گانن ۽ هڪ انوکي ڪهاڻي جي سبب هئي، جنهن ۾ هڪ وطن پرست ۽ مزدورن سان همدردي رکندڙ شخص جو پٽ ٿيئٽر جي اداڪاره سان پيار ڪري ٿو ۽ هن جي شاعريءَ ۾ مظلومن جي آهن بجاءِ تڙپندڙ دل جا داستان ٿا اچي واسو ڪن.

هن فلم ۾ شيام هڪ شاعر جو رول ڪيو آهي، جيڪو رومانوي شاعري ڪندو آهي جڏهن تہ هن جو پيءُ ڪيس پاڻ سان گڏ قوم پرستي ۽ سماج سڌارڻ لاءِ شاعري ڪرڻ جو چوندو آهي. بهرحال شاعر هڪ سهڻي ۽ البيلي اداڪاره سان عشق ۾ ڦاسي ٿئيٽر ۾ وڃي پهچندو آهي ۽ گهر کان بي گهر ٿي، ٿيئٽر سان گڏ هندستان جي مختلف شهرن جا چڪر هڻندو رهندو آهي. فلم جي هيروئن بہ هن جي عشق ۾ ڦاسي چڪي آهي ليڪن ان وقت جي رواجن موجب هوءَ پنهنجي عاشق کي بہ "پروانہ صاحب" ڪري سڏيندي آهي خالي "پروانو" نہ چوندي اٿس ۽ عشق ۾ ايندڙ دشوارين سبب جڏهن هوءَ ڪيس ڇڏي هلي ويندي آهي تہ رات جي وڳڙي ۾ اڪيلي رستي تي هڪ ڏک ڀريل گانو ڳائيندي اهي.

ساجن ڪي گليان ڇوڙ چلي
دل رويا آنسو بهہ نہ سڪي

ان وقت سڄي سئنيما ۾ ٿڌا ساهہ ڀرجڻ جا آواز ايندا هئا، منهنجي دل بہ ڏاڍي اداس ٿي ويندي هئي، ان وقت اداس ڇو ٿي، اها خبر ناهي پر پوءِ جڏهن مون تي اهڙو وقت آيو تہ منهنجي چپن تي بي اختيار اهو گانو اچي ويو.

سنڌ ۾ ڏيئن ٻارڻ جو رواج تمام قديم وقت کان رهندو آيو آهي جتي اڃا لالٽين پهتا بہ ڪو نہ هئا. اتي ڏيئن جي جهرمر ئي راتين کي روشن ڪندي هئي. قديم سنڌ ۾ ڏيئا راجائن جي محلن کان وٺي مندر تائين بلڪہ هر گهر ۾ ٻاريا ويندا هئا. خود اسان جي هالن پراڻن واري گهر ۾ بہ ڪمرن ۾ ڏيئن جا طاق ٺهيل هوندا هئا. جن ۾ پوءِ لالٽين رکيا ويندا هئا. ڏيئي جي روشني، ميڻ بتيءَ جي روشني کان بهتر سمجهي ويندي هئي ان ڪري مذهبي ڏينهن تي بہ خوشي ۽ احترام لاءِ ڏيئا ٻارڻ جو رواج هو.

جيئن مون پهرين چيو آهي تہ هندو ڏياريءَ تي ڏيئا ٻاريندا هئا ۽ پنهنجي گهرن توڙي دڪانن ۾ گهڻين کي ڏيئن جي روشنيءَ سان سينگاريندا هئا. تيئن شب برات تي وري مسلمان بہ ڏيئن جي روشني ڪري پنهنجي خوشي ۽ احترام جو اظهار ڪندا هئا.

ڏيئو لفظ "ضياء" يعني روشنيءَ مان ورتل آهي، جيئن عربيءَ ۾ "ض" جو لفظ "د" "ڊ" ۽ "ڏ" جي گڏيل آواز سان اچاريو ويندو آهي تنهن ڪري اهو "ديو" يعني روشني سڏجڻ لڳو. هڪ دفعي علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي ورسيءَ جي موقعي تي جڏهن اسين علامہ صاحب جي مزار تي ويٺا هئاسين جتي وائيس چانسلر آر اي شاهہ صاحب ۽ ڊاڪٽر نبي بخش قاضي (مرحوم) بہ موجود هئا ۽ ڊاڪٽر قاضي صاحب لفظ ڏيئي جي باري ۾ ٻڌايو هو تہ لفظ "ڏيئو" "ديو" مان نڪتل آهي ۽ ديوتا ۽ ديوي لفظ ضيا مان ئي نڪتا آهن، جنهن جو مطلب روشني آهي.

—

ڪنورٽيبل ڪار منهنجي هميشہ کان پسند جي گاڏي رهي آهي. بابا بہ ڪنهن زماني ۾ هڪ شيورليٽ ڪنورٽيبل ڪار ورتي هئي، جنهن تي 1951ع ۾ اسين حيدرآباد کان سکر بہ ويا هئاسين، جنهن جو ذڪر مون اڳ بہ تفصيل سان ڪيو آهي. هنن ڪارن جون ڇتيون هٿائي سگهبيون هيون پر اس ۾ يا مينهوڳيءَ ۾ وري ڇت چاڙهي ڇڏبي هئي. مزو تڏهن ايندو هو جڏهن اوچتو مينهن وسي پوندو هو پوءِ جيستائي ڊرائيور يا ڪو ٻيو ٻنيان ڇت کي ڇڪي چاڙهي، تيسين پُسي پٽ تي ويجبو هو. هاڻي آٽوميٽڪ ڇت واريون ڪنورٽيبل ڪارون اچن ٿيون.

پاڪستان ٺهڻ وقت هت تمام گهڻيون ڪنورٽيبل شيورليٽ، بيوڪ، ڪيڊريلاڪ ۽ ٻيون شاندار گاڏيون هونديون هيون. ڪيترن وڏن ماڻهن وٽ، جن ۾ قائداعظم، صادق آباد جو نواب، سنڌ جا وڏا رئيس شامل هئا، تن وٽ ڪنورٽيبل، رولز رائز ۽ جيگوار گاڏيون بہ هونديون هيون، جن جي قيمت ان وقت بہ لکن روپين ۾ هوندي هئي ورنہ مرسڊيز تائين گاڏيون

هزارن ۾ ملي ويندين هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ قسطن تي بہ ملنديون هيون. جيڪي هاڻي وري ڪي شوقين فيس بڪ تي ڏين ٿا.

مون اهي ڪنورٽيبل شيورليٽ وري 1957ع ۾ ٺٽي ۾ ٽئڪسي طور هلندي ڏٺيون ۽ انهن ۾ ٺٽي مڪليءَ جي وچ ۾ چڪر هڻندو هئس. جڏهن تہ لائف ۽ ٽائيم رسالن ۾ فراري ۽ ٻيون ڪيتريون سهڻيون ڪنورٽيبل گاڏيون، وڏيون توڙي ننڍيون ڏسبيون هيون ۽ جڏهن هالي ووڊ جي فلمن ۾ اهي نظر اينديون هيون تہ دل اڇلون ڪائيندي هئي. خاص ڪري هيرو ۽ هيروئن ٽو سيٽر ڪنورٽيبل ۾ گهمندا هئا، جنهن جي حسرت ئي رهي جو سنڌ ۾ هيروئن سان کليل ڇت واري گاڏيءَ ۾ چڙهڻ مشڪل آهي ۽ مٿان گاڏي هلائڻ بہ نہ اچي تہ بس.

هينئر بہ مون کي ڪنورٽيبل گاڏي وٺڻ جو شوق آهي پر اهو بہ ٻڌ آهي نہ کليل ڇت جي گاڏي هلائي ڪٿي رستي تي موبائل ۽ پئسا نہ ڦرائي ويهون. ان ڪانسواءِ هاڻ شهرن جا اهي رستا بہ نہ رهيا آهن جيڪي اسان پنهنجي ننڍپڻ ۾ روز صبح جو ڌوپجندي ڏٺا. گٽرن جو پاڻي، ٻسڻ بن يا ڪچري جا ڍڳا، جن کي هتاڻ لاءِ ميونسپالٽيءَ جو عملو ڏينهن رات گشت ڪندو نظر ايندو هو. هاڻ تہ ميونسپالٽيءَ ۾ ڪوڙا ٻنگي اپائنٽ ڪري، انهن جي پگهارن مان آفيسرن ڪارون ۽ بنگلا وٺڻ شروع ڪيا آهن، لڳي ٿو تہ صفائي ڪرڻ تہ ڪم ميونسپالٽيءَ جو ڪم ئي ڪونهي. اهڙي حالت ۾ بنان ڇت جي ڪار ۾ گهمڻ مان ڪهڙو فائدو.

ڪنورٽيبل گاڏيءَ جو سهڻو منظر تڏهن نظر ايندو هو جڏهن ان ۾ ڪو نوجوان جوڙو تيزيءَ سان رستي تان لنگهي ويندو هو جڻ وايو منڊل کي خوشبو واسي ويندو هو. اهي منظر هاڻ ڪافي ڏنڌلا ٿا نظر اچن، وري بہ شابس آهي هندستاني ۽ پاڪستاني فلم انڊسٽري کي جن اڃا بہ پيار ۽ رومانس جي سين کي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ لاءِ هيرو ۽ هيروئن کي ڪنورٽيبل ڪار ۾ ڊيڪارڻ بند نہ ڪيو آهي حالانڪ هاڻ انهن ڪارن جي ڇت بہ آٽوميٽڪ بند ٿئي ٿي، ورنہ اڳي وڏيون ڪنورٽيبل ڪارون تہ صرف صدرن ۽ بادشاهن وٽ ئي نظر اينديون هيون، جن ۾ هو پنهنجي

رعايا کي درشن ڏيندا هئا. انهن مان تہ سيڪيورٽي رسڪ جي ڪري جان چٽي، جو اهڙي ئي گاڏي ۾ امريڪي صدر جان ايف ڪينيڊي کي ڏينهن ڏٺي جو گولي جو نشانو بڻايو ويو هو. ٻئي طرف رومانوي جوڙا بہ هاڻ ڪارن شيشن واريون بند گاڏيون نٿا پسند ڪن. باقي اسان جو اهو شوق شايد شوق ئي رهندو.

-

لنڊن شهر هوندئن تہ سڄو دڪانن جو شهر آهي، جنهن ۾ وڏن وڏن دڪانن کان وٺي فٽ پاٿن تي سوويئنر وڪڻندڙ شامل آهن. وٺڻ وارا بہ سڄي دنيا مان اچي قيمتيءَ کان قيمتي ۽ سستي کان سستيون شيون، جن ۾ مفلر، پرفيوم، گڏا ۽ گڏيون (روايتي ڳاڙهن ڪپڙن ۽ وڏن ڪارن ٽوپلن وارا پوليس وارا) ٽاور برج جي تصويرن وارا ايش ٽري، ٽي شرٽس وغيره بہ وٺندا نظر ايندا تہ وڏن وڏن دڪانن تان مهانگا رانديڪا ۽ ڪپڙا ٿوڙي ڪراڪري بہ وٺندا نظر ايندا. ليڪن مون جيڪي مشهور دڪان گهمي ڏٺا تن ۾ هيراڊس جا دڪان،جيڪو سلون اسٽريٽ جي پير ۾ لوينڊس اسڪوائر جي پاسي ۾ ئي آهن، جتي پاڪستان سميت مختلف ملڪن جا سفارتخانا بہ آهن. قلي بخش رند جي اتي اتاشي هئڻ جي ڪري چو جو هن وٽ گهٽو وچڻ ٿيندو هو. تنهن اهو مشهور دڪان اهو چئي هلي ڏيکاريو هو تہ اُتي وٺبو ڪجهہ بہ ڪونہ، چو جو هن دڪان جي سامان جون قيمتون ئي پنهنجون آهن. ڪتاب بہ اصلوڪين قيمتن کان وڌيڪ رقم تي ملن ٿا. هن چيو تہ جڏهن عرب شهزادا هن دڪان تي ايندا آهن تہ اهو عام ماڻهن لاءِ بند ڪيو ويندو آهي. مون ريڊرس ڊائيجسٽ ۾ پڙهيو هو تہ هن دڪان جي کلڻ جي پهرين ڏينهن ئي پنجاهہ هزار ماڻهو خريداري ڪرڻ ويا هئا. هاڻ سڄي دنيا جا ماڻهو ڀانت ڀانت جا ڪپڙا، مختلف رنگ ۽ نسل وارا هن دڪانن جي ڏاڪڻن تي رش لاهيو وينا هئا ۽ اسان ات هڪ خوبصورت ريسٽورنٽ ۾ مختصر لنچ ڪئي هئي جنهن ۾ قلي بخش مون کي ريڊ وائين بہ پيياريو هو.

ان ڪان سواءِ آڪسفورڊ اسٽريٽ تي مارڪ اينڊ اسپينسر، جيڪو ان ڪان اڳ سينٽ مائيڪل جي نالي سان مشهور دڪان هو ۽ دنيا ۾ جتي بہ انگلنڊ جو راڄ هو اتي جا شوقين دولتمند سينٽ مائيڪل جا پرفيومس، نيڪ ٽاءِ، ڪوٽ، مفلر ۽ بوٽ پائيندا هئا. راجڪپور "شري چار سؤ بيس" فلم ۾ سينٽ مائيڪل جو مفلر استعمال ڪيو آهي ليڪن هاڻ اهو مارڪ اينڊ اسپينسر بڻجي ويو آهي، جنهن تان مون ان وقت (1988) ويهين پائونڊن ۾ ٽوئيڊ جو ڪوٽ سيل ۾ ورتو هو جيڪو وطن واپس اچي سنڌي شعبي جي ادبي ڪانفرنس جي هڪ نشست ۾ سيڪريٽري جا فرائض انجام ڏيڻ وقت پاتو هئم. ان نشست ۾ غلام رباني آگرو ۽ تنوير عباسي مون سان اسٽيج تي ويٺل هئا ۽ ڪيترن عالمن ۽ اديبن سان گڏ آغا سليم بہ پنهنجو مقالو پڙهيو هو ۽ ڊاڪٽر علي بخش جتوئي پنهنجي هڪ ميڊيڪل ڪتاب جو مون کان افتتاح ڪرايو هو. مون کي اڄ بہ آغا جا هي لفظ ياد ڪري فخر ٿيندو آهي، جڏهن هن چيو تہ "خادم هن سيشن کي تو جهڙي طرح پيش ڪيو آهي، ان تي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي."

مارڪ اينڊ اسپنسر تان مون ڪجهہ هلڪيون اسپرين ۽ بام جهڙيون دوائون بہ ورتيون هيون. حالانڪ اتي هڪ خوجا سيلز مين مون کي چيو تہ، "سائين جي هي دوائون استعمال ڪندا تہ پوءِ پاڪستاني دوائون توهان کي فائدو ڪو نہ ڪنديون."

ان سان گڏ الڊس گيٽ سرڪس، جيڪا شايد انڊر گرائونڊ جي آخري اسٽيشنن مان آخري هئي، اوڏانهن وڃڻ جو مشورو بہ ان مارڪ اينڊ اسپينسر واري سنڌي خوجي ڏنو هو. هن چواڻي اتي ڪافي سنو ڪارائتو سامان سستو ملي ٿو. واقعي ائين هو. مون سليم اينڊ سليم دڪان تان هڪ وڏي بيگ شايد 20 پائونڊن ۾ ورتي هئي، اها پاڪستان ۾ هزارن ۾ بہ ڪا نہ ٿي ملي، ان وقت پائونڊ 21 يا 22 روپين جو هو. اها وڏي بيگ مون پنهنجي وڏي ڌيءَ فوزيہ حميد کي شاديءَ ۾ ڪپڙن سان پري گفٽ ڪئي هئي.

اهڙي طرح بيا بہ ڪئين دڪان هئا. ليڪن مون کي جنهن دڪان سڀني کان وڌيڪ متاثر ڪيو اهو ٽوٽنهام روڊ تي "آرگوس" جو هڪ عاليشان دڪان هو جتي تمام گهڻو ڪاسميٽڪس، پرفيومس، اليڪٽرانڪس، ريڊيو، ٽيپ رڪارڊرس، ٽي وي کان وٺي اميٽيشن، جوئلري ۽ سچي هيري جي نگن واريون وائيٽ ڪلر جون منڊيون، هار نيڪلس، ايرنگ ٽاپس ويندي وائيٽ گولڊ جون نگن واريون منڊيون بہ شو ڪيسن ۾ رکيل هيون ليڪن خريداري ڪيٽلاگ مان سامان ڏسي آرڊر ڏيڻ تي پيڪ صورت ۾ ٻاهران ڊرين مان وٺي سگهبي هئي. مون هتان پنهنجي نياڻين لاءِ ميڪ اپ جا تمام خوبصورت پيڪ ۾ سامان ورتا ۽ وڏي ڌيءَ لاءِ 25 پائونڊن جو هڪ بيوٽي باڪس، جنهن جهڙو ديده زيب باڪس اڄ سوڌو مون کي نظر نہ آيو آهي. اهو ايترو تہ خوبصورت هو جو منهنجي وڏي ڀاءُ دادا مشتاق، وطن واپسي وقت جڏهن سڀني شين جا باڪس لاهي ڦٽا پئي ڪيا تہ جيئن جهاز ۾ وڌيڪ بار نہ ٿي وڃي تہ هن باڪس جو ڍڪ نہ لاٿائين.

آرگوس جي دڪان تان آئون ڪيتريون شيون چاهيندي بہ نہ وٺي آيس ليڪن ڪيٽلاگ کڻي آيو هوس، تنهن ڪري جڏهن مرحوم اختر بچائي، جيڪو منهنجو شاگرد، دوست بلڪہ جڻ تہ گهر ڀاتي هو ان کي لنڊن وڃڻ مهل هڪ اليڪٽرڪ ڇري ۽ نيشنل پاناسانڪ جو هڪ نهايت ئي سهڻو واڪ مين لکي ڏنم. جيڪو هو وٺي آيو. اها ڇري هڪ دفعو ڪينجهر تان آندل هڪ وڏي مڇيءَ کي ڪٽڻ لاءِ استعمال ڪئي سون تہ هن جي تمام تيز اسپيڊ ڏسي مون ان خوف کان بند ڪري رکي ڇڏي تہ متان ڪنهن جو هٿ نہ ڪپجي وڃي ۽ واڪ مئن پنهنجي ننڍي ڌيءَ نازيہ کي شاديءَ ۾ تحفو ڏئي ڇڏيم.

افسوس اهو رهيو تہ سينٽ مائيڪل جي نالي سان مفلر وٺي راجڪپور سان همسري ڪري نہ سگهيس. البتہ پيڊنگٽن اسٽيشن جي دڪانن تان هڪ مفلر ڀرين ئي ڏينهن بابا لاءِ وٺي ڇڏيو هئم ۽ باقي خريداري، جن ۾ پنهنجي يونيورسٽي جي استاد سائين نور افروز خواجہ ۽

ٻين جي لاءِ فيس پائوڊر ۽ لپ اسٽڪ وغيره آڪسفورڊ اسٽريٽ جي ان دڪان تان ورتم. جتان اسين صبح جو گهران نڪرڻ مهل، نمائشي طور چڪڻ لاءِ رکيل بادام، پستا، ڪاڃا وغيره برنين مان ڏوبون ڀري اور ڪوٽ جا کيسا ڀري ڪٺي ويندا هئاسون ۽ نموني طور استعمال لاءِ رکيل پرفيومس جن ۾ ڪيشي (Cachet) وغيره جو ٻيجا استعمال به ڪندا هئاسون. هي اهي پرفيوم هئا جن جي خوشبو حيدرآباد جا ٽوپي به لاهي نه سگهيا. البت دوستن لاءِ سووينئرس ۽ شرٽس وغيره بڪنگهم پيلس کان ٿورو پرتي رستي تي فٽ پاٿ تان سوينئر شاپس مان خريد ڪيم ۽ رشيد انصاري، مسعود قريشي، شهزادو گلفام، رياض مرحوم ۽ ٻين دوستن کي پنهنجي يادگيري جو احساس ڏياريم. باقي بسڪٽ دبئي جي ايئرپورٽ تان ورتاسين، جيڪي حيدرآباد پهچندي ئي پيٽ پائڻ ۽ ٻارن کائي پورا ڪيا.

–

اسان جي ننڍپڻ واري وقت ۾ سنڌ ۾ سون کي ته اهميت هوندي ئي هئي پر اميٽيشين وارا زيور به ڏاڍا استعمال ٿيندا هئا. خوبصورت نگن وارا هار، ڪنن لاءِ ايرنگ ۽ ٽاپس، ڪنگڻ، چوڙيون، منڊيون، وارن لاءِ مختلف قسمن جا ڪلپ وغيره عام جام ڇوڪريون استعمال ڪنديون هيون. يونيورسٽي ڪاليجن ۾ به انهن رنگبرنگي زيورن کي وڏي اهميت حاصل هوندي هئي. هونئن به ان زماني ۾ اسين ڇهرن کي ڏسندا هئاسين، زيورن تي غور ڪو نه ڪندا هئاسين. موپاسان جي مشهور ترين ڪهاڻي دي نيڪليس (The Neckless) به ان دور جي ئي ڪهاڻي هئي، جنهن ۾ هڪ عورت پنهنجي ساهيڙي کان سنڌس نيڪليس اڌارو وٺي شادي ۾ شريڪ ٿيندي آهي، جنهن جي قيمت هوءَ پنج هزار پائونڊ ٿي ٻڌائيس، ليڪن اتي ڪانئس اهو نيڪ ليس وڃائجي ويندو آهي پوءِ هوءَ شرمندگي کان اهو شهر ئي ڇڏي ويندي آهي ۽ وڏو عرصو پورهيو ڪري وڏي مشڪل سان ايترا پئسا گڏ ڪري هڪ نيڪليس وٺي پنهنجي ساهيڙي وٽ ويندي آهي، جيڪا سانس پاڪرين پئجي ويندي آهي ۽ شڪايت

ڪندي آهي تہ هوءَ ايترا ڏينهن ڪٿي هئي. جڏهن هوءَ ڪيس سچو قصو ٻڌائيندي آهي ۽ پنجن هزار پائونڊن جو نيڪليس ڏيندي آهيس تہ سندس ساهيڙي حيرت کان چوندي آهي تہ "اڙي چري اهو تہ ڏهن پائونڊن جو نيڪليس هو. مون تہ توسان چرچو ڪيو هو." اهو افسانو "هار" نالي سان ممتاز مرزا بہ ترجمو ڪيو هو جيڪو ڪنهن رسالي ۾ شايع ٿيو هو.

بهرحال اسين گهر پاتين. پيٽن ۽ سئوٽ ماساتن لاءِ جي ڪو تحفو آڻيندا هئاسين تہ اهي اميٽيشن وارا زيور يا پلاسٽڪ جا خوبصورت ٻڪل يا وارن ۾ هڻڻ جون ڪٽيون ضرور آڻيندا هئاسين. آئون بہ پيٽن سان گڏ پنهنجي هڪ سئوٽ لاءِ اهي زيور ضرور آڻيندو هوس، جو مون کي خبر هئي تہ هوءَ منهنجي جيون ساٿي بنجڻي آهي پوءِ هن جي خاطر امان ۽ پيئرن جي عجيب نظرن کي بہ برداشت ڪرڻو پوندو هئم. ان خريداريءَ لاءِ حيدرآباد جي ريشم گلي، ڪراچيءَ جي بوري بازار ۽ لاهور جي بانو بازار ۽ گمبٽي بازار جا وڏا چڪر لڳايا هئم. اهي اميٽيشن جا زيور جن کي هاڻ "جيولري" چوندا ٿا وتن، اجا تائين ڇوڪريون پسند ڪنديون آهن، اهي هڪ تہ ڏسڻ ۾ تمام ديده زيب آهن تہ قيمت بہ گهٽ اٿن باقي سون جون قيمتون آسمان سان وڃي لڳيون آهن تہ سون رکڻ هڪ طرح سان خطري جي نشاني بہ بڻجي چڪو آهي.

–

اسان پنهنجي گهر ۾ هميشہ اکري مهري (ڪاٺ جون ٺهيل جن کي اردو ۾ اوکهلي موسلي چوندا هئا) ۽ حمام دستي جو استعمال ٿيندي ڏٺو. اکري مهريءَ ۾ قيمو ساوا مرچ ساوا ڏاٽا. ڪارا مرچ بصر وغيره ڪٽيو ويندو هو تہ حمام دستي ۾ جيڪو پتل جو ٺهيل هوندو هو. تنهن ۾ ڏاٽا مرچ، پلاه جيري، دالچيني ۽ ٻيون سخت شيون ڪٽي ڪائڻ لاءِ استعمال ڪندا هئاسين. جڏهن تہ هندستاني بہ ملڪ جي ورهاڱي کانپوءِ پاڻ سان اهڙيون شيون کڻي آيا جن ۾ "سل ٻٽو" بہ هو. جنهن ۾ سر ۽ ان تي مصالحي کي پيهڻ لاءِ سخت پٿر جو استعمال بہ ڪندا هئا.

هنن جي استعمال مان اهو فائدو هوندو هو تہ بازار مان سڪل ڳاڙها مرچ، ڏاٽا، ڪارا مرچ توڙي ٻيو مصالحو آٽي پنهنجي هٿن سان ڪٽي استعمال ڪبو هو ۽ اهو انديشو نہ هوندو هو تہ ڳاڙهن مرچن ۾ ڳاڙهيون سرون، ڪارن مرچن ۾ پپيتي جو ٻج يا ڪو گندو مواد يا ڏاٽن ۾ ڪا ملاوٽ نہ ٿي سگهندي هئي. ٻيو تہ حمام دستي ۽ اکري مهري ۾ مصالحي ڪٽڻ ۽ پيهڻ جي ڪري اهي مصالحا نرم ۽ ذرڙا ٿي ويندا هئا ۽ انهن جو استعمال صحت لاءِ ڏاڍو سنو هوندو هو. اهو ئي سبب آهي جو ڏيڄَ ڪي شاديءَ ۾ مائٽ اهي ٻہ شيون ضرور ڏيندا هئا. هن ڏس ۾ هڪ مزيدار واقعو ياد آيو اٿم جيڪو منهنجي يونيورسٽي جي ساٿي ڊاڪٽر قمر جهان مرزا مون کي ٻڌايو هو. هن چواٽي:

امان کي شاديءَ ۾ هڪ اوچو پتل جو حمام دستو بہ مليو هو جيڪو جڏهن شمشيرالحيدري سندن ٽنڊي آغا واري گهر ۾ ڪرائي دار ٿي اچي رهيو هو، تنهن جي زال کي مرچ مصالحي ڪٽڻ لاءِ ڏنو هو ليڪن هو گهر خالي ڪرڻ وقت اهو پاڻ سان کڻي ويا ۽ واپس نہ ڪيائون. ڊاڪٽر قمر کي ان حمام دستي جو ڏاڍو ڏک هو.

حمام دستي ۽ اکري مهريءَ ۾ قيمو ڪٽي ان جا ڪوفتا يا ٽڪيون ٺاهيون وينديون هيون. اسان جي هالن پراڻن واري قاضي محلي ۾ صبح توڙي شام حمام دستن يا اُکري مُهري ۾ مصالحا ڪٽڻ جا مسلسل آواز ايندا رهندا هئا ليڪن پوءِ گرائينڊر ۽ مڪسر اچڻ سان انهن جو واهپو پئسن وارن وٽ تہ بلڪل ختم ٿي ويو پر وچولي درجي وارن وري ان سان گڏ مورڳو بازاري مصالحا وٺڻ شروع ڪيا. جتان چون ٿا تہ ڪڏهن ڪارن مرچن جي پڙين مان ڪوئن جون ڦولڙيون بہ نڪرنديون آهن. باقي مرچن ۾ ڳاڙهيون سرون ۽ سڪل ڏاٽن ۾ بہ گندگي ملائڻ تہ عام ٿي ويو آهي مون کي ڊاڪٽر عزيز شيخ(قاسم آباد واري) ٻڌايو تہ هڪ دفعي هو پريت آباد ۾ ڪنهن مريض کي ايمرجنسيءَ ۾ ڏسڻ ويو ۽ جيئن ئي گهر ۾ گهڙيو تہ ڏنائين تہ اڱڻ ۾ هڪ طرف ڳاڙها مرچ رکيا هئا تہ ٻئي طرف ڳاڙهين سرن جو چورو جن کي ملائي هڪ مشهور ڪمپنيءَ جي

پيڪيٽن ۾ بند پئي ڪيائون، جنهن ڪانپوءِ هن مصالحو گهر ۾ ئي ڪٽائڻ شروع ڪيو. هونئن به گرائينڊ ڪيل مصالحي کان ڪٽيل ۽ پيٺل مصالحو وڌيڪ فائديمند ٿئي ٿو پر مون پنهنجي گهر ۾ هاڻي اهي به ٿي شيون ڪونه ڏٺيون آهن جڏهن ته امان جن ته نيرن ئي اکري مهري ۾ ڪٽيل ساون ڏاٽن ۽ مرچن جي چٽڻي سان کنديون هيون. اکري ۾ ئي پٽ سان ڪائيبون هيون. حڪيمن ۽ طبيبن وٽ به جڙي ٻوٽيون ۽ ٻيو حڪمتي سامان ڪٽڻ لاءِ کرل يعني اهڙا پٽر يا چينيءَ جا حمام دستا هوندا هئا جن ۾ انهن کي ڇٽيو ويندو هو ۽ ايتري وقت تائين پيو انهن کي پيهبو هو جيسين اهي ڇُورو ٿي وڃن. خاص ڪري سون ۽ چانديءَ جا ڪشتا "مارڻ" لاءِ وڏي ڏاهپ ۽ محنت کان ڪم ورتو ويندو هو ۽ چوندا هئا ته هو انهن ٻوٽين کي ايترو ته پيهن ٿا جو هنن جي ذرن جا ايٽم به پري وڃن ٿا. بلڪ جيترو گهڻو پيهبو هو اوترو ئي اهي فائديمند ٿيندا هئا. چاندي ۽ سون کي ڪُٽي انهن جا ورق ٺاهيندا هئا جيڪي سٺا پان وارا پان کي ويڙهي ڏيندا هئا ۽ حڪيم وري دل جي طاقت توڙي لقوي يا فالج ۾ سونا ورق ماکيءَ ۾ ملائي چٽائيندا هئا. جنهن جو هڪ جادو نما مثال ته خود مون ڏٺو جڏهن هڪ سياري ۾ امان جو آواز بند ٿي ويو هو ۽ حڪيم اڪرام شاهه سيڪر وارو، جيڪو هڪ بزرگ ۽ اعليٰ پائي جو عالم به هو، تنهن هڪ تولي ماکيءَ ۾ هڪ سونو ورق حل ڪري ذرو ذرو ڪري چٽائڻ لاءِ چيو هو ۽ اٿين امان جو آواز هڪ ڏينهن ۾ ئي کلي ويو هو.

مون ڊاڪٽر صالح محمد شاهه ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ واري کي به اهو ٿي ڏس ان وقت ڏنو هو جڏهن هو لقوي جي ڪري اسپتال داخل هو ۽ آواز بلڪل بند ٿي ويو هئس. مون هن کي هڪ پني تي لکي ٻڌايو ته هن لکي جواب ڏنو ته، "ها قاضي صاحب اهو مون کي ياد نه رهيو هو ورنه ضرور ڪريان ها." پوءِ ڪاڏائين يا نه اها خبر نه آهي.

—

دراصل ڪو بہ انسان صرف خوشبو سچائي ۽ پيار مان ٺهيل ناهي. هن ۾ ڪئين اوڻايون، بدصورتيون ۽ بدبوئون بہ هونديون، جن تي پردو رکڻ چڱو ٿو لڳي. اهو تہ تي سگهي ٿو تہ ڪنهن کي پنهنجي اندر جي خوشبوئن جي خبر نہ هجي، ليڪن اهو ممڪن ئي ناهي تہ ڪو بہ ماڻهو پنهنجي اندر جي بدبوئن کان واقف نہ هجي. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن هن جي وجود مان ڦٽي ٻاهر نڪري معاشري کي بہ بدبودار بڻائي ڇڏينديون آهن ليڪ کي هنن ٻنهي ۾ توازن رکڻ جي ضروت آهي تہ جيئن اهي لفظ ۽ اهي جذبا ظاهر تي وڃن، جيڪي دنيا کي بهتر کان بهتر بنائڻ ۽ انسان جي دکن دردن کي دور ڪرڻ ۾ مددگار ٿين. زنده رهڻ جي سگهہ پيدا ڪن ۽ روشنيءَ ڏانهن سفر ڪرڻ ۾ مدد ڪن.

آئون جڏهن بہ اهڙين ڪيفيتن تي غور ڪندو آهيان تہ پاڻ ۾ آتم ڪهاڻي لکڻ جي همت نہ ساري سگهندو آهيان ۽ اهو خيال هر وقت دل ۾ رهندو اٿم. پنهنجا عيب ثواب ظاهر ڪريان، اهو تہ نيڪ آهي پر انهن سان واڳيل ٻين جي عيبن ثوابن تان پردو کڻڻ جو مون کي ڪهڙو حق آهي؟ تنهن ڪري "يادگيرين" کي ئي جهٽيندو وتندو آهيان ورنہ جي صرف سچ لکڻ تي اچجي تہ پاڻ سان گڏ ٻين جي پتڪي بہ لاهي ڇڏجي.

مون هميشہ اهڙن ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي جن جي ڪنهن اکر مون کي نہ رنجايو هجي يا جنهن جي ڪردار مان آئون ڪجهہ نہ ڪجهہ سکيو هجان جڏهن تہ هنن جي زندگيءَ جي ڪمزور لمحن جي باري ۾ ڪئين ڳالهيون آهن، جيڪي منهنجي نظر ۾ دنيا جي نظر کان دور رهن تہ بهتر آهي.

\-

ڪو بہ ناول پڙهبو هو، ڊرامو پڙهبو يا ڏٺبو هو تہ هميشہ Happy ending واريون ڳالهيون ئي وڻنديون هيون پر جڏهن کان فلمون ڏٺيوسين تہ هڪ ڳالهہ مون کي هميشہ حيران ڪندي هئي تہ جيستائين هيرو ۽ هيروئن جي ملاقات نہ ٿي ٿئي يا هڪ ٻئي کي حاصل نہ ٿا ڪري سگهن، سماجي اڻ برابري جي ڪري يا ڪن ٻين مسئلن جي ڪري ۽ ڪين ملڻ

اهو ئي عشق آهي، جيڪو جڏهن پختو ۽ پڪو ٿي ويندو آهي تہ عاشق ۽ معشوق جو وجود هڪ ٻئجي ويندو آهي.

ڇو وڃين وڻڪار، هت نہ پسين هوت کي

انهيءَ ڪيفيت کي جذب جي ڪيفيت چئبو آهي جيڪا عشق جي هڪ اهم منزل آهي، عشق اجا بہ آڳاهون آهي. مشهور موسيقار نوشاد علي پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ هدايتڪار محبوب جي فلم "خدا اور عشق" جي باري ۾ لکيو آهي تہ هدايتڪار محبوب جو مرڪزي خيال اهو هو تہ ليليٰ مجنون جي قصي ۾ مجنون جو عشق آخر ۾ صرف ليليٰ تائين محدود نہ ٿو رهي بلڪ هو ليليٰ ۾ بہ ڪنهن ٻئي کي ڏسي ٿو.

اهو پڙهي مون کي لڳو تہ ڄڻ ڪنهن صوفيءَ جو درس ٻڌي رهيو هجان، جيڪو ڪائنات جو هڪ ذرو رهندي بہ ڪائنات ۾ گم ٿيڻ چاهي ٿو. پنهنجي هستي وڃائي عشق ۾ تبديل ٿيڻ چاهي ٿو جنهن لاءِ ليليٰ يا شيرين صرف هڪ بهانو آهن، اهي هڪ مثال آهن. اصل حقيقت نہ آهن حقيقت ڏانهن وٺي ويندڙ جيڪي منزلون آهن، تن لاءِ علامہ اقبال چيو آهي:

تو رهہ نورد شوق هي، منزل نہ ڪر قبول،
ليليٰ ڀهي همنشين هو تو، محمل نہ ڪر قبول.

اهڙي صورت ۾ ڏسجي تہ عشق ايستائين زنده آهي، جيستائين عاشق فراق ۽ برهہ جي باهہ ۾ ٻرندو رهي ٿو پر جڏهن هو پنهنجي مقصد کي حاصل ڪري ٿو ۽ عشق، شاديءَ جو روپ ٿو وٺي پوءِ ڪهاڻي ۾ ڪجهہ بہ نٿو رهي. پوءِ اهو ساڳيو دنيا جو چڪر، زال مڙس، ٻار ٻچا ۽ مسئلا ئي مسئلا.

—

ڪتابن جا ڪوڙيا گهڻا ٻڌاسين ۽ ڪيترا ڏٺاسين بہ. پر جن سان واسطو پيو، تن ۾ غلام محمد ميمڻ صاحب جو هڪ خاص مقام آهي هو ڪتاب خريد بہ پاڻ ڪندو آهي، پسند بہ پاڻ ڪندو آهي ۽ اهي پڙهندو



حميد سنڌيءَ سان ملهايل پروگرام تي ڳالهائيندي



انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي هڪ تقريب ۾



ڊاڪٽر نجم عباسيءَ بابت هڪ پروگرام ۾



مرزا قليچ بيگ چيئر جي هڪ تقريب ۾



منظور قريشيءَ جو بابا سان
هڪ يادگار فوٽو



ڄام ساقيءَ سان
منهنجي، پير مظهر الحق
۽ امداد چانڊيو جي تصوير



خاڪي جويو جي ڪتاب جي
مهورت تي. ڪاٻي ڪان نفيس احمد
ناشاد، تاج جويو، قاضي خادم،
نصير مرزا ۽ موهن مدهوش



مرحوم انور خان، سابق ڊين
اسلامڪ اسٽڊيز سان گڏ
هڪ يادگار تصوير

ضرور آهي. اڄ جڏهن هو عمر رسيده ٿي چڪو آهي، ٻاهر ٻه گهٽ ٿو نڪري، صرف سندس گهر ۾ ئي ساڻس ملاقات ٿئي ٿي. جڏهن ته اڳ هو وڏي سرڪاري عهدي تي رهي مصروفيتن هوندي به شهر جي بڪ اسٽالن خاص ڪري ادبيات تي ضرور ملندو هو ۽ حيدرآباد ۾ بڪ اسٽالن جي زوال کانپوءِ به پريس ڪلب ۾ مستقل لڳل ڪتابن جي نمائش جا چڪر پيو هڻندو هو. ليڪن هاڻ گهر ۾ ويٺي به ڪتاب نه صرف پڙهي ٿو پر انهن مان حوالا به ڏئي ٿو. خاص طور تي جڏهن به آئون ساڻس مليو آهيان ته منهنجي يادگيرين واري ڪتابن جو ذڪر ضرور ڪندو آهي ۽ ڪيس هڪ ڳالهه ته اهڙي وڻي آهي جو ان جو ذڪر بار بار بلڪ هر دفعي ڪندو آهي. اها ڳالهه آهي منهنجي اوطاقن جي باري ۾ لکيل ڪي واقعا: خاص ڪري هالا پراڻا جي اوطاقن جو ذڪر، جنهن ۾ قاضين جي مختلف اوطاقن تي هيندڙ ڪچهرين ۽ ڪاروهنوار دوستن جي ملاقات ۽ بيا واقعا هن کي باقاعده ياد آهن. بلڪل ائين جيئن محمد هاشم لغاري کي منهنجي هڪ ڪتاب ۾ هالا جي ڪن غريب خاندانن ۾ مرچن جي پاٽي ۾ نڪريون ڪاڙهي، انهن کي مانيءَ سان کائڻ جي باري ۾ لکيل هو.

ميمڻ صاحب سان ملاقاتون ته ٿينديون رهنديون آهن پر تازو 2018ع جي مئي مهيني ۾ هن سان ملاقات ٿي، جو پاڻ نصير مرزا کي تاڪيد ڪري مون کي دعوت ڏنائون ته ساڻن ملي وڃان. ان ڏينهن اوطاقن جو ذڪر ته نڪتو پر اوچتو مرزا قليچ بيگ جو ذڪر اچي نڪتو ۽ سندس ترجمن جي حوالي سان پوڪرداس شڪارپوري جي ڇپايل سر آرٿر ڪانن ڊائل جي مشهور ڪردار شرلاڪ هومز جا قصا ۽ ان ئي دور ۾ هڪ ٻئي مشهور ليکڪ، جنهن جو نالو مون اڳ ڪٿي لکيو آهي پر هاڻ ياد نه ٿو اچي، ان جي جاسوسي ڪردارن جاسوس بليڪ ۽ اميليا ڪارٽر جا مقابلا ۽ آرسين لوپن هڪ مشهور بدمعاش جي قصن جو احوال به نڪتو جنهن ۾ هن گرمجوشيءَ سان حصو ورتو ۽ ٻڌايائين ته جيترو مزو جاسوسي ناولن کي پڙهڻ مان ملي ٿو اهڙو ٻئي ڪنهن ڪتاب مان نه ٿو ملي. ان سان گڏ هن مشهور جاسوسي ناول نگار ”اگاٿا ڪرسٽي“ جي

ناولن جو بہ ذڪر ڪيو ۽ هن جي تخليق ڪيل جاسوس هرقل بائرن جو بہ ذڪر ڪيائين پر جڏهن مون ارل اسٽينلي گارڊنر جي جاسوسي ناولن جي وڪيل پيري ميسن جو ذڪر ڪيو تہ چيائين تہ اگاٿا ڪرسٽي ان کان زور هئي. جنهن تي جڏهن مون هن جي ناول "مرڊر آن اورينٽ ايڪسپريس" ناول جو ذڪر ڪيو تہ هن اتي ڏاڍي دلچسپ گفتگو ڪئي.

هيءَ ڳالهہ ڪرڻ جو خاص مقصد اهو آهي تہ جيڪي بہ ڪتابن پڙهڻ جا شوقين هوندا آهن، اهي پنهنجو شوق لڪائيندا ڪو نہ آهن. هرويرو ٽوائن بي ۽ ول ڊيورانٽ، مارڪس، رڪارڊو ۽ هيگل ۽ اينجلس جو ذڪر ڪونہ ڪندا آهن بلڪ هنن کي رومانوي قصا بہ وڻندا آهن ۽ ايم اسلم کان دت پارتيءَ تائين پنهنجي پڙهيل ڪتابن جو ذڪر بہ پيا ڪندا ۽ جي کين ابن صفي يا شوڪت ٿانوي پسند آهي تہ هرويرو پطرس بخاري ۽ عزيز احمد ۾ ڪونہ پيا لڪندا. بلڪل ائين غلام محمد ميمڻ بہ پنهنجي پسند کي لڪائڻ جو قائل ناهي.

اسان خود بہ نهايت هلڪين لکڻين سان پڙهڻ شروع ڪيو چانڊ رسالي جي پير جهنگليءَ جا شعر، آداب عرض جون ڪهاڻيون، ايم اسلم جا رومانوي داستان، ابن صفيءَ ۽ اڪرم الله آبادي جا جاسوسي ڪتاب ۽ پوءِ عصمت چغتائي ۽ منٽو کان ٿيندا، پطرس ۽ قرت العين تائين پهتاسين ليڪن سچ پچ جيڪو مزو نسيم حجازي جي تاريخي ناولن مان مليو ان ئي اسان ۾ پڙهڻ جي وڏيڪ عادت وڌي. سنڌيءَ ۾ محمد عثمان ڏيپلائي ۽ الهہ بخش ٽالپور جي ڪتابن تان پنڌ ڪندا مٿي چڙهياسين، ائين انگريزيءَ ۾ بہ هلڪيون رومانوي، مزاحيہ ۽ جاسوسي ڪهاڻيون پڙهي شوق جي شروعات ڪئيسين. باقي جي صرف ڪلاسيڪل ناول نگارن چارلس ڊڪنس ۽ وليم ميڪپيس ٿيڪري جا ناول پڙهون ها تہ شايد ڪٿي راهہ ۾ ئي رهجي وڃون ها. اهو ئي سبب آهي جو اڄ شفيق الرحمان جا ڪتاب حماقتين ۽ مزيد حماقتين هن جي سنجيده ڪتاب "دجلہ" کان وڌيڪ، محمد بخش مجنون جو 'مسڪين

جهان خان کوسو‘ ۽ اردو ۾ ڪرنل محمد خان جو ’بجنگ آمد‘ منهنجي لاءِ دلچسپ ترين ڪتاب آهن.

—

جن به ماڻهن کي پنهنجي ذاتي پسند يا ناپسند ناهي يا جيڪي بين کي ڏسي ڪتاب خريد ڪري، سجائي ڪبٽن ۾ رکي، انهن جي آڏو بيهي فوٽو ڪڍائڻ جو شوق رکن ٿا، اهي ڪڏهن به علم ۽ ادب ۾ اڳتي وڌي نه ٿا سگهن. حالانڪ هاڻ ڪتاب وٺي رڳو هن جي فرنٽ پيج ۽ بيڪ پيج جي معلومات پڙهي وڏا واڏ ليڪچر ڏيڻ جو رواج وڌي ويو آهي جنهن ۾ اسان جي لکندڙن ۽ پڙهندڙن جي مورال تي ڏاڍو خراب اثر پيو آهي جو اُهي چرب زبان انسان، هر هنڌ ۽ موقعي تي ساڳي ڳالهه ڪري ⁂ حاصل ڪندا رهن ٿا ۽ اصلي ليکڪ ”اگهيو ڪائو ڪج، ماڻڪن موٽ تي“ جهونگاريندا گهر ويجن ٿا. هو شاهه کي به ڪارل مارڪس جي ڪسوٽيءَ تي ٿا پرکڻ جي ڪوشش ڪن، بلڪ ڪنهن دانشور ته شاهه لطيف کي اسٽيبلشمينٽ جو ماڻهو چوڻ کان به ڪونه ڪيٻايو آهي.

مون هڪ واقعي جو اڳ به ذڪر ڪيو آهي ته ڪيئن هڪ اخبار ۾ مون کي، شمشيرالحيدري ۽ هڪ ٻئي وڏي شاعر کي انٽرويو لاءِ گهرايو ويو ان اخبار جي آفيس گلستان سجاد ۾ هئي، آئون يونيورسٽي مان واپسيءَ تي اُتي پهتس ته خبر پئي ته صرف آئون ئي اتي پهتو آهيان. بهرحال انٽرويو وٺندڙ دانشور صلاح ڏني ته آئون انٽرويو ڏئي وڃان، هو بعد ۾ ٻين کان به انٽرويو وٺي گڏي ڇپيندو.

ان مون کان پهريون سوال پڇيو ”توهان کي يورپي ليکڪن ۾ ڪهڙو ليکڪ وڌيڪ پسند آهي.“ ان تي مون چيو ته، ”يورپ ۾ ته ڪيئن ملڪ آهن جن جون ٻوليون جدا آهن ۽ ادب مختلف. توهين ڪهڙي ٻوليءَ جي اديبن جي باري ۾ ٿا پڇڻ گهرو.“

هن چيو ته ”مثال طور هيرالڊ رابنس جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي.؟“ ان تي مون چيو ته، ”هيرالڊ رابنس ته امريڪي اديب آهي، هن جو يورپ سان ڪهڙو واسطو.“ بس اهو جواب ڏنم، همراهه ماٺ تي ويو ۽ اچڻ

ڪجھ وڏيڪ چوڻ تي چاھيائين تہ اوچتو زبردست طوفان اچي لڳو اخبار جا بورڊ وغيره بہ وڃي پٽ پيا ۽ انٽرويو ملتوي ڪيو ويو.

—

ننڍپڻ ۾ انبن جي موسم ايندي هئي تہ اسان جي جڻ تہ عيد ٿي ويندي هئي. انب آهي تہ ميوو پر ان جهڙو لذيذ ۽ کائڻ ۾ مزيدار ٻيو ڪو ميوو شايد هجي جڏهن اجان فارمي انب ڪو نہ آيا هئا, تڏهن ديسي انب کائبا هئا, جن ۾ ريشو تمام گهڻو هوندو هو. نيرن توڙي رات جو انب سان ماني يا پٽ کائڻ جو عام رواج هو. اسين انبن کي نرم ڪري چوسي کائڻ کي پسند ڪندا هئاسين. وري انب جو ڪوئلو بہ سڪائي, اڱرن تي پچائي کائيندا هئاسين, بلڪ رستن تان بہ سڪل ڪوئلا گڏ ڪري ايندا هئاسين, انهن جو هڪ عجيب ذائقو هوندو هو ليڪن اهو پڪل ڪوئلو کائي پاڻي پيئبو هو تہ اهو شربت جهڙو لڳندو هو.

هالن پراڻن ۾ چاچا غلام محمد جي باغ توڙي هالا نوان جي مخدومن جي باغن جا انب خوب کاڌاسين پر مون کي جاتيءَ جا انب نہ ٿا وسرن, جيڪي کتا منا هوندا هئا ۽ بازار ۾ ڍيرن جي صورت ۾ پيا هوندا هئا جتان خريد ڪبا هئا. جيئن مون اڳ لکيو آهي تہ ان وقت اتي ڪچو سير ۽ پڪو سير يعني اڌ سير ۽ سير جي تور سان انب ملندا هئا. انهن جا جهول ڀري وٺي ايندا هئاسين. چاچا غلام قادر ۽ بابا تہ وقت سر انب کائيندا هئا پر آئون گهڻا کائي ويندو هوس, جنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن چاپاڪو بہ ٿي پوندو هو. اهو هڪ قسم جي الرجي هوندو هو جنهن جي ڪري سڄي بدن تي داڻا نڪري پوندا هئا ۽ اڪثر چوندا هئا تہ ڪپڙا لاهي, ڪمبل, ويڙهي سمهجي تہ لهي ويندا.

دادا مشتاق کي بہ گهڻا انب چاپاڪو ڪندا هئا. مون کي هن جا تنبي آدم وارا ڏينهن ياد آهن, جڏهن انب گهر ۾ جام هوندا هئا ۽ دادا, انب نپوڙي ان جي رس جا گلاس ڀري پيئندو هو ۽ پوءِ ڪمبل ۾ سمهي چاپاڪي مان جان ڇڏائيندو هو. ان وقت ۾ هالا جا انب تہ مشهور هئا, خاص ڪري مخدومن جي باغ جا پيڙا انب ۽ لڏون انب ۽ چاچا غلام

محمد جي باغ جا انب تہ اجا تائين مشهور آهن. ٻئي طرف ميرپورخاص جي انبن جو خاص نالو هو. اتي جا طوطاپوري انب تہ ڏاڍا ڪاڏاسين، جن جو ذائقو ئي جدا هوندو هو.

اهي انب اجا اڌ ڪچا هوندا هئا تہ توڙي، پال وجهبا هئا يعني انهن کي مٽن ۾ کوکن ۾ رجهي ان ۾ گدري جي کل وغيره وجهي بند ڪري گرمي ۾ رکبا هئا تہ جيئن پچي وڃن. انهن کي موچڙي پڪو انب چيو ويندو هو (شايد پهرين ان ۾ جوتو وغيره بہ رکندا هئا). جڏهن تہ شاخي انب دير سان لهندا هئا ۽ مهانگا هوندا هئا پر جڏهن فارمي انبن، سنڌڙي، ڪليڪٽر، لنگڙو، بيگن پالي، فجري، گلاب خاصو انور رٽول ۽ ٻيا انب پيدا ٿيا تہ انهن کي لازمي طرح ڪچو ئي ٽوڙي پال وڌو ويندو آهي، جنهن لاءِ ڪاربيٽ جو استعمال ڪيو ويندو اهي جنهن ڪري انب جلد پيلا بہ ٿي ويندا آهن ۽ پچي بہ ويندا آهن. هي انب وڏا ۽ ڳرا ٿين ٿا. سائين محرم خان چوندو هو تہ جي انهن کي شاخ مان ٽوڙي پال نہ وجهبو تہ انهن جو بار وڻن کي ڪيرائي ڇڏيندو.

جڏهن فارمي انبن جو وارو آيو تہ سنڌڙي انب سڀ کان وڌيڪ مشهور ٿيو. خاص ڪري ميرپورخاص جي ڪاڇيلن جا سنڌڙي انب تہ دنيا ۾ مشهور ٿي ويا. هن جا انب تحفي طور انگليند جي شاهي خاندان ۾ بہ موڪليا ويندا هئا. ان کانسواءِ ماڻهن هڪ ٻئي کي سنڌڙي انب ئي تحفي طور موڪلڻ شروع ڪيا. انب پهرين تہ ڇٻين ۾ موڪليا ويندا هئا جيئن چاچا محمد تقي (1956) ٽنڊي آدم ۾ اسان کي پنهنجي مئنيجر ڊاڪٽر اظهر جي هٿان موڪليندو هو. ليڪن پوءِ ڪاٺ جي کوکن ۾ انب موڪلڻ جو رواج پيو ۽ هاڻ تہ فينسي دٻا ٺاهيا اٿن، جن ۾ انب تہ گهٽ پون پر ڏيڻ توڙي وٺڻ ۾ شاناٿتا لڳندا آهن.

مون کي انبن جي منڊ ۾ پنهنجو پيارو شاگرد ۽ دوست اختر ٻڇاٽي ڏاڍو ياد ايندو آهي. هن جا باغ ٽنڊي الهيار ۾ هئا، جتان جا انب هونئن ئي مشهور هئا پر هو ۽ سندس سئوٽ امين ٻڇاٽي جيڪي انب موڪليندا

هئا. اهي سنڌڙي جو هڪ بهترين قسم هو انهن جهڙا منا انب مون گهٽ کاڌا آهن.

حيدرآباد جي ٽاور مارڪيٽ، جيڪا انبن جي هڪ وڏي منڊي هئي، اتي اهي انب اهڙي طرح سينگاري دڪانن تي رکندا هئا جو دل ڏسندي ئي خريد ڪرڻ چاهيندي هئي. هن وقت طوطاپوري انب ته ڪو ورلي ئي نظر اچي. ڪليڪٽر به خاص ڪو نه ٿو ڏسجي. باقي سنڌڙي، لنگڙو ۽ انور رٽول جو وڏو مان آهي. مون کي وري بيگن پالي انب وڻندو آهي، جيڪو سائيز ۾ به وڏو ٿئي ۽ لذيذ پڻ. آئون ان انب جا ٽڪرا ڪرائي کير جي پيالي ۾ وجهي ٿڌو ڪري پيئندو هوس.

انب ڇو جو هڪ مخصوص موسم جو ميوو آهي، تنهن ڪري ڊاڪٽر اسماعيل شيخ چوندو هو ته شگر جا مريض انب پلي کائن. پوءِ کڻي هڪ گوري وڏيڪ کائي ڇڏن پر هن موسم جو ميوو ضرور کائن.

هاڻ ته انبن جا شيڪ، انبن جي آئيس ڪريم توڙي انبن جي جوس جا دٻا به ملن ٿا جيڪي فرج ۾ رکي ڪنهن به موسم ۾ کائي سگهجن ٿا بلڪ انبن جا ٽڪرا ڪري، انهن کي وڏي عرصي تائين فرج ۾ محفوظ به ڪيو ٿو وڃي. اهو پهرين انڊيا ۾ شروع ٿيو پر هاڻ ته منهنجي ياءُ منظور جي گهر واري به سکي وئي آهي، جتي هر موسم ۾ تازو ملڪ شيڪ ملي ويندو آهي. پر انب، پٽ ۽ کير جو مزو جن ورتو هوندو تن کي ڪٿي ٿا اهي شيڪ وڻن.

هن وقت نه صرف ريل رستي پر جهازن رستي، ڪوريئر رستي، سنڌ جا انب سڄي دنيا ۾ وڃن ٿا. شايد اهو واحد تحفو آهي جيڪو هر هنڌ مقبول آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته سنڌ جا ڪيترا غريب غربا اهو ميوو دل کولي نه کائي سگهندا هجن پر وري به اهو سنڌ جي سڃاڻپ آهي.

---

مونکي جنن ڀوتن جا واقعا ٻڌڻ ۾ هميشه ڏاڍا دلچسپ لڳندا هئا پر جي رات جو سمهڻ کان اڳ گهر جو ڪو ياتي يا پٽيوالو يا بورچي ڪو اهڙو واقعو ٻڌائيندا هئا، جنهن لاءِ قسم کڻندا هئا ته اهو ساڻن پيش آيو

آهي يا هئو تہ پوءِ رات جو ننڊ ڦٽي پوندي هئي بلڪ هن وقت تائين جڏهن ڪو اهڙو افسانو ڪهاڻي يا فلم ڏسجي ٿي تہ سڄي رات خواب ۾ عجيب و غريب چهرا ۽ واقعا ٿا نظر اچن.

منهنجو ننڍپڻ ڇو جو سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺ نما شهرن ۾ گذريو آهي، تنهن ڪري اتي طرح طرح جون جنن، ڀوتن ۽ ڏائڻن جون ڪهاڻيون ۽ واقعا ٻڌا اٿم. جيئن ميرپورخاص ۾ ٻڌائيندا هئا تہ ڍولڻ آباد ۾ روز رات جو دير سان، هڪ خوبصورت عورت ڳهہ ڳنا پايو پئي رستن تي هلندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو اوبر سوبر ڪم تي ويندڙ ماڻهو هن کي ڏسندو آهي تہ هوءَ کيس وٺي خبر ناهي ڪيڏانهن هلي ويندي آهي ۽ اهو ماڻهو غائب ٿي ويندو آهي اسان جي هڪ پٽيوالي اهڙي ڳالهہ ٻڌائي ڇيو هو تہ، "سائين نور سان هڪ دفعي آئون بہ ڦاسڻ وارو هئس پر پوءِ تڪڙتڪڙ ۾ جيڪي بہ آيتون ياد هيم اهي وٺي پڙهيم ۽ هوءَ مائي گم ٿي وئي." پڇڻ تي هو ٻڌائيندو هو تہ هن کي اها خبر تڏهن پئي تہ هوءَ ڏائڻ آهي، جڏهن هُن سندس پيرن ڏانهن ڏٺو جيڪي ابتا هئا. حيدرآباد ۾ ٽنڊي آغا ۾ چيو ويندو هو تہ هڪ عورت رات جو ريشمي ڪپڙا ۽ ڳهہ ڳنا پائي اڪيلن مردن کي غائب ٿي ڪريو ڇڏي، ليڪن پوءِ خبر پئي تہ واقعي ڪا عورت پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن خاطر ائين ڪندي هئي ۽ ماڻهن ان کي ڏائڻ سمجهي ٻاهر نڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو.

اهڙي طرح مون کي ياد آهي تہ وارهہ ۾ مختيارڪار واري گهر لاءِ، جنهن ۾ اسين رهندا هئاسين، چوندا هئا تہ ڳرو هو جنهن لاءِ چيو ويندو هو تہ ان گهر جي ڪمري ۾ لڳل جهلي، جنهن کي رسيءَ سان ڇڪي هلائبو هو اها پاڻ مرادو ٿي هلي يا ڪڏ تي اسان جهڙا ٻار ٻيا هلندا هئا ليڪن بعد ۾ خبر پئي تہ جهلي ان ڪري هلندي هئي جو ان تي ڪبوتر اچي ويهندا هئا ۽ هيٺ وينل ٻلي هنن کي جهلڻ جي تاڙ ۾ هوندي هئي ۽ ڪبوتر پاڻ بچائڻ لاءِ جو هيڏانهن هوڏانهن ٿيندا هئا تہ جهلي لڏڻ لڳندي هئي. هڪ واقعو تہ واقعي عجيب ٿيو. اسان جي اڱڻ ۾ پيل هڪ تمام مضبوط ۽ ڳري کٽ جي ايس ٻگي اوپري تي رکي هئي، اونهاري هئڻ

ڪري اسين چو جو ڪڏ تي ستل هئاسين سو جڏهن صبح جو هيٺ لٿاسين تہ اهو لقاءُ نظر آيو. اهو منهنجي اکين ڏٺو واقعو آهي.

اهي ۽ ان جهڙا ڪيترا حيرت ۾ وجهندڙ واقعا ڪنهن عورت تي جن اچي وڃڻ، وات مان گگون ڳاڙڻ، اکيون ڳاڙهيون ڪري ماٿهن تي الرون ڪرڻ وغيره. اسان گهڻيون عورتون ان حالت ۾ مزارن تي ڏٺيون. هڪ دلچسپ واقعو تہ اسان جي سامهون ٿيو جڏهن مڪلي تي عبدالله شاهہ اصحابي جي مزار تي، جتي اسين سنڌي شعبي جا شاگرد ۽ استاد پڪنڪ تي ويا هئاسين. هڪ عورت رڙيون ڪري مزار جي اندر ڦٿڪي رهي هئي ۽ چئي رهي هئي ”قاسم يہ تونې ڪيا ڪيا... قاسم يہ تونې ڪيا ڪيا.“ اتي هڪ فقير وٽيءَ ۾ ڪجهہ ساڙي ان جي دونهين بہ ڏئي رهيو هو ۽ هڪ هلڪي چهبڪ سان هن کي ڏڪ هڻي چئي رهيو هوس ”اب چلا جا.... چلا جا “ ليڪن عورت رڙيون ڪندي رهي. اهڙي طرح مڪلي تي ٺي دفن ٿني جي هڪ شخص سومر جنڙيءَ کي مون ڪيترا دفعا ڏٺو هو بلڪ هڪ دفعي هو اسان جي گهر ۾ بہ آيو هو. (هن کي منهنجو مامو احمد علي، امان جي طويل بيماري کي غيبات جو ڪم سمجهي وٺي آيو هو) اهو سومر جنڙي طور مشهور هو ۽ پاڻ سان گڏ هڪ چهبڪ کنيو پيو هلندو هو. هن جو ذڪر مون اڳ بہ ڪيو آهي تہ ڪئين ٺني جا ماٺهو هن کان جيڪا بہ ڪاڏي پيتي جي فرمائش ڪندا هئا. هو هڪڙو هٿ هوا ۾ لوڏي آڻي پيش ڪندو هو.ان ۾ ميهڙ جو مائو هجي يا دلي جي چانڊني چوڪ جو پان هن لاءِ ڪا بہ ڳالهہ ناممڪن نہ هئي. مون پاڻ تہ ڪڏهن ڪا فرمائش ڪونہ ڪئي هئس پر منهنجي گهر هن وراندي جي ٿنڀي تي جو چهبڪ هنيو تہ هڪ زنانو آواز آيو ”ڇڏ مون کي، ڇڏ مون کي....“ اهو مون کي ياد آهي خاص ڪري جو ان ٿنڀي جي پاسي ۾ منهنجي کٽ پيل هوندي هئي. اها بہ رات جو سيري ٿوري پاسي ڪيم پوءِ ڪجهہ ڏينهن ائين ٿي لڳم ڄڻ رات جو ڪير منهنجي کٽ سيري رهيو هجي، جڏهن تہ گهر جا سڀ ياتي هڪ ٺي اڱڻ تي ڪٽون وجهي سمهندا هئاسين ۽ اهي سڀ ان وقت ستل هوندا هئا.

الهداد چنڊ واري ڳوٺ ۾ جيستائين گهر جي مٿان ٻيو گهر ڪونہ ٺهرايو سين، روز رات جو ڪٿون سيرڻ جو آواز ايندو هو. حالانڪ اسان جو ڪڏ نيروءَ سان لنبيل هو، تنهن ڪري اتان اهو آواز اچڻ ممڪن نہ هو وري پنيان مائٽن جا گهر بہ هئا جن مان ڪو بہ ڪڏ تي ڪونہ رهندو هو جو ڪٿون سيريندا هجن. بهرحال تي سگهي ٿو ڪنهن پاسي واري گهر ۾ ٿي اهو آواز ايندو هجي پر روز بار بار ڪٽن سيرائڻ جو ڪو مقصد تہ نہ ٿو لڳي ۽ اسين بہ ان جا عادي ٿي وياسين. پوءِ جڏهن ڪُڏ تي منهنجي ننڍي ڀاءُ الطاف گهر ٺهرايو تہ اهي آواز اچڻ بند ٿي ويا.

هي جن ڀوت مسلمانن ۾ تہ ٿين پر ٻين قومن، هندن، ڪرسچين، ٻُڌن ۾ بہ انهن جو گهڻو ذڪر موجود آهي، جيئن اسڪينڊينوين ملڪن ۾ اهو قصو عام آهي تہ ڪو مهمان ڪٿي اچي رهي، ماني تڪي ڪائي ٿو وڃي تہ ٻي ڏينهن خبر ٿي پوي تہ ان ماڻهوءَ کي مئي تہ ڪافي عرصو ٿي چڪو آهي.

جيئن تہ جنن کي ڀڄائڻ لاءِ اسين قرآني آيتون پڙهندا آهيون، هندن جا پوڄا ۽ پنڊت وري گيتا جا اشلوڪ پڙهندا آهن. لوبان وغيره ٻاري جن کي ڀڄائيندا آهن. ڪرسچين جا ايگزارزسٽ، وري ”ڪراس“ جي زور تي اهڙين اڻ ڏٺل مصيبتن جو مقابلو ڪندا آهن.

ليڪن هنن واقعن جي دلچسپيءَ جو اندازو لڳايو تہ ان موضوع تي دنيا جي هر ٻولي ۾ تمام گهڻو لٽريچر موجود آهي، خاص ڪري اهڙن موضوعن تي وڏا ناول ۽ بي شمار فلمون ملن ٿيون. هندوستاني فلمن ۾ محل، مينار، مڏومتي جهڙيون فلمون تہ انگريزيءَ ۾ ايگزارزسٽ، اومن ۽ اي هائوس آف دي هانٽيڊ هل جهڙيون لاتعداد فلمون آهن، جيڪي جڏهن بہ نهيون آهن، ماڻهن ان کي دلچسپيءَ سان ڏٺو آهي. وڏو مزو اهو آهي تہ ڪيترا واقعا سيني قومن ۾ بلڪل هڪ جهڙا ملن ٿا.

هن وقت بہ ٽي وي تي هندستاني ڊراما ڏسندا تہ انهن ۾ وڏو تعداد جنن ڀوتن، نانگن جي جوڙ مٿائڻ ۽ ڏائڻن جي واقعن تي آڌاريل نظر ايندو.

ڪن گهرن ۾ ڪيتريون حيرت واريون ڳالهيون ٿينديون آهن.
خاص ڪري ڪي ٻار پنهنجي منهن يا آئيني جي اڳيان بيهي ڪنهن سان ڳالهيون پيا ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته هو پنهنجي دوست سان پيا ڳالهائين. حالانڪ آڏو ڪو به ڪونه هوندو اٿن. منهنجو وڏو پوٽو شاهه رخ به ننڍپڻ ۾ اهڙي ئي هڪ نه ڏسڻ ۾ ايندڙ دوست سان ڳالهائيندو هو. نه صرف ايترو پر جڏهن ماءُ ماني آٽي ڏيندي هئس ته چوندو هو ته منهنجي دوست لاءِ به پليٽ ڪڍي اچ. هو به وينو آهي پوءِ جڏهن ٻي پليٽ رکبي هئي تڏهن ماني کائيندو هو.

پناهگيرن جي جهيڙن ڪانپوءِ جڏهن اسين حيدرآباد شهر مان قاسم آباد (دوآبو) لڏي آياسين ته ات ماحول ڪجهه اوپرو هو. نئين گهر ۾ رات جو اسين ڇت تي وجي سمهندا هئاسين جڏهن ته شاهه رخ پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ هيٺ ئي سمهندو هو. هڪ دفعي مون کي رات جو ننڊ نه پئي آئي سو ڪڏ تان لهي هيٺ لائونج ۾ ويهي ٽي وي کوليم ته جيئن ڪجهه دل وندرائجي، ايتري ۾ شاهه رخ به ڪمري جو دروازو کولي آيو ۽ اچي منهنجي ڪڇ ۾ ويٺو.

اوچتو مون کي خيال آيو ته جي هينئر هو چوي ته سندس دوست بيٺو آهي ۽ کيس به ڪڇ ۾ ويهاريان!! اهو سوچي ئي مون کي اچي ڏپ ٿيو هن کي ڪڇ مان لاهي چيم ”تون وڃي سمهه.“ آئون به تڪڙو تڪڙو بنا پويان ڪنڌ ورائڻ جي کڏ تي هليو ويس.

اهڙي طرح منظور جي هڪ ڏيءُ تصوارتي ڇوڪري سان راند روند ڪندي هئي، جنهن تي هن جي ماءُ خاص پريشان ٿيندي هئي، ليڪن اهي تصور خيالن تائين محدود رهندا هئا.

هاڻ ته پيراسائيڪولاجي جي موضوع تي ڪافي ريسرچ ٿي آهي فلمون به نهيون آهن ته ڇا انسان جو همزاد به ٿي سگهي ٿو جيڪو ڪڏهن ڪڏهن کيس نظر به اچي ٿو.

کوهہ ناچ ۽ گانا هوندا هئا. باقي درگاهہ تي زيارتون ۽ قواليون ضرور ٻڌبيون هيون. ڪا وڏي سرڪاري چوڪڙي ڪانہ ٿيندي هئي، ليڪن آهستي آهستي سرڪاري عهدن جو مانُ ڪيترن سببن جي ڪري گهٽبو ويو ۽ اهي ڪم ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنرن جي هٿن ۾ ڏنا ويا جن ۾ وري عوام ڪان وڌيڪ خواص جو گهڻو خيال رکيو ويندو آهي.

ادبي ڪانفرنسن جو رواج شايد ڀٽ شاهہ جي ميلي کان پيو، جتي هڪ ميلا ڪميٽي هوندي هئي جنهن ۾ سيد ميران محمد شاهہ سائين جي ايم سيد، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جهڙا عالم ۽ مدبر ميمبر هوندا هئا جيڪي انهن ڪانفرنس کي منعقد ڪرائيندا هئا ۽ صدر، وزير ۽ گورنر اچي انهن جو افتتاح ۽ اختتام ڪندا هئا. هاڻ تہ هر هنڌ بہ ميلا ٿين ٿا. هڪ غريبن لاءِ هڪ اميرن ۽ اديبن لاءِ (جن کي غريبن جو ساٿ ڏيڻ گهرجي) وڏا وڏا آفيسر ۽ سياستدان بہ اتي پهچن ٿا، جن جي لاءِ پنڊال لڳايا ٿا وڃن. جڏهن تہ ڪئين غريب عورتون، مرد ۽ ٻار ڪڏهن ڪڏهن اچ ۽ اُس جي ڪري اجل جو شڪار ٿيو وڃن.

مون کي تہ ڪئين سال ٿيا آهن جو ڪنهن ميلي ۾ ڪو نہ ويو آهيان ليڪن جڏهن ٽي وي تي رپورٽون ۽ اخبارن ۾ تصويرون ڏسندو آهيان تہ لڳندو اٿم تہ اهي ميلا بہ هاڻ دولتمندن ۽ سياسي پاور رکندڙن لاءِ ئي وڃي بچيا آهن. فرق اهو آهي تہ غريب ۽ بزرگن جي مزارن تي زيارتن لاءِ پيا هلندا آهن تہ افتتاح ۽ اختتام ڪندڙ خوشامدين جي هجوم ۾ ريسٽ هائوس ۽ سرڪٽ هائوس جي خوشبودار ماحول ۾ پنهنجو وقت گذاريندا آهن ۽ ويچارا ويساهہ وسوڙيل ماڻهو آسون ۽ اُميدون کنيو مزارن جون پيڙهيون پريندا نظر ايندا آهن.

—

اسان جي اها ماڙي جنهن ۾ آءُ جايس بہ ۽ شادي بہ ڪيم، ان لاءِ چون ٿا تہ ڳري (آسيب زده) هئي. ان لاءِ مشهور هو تہ ڪنهن وقت ۾ ان جي مالڪ جي زال کي سندس ياءُ خون ڪري پيٽيءَ ۾ بند ڪري هليو ويو هو ۽ پوءِ جڏهن ان مان ڌپ نڪتي تہ ماڙي وارن مٿي چڙهي اهو لاش

آئون 1945 جي نومبر مهيني ۾ ڄائو هوس. (اسلامي مهيني ذوالحج جي 18 تاريخ) ۽ زندگي جڻ ڄمندي ئي سفر ۾ گذري.

اسين بقول شاعر جي "صبح سفر شام سفر" جي مصداق ڪوئلي تي هلندڙ ريلن، پيٽرول تي هلندڙ بسن، ڪارن ۽ جيپن، بيڙين ۽ اسٽيمرن رستي سفر ئي ڪندا رهياسين. جن جو وڏو ڪارڻ بابا جي سخت طبيعت، پنهنجي ڪم سان وفاداري ۽ گڏو گڏ غريب هارين ۽ پورهيتن توڙي غريب شاگردن جي مالي امداد ڪرڻ ۽ آفيسرن سان مهاڏو اٽڪائڻ ئي هوندو هو. هن نه ڪڏهن ڪنهن بالا عملدار جي غلط حڪم کي مڃيو ۽ نه ڪنهن وڏيري يا زميندار سان رعايت ڪيائين. نتيجي ۾ سندس ئي بهترين دوستن پنهنجي مفاد خاطر هن کي هڪ هنڌ رهڻ نه ڏنو.

هڪ دفعي مون پاڻ بابا کي چيو ته، "بابا توهان کي جلدي جلدي بدلي ڇو ٿا ڪن." ته چيائين، "بدلي ته آفيسر جو ڏاج آهي." حالانڪ هن ڏاج لاءِ چاچا غلام قادر چوندو هو ته، "اهڙو سون ئي گهوريو، جيڪو ڪن ڇني."

مون بابا جي نوڪري دوران حيدرآباد جي محمد شاهه ڊپٽي ڪليڪٽر، اسان جي پر واري پشوري پاڙي جي هڪ نظاماڻي ڊپٽي ڪليڪٽر، بابا جي ئي هڪ زيردست محمد ڇتل ڊپٽي ڪليڪٽر، سيد علي اڪبر شاهه نئين واري ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ٻين ڪيترن سي ايس پي توڙي نان سي ايس پي ڪليڪٽرن جن ۾ قاضي غلام مصطفيٰ، مسيح الزمان، افغان عبدالحميد، عبداللطيف شيخ، سرشار عقيلي ۽ ٻين کي ڏٺو جيڪي بابا جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته خانصاحب جي تکي طبيعت هن کي هميشه چڪرن ۾ رکيو آهي.

—

مون سنڌ جو گهڻو حصو گهمي ڦري ڏٺو آهي، اپر سنڌ، لاڙ وچولو ٿر، صرف ڪوهستان نه وڃي سگهيو آهيان. حالانڪ هڪ وقت اهڙو به آيو جو دادو ضلعي جو ڊي سي سبحان ميمڻ، گل محمد عمراڻي، مير محمد پرهياڙ (هي منظور جو گهرو دوست هو) ۽ ايس پي سليم

صديقي يا وري سرمد سعيد جهڙا پيارا دوست بہ رهيا. جن جي بار بار چوڻ تي رني ڪوٽ تائين بہ ڪونہ ويس. نہ صرف ايترو پر مچ ڪچهرين جي دعوت تي بہ ٽاٽي بولا خان تائين وڃڻ نہ پڳو. بلڪ پير مظهر طرفان رني ڪوٽ ۾ هڪ ادبي شام جي دعوت بہ منهنجي نہ وڃڻ جي ڪري ڪونہ ٿي سگهي.

اهڙي طرح پاڪستان جي صفا ڏورانهن علائقن. چترال. گلگت. اسڪردو وغيره ڪانسواءِ پنجاب ۽ سرحد جو گهڻو حصو گهمي ڏٺم تہ اها بہ هڪ قسم جي تربيت هئي. جنهن ۾ مون تيهن سالن کان مٿي پنهنجا شاگرد ۽ استاد بہ پاڻ سان گڏ رکيا ۽ ڪئين دلچسپ ۽ دلفريب داستان دل ۾ جمع ٿي ويا ليڪن لنڊن جي مختصر دوري ۽ سينگاپور ۽ بئنڪاڪ گهمڻ کانپوءِ منهنجي دل چوندي آهي تہ سرنديءَ وارن کي يورپ. امريڪا. فار ايسٽ ۽ ٻيا ملڪ زندگيءَ ۾ هڪ دفعو ضرور گهمڻ گهرجن. خاص ڪري يونيورسٽيون ۽ ڪاليج هر سال اهڙا شارٽ ٽرپ ناهين جن ۾ ميرٽ تي چونڊيل شاگردن کي مختصر تعليمي ۽ تربيتي دوري تي انهن ملڪن ڏانهن. جن ۾ هاڻ فرانس. جپان. مليشيا. چين بہ شامل آهي ضرور موڪلين. هن ڪم ۾ ڪو خاص خرچ ڪونہ ٿيندو. جي ٿيندو تہ بہ فائدو ان کان وڌيڪ پوندو. هتي تہ اهو حال آهي جو هر دوري تي رڳو ادارن جا سربراهہ پاڻ ٿا وڃيو پهچن. اوڏانهن بہ مختلف شعبن جي ماهر استادن کي موڪلڻ گهرجي تہ جيئن هو ٻيو ڪجهہ سکي اچن يا نہ پر لائين ۾ بيهي پنهنجي واري تي ڪا شئي شڪل. ريلوي. بس جي ٽڪيٽ. بينڪ مان پئسا ڪيرائڻ ۽ ٽيڪسي ڪرڻ سکي وٺن. ٻيو نہ تہ باٿ روم ۾ ڪموڊ تي ويهڻ ئي سکي اچن.

مونکي لنڊن وڃڻ مان جيڪي سئيون ڳالهيون سکڻ لاءِ مليون انهن مان هڪ اها بہ هئي تہ جڏهن توهين ڪنهن عمارت يا ڪمري ۾ در کولي گهڙو ۽ ڏسو تہ پنيان بہ ڪو اچي پيو تہ ايستائين در مان هٿ نہ ڪڍو جيسين هو نہ اچي در ۾ هٿ وجهي. اسان وٽ اجا تائين اڳيان ويندڙ ماڻهو دروازو کولي بنا پنيان ڏسڻ جي ائين بند ڪندو آهي جو

ڪڏهن ڪڏهن در پوئين ماڻهوءَ جي منهن تي اچي ٺڪا ڪندو آهي. ان کان سواءِ ٻي ڳالهه اها سڪيم تہ ڪابہ شئي خريد ڪرڻ، ٽڪيٽ کان وٺي، چيسٽ نٽ ونڻ تائين، اتي بيٺل لائين ۾ لڳي وڃجي. ان سان وارو بہ جلدي ٿو اچي وڃي ۽ زور تي اڳيان وڌي، ٻين کي ڌڪا ڏئي پويان ڪرڻ جي ضرورت بہ نہ ٿي پوي.

ڪلچرڊ هجڻ هڪ جدا ڳالهہ آهي، اها ماڻهوءَ کي سندس ملڪ جي موسم، ٻولي، ريتون ۽ رسمون سيکارين ٿيون ليڪن سولائيزڊ يعني تهذيب يافتہ هجڻ جدا ڳالهہ آهي، اها اسان ۾ شهريت جو احساس، سهپ جو مادو، ڊسيپلين، وقت جي پابندي ۽ پنهنجي وقت تي ڪا شئي حاصل ڪرڻ سيکاري ٿي. انهن مان صرف وقت جي پابندي ۽ اٿڻ ويهڻ جا آداب ئي جي سمجهہ ۾ اچي ويا تہ اُها وڏي ڳالهہ آهي. ليڪن اهي دورا گهٽ ۾ گهٽ تعليمي ادارن جي شاگردن ۽ استادن کي ٻاهر وڃي اسڪالرشپ تي تعليم حاصل ڪرڻ کانسواءِ بہ جديد دنيا جي ڊسيپلين، وقت جي پابنديءَ ۽ پنهنجي لفظن جي اهميت ۽ عزت جو احساس سيکاريندا.

اڄ جي دور ۾ جڏهن اسان وٽ ڪو ڪلارڪ بہ پاڻ اٿي گلاس کڻي سامهون پيل ڊسپينسر يا ٻاهر لڳل ڪولر مان پاڻي ڀري نہ ٿو پيئي، بلڪ ان لاءِ پٽيوالي کي ٿو سڏي تہ ٻئي طرف روس جو وزيراعظم پاڻ پيو گاڏيءَ ۾ پيٽرول ڀرائي يا نيدرلينڊ جو وزيراعظم سائيڪل تي چڙهي مارڪيٽ ويندو نظر ٿو اچي ۽ ڪئناڊا جو وزيراعظم پيرين پنڌ هلي سگهي ٿو تہ اسان وٽ ائين ڇو نہ ٿو ٿي سگهي. اسان جي يونيورسٽي ۾ بہ ڪيترين آفيسن ۾ ڊسپينسر پيل آهن، بلڪ ريفريجريٽر رکيل آهن، پر مجال جي ڪو آفيسر پاڻ اٿي پاڻيءَ گلاس ڀري وٺي، جڏهن تہ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ آفيسر پاڻ اٿي چانهہ بہ آفيس ۾ ناهي پيئندا آهن تہ پاڻي بہ. ورنہ انهن مشينن تي پئسو زيان ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت.

حالانڪ اهو ناهي تہ ٻاهرين ملڪن ۾ ٻي اصول ماڻهو نہ هوندا يا هو سڀ ڪي کير جا ڌوتل آهن، ليڪن هنن جو قومي ڪردار، فرض شناسي ۽ زبان جو احترام ۽ وقت جي پابندي مثالي آهي.

آءٌ جڏهن پنهنجي ياءُ ۽ پاپيءَ سان گڏ لنڊن ويو هئس تہ اتي اهوئي تجربو انڊرگرائونڊ ٽرين جو بہ ٿيو جيڪا مقرر وقت کان هڪ منٽ اڳي يا پوءِ ڪانہ ايندي آهي. ان ڪري اتي جا رهواسي ٽرين جي بلڪل وقت تي اسٽيشن تي ايندا آهي ۽ اسين پنهنجين ٽرينن جي بي ضابتگين تي هريل، اڌ ڪلاڪ اڳ ئي اسٽيشن تي پهچي ويندا هئاسين ۽ پيڊنگٽن کان آڪسفورڊ، پڪڊلي، ڪنگ جارج ۽ واٽرلو تائين ڪيترا دفعا ويران اسٽيشنن تي ڦرجندي بچيا هئاسين. ڇو جو ماڻهو وقت تي ٽرين تي اچي چڙهندا هئا تہ ان کان پوءِ اسٽيشنون خالي ٿي وينديون هيون.

سڀ کان وڏي ڳالهہ جيڪا انهن ملڪن ۽ شهرن جي سونهن آهي، اها آهي صفائي ۽ سسٽم سان هلندڙ ٽريفڪ. پهريون ڀيرو مون لنڊن ۾ ٻئنڪاڪ ۾ زيبرا ڪراسنگ تي پير رکڻ سان ئي سڄي ٽريفڪ کي رڪجندي ڏٺو. خاص ڪري جي ڪو ٻارڙيا ٻڍو يا ٻڍي ٿي لنگهيا تہ ڪن گاڏين مان ماڻهن لهي هنن کي هٿ کان وٺي رستو بہ پار ٿي ڪرايو. هو هئا تہ يورپين يا ٿائي ليندر ليڪن هنن کي ڏسي لڳو هئم تہ اصلي انسان هي آهن. ها، البتہ اهڙن دورن ڪندڙن کي وري جو هٿ اچي ساڳين حالتن ۾ رهڻو پوندو، رستو ڪراس ڪرڻو پوندو يا ڪوڙ کي منهن ڏيڻو پوندو تہ پوءِ زندگي شايد مزيدار نہ لڳندن.

هڪ دفعو تہ آڪسفورڊ سرڪس انڊر گرائونڊ ۾ چند شراب جي نشي ۾ ڌت نوجوان ڦري آيا. وري جو ٽرين جي اچڻ ۾ اجان ڪجهہ منٽ هئا تہ اسٽيشن بہ خالي هئي. هو اسان سان چرچا ڪرڻ لڳا. هڪ نوجوان پنهنجو هيٽ هٿ ۾ جهلي چيو تہ، ”چيئرٽي فار دي آئرش.“ منهنجي ياءُ گهٽو ئي انگريزي ۾ چين:

"Gentleman, we are foreigners, we don't understand English."

پر هو اسان جي چوڌاري ڦرندا رهيا ۽ مون سوچيو تہ خدا خير ڪري، اڄ وياسين ڪم کان. جي پئسا ڦرجي ويا تہ ڇا ڪبو؟ ليڪن ايتري ۾ ٽرين جو وقت ٿي ويو ۽ ماڻهو اسڪائليٽر ۽ ڏاڪڻ ذريعي ايترا تہ اچي گڏ ٿيا جو هو ڇوڪرا پيچي ويا ۽ اسان بہ ٽرين ۾ چڙهي وڃي ساهہ پٽيو.

سنڌي ادب، سياست ۽ قوم پرستيءَ جي علامت رسول بخش پليجو
جيڪو تازو 2 جون 2018 تي هن دنيا مان هليو ويو آهي، تنهن جو ذڪر
ڪرڻ منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان ڪري جو هن سان منهنجو 1957
کان وٺي ڪيترن ئي حوالن سان وڏو واسطو رهيو آهي ۽ هن مون کان وڏو
هوندي بہ مون سان دوستيءَ جي رشتي کي جيئن نڀايو ۽ مون سان جيئن
محبت، عزت ۽ شفقت سان رهيو، اهو تمام وڏو داستان آهي. آئون
شروعات انهن لفظن سان ڪندس تہ جڏهن پناهگيرن جي يلغار کان پوءِ
اسان حيدرآباد شهر کي پنهنجي لاءِ غير محفوظ سمجهيو ۽ ٻين ڪن
سببن جي ڪري بہ نئين وسايل بستي قاسم آباد، جيڪا ان کان اڳ
دوآبو جي نالي سان سڏبي هئي، اتي وڃي گهر ورتوسين. اتي مختلف
ذاتين ۽ ڪرتم جا ماڻهو جن ۾ چانديا، ڏيشڪ، سومرا، ڏومرا ۽ ٻيون
زراعت ۽ مختلف پيشن سان رهندڙ قومون رهنديون هيون ۽ هي علائقو
ڦليليءَ مان هترادو ڪڍيل ”واڏو واهہ“. جيڪو سيٺ واڌو مل پنهنجين
ٻنين کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪڍرايو هو ۽ ”فسادوي واهہ“ جيڪو سيٺ فسادي
مل پنهنجي ٻنين کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪڍايو هو ۽ ٻئي واهہ اڳتي هلي،
ٻنيون آباد ڪندا، ماڻهن جي اڃ اجهائيندا ۽ ڪپڙا لٽا صاف ڪندا،
واپس وڃي ڦليليءَ ۾ ڪرندا هئا، جن مان فسادي واهہ تہ شايد سنڌي
مسلم سوسائٽي وٽ ئي ختم ٿي ويو ۽ واڌو واهہ گهڻو وقت آتويان تائين
ٻنين ۽ پنهورن جي ڳوٺ ۽ ٻنين کي آباد ڪندو رهيو ۽ وقت جي ڏاڍائي
سبب هاڻ هڪ گندي نالي جي صورت ۾ موجود آهي، جنهن جا ڪنارا
آباد ۽ رستا ويڪرا، قيمتي دڪانن، وڏين هوٽلن ۽ ڪارن جي شو رومن
سان راتيون چمڪايو وينا آهن. انهن جي وچان گندو نالو اڃا بہ واڌو واهہ
ٿو سڏجي ۽ ان جي رستي کي واڌو واهہ روڊ! اتي اسان بہ اچي المصطفيٰ
ٽائون فيز-1 ۾ ديرو ڄمايو ۽ اها خبر پئي تہ رسول بخش پليجو بہ اتي ئي
پرنس ٽائون ۾ رهيل آهي تہ دل کي تسلي ٿي تہ ڪو تہ پنهنجو اتي آهي.
وري جو عبدالرحمان پليجو هن جو ننڍو ڀاءُ جيڪو پڻ منهنجو دوست

هئو ۽ ادب دوست بہ هئو. ڪنهن زماني ۾ بادل رسالي جو ايڊيٽر بہ رهيو هو. جتي ساڻس ڏينهن رات واسطو هوندو هو، اهو بہ هٽ رهيل هو.

قاسم آباد منتقل ٿيڻ ڪانپوءِ اسين ٿورو ناهہ جوڙ چنڊ ڦوڪ ۾ لڳي وياسين. ليڪن پليجي صاحب کي فون تي ٻڌائي ڇڏيو هئم تہ اسان جسٽس عبدالرحيم قاضيءَ وارو گهر خريد ڪري اتي اچي رهيا آهيون، سو اچان آئون ساڻن ملڻ وڃان ٿي وڃان تہ اوچتو پاڙي جي چوڪيدار کي ساڻ ڪري منهنجي گهر پهچي ويو. اتفاق سان آءُ ان وقت شهر ويل هوس، سو منهنجي ٻارن کي چيائين، "ابا، قاضي خادم اچي تہ چئجوس تہ رسول بخش پليجو آيو هو ۽ چئجوس تہ هاڻ اسان جي عمر ڳولائون ڪرڻ جي نہ رهي آهي، اچي تہ مون سان ملي."

مون کي رات جو ئي خبر پئي ۽ اوڏي مهل ئي سندس گهر ويس، پاڻ ان وقت ٻاهر پسار پئي ڪيائين. مونکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

اهڙيءَ طرح هر وقت، مهل ۽ موقعي تي نہ هو مونکي وساريندو هو ۽ نہ آءُ ياد ڪرڻ ۾ دير ڪندو هوس. پوءِ تہ هن سان حميد سنڌيءَ جي بزمِ روح رهاڻ ۾ بہ ملاقاتون ٿينديون هيون، جيڪو پڻ واڏو واهہ جي ڀئي ڪناري تي ويجهو ئي ويجهو رهندو آهي ۽ جڏهن هن وٽ آغا سليم ڪڏهن ڪڏهن اچي رهندو هو تہ بہ پليجي صاحب سان ملاقاتون ٿينديون هيون تہ شهر توڙي پٽ شاهہ ۽ ٻين هنڌن تي جيڪي ادبي تقريبون ٿينديون هيون، ات گهڻو ڪري گڏ ئي اسٽيج تي ويهڻ جو موقعو ملندو هو پر آءُ جڏهن بہ ڪنهن پريشاني ۾ هوندو هوس يا اڪيلائي محسوس ڪندو هوس، هن وٽ گهر هليو ويندوهوس. هڪ طرح سان پليجو صاحب ۽ اتي رهندڙ ٻيو پيارو ساٿي قاضي عبدالستار ۽ حميد سنڌي، اهڙا نالا هئا جن جي هوندي هي علائقو جڻ تہ اسان جو ڪو پراڻو پاڙو هجي، شايد هي دل جو پاڙو هو، جنهن مان هاڻ پليجو صاحب بہ هليو ويو، قاضي عبدالستار بہ هليو ويو ۽ ٿورو پر تي نسيم نگر ۾ رهندڙ منهنجو ٻچپن جو ساٿي ڄام ساقي بہ هليو ويو.

داستان وڏو آهي، 1957 کان 2018 جو عرصو 61 ورهين جو آهي ۽ هي دوست ۽ ساٿي بہ 61 ورهين کان ئي دل ۾ رهندڙ آهن، وس پڄو تہ ايترن ئي ورهين جو داستان بہ لکبو اهو جديد سنڌ ۾ تبديلين جو داستان هوندو. جنهن ۾ پليجي صاحب جي جوانيءَ واري وڪالت ۾ حفيظ قريشيءَ سان سندس ساٿ (حفيظ قريشي منهنجو تمام ويجهو مائٽ هو) سائين جي ايم سيد کان سيد باقر علي شاهہ ۽ عالم شاهہ جا قصا، سنڌي شامون ۽ سنڌي ادبي سنگتون، جشن روح رهاڻ ۽ ڪراچي هوٽل جا قصا، جتي پليجو صاحب ايندو هو تہ جويو صاحب بہ ضرور گڏ هوندو هوس. هو هميشہ بہ بوائل بيدا کائيندو هو ۽ بليڪ ٽي پيئندو هو.

ڪوبہ ادبي عمل يا سياسي فورم، پليجي صاحب کانسواءِ اڌورا هوندا هئا. مون وٽ هو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايندو هو ۽ خاص ڪري جڏهن مون گهٽي عرصي کان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ بند ٿيل (Debates) مباحثن جو دور نئين سر شروع ڪيو، تنهن جي کيس ڏاڍي خوشي ٿي هئي ۽ فون تي ان جي ڏاڍي تعريف ڪئي هئائين. ان کانسواءِ هو پاڻ پنهنجي قاسم آباد واري گهر ۾ بہ هميشہ اهڙيون محفلون رچائيندو هو ۽ جڏهن بہ آءٌ کيس پنهنجو ڪو ڪتاب ڏيڻ ويندو هوس تہ هو اتي ويٺلن کي منهنجي ڪتاب جو نالو ۽ انتساب ضرور پڙهي ٻڌائيندو هو. نہ صرف ايترو پر پنهنجي ڊرائيور ۽ ٻين ڪارڪنن تي بہ زور وجهندو هو تہ هو اهو ڪتاب ضرور پڙهن.

پليجي صاحب جي هڪ وڏي خوبي اها بہ هئي تہ هو ڪڏهن جيل وڃڻ کان ڪونہ ڊنو نہ ڪڏهن خود ساختہ جلاوطني ڪيائين، نہ ئي ڪڏهن ڪو بهروپ بدلائي پنهنجي حياتي بچاياائين. هميشہ ڪابي ڌر ۾ رهڻ جي ڪري ۽ مزاحمتي سياست ڪرڻ جي ڪري کيس ڪيترا ڀيرا جيل وڃڻو پيو. ڪڏهن اڪيلو ڪڏهن فاضل راهو سان گڏ تہ ڪڏهن عالم شاهہ جي ساٿ ۾، هن جيل وڃڻ کان نہ ڪيٻايو.

آءٌ پاڻ ڪيترا دفعا صرف هن سان ملڻ جي شوق ۾ پنهنجي امتحانن جي ڊيوٽي سينٽرل جيل حيدرآباد واري سينٽر ۾ لڳرائيندو

هوس، وري ڪڏهن ڄام ساقي سان ملڻ لاءِ. دودو مهيري ۾ ٻيا ڪيترا سياسي شاگرد به مونکي اتي ئي مليا.

هڪ دفعي جڏهن آءُ سينٽرل جيل پهتس ته ڏٺم ته پليجو صاحب ۽ عالم شاهه، جيل کان ٻاهر اسپتال ۾ وڃڻ لاءِ تياري ڪري رهيا هئا. مونکي هو جيل جي اندرئين دروازي وٽ مليا. پليجو صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين، ”خادم آءُ ته هڪ ٻه ڏينهن اسپتال ۾ رهندس.“

مون چيو ”پرواهه ناهي، آءُ ته اجا ايندو رهندس.“

ائين اسپتال مان واپسيءَ تي هو روز مون وٽ جيل جي اسڪول ۾، ڪجهه وڏيڪ پڙهائي لاءِ معلومات وٺڻ جي بهاني سان ايندو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهريون ٿينديون هيون.

پليجي صاحب جي ادبي زندگي، سياسي ۽ سماجي زندگي ۽ ذاتي زندگيءَ تي جدا جدا لکڻ ٿو چاهيان. هڪ شعله بيان مقرر سياستدان ۽ سنڌ ۾ نياڻين جي تحريڪ جو سالار، ٻئي طرف موسيقيءَ جو ڪوڏيو وري ايترو مصروف هوندي جڏهن ”انڌا اونڌا وٻج“ ٿو لکي ۽ ڇپارائي ته ڪيئن خادم وطن اخبار جي ننڍڙي ڪوٺڙي نما آفيس ۾ منهنجي پر ۾ ڪرسي رکي ويهي ٿو ان جا پروف ڏسي ۽ ٻئي طرف وري لانگ مارچ، صدرن ۽ وزيراعظمن سان جهيڙا. هو هڪ عجيب انسان هو.

—

نجم عباسي نه صرف هڪ قوم پرست ۽ غريبن جو هڏ ڏوکي اديب هئو ليڪن هڪ دلچسپ انسان به هو. جڏهن هو ڪلينڪ ۾ ويهندو هو ته سڄو ڏيان مريض ۽ هنن جي علاج ۾ لڳائيندو هو ۽ وقفي وقفي سان، جڏهن ڪو مريض ويٺل نه هوندو هئس ته ڏاڍا دلچسپ واقعا ٻڌائيندو هو.

هن پنهنجي لنڊن وڃڻ جو قصو ٻڌايو جيڪو هن ريت هو ته ڪيس لنڊن گهمڻ جو شوق اچي جاڳيو. تنهنڪري پنهنجي هڪ ڊاڪٽر دوست، اکين جي ماهر ڊاڪٽر عقيل بن عبدالقادر سان گڏ وڃي لنڊن پهتو. سنڌس چواڻيءَ عقيل بن عبدالقادر جيڪو عقيدي جي لحاظ کان قادياني هئو جنهن پاداش ۾ هو نيٺ قتل به ٿي ويو. پنهنجي وقت جو اکين

جو بهترين ڊاڪٽر هو. ماڻهو هن کان اکين جي آپريشن ڪرائڻ پسند ڪندا هئا. ان کي تہ سندس قادياني دوست لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تان ئي ڪنهي پاڻ سان وٺي ويا ۽ هو لنڊن ۾ هڪ اجنبيءَ جيان ڦرندو گهرندو هڪ هوٽل ۾ ڪمرو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پر ڪمپني نہ هئڻ ڪري سڄو ڏينهن ويڳاڻو ٿيو پيو آڪسفورڊ اسٽريٽ جا چڪر هڻندو هو ۽ ٽرافلگر اسڪوائر تي ڪبوتر اڏائيندو هو. جيڪي اتي هر وقت پيا هلندا آهن.

نجم عباسي جي لنڊن ۾ رهڻ دوران ملڪ ايلزبيٿ جي حڪمرانيءَ جي سالگره جو پروگرام ٿيو. جنهن ۾ سڄي شهر کي، بڪنگهم پيليس توڙي بين علائقن کي ڏاڍو سينگاريو ويو هو ۽ نجم عباسي راڻيءَ کي ڏسڻ لاءِ ان رستي تي وڃي بيٺو جتان راڻيءَ جي سواري لنگهڻ واري هئي. اتي هر طرف رنگ ئي رنگ وکريل پئي نظر آيا. هڪ تہ گورين ميمن جو هجوم، ٻيو مختلف ڪرتب ڪندڙن جا دلفريب نظارا، کيول ڪيڏ، ناچ، گانا، موسيقي، مٿان لنڊن جو جهڙالو موسم. نجم عباسي جلوس واري رستي تي ڪافي وقت بيٺو رهيو. سندس آڏو گهوڙيسوارن جو هڪ دستو بينڊ سان ۽ ان جي پويان وڏو جلوس اچي لانگهائو ٿيو ليڪن هن کي راڻي ڏسڻ جو شوق هو. سو ٻي ڪنهن ڳالهہ ڏانهن ڏيان ڪونہ ڏنائين. ڪيس راڻيءَ جي ڪارن جي جلوس جو انتظار هو ۽ رستي مان اکيون نہ ٿي ڪڍيائين تہ متان هوءَ ڪنهن ڪار ۾ ويٺي هجي ۽ پاڻ ڪيس ڏسي نہ سگهي. ليڪن مختلف جلوس نڪرندا ويا ۽ نيٺ ٿڪجي هن رستي تي بيٺل هڪ انگريز کان پڇيو تہ راڻي پلا ڪيڏي مهل هتان لنگهندي؟ ان تي انگريز وراڻيس تہ، ”چا تو هر مئجسٽي دي ڪوئن ڪونہ ڏٺي؟“

نجم حيران ٿي چيس، ”نہ هن جي تہ ڪا گاڏي ئي ڪونہ لنگهي آهي.“ جنهن تي انگريز چيس، ”هو جو پهريون گهوڙيسوارن جو دستو هو ان جي اڳواڻي راڻي ئي تہ ڪري رهي هئي.“

نجم ٻڌايو تہ اھو ٻڌي ڪيس ڏاڍي حيرت ٿي، تہ ڇا ملڪ ايلزبيٿ گھوڙيسوار دستي جي اڳواڻي ڪري رھي ھئي ۽ ڪيس خبر ئي نہ پئي! پوءِ چيائين، ”يَر، اسان وٽ تہ ھاڻ ڪو عام سرڪاري ڪامورو بہ سواءِ ڪنھن شاندار ڪار جي سفر نہ ٿو ڪري ۽ برطانيہ جي راڻي پنھنجي حڪومت جي سالگرہ تي ائين ڪلم ڪلا ھڪ گھوڙي تي چڙھي سندس سامھون لنگھي وئي پر ڪيس خبر ڪانہ پئي!“

ھن ڪي ان موقعي تي راڻي ڪي ڏسڻ جو افسوس ھو پر چيائين، ”حڪومتون پلي اھي ڪن، حڪمران ڪليل گھوڙي تي ھزارين ماڻھن جي ھجوم ۾ بنا ڪنھن خوف خطري جي پيا ھلن. جڏھن تہ اسان وٽ ھڪ معمولي سرڪاري ڪامورو بہ پاڻ سان گارڊ وٺيو ڪار جي ڪارن شيشن ۾ منھن لڪائيندو ٿو ھلي. حق تي اڌ دنيا تي حڪومتون ڪري ويا ھي ماڻھوا!“ وري بہ چوندو ھو ”يار، ڊاڪٽر عقيل ڏڪ پٽي ويو. مون کي جيئن ايئرپورٽ تي ڇڏيائين، وري ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ آيو.“

—

20 صديءَ جو سنڌي ادب، جنھن ۾ ناول، افسانو مضمون، آتم ڪھاڻيون، يادگيريون، خط ريڊيائي ڊرامہ ۽ ٻيون متفرقہ صنفون شامل ٿي ويون آھن، تن جو چڱيءَ طرح تبصرو يا تجزيو ڪرڻ تہ ڪو سؤلو ڪم ڪونھي پر ايترو ضرور چئبو تہ اسان ھن صديءَ جي اوائلي ڪتابن کي بہ پڙھيو جن ۾ ترجما ٿيل ۽ اصلوڪا ناول ۽ پوءِ ڪھاڻيون يا افسانا بہ شامل آھن تہ نھايت دلچسپ ۽ سبق آموز مضمون بہ پڙھڻ لاءِ مليا جن ۾ پرمانند ميوارام جو ترتيب ڏنل ڪتاب گل ڦل (ھن ۾ ’جوت‘ اخبار ۾ شايع ٿيل دلچسپ ۽ معلوماتي مضمون شامل آھن) علي احمد بروھيءَ جا مزاحيہ خاڪن تي مشتمل مضمون، جن اڳتي ھلي سوانحي خاڪن جو روپ ڌاريو ۽ محترم جي.ايم. سيد، پير علي محمد راشدي، ماھتاب محبوب ۽ عبدالقادر جوڻيجي جا ڪتاب ان دور جي نشاني آھن ليڪن پوءِ اھڙن ڪتابن جي پرمار ٿي وئي، جن ۾ ھر قسم جي ليکڪ توڙي صحافين حصو ورتو ۽ انھن مان گھڻا تڻا سياسي ۽ سماجي خاڪن جا

ڪتاب نڪري اچي نروار ٿيا. انهن ۾ خاص ڳالهه اها نظر ٿي اچي ته ڪيترن ليکڪن صرف پنهنجي پسند جي ماڻهن جا خاڪا لکيا. ڪن ليکڪن صرف ڪنهن جي تعريف ڪي ئي خاڪو بنائي ڇڏيو. انهن ۾ ڪيترا ڪتاب سنڌ مان لڏي ويل هندو اديبن، دانشورن ۽ تعليمي ماهرن بابت به لکيا ويا ته ڪيترا اهڙين شخصيتن جي باري ۾ به لکيا ويا. جن سنڌ ڇڏي نوڪرين لاءِ پرديس ۾ ئي رهڻ پسند ڪيو ۽ هاڻ ته انهن مان ڪي، ٻئي، چوٿين سال سنڌ ايندا آهن ۽ سنڌين کي سنڌ سان پيار ڪرڻ جي تلقين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بقا لاءِ تقريرون ڪري واپس هليا ويندا آهن.

اهڙو ئي حشر افسانوي سان به ڪيو اٿن. تقريبن هر ليکڪ ۽ محقق کي هڪ لسٽ هٿ اچي وئي آهي، جنهن کي بار بار ورجايو پيو وڃي. انهيءَ ۾ اهڙن ڪهاڻيڪارن جو به بار بار ذڪر ٿو اچي جن ڪڏهن ڪو اتفاقيه افسانو لکيو ۽ وري گم ٿي ويا. يا وري ڪو ناول لکيائون پر وري نظر نه آيا.

جڏهن ايوب خان جو ڏهه ساله جشن پئي ملهايائون، جنهن هُن جو سر وڃايو تڏهن هڪ ڪتاب 20 years of Pakistan نالي مرڪزي سرڪار جي انفرميشن کاتي طرفان شايع ٿيو. هن ۾ مون جن افسانه نگارن جا نالا پڙهيا، انهن جا افسانا به شايد هنن سان گڏ گذاري ويا هئا. انهن ۾ ڊاڪٽر غلام حسين جعفري جو نالو به هئو. جنهن ڪنهن وقت جوانيءَ ۾ ڪو افسانو لکيو هو. جيڪو ٿي سگهي ٿو ته سنڌالاجي يا سنڌي ادبي بورڊ جي ڪنهن تهه خاني ۾ موجود هجي. ليڪن ان ڪتاب جي سهيڙيندڙ کي نظر اچي ويو. هن ڪتاب ۾ ته اديبن جا نالا ئي غلط لکيل آهن. سن به غلط ڏنل آهن تازو ڏهه ٻارنهن سال اڳ مظهر جميل جي سنڌي ادب جي جيڪا اردو ۾ تاريخ لکي آهي، اها پڙهي ڏسو ته لڳندو ته هن مختلف ڪتابن مان ٽڪرا چونڊي هڪ تمام ٿلهي ٿنيري سنڌ جي ادب جي تاريخ لکي آهي، جنهن تي مون ميريٽ هوٽل وارن دانشورن کي واه واه ڪندي ٽڪجندي نه ڏٺو جڏهن ته هن شيخ اياز جي افساني

سفيد وحشيءَ کي آرٽس ڪائونسل جي هڪ تقريب ۾ شيخ اياز جو ڀهريون مزاحمتي شعر ڪوٺيو هو جنهن جو مون کيس 'ڊان' اخبار ۾ جواب بہ ڏنو هو.

هن وقت بہ سنڌي ناولن توڙي افسانن تي لکيل Ph.D جي مقالن کي ئي ڏسندو تہ اتي اهڙن ليکڪن جون لسٽون نظر ايندييون. جن تي هاڻي تحقيق ٿيڻ گهرجي تہ انهن ۾ ڪيترا ليکڪ هئا بہ يا رڳو ياري نڀائي وئي آهي!

انهيءَ ادبي اقربا پروري جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ ڪئين نوان سنا ليکڪ ابري نہ سگهيا آهن. هر تاريخ ۾ تذڪري توڙي مضمون ۾ بس هڪ کيپ افسانہ نگارن جي آهي، انهن جو ئي ذڪر هر هنڌ ملندو. تنهنڪري اسان جي جديد ادب جي تاريخ ئي اڌوري ٿيءَ وئي آهي.

اما جوڻي بلڪل درست آهي تہ:

نالي چڙهيو واپاري کٽيو کائي،
نالي چڙهيو چور ڦاهي کائي.

—

يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري دوران ڪئين ڏکيا موقعا بہ آيا، ليڪن ان وقت مونکي اهي ڏکيا ڪونہ لڳا. هڪ دفعي جيئن آءٌ سنڌي شعبي جو چيئرمين هوس تہ ان وقت جي وائيس چانسيلر ڊاڪٽر غلام علي الانا، شعبي ۾ اچڻ جو پروگرام رٿيو ۽ مونکي چيائين تہ "آءٌ شعبي جي استادن ۽ شاگردن سان جدا جدا گڏجاڻيون ڪندس، جن ۾ چيئرمين جي موجودگي ضروري ناهي."

مون چيو "آءٌ شعبي جو سربراهہ آهيان، تنهنڪري آءٌ اهڙي ڪابہ گڏجاڻي ٿيڻ ڪونہ ڏيندس." ڳالهہ وڌي وئي. مونکي ياد آيو تہ 1955 ۾ جڏهن بابا سيوهڻ جو مختيارڪار هو، اهڙو ئي ليٽر مان کي ڪمشنر نذير احمد وٽان آيو هو جنهن ۾ هن سيوهڻ جي دوري دوران، اتي جي تپيدارن سان هڪ الڳ ميٽنگ جي لاءِ چيو هو جنهن ۾ مختيارڪار کي

ويھٹو ڪونہ ھو. بابا ان تي جواب لکيو ھو تہ، ”منھنجي تعلقي ۾ توھان ڪابہ اھڙي ميٽنگ نہ ٿا ڪري سگھو، جنھن ۾ منھنجا زيردست تہ موجود ھجن، پر آءٌ نہ ھجان.“

ھن خط ڪمشنر کي ڪاوڙائي وڌو ۽ ھن ھڪدم دادو جي ڪليڪٽر مسيح الزمان کي فون تي چيو تہ، ”ھي مختيارڪار منھنجو حڪم نہ ٿو مڃي.“

مسيح الزمان، جيڪو ھڪ ڪامريڊ ٽائيپ سي ايس پي ھو ۽ ھميشہ مليشيا جا ڪپڙا پائيندو ھو، نھايت ايماندار ۽ جفاڪش شخص ھو. اھو بابا جو بيحد احترام ڪندو ھو ۽ ان کان اڳ بہ ڪيترن ھنڌن تي خاص ڪري پوءِ جڏھن اِسان جھڏي ۾ ھٿاسين ۽ ھو ڳوٺ سڌار اسڪيم جو ڊائريڪٽر ھو (ايماندار آفيسرن کي اھڙا ئي عھدا ڏيندا ھئا) اسان وٽ ھلي بہ ايندو ھو. تنھن ڪمشنر کي لکيو تہ مختيارڪار صاحب جو جواب نھايت مناسب آھي، اھا ڳالھہ Discipline جي خلاف ٿيندي تہ صرف تپيدارن جي ميٽنگ ڪريو. تعلقي جي سمورن سرڪاري ملازمن جي مختيارڪار سميت گڏجاڻي رکو تہ بھتر ٿيندو. پوءِ ڪمشنر نذير سيوھڻ آيو. قلعي واري ريسٽ ھائوس ۾ ڏينھن گذاري قلندر جي حاضري ڀري ھليو ويو. بابا بہ سڄو وقت گڏ ھوس. اھڙي طرح مون بہ الانا صاحب کي چيو تہ اھو انتظامي طرح بلڪل غلط آھي، جنھن تي ھن بہ ڪٽي ماٺ ڪئي.

اھڙو ئي ھڪ واقعو تڏھن پيش آيو جڏھن آءٌ ڊين فئڪلٽي آف آرٽس ھئس تہ مون ھڪ گڏجاڻي وي.سي سان رکي، جنھن ۾ سڄي فئڪلٽي جي استادن کي بہ دعوت ڏئي گھرايم.

مظھرالحق صاحب ان وقت وي.سي ھئو. ھن گڏجاڻيءَ ۾ ڪيترن ئي استادن ڳالھايو. مون بہ ھنن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ آخر ۾ وي.سي پنھنجي تقرير ۾ چيو ”توھان مان ڪن ماڻھن کي ڊين صاحب لاءِ ڪي شڪايتون ھيون. ھينئر بہ ڊين صاحب جي لاءِ ڪجھہ چوڻو اٿوَ تہ چئو چو جو ھن، پاڻ توھان سيني کي دعوت ڏئي پنھنجي احتساب ڪرڻ جو

موقعو ڏنو آهي. باقي هاڻي مهرباني ڪري ڪو بہ مون وٽ آفيس ۾ اچي، هن شخص جي خلاف ڪجهہ نہ چوي“ مونکي خبر پئي تہ جن بہ استادن منهنجي ساراهہ جا ڍڪ پئي پريا، تن ۾ ڪن، عادت کان مجبور ٿي وي، سي وٽ منهنجون ڪي شڪايتون ڪيون هيون پر هاڻ خاموش هئا.

-

چاچڙي جي هڪ يادگار رات۔ رات جا اٺ ٿي ويا هئا. ان وقت ريڊيو پاڪستان تان شڪيل احمد جي ڳري ۽ پروقار آواز ۾ خبرون اچي رهيون هيون. اسين پنهنجي گهر جي اڱڻ تي کٽن تي رکيل ويڙهيل هنڌن کي ٽيڪ ڏيو ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين. چاچا غلام قادر مونکي ۽ منظور کي ڪي گذريل وقت جون ڳالهيون ٻڌائي رهيو هو تہ اوچتو شام کان ٿي مڙي آيل ڪڪرن جي آسمان تي چرپر شروع ٿي وئي. نہ ڄاڻان ڪٿان هڪ عجيب خوشبو واري تيز هوا جا جهوٽا اچي پهتا هئا ۽ گوڙ ۽ ڪنوڻ شروع ٿي وئي. بس پوءِ تہ جيسين آئم (پٽيوالو) ۽ پير ۾ بيٺل بورچي اچي هنڌ کڻن، اسين تيز وسندڙ مينهن ۾ پسندا، ڪمري ۾ گهڙي وياسين. جتي وري ساڳي تيز هوا پنهنجو احساس ڏيارڻ لاءِ بند دريءَ کي طاقت سان کڙڪائڻ شروع ڪري ڏنو. ڪنوڻ اهڙي تہ تيز هئي جو پل ۾ سڄي چاچڙي جو نظارو ڪرائي ٿي ڇڏيائين ۽ پوءِ جو گوڙ جا ٺڪاءُ ٿيو آيا تہ لڳو ٿي تہ آسمان ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪرڻ وارو هجي.

ڪيترن ڏينهن جي گهٽ ۽ ٻوسٽ کان پوءِ آسمان ۾ ترندڙ ڪڪرن آخر هوا کان مدد گهري ۽ هڪ هنڌ مڙي، ترڻ، جل ٿل ڪرڻ لڳا هوا. هڪ طرف تيز هوا جا زوزاٽ، ٻئي طرف گوڙ ۽ ڪنوڻ پر رستن تي ٻارن ۽ وڏن جو خوشيءَ واريون ڪوڪاريون ۽ پري پري تائين عورتن جي ٽڙي لوڪ گيتن جو ڪورس وارو انداز ڪنن ۾ ماکي اوتڻ لڳو. هوڏانهن بابا، جيڪو ٿورو پريرو، گهر جي ٻئي حصي ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ريڊيو ٻڌي رهيو هو ۽ شايد سيٺ ڪرپالداس ۽ ٻيو ڪو ماڻهو ملڻ آيو هئس. تنهن جي ريڊيي تان بہ دل کي ٺاريندڙ آواز ۾ گيت اچي رهيو هو:

رات بہ مينهڙا وٺا، ڪنوٽين ڪيل ڪيا.

هي گيت مون وري وري ٻڌو آهي، ريڊيو تان بہ تہ اسٽيج تي، پر ان وقت ريڊيو تان ايندڙ هن سريلي آواز ا منظر جي مڪمل تصويرڏيکاري چڏي. ان ڪانپوءِ بہ مون ڪئين هنڌن تي اهڙيون موسمون ڏٺيون ۽ اهڙا گيت بہ ٻڌا پر هي گيت هن قدرتي موسيقيءَ جي پس منظر ۾ جهڙو ان وقت فٽ نظر آيو اهڙو ڪڏهن بہ ڪونہ آيو.

اڄ بہ جڏهن اهو منظر ياد ٿو اچيم تہ لڳي ٿو تہ ٿر ۾ جڏهن بہ برسات ٿيندي آهي، تہ اها ٿرين جي دلين تي ايڏو تہ اثر وجهندي آهي، جنهن جي منظرڪشي منهنجي وس ۾ ناهي. ان ئي ڏينهن شام جو آءُ چام ۽ عالمچند سان گڏ چاڇري جي بازار ۾ ويو هوس، جتي سوڪهڙي جا ماريل ٿري سڪل چيڙن جي ڪچرين جي ڇپين وٽ ويهي آسمان ۾ ڦيريون پائيندڙ ڪڪرن کي دل ئي دل ۾ ٻاڏائي رهيا هئا تہ. وسي پئہ وسي پئہ

ليڪن هاڻ ريڊئي تان ايندڙ اهو گيت هنن جي ئي دل مان ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو:

رات بہ مينهڙا وٺا، ڪنوٽين ڪيل ڪيا.
ٻاجهارن تي.

اتي ئي وري پورين جي اها جادوئي رات ٿي ياد اچي، جڏهن يوٿ هاسٽل کان ٻاهر چوطرف تمام تيز رفتار طوفان ۽ مينهن جوراڄ هو. جنهن ۾ ڪڪرن جي ٽڪرائڻ جا هيبتناڪ آواز ۽ ڪنوٽين جا روشن لامارا. اسان کي ڪمرن ۾ بند رهڻ تي مجبور ڪري رهيا هئا. جڏهن تہ فلمن ۾ رومانوي جوڙن کي اهڙن مينهن ۾ ڇٽيون هٿن ۾ ڪنيو يا مٽي تي ترپال رکي بہ ناچ نچندي ۽ ڳائيندي ڏسبو هو تہ ڏاڍو مزو ايندو هو.

اهو مينهن ڏسي ائين ٿي لڳو جڻ تہ اهو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو. تيز هوائون ۽ انهن سان گڏ وڏ ڦڙا بند درين جي ڪنڊن مان بہ اندر اچي رهيا هئا تہ يوٿ هاسٽل جي ڇت مان بہ ڪٽان ڪري هنڌ کي

پسائي رهيا هئا. منهنجو دوست رشيد انصاري صاحب ۽ اقبال قريشي بہ ان ئي ڪمري ۾ مون سان گڏ هئا تہ ٻين ڪمرن ۾ اسان جون شاگرديائيون، شاگرد، ليڊي ٽيچرس جن ۾ اقبال جي گهر واري ياسمين اقبال، حنيفہ قاضي، فريده پنهور، سهيمہ پنهور بہ هئا. جڏهن تہ هڪ هستي مون سان گڏ ويٺي هئي ۽ ڳالهيون ڪندي ڪندي ننڊاکڙين اکين سان در ۽ دريءَ مان ٻاهر ايندڙ پاڻيءَ جي ڦڙن ڪي بہ ڏسي رهي هئي تہ ريڊيو تان ان وقت گانو اچي رهيو هو:

اي ابرِ ڪرم آج اتنا برس ڪہ وه جا نہ سڪين

مون کي ائين لڳو ڄڻ اهو گانو هن خاص موقعي لاءِ ئي لکيو ويو هو جيڪو فلم ۾ وحيد مراد اهڙي ئي ماحول ۾، جڏهن شبنم سندس ڪمري ۾ ويٺي آهي، ڪيس پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌائي رهيو هو. ليڪن فلم جو تہ رومانس ئي هو هت تہ حقيقت هئي ۽ مونکي اهو بہ ڊپ پئي ٿيو تہ پهاڙيءَ جي ڪناري تي ٺهيل هيءَ يوٿ هاسٽل موربگو جبل تان ڪري نہ پوي!

مزو اهو هو تہ رشيد صاحب کي ان شام جو مريءَ جي مال روڊ تي ڪو ڪمبل وڪڻڻ وارو زوري هڪ ڪمبل 700 روپين ۾ وڪڻي ويو هو جيڪو هن اهو چئي ورتو تہ نيڪ آهي، سياري ۾ ڪم ايندو پر جڏهن رات جو هن مونکي ڪمبل ۾ سيءَ کان ٿنگون پيٽ سان لڳائي سٽل ڏٺو تہ چپ چاپ اهو ڪمبل ڪڍي مون تي وجهي ڇڏيائين ۽ مون سوچيو هو تہ، پيار رڳي اهي ڪونہ ٿيندا آهن، جيڪي هڪ ماءُ پيءُ جو اولاد هجن. ڪوبہ انسان پيار تي سگهي ٿو. جيڪڏهن هن ۾ پيار هجڻ وارا احساس هجن.

جڏهن مينهن تہ نہ بيٺو نيٺ سيڪو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سٽو پر مون رات جو ڪيترا دفعا محسوس ڪيو تہ ٻئي ڪمري مان ڪو اندر ٿي آيو ۽ منهنجي مٿان ڪمبل نيڪ ڪري ٿي ويو. مون اهو سمجهي تہ اهي اڌ جاڳ جا سپنا آهن. اکيون کولي نہ ڏٺم پر مخدوم نوح جو هي شعر ياد آيو:

اپتيان تان انڌيون، پوربون پرين پسن،
آهي اکڙين، عجب پر پَسڻ جي.

-

مونکي اج هڪ اهڙو واقعو پيو ياد اچي، جيڪو بظاهر ته ڪو اهميت وارو نظر نه ايندو پر غور ڪبو ته انساني سوچ جو هڪ اهڙو مثال نظر ايندو جيڪا هاڻ بلڪل تبديل ٿي چڪي آهي.

بابا، اجا نوڪريءَ ۾ هئو ون يونٽ بنجي چڪو هئو ته هڪ خط بابا کي حيدرآباد ۾ الهداد چنڊ جي ڳوٺ جي ائڊريس تي آيو. لاهور مان آيل هن خط ۾ توڙي جو ڪا وڏي ڳالهه لکيل نه هئي ليڪن خط تي الهداد چنڊ جو ڳوٺ واري ائڊريس ڏسي، بابا جي اکين ۾ خوشيءَ کان ڳوڙها تري آيا. ان ائڊريس تي ٻين کي به خط ايندا رهيا هئا. هن پاڙي ۾ رهندڙ هڪ ٻئي مختيارڪار دوست حاجي لقمان کي ٻڌايو ته. "ڏسو منهنجي ڪري لاهور مان خط الهداد چنڊ جي ڳوٺ جي ائڊريس تي اچي رهيا آهن، نه ته اهي سرڪاري خط نوڪري واري ائڊريس تي ئي ايندا هئا. ڏسو اج منهنجي ڪري هي ڳوٺ به مشهور ٿي ويو آهي."

هاڻ آءُ سوچيان ٿو ته اجڪلهه جي ڪو ماڻهو وڏي حيثيت حاصل ڪري ٿو ته هو به ننڍي جهانيان کي ڪئنٽونمينٽ يا جي او آر جهڙن نالن سان ڳنڍي ٿو ڇڏي پراڻن ڳوٺن جا نالا ئي بدلجي ويا آهن. پر جي ڪڏهن اهي ڪنهن پراڻي نالي واري علائقي ۾ رهن ٿا ته وري به اشاري ۾ پرپاسي واري ڪنهن نئين ڪالوني يا هائوسنگ سوسائٽي جو حوالو ضروري ڏين ٿا.

حسن علي آفندي جو پوٽو عبدالمالڪ ته پنهنجي ڪارڊ تي لکندو هو "ايسٽ حيدرآباد ويسٽ پاڪستان تروٽ جو باغ حسن علي آفندي گارڊن."

-

اسان ننڍپڻ ۾ جن شهرن جا نالا ٻڌا، تن ۾ تاريخي نالن حيدرآباد، ننگر ٺٽو ميرپورخاص، خيرپورميرس، روهڙي، سيوهڻ، ڏوڪري، واره، باڊه، نئون ديرو رتوديرو ڏهرڪي، اوباوڙو نوابشاهه، سڪرنڊ، محراب پور، پڊ عيدن، ٽنڊو آدم، ٽنڊو الهيار، شهدادپور، هالا پراڻا، هالا نوان، مٽياري، سن، آمري، مانجهند، نصرپور، بدين، تلهار، ٽلٽي، جهوڪ، سونڊا، بوبڪ، ڀان سعيدآباد، جهانگارا باجارا، مني، ننگرپارڪر، ڇاڇرو ميهڙ، ڪڪڙ، خيرپورناٿن شاهه، ميرپور ماٿيلو، لاڙڪاڻو، دادو، مورو، نوشهرو جهڏو گدام، پٿورو، ٽنڊو محمد خان، پير پٺو ۽ بين لاتعداد نالن سان ڪشمور ۽ جيڪب آباد جهڙا شهر، توڙي تاريخي باغ، عمارتون ۽ رستا، حيدرآباد جو تروٽ جو باغ، ڪراچيءَ جا بيشمار رستا، باغ ۽ بلڊنگس جن ۾ فريئر هال، گانڌي گارڊن، آرام باغ، برنس روڊ، ڊائو ميڊيڪل ڪاليج، ميڪلوڊ روڊ، خالقڏنو هال، بولٽن مارڪيٽ، لياري، ڪارا در، مٺو در، پريڊي اسٽريٽ، ڊينسو هال، ايلفنسٽن اسٽريٽ، جن مان ڪيترن کي انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ مٿائي هندستاني ليڊرن ۽ بادشاهن جي نالي سان منسوب ڪيو ويو. حالانڪ جن به انگريزن جي نالي پويان شهر، باغ، هال يا رستا هئا، انهن جا نالا هن علائقي لاءِ ڪيل نهايت اهم خدمتن جي حوالي سان رکيل هئا. ليڪن جڏهن جيڪب آباد جو نالو بدلائي خانپور رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي ته جيڪب آباد جي رهواسين سخت ردعمل ڏيکاريو ۽ سر جان جيڪب جي خدمتن کي ياد ڪندي اهو نالو مٽائڻ نه ڏنائون (سر جان جيڪب سندس وصيت موجب دفن به اتي آهي).

هاڻ جڏهن نظر ڪجي ٿي ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ گهٽ ڪري رستن يا سرڪاري عمارتن جا نالا ۽ ڪن شهرن جا نالا وري سياستدانن جي نالي سان ئي رکيل ملن ٿا. آفيسرن جي نالي سان صرف ڪي ”نياز اسٽيڊيم“ حيدرآباد جهڙو نالا ملندا، جيڪو پڻ متنازعه آهن، ڇو جو هي اسٽيڊيم ٺهرائڻ وارو عبدالله چنا هئو ۽ حيدرآباد ۾ ڦهريون لا ڪاليج کولڻ وارو به هي شخص هئو. جيڪو روينيو کاتي ۾ مختيارڪار کان

ڪليڪٽر ٿي رهيو. مون وٽ 1940 جو لاڙڪاڻي جو هڪ آفيشل فوٽو آهي، جڏهن سنڌ جو ڪمشنر ڏو (Hugh Dow) لاڙڪاڻي جي گشت تي آيو هو ۽ ان گروپ فوٽو ۾ هو به ويٺو آهي ته ساڻس گڏ علامه دائودپوٽو، عاشق حسين جتوئي، ۽ ٻيا ڪي علائقي جا ناليوارا ماڻهو. لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر (جنهن جو نالو معلوم نه ٿي سگهيو آهي) عبدالله چنه ان وقت سيوهڻ جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو.

هن گروپ فوٽوءَ ۾ ٻي لائين ۾ اپر سنڌ جا تقريبن سڀ وڏا زميندار ۽ رئيس جن ۾ رئيس غلام رسول خان جتوئي به آهي، موجود آهن ۽ پوئين لائين ۾ لاڙڪاڻي جا ڪامورا، مختيارڪار، مئجسٽريٽ وغيره به آهن، جن ۾ منهنجو والد صاحب خانصاحب محمد لائق به بيٺو آهي. بهرحال عبدالله چنا ۽ اهڙن ڪامورن جي نالي سان مونکي ڪوبه شهر نظر نه آيو آهي. نه ئي وري ڪڏهن شهرين ئي ڪامورن، ڪليڪٽرن ۽ ججن توڙي ٻين آفيسرن جي ڪارڪردگيءَ ڪان خوش ٿي ڪڏهن ڪو اهڙو مطالبو ئي ڪيو آهي، ورنه چڱا ماڻهوءَ هر دور ۾ پيدا ٿين ٿا.

هاڻ ته اهوئي رستو وڃي رهيو آهي ته چڱا ڪم ڪندڙ آفيسر خود ئي پنهنجون آتم ڪهاڻيون لکي، پنهنجا ڪارناما ٿا ٻڌائين. بلڪ ڪي وڏا آفيسر ته رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي دور جي اهڙين سرڪاري غلطين جو رڪارڊ به ڇپارايو ڇڏين. جيڪو سندن ئي وقت ۾ ٿيو پر اوڏي مهل نه ڪڇيا ۽ سرڪاري راز به ظاهر ڪري ڇڏيائون. ڪن ڪامورن ته پنهنجي اولاد کي وصيعت ڪري ڇڏي ته هو سندن لکيتون سندن مرڻ ڪان پوءِ ڇپارائين ته جيئن نوڪرين ۾ جيڪي غلط احڪامات مطابق ڪم ڪيا هجن يا جيڪي پنهنجي ذات جي فائدي لاءِ ڪم ڪيائون، اهي به ڦٻي وڃن ۽ تاريخ ۾ سچار ۽ قوم جا خير خواه ڪري لکيا وڃن.

—

پيار ۽ محبت جي مند ئي عجيب هوندي آهي. ان لاءِ نه سياري جي ضرورت آهي ته اونهاري يا بهار جي. اها سرءُ ۾ به گل ڪيندي آهي. سون هڪ هنڌ جين سائمنز جي مشهور فلم Daisies in December جو ذڪر

ڪيو آهي. جنهن ۾ هڪ پوڙهو شخص پنهنجي همر عمر ڪينسر جي مريض پوڙهي عورت سان عشق ۾ اڙجي ٿو وڃي، ليڪن هو اڪيلائي ۾ جيئرو رهڻ تي پيار جي زندگيءَ کي پنهنجي منطقي انجام تائين نيائڻ جو عزم رکي ٿو.

—

اسان جي پاڙي الهداد چنڊ جي ڳوٺ ۾ ڪئين عجيب و غريب ڪردار رهندا هئا، جن مان اُستو احمد واڍو جيڪو بظاهر کل يوڳ ڪرڻ وارو ۽ بين کي خوش رکڻ واري طبيعت جو مالڪ نظر ايندو هو. ليڪن رات جو دير دير تائين گهر کان ٻاهر رستي تي ڪٽ رکي، بنا وهاڻي جي صرف ٻانهون ڪنڌ هينان ڏيئي، نهايت سريلي زناني آواز ۾ شمشاد ۽ لتا منگيشڪر جا درد ڀريل گيت پيو ڳائيندو هو. هن جي زال گذاري چڪي هئي صرف هڪ ڌيءَ هئس، جيڪا اسان جي ماڙيءَ واري سنهڙي گهٽي ۾ رهندي هئي، انهيءَ گهٽيءَ ۾ ئي امان جي مامن، ماما يعقوب ۽ ماما لڌي جو گهر ٻه هئو. جيڪو اندران ته وڏو هو پر رستو انهيءَ سنهڙي گهٽيءَ مان هئس.

انهن مان ماما لڌو سيٺ وشنداس وٽ ڊرائيور هوندو هو جنهن جي ڪريم ڪلر جي ڪار هر جمع تي ڪڍي ايندو هو ۽ پنهنجي ٻارن کي شهر جو چڪر ڏياري ايندو هو ۽ ماما يعقوب جنهن کي ماما ياقو چوندا هئاسين. گاڏي ڪاتي ۾ تانگن ۽ وڪٽوريائن کي رنگ ڪري سينگارڻ جو نهايت اعليٰ ڪاريگر هو. سندس پٽ تاج محمد ڪلارڪ مان اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو ۽ هوٽل سٽي گيٽ جو شيئر هولڊر پڻ. هو هاڻ هن دنيا ۾ ناهن. نه ئي استو احمد ئي هن دنيا ۾ آهي، جيڪو ڪاريگر واڍو هوندي به ڪم ۾ دلچسپي گهٽ رکندو هو ۽ ڏينهن جو کل يوڳ ته رات جو خبر ناهي ڪهڙي خيال کان اداس فلمي گانا زناني آواز ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳائي پيو دل وندرائيندو هو.

چاچا غلام قادر کي بہ مون ڪڏهن ڪڏهن رات جو دير سان هن وانگر ئي زناني آواز ۾ ڏک وارا گانا ڳائيندي ٻڌو پر ڪڏهن ڪانئس ان جي باري ۾ پڇيم ڪونہ.

—

آئون سمجهان ٿو تہ سنڌ جا وڏا محسن اهي ڪونہ هئا جن پڙهي، اعليٰ تعليم حاصل ڪري، وڏا وڏا عهدا حاصل ڪيا ۽ پوءِ صرف پنهنجي لاءِ جيئرا رهيا. بيشڪ هنن پنهنجي اولاد کي بہ عام سنڌين جي برعڪس يورپ ۽ امريڪا جي جديد ترين تعليمي ادارن ۾ پڙهايو ۽ انهن مان ڪيترا پنهنجي وطن ئي نہ وريا ۽ اتي پنهنجي يوٽوپيا قائم ڪري، صرف سهڻين صلاحن سان سنڌين کي خوش ڪرڻ لڳا ۽ ائين سنڌ جي دولتمند ۽ وس وارن کي وس ۾ ڪري ٻاهر ئي سنڌ جو نالو روشن ڪندا رهيا، ليڪن ڪي چند، جن مان نوشهري فيروز ۾ مدرسو قائم ڪرڻ وارو اعليٰ انسان الهندو شاهہ هالن نون ۾ هاءِ اسڪول قائم ڪندڙ مخدوم غلام حيدر صاحب، ٽنڊي باگي ۾ هڪ اعليٰ مدرسو قائم ڪرڻ وارو مير غلام محمد صاحب ۽ سنڌ مدرسة الاسلام کي قائم ڪرڻ واري حسن علي آفنديءَ جهڙا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا انسان ملن ٿا، جن تي فخر ڪرڻ گهرجي. هن دور ۾ بہ هڪڙو اهڙو نالو ملي ٿو جنهن ڪامورڪي زندگيءَ ۾ وڏو عهدو ڇڏي سکر شهر ۾ قائم IBA انسٽيٽيوٽ آف بزنس ائڊمنسٽريشن ۾ پڙهائڻ پسند ڪيو بلڪ ان جي اهڙي تہ آبياري ڪيائين جو اڄ اهو ادارو يونيورسٽي بڻجي چڪو آهي ۽ سنڌس هڪ ڪئمپس، دادوءَ ۾ بہ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي.

هن عظيم شخص جو نالو نثار احمد صديقيءَ آهي، آءُ هن کي پنهنجي ياءُ منظور جي حوالي سان سچاٽندو هوس پر 2-جون 2018 تي محترم غلام محمد ميمڻ جي سالگره تي جتي هو پڻ موجود هو اتي مون گفتگو دوران ميمڻ صاحب کي تہ سندس ڪامياب زندگي ۽ سالگره تي مبارڪباد ڏني پر هن جو پڻ ذڪر ڪيم ۽ پنهنجي دلي جذبات جو اظهار هن ريت ڪيم تہ "هي اهو شخص آهي، جنهن هڪ اهڙي يونيورسٽي

سنڌ ۾ قائم ڪئي آهي، جيڪا سڄي دنيا ۾ سنڌين لاءِ روزگار جون راهون کولي ڇڏيندي اها حقيقت به آهي ته اهي سنڌي جيڪي هن اداري ۾ پڙهندا. تعليمي لحاظ کان "گلوبل وليج" جا باعزت شهري بڻجي پنهنجي سنڌ کي غربت مان گهلي ٻاهر به ڪيندا ته هتي جي غريب باشندن کي سندن عزت سان جيئڻ جو حق به ڏياريندا."

جيئن رابندرناٿ ٽئگور "شانتي نڪيتن" قائم ڪري امر ٿي ويو ۽ پنهنجي قوم، ٻولي ۽ ادب کي به امر ڪري ڇڏيائين. يقينن نثار صديقي به اهڙوئي ڪم ڪيو آهي، ليڪن هڪ ڳالهه ضرور چوندس ته سائنس ۽ ڪامرس ۾ اعليٰ ترين ڊگريءَ تائين ادب ۽ ٻوليءَ کي پڻ ڪورس ۾ رکيو وڃي ته جيئن ٽيڪنيڪي علم سان گڏ ادب جي لطافت ۽ آزاديءَ واري سوچ ايندڙ وقت جي معمارن ۾ موجود هجي. هو صرف مڪينيڪل ٿيڻ يا اڪائونٽنٽ بلڪ پنهنجي فيلڊ جا ماهر هجڻ سان گڏ پنهنجي ٻولي ۽ سماجي علوم، علم ۽ ادب کان به واقف هجن ته جيئن قومي ۽ انساني جذبي تحت پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي سگهن.

ورهاڱي (1947) کان اڳ ئي سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ ۽ بين مقامي ۽ غير مقامي تحريڪن توڙي بين الاقوامي حالات جي ڪري اهڙو ادب پيدا ٿيڻ لڳو هو، جنهن جو مرڪزي نقطه عام ماڻهو ۽ ان جو قدرتي توڙي هٿ سان ناهيل ماحول هئو. ان ۾ ڪلچر جي به خوشبو هئي ته تهذيب جو ذائقو به هو. ان وقت سنڌ ۾ مرزا قليچ بيگ، پرمانند ميوارام، ڪاڪي ڀيرو مل آڏواڻي، ڪشنچند بيوس ۽ پوءِ شيخ اياز ۽ نجم عباسي، محمد عثمان ڏيپلائي جهڙن ليکڪن ۽ شاعرن به اچي واسو ڪيو هو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي مختلف ترقي يافته ملڪن جي ٻولين سان واقف ڪرڻ لاءِ ترجما نگارن جي فوج به موجود هئي، جن ۾ سرڪاري منشي به هئا. جن جا ڪتاب، نصاب طور پڙهايا ويا ته دانشورن ۽ جديد تعليم وارو طبقو به، جنهن اچي سنڌ جي ڪوهنور هيري شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ذڪر ۽ فڪر تي مشتمل شاعريءَ جي گنج تان

وقت جي پيل دز کي چنبڍي چاڙهي، هن جي بيتن کي واضح ڪري ان جي معنيٰ، نئين شرح سان پيش ڪرڻ جو اهم ڪم ڪيو هو ۽ سنڌ جي هندو توڙي مسلمانن ان ۾ هڪ جيترو هٿ ونايو. جي هڪ طرف ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ۽ ڪلياڻ آڏواڻي هئا ۽ ٻئي طرف علامہ عمر بن محمد دائودپوٽو ۽ غلام محمد شهواڻيءَ بہ موجود هئا. هي تہ صرف چند نالا آهن ليڪن ان وقت کان اڄ تائين سنڌ جي گهڻن اديبن ۽ دانشورن هن عظيم شاعر جي ڳڻن کي ڳولهڻ ڦولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پوءِ کي علامہ آءِ آءِ قاضي، شيخ اياز ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙا آهن تہ ڪي آغا سليم ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جهڙا. بلڪ ڪيترا اهڙا نالا بہ آهن، جيڪي هاڻ تاريخن ۾ نظر ڪونہ ٿا اچن، جن جو سبب مورخن جي اڻچاڻائي آهي.

ان هوندي بہ قاضي قادن کان وٺي سچل، بيدل، بيڪس، روحل ۽ ٻين ڪيترن ڪلاسيڪي شاعرن محققن جي قلم کي مصروف رکيو آهي. ليڪن ان سان گڏ جديد تحريڪات ۽ حالات تحت لکيل ادب، جن ۾ ناول، افسانا ۽ شاعريءَ جو وڏو حصو آهي، اهو تمام مقبول عام رهيو.

مونکي 1951ع کان وٺي پڙهڻ جو موقعو مليو آهي. مون اهو محسوس ڪيو آهي، جڏهن تہ سنڌي ادب هڪ اهڙي انقلاب جو نالو آهي، جيڪو مسلسل هوندو آهي. انهيءَ ۾ ڪڏهن بہ انٽرويل يا پڇاڙي جو تصور ڪونہ هو. ادب حالات سان گڏوگڏ ڪڏهن اڳواڻي ڪندي تہ ڪڏهن ساٿ ڏيندي اڳتي ئي وڌندو ڏٺوسين. اديبن ۾ امر لعل هنگوراڻي بہ شامل آهي ۽ آسانند مامتوراءِ بہ شامل آهن تہ حيدر بخش جتوئي، ع.ق.شيخ، اياز قادري، رباني، حميد سنڌي، ابن حيات پنهور، شمشير الحيدري ۽ تنوير عباسي توڙي طارق اشرف ۽ علي بابا کان محمد بخش مجنون ۽ ٻيا بي حساب ليکڪ. جن گهڻو لکيو يا ٿورو لکيو پر انهن سيني سنڌي تعليم ۽ ادبي ڪسمپرسيءَ کان بچڻ، عوام کي شاهہ وڏيري ۽ ڪاموڙڪي ڄار مان ڪڍڻ ۽ وطن تي آيل ون يونٽ توڙي ٻين سماجي مصيبتن کان دور رکڻ جي جدوجهد ڪندي ڏٺو. حيران ڪندڙ ڳالهہ اها

نظر آئي تہ سنڌ ۾ اج کان اڌ صدي اڳ جيڪا جاڳرتا، علم ۽ ادب هئو اهو وڌڻ بجاءِ گهٽجي ويو آهي. تعليم جو حال تہ سڀني کان خراب آهي.

هڪ دفعي نظير قاسمي، تاج جويي ۽ نصير مرزا سان گڏ آنجهاني دادي ليلا سان سندس جنم ڏينهن تي ملڻ وياسين تہ هن ڏاڍي حيرت واري ڳالهہ ٻڌائي تہ، ”جتي هينئر گورنمينٽ گرلز ڪاليج آهي، اها هندن جي هڪ هائوسنگ سوسائٽي جي زمين هئي، جتي هن بہ هڪ پلاٽ ورتو هو ۽ ٻين ڪيترن عاملن جا بہ ان ۾ پلاٽ هئا پر جڏهن پاڪستان ٺهي ويو ۽ اهو پلاٽ سرڪاري قبضي ۾ هليو ويو تہ سنڌ ۾ باقي رهيل اهڙن هندن کان جن اتي پلاٽ ورتا هئا، تن کي چيو ويو تہ هت ڪاليج ٺهرايون، اوهان پنهنجا ڏنل پئسا واپس وٺو. انهي تي سڀني گڏيل جواب ڏنو تہ، ”جي اتي گرلز ڪاليج ٺهيو تہ اسان ان جا پئسا ڪونہ وٺنداسين. اسين پنهنجي خوشيءَ سان اهو پلاٽ گرلز ڪاليج لاءِ ٿا ڏيون.“

هاڻ جڏهن علم يونيورسٽين جي ليول تي پهچي ويو آهي، اسان جا عام سنڌي اجا تعليم کان ايترو ئي دور آهن، جيترو ورهاڱي کان اڳ هئا. هاڻ تہ ڪو مولوي انگريزي تعليم جي خلاف فتوي نہ ٿو ڏئي بلڪ وڏا وڏا مولوي پنهنجا ٻار فرنگين جي ملڪن ۾ ٿا پڙهائين ۽ پاڻ بہ علاج ڪرائڻ يورپ ۽ امريڪا جا چڪر ٿا هڻن. پوءِ ڇو اسان جو عام ماڻهو جيڪو بدقسمتيءَ سان ووٽر بہ آهي، اج بہ پوتار ۽ سائينءَ جي مرضيءَ جي آڏو مجبور آهي.

—

ڪو وقت هئو جڏهن سگريٽ ۽ بيڙيءَ جو شوق عام طور ڏسبو هو. جڏهن تہ اها بہ خبر آهي تہ ان جي دونهين مان پيئڻ واري کي تہ نهيو پر پاسي ۾ ويهڻ واري جي جان بہ جوکي ۾ پئجي سگهي ٿي تنهنڪري فلمن ۽ ٽي وي تي جتي ڪٿي ان جي خلاف اشتهار بہ اچن ٿا، بلڪ جتي بہ ڪو سِين سگريٽ ڇڪڻ جو اچي ٿو تہ يڪدم لکيل ٿو اچي تہ سگريٽ نوشي سان جان خطري ۾ پوي ٿي. ليڪن موالي ڪٿي ٿا مُڙن. مونکي ضياءُالحق جو چيل هڪ جملو ياد آهي، جڏهن هن چيو هو تہ ”آئون

مضبوط قوت ارادي جو مالڪ آهيان. آئون پنج دفعا سگريٽ پيئڻ ڇڏي چڪو آهيان."

اسين به ننڍپڻ کان اهڙن سگريٽ ۽ پن جي بيڙين ڇڪڻ وارن کي ڏسندا پيا اچون، جن ۾ منهنجو چاچو غلام قادر، جيڪو ڪنهن وقت سگريٽ جو هڪ تن، جنهن ۾ پنجاهه سگريٽ هوندا هئا، هڪ ڏينهن ۾ ڇڪي ويندو هو پر پوءِ پن جي بيڙيءَ تي اچي ويو ۽ پوءِ زندگيءَ جا آخري ويهه پنجويهه سال بيڙي سگريٽ کي هٿ به نه لڳايائين.

ٻئي طرف چاچا حفيظ هو جيڪو سگريٽ مان سگريٽ دکائيندو هو. سندس آڱريون سگريٽ جي دونهن مان پيليون ٿي ويون هيون پر پوءِ جڏهن وڏو عرصو پيٽ ۾ سور پيس، وري دل جي تڪليف ٿيس ۽ آپريشن ڪرائڻي پيس ته آخري عمر ۾ مون هن کي سگريٽ پيئندي نه ڏٺو.

ٻيا به عزيز و اقارب سگريٽ پيئندا هئا پر سگريٽ کي چڱو ڪڏهن به ڪونه چيو ويو نه سمجهيو ويو ان جي خلاف به ڳالهائبو هو ۽ مزو اهو جو خلاف ڳالهائڻ وارا پاڻ به سگريٽ آڱر مان نه ڪيندا هئا ۽ سگريٽ جو دونهون وات توڙي نڪ مان ڪيندا ڏٺم.

اوائلي 20 صدي کان مون ڪيترن ماڻهن جون تصويرون ڏٺيون، جن کي سگريٽ، سگار يا پائيپ به هٿ ۾ هوندو هو جن ۾ انگلينڊ جي وزيراعظم ۽ دانشور سر ونٽسن چرچل جو سگار ته ايڏو مشهور ٿيو جو ان جي نالي پويان چرچل سگار نهي ويو. ٻئي طرف ڪيوبا جو انقلابي اڳواڻ فيڊل ڪاسترو هر وقت وات ۾ هوانا سگار وجهيو دونهان ڪيندو وتندو هو. هنن جي نقالي اجا به شيخ رشيد ڪندو آهي.

هندستان ۾ سگريٽ کي باقائده ائين رائج ڪيو ويو جو اهو ماڻهن جي عادت ۾ شامل ٿي ويو. بلڪ گذريل صديءَ جون فلمون ڏسو ته هيرو يا ولين، اشوڪ ڪمار، دليپ ڪمار، راجڪپور، ڪشور ساهو، ديو آنند، پران، اوم پرڪاش وبندي گوپ سميت سڀ سگريٽ پيئندا نظر ايندا هئا. انهن مان اشوڪ ڪمار اهو اداڪار هو جنهن جي ڪابه فلم اهڙي ڪونه ڏٺي اٿم جنهن ۾ هن جي هٿ ۾ سگريٽ نه هجي. اهڙي طرح

راجڪپور جو سگريٽ دکائڻ جو انداز بہ نهايت دلچسپ هو ۽ دل چوندي هئي تہ آءُ ائين سگريٽ دکايان ۽ ڇڪيان.

مون کي ياد آهي 1987 ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي طرفان ادبي ڪانفرنس ٿي هئي ۽ ان وقت مظهرالحق صديقي صاحب وائيس چانسيلر هو. ڪانفرنس جي افتتاحي اجلاس ۾ شرڪت مهل هن پنڊال ۾ گهڙي سگريٽ دکايو ۽ نهايت روايتي انداز ۾ تيليءَ کي لوڏي وسائي ڦٽو ڪيائين تہ ان وقت اتي موجود آغا سليم چيو تہ، "اڙي يار، هي راجڪپور جهڙو ڪير آهي؟"

مون ٻڌايو سانس تہ، "اسان جو وائيس چانسيلر اٿئي."

چيائين، "واه سائين."

آغا خود بہ سگريٽ جو شوقين هو پر پوءِ بيماريءَ جي ڪري ڪيس سگريٽ پيئڻ ڇڏڻو پيو. هڪ دفعي اسلام آباد ۾ ماني کائي هوٽل مان نڪرندي چيائين، "يار، خادم اهي ڏينهن ٿا ياد اچن، جڏهن پاڻ بہ سگريٽ پيئندا هئاسين." وري چيائين تہ، "ڪيئن نہ ماني کائي ماچيس جي تيليءَ سان ڏند کوٽيندا هئاسين. هاڻ تہ نہ پيئون سگريٽ نہ رکون ماچيس." انهن ڏينهن سگريٽ پيئڻ فيشن هو. ڪريون اي کان پاسنگ شو سگريٽ پيئڻ وارن جو پنهنجو پنهنجو انداز هئو ليڪن پن جي ٻيڙي پيئڻ وارن لاءِ هندستاني پتي واري ٻيڙيءَ کان وڌيڪ ڪا سوغات ڪانہ هئي.

منهنجو استاد سائين محرم خان گهر ۾ پن جي ٻيڙين سان هڪ پريل ڇٻي رکندو هو ۽ ان مان چونڊي ٻيڙيون ڇڪيندو رهندو هو پر اسان کي هن جو اهو انداز ڪڏهن بہ اوپرو نہ لڳو ليڪن هاڻ جڏهن خبر پئي آهي تہ تماڪ نوشن سان ويهڻ ۾ ڪپڙن ۽ پگهر ۾ تہ تماڪ جي بوءِ رچجي ٿي وڃي پر ان جو اثر پيئڻ واري کان وڌيڪ پاسي ۾ ويٺلن تي ٿو ٿئي. پر عجيب نشو آهي، جنهن لاءِ لن يو تانگ Importance of Living ۾ لکيو آهي تہ، "اسان جو بهترين دوست سگريٽ ئي آهي، جيڪو اسان جي چپن تي رهندي، ڪڏهن اسان تي ڪا تنقيد ڪونہ ٿو ڪري. ورنہ

جيڪڏهن ڪو دوست ڪٿي گڏ هوندو آهي تہ هو ضرور اسان جي ڪن ڳالهين سان اتفاق ڪندو ۽ ڪن کي ناپسند ڪندو. ليڪن هي سگريٽ بس دکندو ئي رهي ٿو. ڪُڇي ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو."

هنن سيني ڳالهين جي باوجود تماڪ نوشي صحت تي ڏاڍو خراب اثر ٿي وجهي، ڪن کي تہ جلدي ڪانہ ڪا تڪليف ٿئي ٿي ۽ ڪي وڏي عمر ۾ اُن جو شڪار ٿي تڪليف ده انداز ۾ ڪنگهندي ڪرڪندي جان ڏيندا ڏين.

—

5-جون 2018 تي موبائيل جي فيس بُڪ تان خبر پئي تہ زوال (The Fall)، اجنبي (Stranger) ۽ ٻين اهم ناولن جو مترجم عمر ميمڻ امريڪا ۾ گذاري ويو. هن ۾ سندس ولادت جو سنہ 1937 لکيل هو. گڏوگڏ هن جو فرينچ ڪٽ ڏاڙهيءَ سان فوٽو بہ هئو ليڪن منهنجي دل تي تہ هن جي تصوير اڳ ئي نقش هئي.

عمر ميمڻ ڪجهہ وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار هو ۽ ڏاڍو ڪلمُک ۽ حسين جوان هو. هن جو ادبيات تي گهٽو اچڻ وڃڻ هوندو هو. تنهنڪري سنڌي اديبن سان بہ ويجهو ٿي ويو هو. هن سان گذاريل ادبيات جون شامون، جيڪي تلڪ چاڙهي جي ادبي حسن کي اجاگر ڪري ڇڏينديون هيون، ياد اچي ويم.

عمر ميمڻ سان گڏ غلام علي عارباڻي ڪڏهن ڪڏهن پروفيسر حسن ميمڻ، پروفيسر عمر ميمڻ، آغا شهاب الدين وارا بہ اتي فٽ پاٿ تي ويهي ڪچهريون ڪندا هئا. ليڪن شروع ۾ مونکي رڳو هن جي يونيورسٽي ۾ ليڪچرار هجڻ جي خبر هئي، ڇو جو آءُ پاڻ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوس، تنهنڪري يونيورسٽيءَ جي استادن جي زندگي منهنجي لاءِ مثالي هوندي هئي ۽ استاد پاڻ بہ مثالي ڪردار جا مالڪ هوندا هئا. ماڻهن جي دل ۾ يونيورسٽي توڙي ڪاليج جي استادن جو وڏو مان هوندو هو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ عمر ميمڻ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ ٻاهر هليو ويو تہ وري هن جون لکڻيون همعصر رسالن ۾ هن جي غير موجودگي

جي خال ڪي پريندڙ هيون. ليڪن هڪ دفعو جڏهن آءٌ پاڻ يونيورسٽيءَ جو استاد هوس، هو مونکي ڄامشوري ۾ آرٽس فيڪلٽي جي مين گيٽ تي مليو پر هڪ فرق سان. هاڻ هن ماڊرن فرينچ ڪٽ ڏاڙهي رکائي هئي. مون کيس ٻڌايو ته مون The Fall جو سنڌيءَ ۾ 'زوال' جي نالي سان ترجمو ڪيو آهي ته ڏاڍو خوش ٿيو ليڪن وري ڪا ملاقات ڪانه ٿي ۽ هاڻ اها خبر ملي آهي. جنهن مان اها ڳالهه معلوم ٿي ته هو امريڪا ۾ پروفيسر ايمريٽس طور ڪم ڪندو رهيو هو ۽ ڪيترائي ناول اردوءَ ۾ ترجمو ڪري چڪو هو جيڪي مون نه پڙهيا آهن.

–

منهنجو ذاتي تجربو اهو آهي ته ڪي دلچسپ واقعا يا تلخ يادگيريون، ڪنهن ڪنهن مهل خودبخود وجود مان نڪري ٻاهر اچي بيهنديون آهن ته ڪن ڪي وري ڪا موسم يا ڪيفيت اندر مان ڇڪي ڪڍندي آهي پر ڪي يادگيريون اهڙيون به آهن، جن کي تلاش ڪرڻو پوندو آهي، پنهنجي ئي دل جي ڪنڊن ۾ لاشعور ۾ يا ڪن نظارن ۽ واقعن ۾ اُهي پوشيده هونديون آهن ۽ جڏهن ڪنهن عمل، اهڙي واقعي يا ڪيفيت سان واسطو پوي ٿو ته اُهي به نڪري اچيو نروار ٿين.

5– مئي 2018 تي صبح جو مونکي بينڪ ۾ ڪم هئو ڪم ڇا هئو پنهنجي ڪائونٽ جا افعال ڏسڻا هئا. حقيقت اها آهي ته سڄي زندگي پگهار تي گذارو ڪرڻ ڪانپوءِ به هر مهيني بينڪ ۾ ضرور وڃي پڇبو هو ته بيلينس ڪيترو آهي. هن چيڪ ۽ بيلينس ۾ ڪئين دلچسپ واقعا به دفن آهن، جيئن گهڻو اڳ جڏهن منهنجو پيارو دوست ۽ شاگرد اختر ٻچاڻي HBL ڊسٽرڪٽ ڪائونسل برانچ ۾ وڃي مئنيجر ٿيو ته هن جي چوڻ تي اتي به اڪائونٽ کولرايم. جتي ريڊيو ٽي وي، يا ڪنهن ادبي اداري کان ملندڙ چيڪ جمع ڪرائيندو هوس.

هڪ دفعي آءٌ اختر جي آفيس ۾ ويٺو هوس ۽ مونکي پنهنجو بيلينس معلوم ڪرڻ جي ضرورت پئي، ته هڪ ڪلارڪ کي نمبر ڏنم ته بيلينس معلوم ڪري اچي. هن ٿوري دير کان پوءِ اچي پرچي هٿ ۾ ڏني ته

ڏهہ روپيہ بيلينس آهي. آءُ حيران بہ ٿيس ۽ شرمندو بہ. ليڪن چپ ڪري ويهي رهيس، جنهن تي اختر چيو تہ "سائين توهان کي پئسا کپن تہ OD ڪري ڏيان؟"

مون چيو "نہ في الحال ضرورت ڪانهي."

پر اختر کي شڪ نہ آيو. هو پاڻ ويو وڃي منهنجو ليجر کولي آيو (ان وقت ڪامپيوٽر سسٽم اڃا رائج ڪونہ هو) ٿوري دير کان پوءِ پني تي رقم لکي آيو جيڪا هئي ست هزار چار سؤ روپيہ. آءُ حيران ٿي ويس پر اختر ٻڌايو تہ ڪيش واري ڪلارڪ توهان جي بدران پل مان ٻئي جو بيلينس ٻڌائي ڇڏيو آهي. بهرحال مون هڪدم سيني پئسن جو چيڪ ڪڍيو ۽ وري ان بينڪ ۾ ڏيتي ليتي نہ ڪيم. ظاهر آهي تہ ڏهہ روپيہ بيلينس ٻڌي، مون تہ اڪائونٽ تان هٿ کڻي ڇڏيو هو جي اختر وري پاڻ نہ اچي رقم ٻڌائي ها تہ آءُ ڏهہ روپيہ ڪڏهن ڪليم ڪونہ ڪريان ها نہ ڪو چيڪ ئي ڪڍان ها. منهنجي اها رقم هميشہ لاءِ گم شده اڪائونٽ ۾ دفن ٿي وڃي ها.

اڄ بہ ان ڪري پهرين پنهنجي بيلينس شيٽ ۾ رقم ڏسي پوءِ موهن مدهوش جي ڪتاب جي دڪان تي ويس، ان يقين سان تہ هو ڪڏهن بہ 11 بجي کان پهرين ڪونہ ايندو آهي ۽ ائين ئي هئو تنهنڪري اتان نڪري عبرت اخبار واري گهٽي ۾ ڪرياني جي پراڻي واپاري دلشاد سان بہ چار ڳالهيون ڪيم. جيڪو حسب دستور هڪ دڪان جي دڪيءَ تي ويٺو هو. هن سان گذريل سال ملاقات ٿي هئي، حالانڪ هن کي 1960 کان ئي ڪرياني جي دڪان تي ڪم ڪندي ڏٺو هئم. جڏهن هو اڃا هڪ ڇوڪرو هو ۽ هاڻ هو اڇي ڏاڙهيءَ سان هڪ پوڙهو شخص آهي ليڪن مون سان ملندو آهي تہ هن جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ اچي ويندي آهي، جنهن مان هن جو ماضي نظر ايندو اٿم.

دلشاد سان چند گهڙيون ڳالهائي وري عبرت اخبار واري گهٽيءَ ڏانهن اڳتي ويس، جت قاضي مشتاق جي گهر جي پرسان هڪ وڪيل جي آفيس، ان جي پاسي ۾ غلام قادر سيال وڪيل جي آفيس ۽

کمبساٽيءَ جي آفيس جنهن ۾ هينئر منهنجي هڪ شاگرد وڪيل جي آفيس آهي، اجا بہ موجود هيون ليڪن هو سڀ يا تہ گذاري چڪا هئا يا ڪي ٻيا هنڌ وڃي وسايا هئائون.

اتان وري پوليس لائين واري رستي تي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي اسپتال ڏانهن ڏنم جيڪا هاڻ هڪ جنرل اسٽور آهي، جنهن تي ماڻهن جي رش لڳي پئي هئي، جڏهن تہ نجم وٽ بيمارن جو مڙئي گهٽ تعداد ايندو هو ۽ هو نج دوائون استعمال ڪرڻ جي ڪري ڪجهہ وڌيڪ پئسا وٺڻ ڪري ڊاڪٽر طور گهٽ مقبول هوندو هو. باقي اديبن جي اچ وڃ هن وٽ جاري رهندي هئي. تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، شيخ اياز گرامي صاحب، رباني، عبدالجبار جوڻيجو، آسي زميني، علي بابا ۽ مون سميت ڪيترا اديب هن سان اتي ئي ڪچهريون ڪندا هئا. آءٌ تہ ڇو جو روز شام جو اتان ئي آفيس ڏانهن يا گاڏي کاتي ويندو هوس تہ هن وٽ اسٽاپ ضرور ڪرڻو پوندو هئم، جي هڪ بہ ڏينهن وچ ۾ پئجي ويندا هئا تہ ڏک ڪيندو هو.

نجم عباسي جي اسپتال تہ ڪونہ ڪمايو پر سندس پر واري ميڊيڪل اسٽور واري هنڌ هاڻي بہ ميڊيڪل اسٽور آهن. جڏهن تہ نجم عباسي کي ان وقت منهنجي وڏي ڀاءُ مشتاق قريشي، جيڪو سينڊوز ڪمپني ڄامشورو جو مئنيجر هو تنهن سينڊوز ۾ ميڊيڪل آفيسر مقرر ڪرايو هئو. جنهن تي نجم هميشہ چوندو هو تہ "يرِ، مشتاق مون سان ڏاڍو چڱو وڙ ڪيو. هڪ سينڊوز مان آمدنيءَ بہ سٺي ٿئي ٿي تہ ٻيو ير ڏاڍيون ناهوڪيون ڇوڪريون ٿيون اتي ڪم ڪن. هو تہ بيمار آهن ئي آهن." هي اکر چوندي نجم جي چپن تي جيڪا مُرڪ ۽ اکين ۾ جيڪا چمڪ ايندي هئي، انهن جو بيان وس کان ٻاهر آهي. ان کان پوءِ وري هو سنڌي ادبي بورڊ ۾ 50 روپيا ماهوار تي ميڊيڪل آفيسر بہ رهيو. بهرحال هن جا ڪيترا افسانا ۽ ناول، سينڊوز جي دنيا سان واسطو ٿا رکن پر هينئر ات صرف هن جون يادون هيون. مون وري بہ نجم واري جنرل اسٽور ۾ جهاتي پائي در جي اندرين پاسي گهوڙي جي ان نعل کي ڏسڻ جي

ڪوشش ڪئي، جيڪو نجم جي وقت ۾ بہ لڳل هو ۽ هڪ دفعي منهنجي پيچڻ تي ٻڌايو هوائين تہ "پَر، اهو نعل هن جڳهہ جي مالڪ چڱي قسمت لاءِ لڳرايو هو پر اسان جي قسمت تي تہ ان جو ڪو اثر ئي ڪونہ ٿيو آهي." جنهن تي ان وقت مسعود قريشيءَ چيس، "ڊاڪٽر صاحب اهو نعل ڪنهن ٻئي هنڌ هڻڻ تي قسمت کلندي آهي باقي پٽ ۾ لڳل هوندو تہ صرف پٽ جي قسمت تي اثر وجهندو." ان ڳالهہ تي اسين ٽئي ڏاڍا کليا هئاسين. مون ڪن ڏئي ٻڌو متان اهو کل جو آواز اتي ڪٿي کلندڙن جي تلاش ڪندو هجي، پر نہ اهو بہ منهنجي اندر ۾ اجا جيئرو هو.

هتان واپس ٿي پاڄي واري گهٽي ۾ گهڙيس تہ سامهون منهنجي پٽ شفقت جي پراڻي وڪالت واري آفيس تي نظر پئي، جتي هاڻ ڪي نوان وڪيل ويٺل آهن. انهي ڪري جو شفقت ڪان وڪالت نہ هلي، هن ڪان وڏيڪ تہ پاسي وارو پاڄيءَ وارو وڏيڪ ڪمائيندو هو ۽ اڄ هن جا هڪ بدران ٽي چار دڪان آهن. سرسبز ۽ سائي پاڄيءَ سان سينگاريل. شفقت بہ جيڪي ڪمائيندو هو ان پاڄي واري ڪان پاڄي وٺي ان ۾ پورو ڪندو هو. بهرحال هن وري انڪم ٽيڪس جي وڪيلن جي هڪ فرم جوائن ڪئي آهي، ليڪن هتي هو جيئن شام جو اڪيلو ئي ويٺو لا جا ڪتاب پڙهندو هو. اهو نظارو دل تي تري آيو. آئون بہ اهو سمجهي تہ هاڻ موهن مدهوش اڄي ويو هوندو وڃي ڪا ڪم ڪار جي ڳالهہ ڪجي. ساڳيون گهٽيون، ساڳيا نوان پراڻا موٽرن جا گيريج، ريڊيئيٽر صاف ڪرڻ جا دڪان، بيٽرين وارن ۽ ٻين مڪينڪن جا دڪان ۽ گاڏي تي ميوو وڪڻندڙن کي ڏسندو منظور چئمبرس ڪان اوريان اسان جي هڪ واقفڪار جي گهر وٽان لانگهائو ٿيس، جتي منهنجي دل ۾ رهندڙ هڪ هستي بهانا ناهي مون سان ملڻ ايندي هئي ۽ آءُ هن جي اچڻ جي انتظار ۾ ان جڳهہ جي هيٺئين حصي ۾ هڪ وڪيل جي آفيس ۾ ويهي، ڪچهري پيو ڪندو هوس جيڪو پڻ هالا نوان جو هو ۽ منهنجي هڪ دوست جو چاچو ۽ حفيظ قريشي جي پٽ نياز جيڪو منهنجو سؤٽ هو. تنهن جو سينيئر وڪيل هو. آئون هن سان ڳالهيون بہ ڪندو هوس تہ ڪنهن جو

انتظار بہ. جيڪا هر هر ڪو نئون بهانو ناهي مونکي متي سڏائيندي هئي ۽ آءُ بنان ڏني وقت کي تمام تيزيءَ سان اڏامندي محسوس ڪندو هوس، جيڪو لمحي بہ لمحي مون کي هن کان دور ڪندو ويندو هو. اهي دوريون بہ منهنجي يادگيرين جو عظيم سرمايو آهن.

هن مختصر جذباتي سفر کان پوءِ جڏهن ربي چيمبر ۾ موهن جي دڪان تي پهتس تہ ات ڪوبہ ڪونہ هئو. مونکي لڳو تہ هاڻ ڏينهن سج ايرڻ سان شروع نہ ٿو ٿئي. نراس ٿي آءُ واپس پنهنجي گهر هليو آيس.

—

اسان جي گهر ۾ بوڙ ماني، پاڄيون، ساون مرچن ۽ ليمن جو واهپو ۽ مڇي پلو کائڻ جو تہ رواج هئو ئي ليڪن ڪجهہ ڊش لڳي ٿو تہ بقول حفيظ قريشيءَ جي، پوئر ايڪانامي جي ايجاد هجن. جن مان ٽڪريون بہ هڪ مزيدار ڊش آهي ۽ نان پاوب جو پيالو جيڪو هالا ۽ مٽياريءَ ۾ عام ٿو ملي. اسان جي گهرن ۾ ٽڪرين کائڻ جو رواج هئو. هي ڊش رڌل گوشت جي بوڙ ۾ پڪل مانيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري وجهي، ان ۾ گدامڙي يا ڪناڻ بہ وجهبي هئي. هڪ دفعو وري باهہ تي ٺهڪو ڏياري ناهبو آهي. مون تہ هالا پراٽا توڙي جتي بہ هوندا هئاسين، گهر ۾ امان کي ٽڪريون ناهيندي ڏٺو جنهن کانپوءِ منهنجي گهر واريءَ ڏيئرون ۽ هاٽي نُهرن بہ اهو ڊش ناهڻ شروع ڪيو آهي. اڳ اهو ڊش شايد ان ڪري بہ ناهيو ويندو هو تہ جيئن گهر ۾ بچيل مانيون ضايع نہ ٿين پر مون تہ اهو بہ ڏٺو هو تہ اڳي ضرورت کان ڪجهہ وڌيڪ مانيون بہ پچائي رکندا هئا ۽ اهي ٻئي ڏينهن بوڙ ۾ وجهي ٽڪريون ناهي کائيندا هئا. هاڻ تہ تازيون مانيون ئي وڌيون ٿيون وڃن.

اهڙيون ٽڪريون مون لاڙ ۾ چانورن جي مانيءَ جون بہ کاڌيون هيون ليڪن ڪراچي جي کارادر ۾ اسان جي هڪ دوست حفيظ قريشيءَ سان گڏ وڃي رهڻ جو موقعو ٿيو (هي نٽي جي ڪشمشي خاندان مان هئو) تہ اتي رات جو وڏي ٿالهہ ۾ چانورن جي ماني بوڙ ۾ پوري وڌل، ٽڪرين وانگر کاڻي پئي. لذيذ تہ ڏاڍي هئي پر سيني مٿن مائٽن جي گڏيل هٿن، ان کي

ڪائڻ ۾ مزو نہ ڏنو. اڃا بہ اسان جي گهر ۾ تڪريون ڪائجن ٿيون جيڪي ڪنهن بہ لحاظ کان سلطان هوٽل ۽ بخارا هوٽل جي نان پاون جي پيالي گهٽ مزي واريون ناهن.

مون پنهنجي گهر ۾ اهڙيون پلي واريون مانيون بہ کاڌيون، جن ۾ پلو تہ هوندو ئي ڪونہ هو ليڪن اهي بہ هڪ ڏينهن جون رکيل مانيون، پلي جي مصالحي ۾ ناهبيون هيون ۽ جيڪڏهن ڪنهن دوست يار کي کارائبيون هيون تہ چوندو هو "يار مون تہ ڳوليو پئي، پلو جيڪو تون کائي وئين، باقي مونکي رُکي ماني ملي." ان تي کِل بہ ايندي هئي تہ هن کي وڏيڪ چيڙڻ ۾ مزو بہ ايندو هو جيڪو ماني گراهہ احتياط سان پيو کائيندو هو تہ متان اوچتو ڪو ڪنڊو نہ نڙيءَ ۾ اٽڪي پوي.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نوڪريءَ دوران اسان جو دوستن جو هڪ تمام وڏو حلقو هئو ۽ هر ڪنهن جي گهران ڪانہ ڪا شئي پئي ايندي هئي، جيئن ان کان اڳ پريس ڪلب واري دور ۾ هر آچر تي منهنجي گهران يا پير مظهر جي گهران ماني ايندي هئي ۽ سڀ دوست جن ۾ عزيز شيخ، ظهور انصاري، مقبول صديقي، اختر علي شاہ، بدر جالنوي، مولانا مبين ۽ ٻيا ڪيترا اچي شامل ٿيندا هئا، تيئن يونيورسٽيءَ ۾ بہ ائين پيار ونڊيندا هئاسين.

آئون جڏهن بہ شاگردن ۽ استادن سان پاڪستان ٽوئر تي سنبرندو هوس تہ مونکي امان، پينرون يا منهنجي زال موهني ٽڪيون يعني ڪڻڪ جي مانيءَ جي ننڍين ٽڪين جي صورت ۾ ڪڙڪ مانيون ناهي ڏينديون هيون. آءُ سنگاپور ۽ بئنڪاڪ بہ اهڙيون مانيون نهرائي کڻي ويو هوس. جيڪي ڪڙڪ ۽ ڦوٽي جي خوشبو واريون هونديون هيون. وڏو ڀاءُ دادا مشتاق بہ انهن جو شوقين هو رات وچ ۾ دٻو خالي ڪري ڇڏيندو هو. اُهي مانيون اڄ بہ اسان جي گهرن ۾ نهن ٿيون ۽ شوق سان کائجن بہ ٿيون. خاص ڪري نيرن تي چانهن سان انهن جو مزو ئي پنهنجو آهي، جڏهن اهي اڳيان اچن ٿيون تہ وقت بي وقت جو سوال ختم ٿيو

وجي. آئون انهن کي کائڻ کانسواءِ رهي ڪونہ سگهان. هي مانيون هالن پراٺن ۾ پڪوان ۽ مُنئي جيان گهر گهر ۾ نهنديون آهن.

منهنجي گهر واري تہ گهڻو وقت هالا پراڻا ۾ گذاريو هو اها وري باجهري جي اٽي ۾ سائي تُوم، سڪل ڏاڙهون ۽ ٻيو مصالحو ملائي ماني ٺاهيندي هئي، جنهن کي منهنجا ڪيترا دوست مزي سان کائي تہ ويندا هئا پر اهو نہ ٻڌائي سگهندا هئا تہ اها ڇا جي ماني هئي. هاڻي تہ اها ماني ڏسڻ لاءِ بہ نہ ٿي ملي.

ڪاڏو پيتو انسان جي زندگيءَ جو سڀ کان وڌيڪ ضروري ڪم آهي، جيڪڏهن اهو لذيذ بہ هجي تہ پوءِ ڪيئن وسرندو پر جيئن تہ هر علائقي ۾ کاڌو ٺاهڻ جو پنهنجو طريقو آهي، تنهن ڪري، گهر کان علاوه ٻئي ڪنهن هنڌ جو کاڌو شروع ۾ اجنبي ٿو لڳي، جيئن تنڊي آغا ۾ منهنجي وڏي ماسات، انبڙين جي موسم ۾ ننڍين صوفن ۽ انبڙين سان بصر جي داغ وارو مٺو ٻوڙ ٺاهيندي هئي، يعني اهو ٻوڙ مرچن جي بدران کنڊ ۾ ٺهندو هو. جيئن منهنجي دوست مسعود قريشي جي گهر ۾، جڏهن اجا هن جو والد جسٽس حمزو خان قريشي زنده هئو نيرن تي کنڊ وارو ترپل آمليٽ کائڻ لاءِ ملندو هو. جيڪو ان وقت منهنجي لاءِ نئين شئي هو ۽ مسعود وري چوندو هو "بيدي ۾ مرچ ڪيئن وجهبو آ؟"

—

فلم جو اسان جي معاشري تي ايترو تہ اثر هئو جو گهڻو ڪري جن بہ اديبن، صحافين، سماجي اڳواڻن يا عام زندگيءَ سان واهپو رکندڙن پنهنجون آتم ڪهاڻيون ۽ سوانحيون لکيون آهن، تن ۾ فلمي واقعات، اداڪارن توڙي موسيقيءَ جو ذڪر ضرور ڪيو آهي. مون جڏهن خشونت سنگهہ جي آٽوبايوگرافيءَ "سچ، محبت اور ذرا سا ڪينہ" پڙهي تہ ڏٺم تہ هن ادب، صحافت، سماجيات توڙي مذهب جي باري ۾ پنهنجن نظرين ۽ تجربن کي تہ پيش ڪيو آهي ليڪن ان سان گڏ زبردست تفريحي شعبي يعني فلم تي بہ پنهنجا تجربا لکيا اٿس، ليڪن اهو چئي تہ هن کي فلم ۽ فلمي دنيا سان ڪو خاص شوق نہ رهيو آهي، ان هوندي بہ هن

پنهنجي انگريزي ناول A Train to Pakistan تي اردوءَ ۾ فلم ناهڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن لاءِ هن ششي ڪپور ۽ شبانہ اعظمي کي مک ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ بہ آماده ڪيو. ڪتاب جو اردو ترجمو ۽ ان جو فلمي اسڪرپٽ بہ تيار ڪرايائين ليڪن اها فلم ٺهي نہ سگهي.

هن فلمي اداڪارن مان ڪيترن جو ذڪر بہ ڪيو آهي. مثلاً هڪ سئنيما ۾ ميناڪماريءَ سان ملڻ جو احوال. نرگس سان هڪ طويل ملاقات ۽ ڪيس مسوليءَ ۾ پنهنجي ڪاٽيج ۾ اهو چئي رهڻ جي اجازت ڏيڻ تہ هوءَ سمهندي سندس ئي بستري تي ۽ نرگس ان ڪان پوءِ چوندي هئي، "آئون تہ خشونت جي بستري تي سمهي چڪي آهيان." هوءَ تہ پنهنجي پٽ جي اسڪول جي تقريب ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڪسوليءَ ۾ واقع سناور اسڪول وئي هئي، جت خشونت سنگهہ جو هڪ ڪاٽيج هئو هن اتي رات گذاري هئي. ان ڪانپوءِ هو بہ ئي لوڪ سڀا جا ميمبر بہ هڪ ئي وقت چونڊيا ويا هئا.

اهڙي طرح پروين بابي ۽ ٻين اداڪارائن جو احوال بہ لکيو اٿس ۽ راجڪپور جي ذاتي فلم "ستيم شِوَم سندرم" جي مهورت جي موقعي تي راجڪپور سان دلچسپ جملن جي ڏي وٺ جو بہ ذڪر ڪيو اٿس.

هن آءِ ايس جوهر تي تہ ڪجهہ وڌيڪ ئي لکيو آهي، جيڪو ڪنهن وقت ۾ بلراج ساهنيءَ ڪانپوءِ ٻيو پڙهيل لکيل اداڪار سمجهيو ويندو هو ۽ هن جا سوال جواب 56_1955 واري فلم فيئر ۾ مان پاڻ بہ پڙهي چڪو آهيان. جيڪي ڏاڍا دلچسپ هوندا هئا. ان ڪانسواءِ هو برج جو بہ تمام سٺو رانديگر هو. خشونت سنگهہ. آءِ ايس جوهر کان السٽريٽيڊ ويڪليءَ ۾ بہ ڪيترا مضمون لکرايا. هن لکيو آهي تہ جڏهن سندس آءِ ايس جوهر سان ملاقات ٿي هئي، تڏهن هن فلمن ۾ پنهنجو ڪم گهٽائي ڇڏيو هو ليڪن عوام جي ذهن تان غائب ٿيڻ نہ ٿي چاهيائين. تنهنڪري قلم جو سهارو ورتو هئائين.

آءِ ايس جوهر جيئن اسان فلمن ۾ ڏٺو جن ۾ مزاحيہ فلمن جو تعداد گهٽو هو ۽ جيئن هن جي باري ۾ پڙهيو بہ هئم. تنهن مان اها راءِ قائم

ڪئي هئم تہ هو دانشور قسم جو انسان آهي ۽ سنو ليڪڪ پڻ. ان باري ۾ 1965 ۾ شيام ڪمار هرنائي، جيڪو خادم وطن ۾ نوڪريءَ دوران، مقبول صديقيءَ جي معرفت منهنجو دوست ٿيو هو ۽ ان وقت ڪوئيٽہ ۾ نيشنل بئنڪ ۾ ڪم ڪندو هو. تنهن هندستان جي دوري دوران هُن جو انٽرويو ورتو هو جيڪو هڪ نہ ڪئين دفعا مون خادمِ وطن جي فلمي صفحي ۾ شايع ڪيو هو جنهن جو آءُ مرتب هوندو هوس.

هن ٻين بہ ڪيترين اداڪارائن، فلم پروڊيوسرن، ڊائريڪٽرن جي زندگيءَ جي پوشيده ليڪن رنگين زندگي تان پردا هٽايا آهن تہ ٻئي طرف اندرا گانڌي ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد مان بہ نہ مڙيو آهي. مولانا آزاد لاءِ لکيو اٿس تہ هو نهايت خشڪ طبيعت وارو شخص هو جيڪو خاص ڪري شام جو ڪنهن سان ملڻ پسند نہ ڪندو هو. ڇو جو اهو وقت هن جو مئي نوشي جو وقت هوندو هو. جڏهن تہ مولانا جيڪو پاڻ کي غلام هند سڏائڻ جو شوقين هو. نہ چاهيندو هو تہ ڪنهن کي سندس شراب نوشيءَ جي خبر پوي. اندرا گانڌيءَ لاءِ لکي ٿو تہ هو سخت ڪاوڙياز ۽ ضدي هئي ۽ بدلي وٺڻ واري عورت هئي. هن هندستان ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي، جنهنڪري سڪن سان گڏ جيڪا ساوا بہ سڙي ويا. تن جي ڪيس ڪابہ پرواهہ نہ هئي. ليڪن ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ کي برداشت ڪري ويندي هئي.

بهرحال هن آءِ ايس جوهر جي لکيل ڊرامي ”پٽو“ جو ذڪر سٺن لفظن سان ڪيو آهي، جيڪو دهليءَ ۾ اسٽيج ڪيو ويو هو ۽ سهيل سيٺ ان ۾ پٽي جو ڪردار نهايت عمدگيءَ سان ڪيو هو. ذڪ جي ڳالهہ اها آهي تہ آءِ ايس جوهر پاڻ اهو ڊرامو اسٽيج تي پيش ٿيڻ کان اڳ ئي گذاري چڪو هو.

—

ايوب خان جي دور ۾ ”پريس ائنڊ پبليڪيشن آرڊيننس“ جاري ڪيو ويو هو. جنهن کي اسان صحافت جي ٻوليءَ ۾ ڪارو قانون چوندا هئاسين. ان قانون تحت پريس تي ڪئين اهڙيون پابنديون وڌيون ويون

هيون. جو اها نہ حڪومت جي خلاف خبر شايع ڪندي هئي ۽ نہ ئي حڪمرانن جي غلط ڪارنامن تي ئي ڪا روشني وجهي سگهندي هئي. انفرميشن ڪاتي طرفان مخصوص خبرن جا هينڊ آئوٽ ايندا هئا. جيڪي شايع ڪيا هئا ورنہ هو اشتهار بند ڪري ڇڏيندا هئا. جيڪي اخبار جي "ڪمائي" جو خاص ذريعو هوندا آهن ۽ اهڙا ٻيا بہ ڪيئي حربا استعمال ڪيا ويندا هئا ۽ جيڪا اخبار هنن جي چئي تي نہ هلندي هئي تنهن جو ڊڪليئريشن بہ رد ڪري ڇڏيندا هئا. تنهن ڪري محمد عثمان ڏيپلائي، منشي عبدالشڪور ۽ شيخ علي محمد جهڙا سمجهدار ماڻهو مختلف نالن سان اخبارن جا ڊڪليئريشن وٺي "ڊمي" طور ڪڍندا رهندا هئا تہ جيئن جي هڪ نالي تي پابندي پئجي وڃي تہ وري ٻئي نالي سان پنهنجو ڪم جاري رکجي. پر اهڙا اصولي صحافي اٽي ۾ لوڻ واري حيثيت رکندا هئا. وڏيون اخبارون تہ مڙسي بہ ڏيکاريندڙيون هيون پر ڪتي ڪنڌ مونن ۾ وجهي صاحبن جا فوٽو ۽ عظيم ڪارناما، جيڪي پڻ فوٽو وانگر ئي هوندا هئا، اهي "ڇاپيندا" رهندا هئا. تڏهن بہ ڪيترئيون وڏيون اخبارون ڪڏهن ڪجهہ سچ لکڻ تي تيار ٿي وينديون هيون.

اهڙي دور ۾ بہ صحافي ڪجهہ نڪتن تي ضرور عمل ڪندا هئا:

1۔ ڪا بہ اخبار ڪو فحش مواد شايع نہ ڪندي هئي.

2۔ ڪا بہ اخبار ڪنهن بہ ٻي اخبار جي خلاف نہ لکندي هئي.

3۔ ڪا بہ اخبار خون ۽ فساد بابت خبرن کي ڪوشش ڪري وڏين هيڊنگن سان، پهرئين صفحي تي شايع نہ ڪندي هئي.

4۔ ڪا بہ اخبار ڪنهن عورت جي باري ۾، ڀڄي وڃڻ يا لڄالٽ جون خبرون شايع ڪندي هئي تہ ان ۾ عورت جو نالو يا هن جي ماءُ پيءُ جي سڃاڻپ ڪو نہ ڏيندي هئي.

5۔ ڪا بہ اخبار گهڻو ڪري تشدد جون خبرون پهرئين صفحن تي شايع نہ ڪندي هئي.

6ـ ڪاٻہ اخبار شرارتي سياستدانن جا تعارف يا انهن جا بيان شايع نہ ڪندي هئي جيئن هڪ وڏي اخبار ۾ رئيس امروهيءَ جي هن شعر سنڌ ۾ باهہ ٻاري ڇڏي هئي:

اردو ڪا جنازا هئي ذرا ڌوم سي نڪلي

اهو جنازو اجا تائين پيو نڪري ۽ ان سان گڏ صحافت جو جنازه بہ نڪري ويو آهي. هاڻ صحافت جو معيار اهو رهيو آهي، جو ان ۾ خبرون ئي اهڙيون چشڪيدار ۽ سنسني خيز ٿيون ڇپجن جو هاڻ نہ ڪنهن عشق محبت جي افساني پڙهڻ جي ضرورت آهي نہ وري شرلاڪ هومز يا پيري ميسن جا قصا ئي انهن جي متابلي ۾ ڪا حيثيت رکن ٿا. سنڌي اخبارن ۾ تہ "وارو" کي بہ "واري" ڪري لکن، عورت تہ ناري بنجي چڪي آهي پر مڱڻو. اهو لفظ جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي سڃاڻ آهي، اهو بہ مڱڻي، ڪري لکن، بلڪ مسڪيولائين ۽ فيمينائين جينڊر کي ئي ملائي هڪ ڪري ٿا لکن.

هڪ طرف صحافت جو اهو معيار هو، جو ان کي حقوق العباد جي حيثيت حاصل هئي، هميشہ وڏا وڏا عالم ئي جيد صحافي تي گذريا. سنڌ ۾ مولانا دين محمد وفائي، مولانا خير محمد نظاماڻي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، مولوي عبدالغفور سيتائي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولانا غلام محمد گرامي، مولانا عبدالواحد سنڌي، شمشيرالحيدري، شيخ علي محمد، قاضي عبدالرحمان، ظهور انصاري، مقبول صديقي، آخيار صاحب، احمد علي ۽ کوڙ سارن سنڌي انگريزي ۽ اردو اخبارن جا ايڊيٽر جن ۾ گڏيل هندستان جي دور وارا آدرشي انسان، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا شبلي، مولانا حسرت موهاني، محمد علي جوهر جهڙا نهايت وڏا وڏا عالم هن پيشي سان جڙيل رهيا ۽ سندن صداقت جو اندازو سندن جيل ڪاٽڻ، سزائون کائڻ ۽ ڪن حالتن ۾ ڪسمپرسي واري زندگي گذارڻ مان لڳائي سگهو ٿا. انهن لنڊا بازار جي ڪوٽن پائڻ پيدل هلڻ ۽ بنا ڇت جي گهرن ۾ رهڻ وارن جا نالا تاريخ جي سيني تي نقش آهن. انهن مان ئي ڪي ايوبي دور ۾ بہ هئا، جن حڪومت جي ڪڏهن بہ پرواهہ نہ ڪئي،

جيئن مولوي خير محمد نظاماڻي جو مثال ڏئي سگهان ٿو جيڪو ڪجهه وقت خادم وطن اخبار جو ايڊيٽر ٿي رهيو. حالانڪ هن اخبار جي مالڪ کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته هو ڪڏهن به قلم کي بي آبرو نه ڪندو. ليڪن، هن کيس اخبار ۾ رکيو ۽ چند ئي ڏينهن ۾ نواب ڪالاباغ گورنر ويسٽ پاڪستان کو ڪڏو ڪم ڪيو. جنهن تي مولوي صاحب ايڊيٽوريل لکي ڇڏيو ۽ مالڪ وٽ پڪڙ ۾ اچي ويو. نتيجي ۾ هن مولوي صاحب کي اخبار جي آفيس ۾ ڪم ڪرڻ دوران ئي نوڪري مان ڪڍي جان ڇڏائي پر ان موقعي تي مولوي صاحب جيڪو تاريخي جملو چيو هو اهو آءُ لکي نه ٿو سگهان.

هن وقت اهي ئي اخبارون، جن ۾ ڪنهن زماني ۾ فلم جو اشتهار ڇپجڻ تي حيراني ظاهر ڪئي ويندي هئي، اهڙين خبرن سان ڀريل نظر اينديون. جيڪي گهر ۾ زور سان پڙهڻ جي قابل ناهن. جيئن ڪنهن ٻارڙي سان ڪنهن بدڪار انسان جي زيادتي جا قصا، وري انهيءَ ٻار جي والدين جا انٽرويو. گولي بازي ڪندڙن جا سنسني خيز واقعا ۽ عورتون پڃائڻ جا تفصيلي داستان عام جام ملندا.

هي عظيم پيشو ڪڏهن به پئسي وارن، حاڪمن، اعليٰ عملدارن ۽ جاگيردارن جا گيت ڳائڻ جو ذريعو نه رهيو هو ۽ غور ڪري ڏسو ته دنيا جون سڀ برايون انهيءَ دائري جي اندر ئي رهن ٿيون. جن جي سزا ڳڏهه گاڏي هلائيندڙ ٻنيءَ تي هر ڪاهيندڙ فئڪٽري ۾ ٻاهه سان جنگيون جوٽيندڙ فٽ پاٿ تي راتيون. نوٽڻ راند يا پيس ڪورٽ ڪيڏنديءَ پنهنجن درد جي ٻار کي هلڪو ڪندڙن کي برداشت ڪرڻيون ٿيون پون.

لٺيون ڪائي پولڙو ڪتيو ڪائي فقير

هاڻ ته اليڪٽرانڪ ميڊيا جو دور آهي، اڄ جي روشني ته باقي رهيو سهيو نور به ختم ڪري ڇڏيو آهي. هزارين نڪما ۽ نمڪ حرام ڏينهن رات، پنهنجي نيڪ نائي کي درست ڪندا ۽ ميڪ اپ جي ٻار ۾ سٽيل عورتون ملڪي سياست، غربت ۽ عورت کي پنهنجا حق ڏيارڻ لاءِ نهي نڪي رِوالونگ چيئرس تي چانهه پيئندا، مسڪرائيندا، گهوڙا گهوڙا

ڪندا ٿا نظر اچن ۽ وري فخريہ انداز ۾ ڪرسين ۾ گردش ڪندا نظر ٿا اچن. صحافي ۽ اينڪر بہ هنن مان چشڪا ٿا وٺن.

-

سنڌ تي اچا پناهگيرن قبضي لاءِ ڪي وڏا قدم ڪونہ کنيا ويا هئا، سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ گڏوگڏ رهندا هئا. تڏهن منهنجو عزيز دوست ۽ مائٽ منور قاضي ريشم گليءَ وٽ پڪا پيڙ چاڙهي تي رهندو هو جتي گڏوگڏ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جا گهر بہ هوندا هئا. جنهن ڪري هي علائقو جڻ تہ دوستين پيار ۽ واپار جو بهترين علائقو هوندو هو.

منور کي ڪيمرائن، فلمن ۽ ٽيپ رڪارڊرن جو ڏاڍو شوق هو. هن جو والد قاضي محمد افضل هالا پراڻا جو قاضي هو ۽ هن جي والده بہ هالا پراڻا ۾ ئي قاضي محلي وٽ رهندڙ زنئور پناڻن مان هڪ نامياري شخص خانبهادر عظيم خان پناڻ جي ڌيءَ هئي، جيڪو انگريزن جي دور ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو ۽ پوءِ سنڌ جي ڪوآپريٽور ڪاتي جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ٿيو جنهن جي نشاني ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سامهون، ڏيئل داس ڪلب جي ڀرسان، نهايت خوبصورت ليڪن زبون هال عمارت جي صورت ۾ موجود آهي، جنهن جو نالو خانبهادر عظيم خان بلڊنگ آهي ۽ تاريخ 1934 لکيل اٿس. خانبهادر جو ذڪر جناب جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ تفصيل سان ڪيو آهي ۽ باقي قصا اسان جي خاندان مان ئي اسان کي معلوم ٿيا. خاص ڪري جو هو منهنجي وڏي ڏاڏي خانبهادر قاضي محمد لائق جنهن جو ذڪر محترمہ فاطمہ شيخ ”شيخياڻيءَ جي آتم ڪهاڻي“ ۾ تفصيل سان ڪيو آهي، ڪان پوءِ هالا پراڻا جو ٻيو وڏو آفيسر ٿي گذريو آهي.

منور کي جيئن تہ فلمن جو ڏاڍو شوق هو ۽ هو فوني تي ۽ ريڊيو تي فلمي گانا ٻڌندو هو سو هڪ دفعي اڪائي جو ڊيڪ وٺي آيو. جيڪو ان وقت 71_1970 ۾ تمام مهانگو 7000 روپيين ۾ مليو هوس. هو ان ڊيڪ تي اميتاب بچن جي مشهور فلم ”ڪيي ڪيي“ جا ڊائلاگ ٽيپ ذريعي

ٻڌندو هو اجا وي سي آر عام ڪونہ ٿيو هو ۽ تمام مهانگو بہ هئو ۽ ان تي پابندي بہ هئي، خاص ڪري هندستاني فلم ڏسڻ تہ ڏوهہ هوندو هو.

هڪ دفعي جڏهن شهر ۾ ڪو فساد اچي ٿيو ۽ فوج بہ پهري لاءِ پهچي وئي هئي، منور پنهنجي پسند جا ڊائلاگ ڊيڪ تي ٻڌي رهيو هئو اوچتو سندس گهر جي پويان بينل پهريدار هن جي گهر جو پوبون در پيچي اندر گهڙي آيا، جو هنن جي خيال ۾ گهر ۾ هندستاني فلم پئي هلي. بهرحال گهر ۾ حراس پکڙجي ويو ليڪن رينجرس وارا اهو ڏسي، حيران بہ ٿيا تہ پريشان بہ تہ هي آواز تہ وڏي ٽيپ رڪارڊر جو هو.

ان وقت تائين منور صدر جي هڪ بااثر شيخ کي فون ڪيو جنهن سان سندن مائٽي بہ هئي، جنهن هڪ وڏو آفيسر اوڏانهن موڪليو ۽ هن هڪدم انهن پهريدارن کي واپس پنهنجن ڪوارٽرن ڏانهن موڪليو ۽ پاڻ معافي ورتائين. ليڪن ان کان پوءِ منور وري اهو ڊيڪ نہ هلايو. جڏهن تہ اسان جو هڪ واقفڪار وي سي آر وٺي آيو جيڪو هو ڪار ۾ بہ ڪچ ۾ رکي هلندو هو تہ هڪ دفعي پوليس پڪڙي ورتس ۽ وي.سي. آر کسي ويس، هن سبحان ميمڻ کي چيو تہ پوليس آفيسر کي چئو تہ ڪيس وي سي آر ونرائي ڏي.

سبحان ميمڻ هن کي گڏ وٺي ان آفيسر جي گهر ويو جتي ان آفيسر هن کي هڪ وڏو ليڪچر ڏنو تہ غير ملڪي فلمون سي بہ هندستان جهڙي دشمن ملڪ جون! ڏس ڪيڏو نہ غلط ڪم آهي. هڪ تہ وي سي آر بنا ڪسٽم پرڻ جي ورتل مٿان وري اهو ڪڏو ڪم! بهرحال اجا هن ڳالهايو پئي تہ گهر جو اندريون دروازو کولي ان آفيسر جو ننڍو ٻار ڊوڙندو آيو ۽ چيائين. ”بابا فلم ختم ٿي وئي آهي، امان چوي ٿي تہ ٻي ڪيسٽ گهرائي ڏيو.“

اهو ٻڌي ان آفيسر جو شرم کان جيڪو حال ٿيو سو تہ ٿيو تہ پر سبحان جي دوست کي وي سي آر واپس ملي ويو پر ان شرط سان تہ هفتي ۾ بہ ڏينهن هو اهو کين هندستاني فلمون ڏسڻ لاءِ ڏيندو.

نجم عباسيءَ سان ڪچهريءَ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. هو قوم پرست ۽ سنڌ جو عاشق ته هئو ئي، ليڪن فطرت سان به پيار ڪندو هو ۽ ائين هو هڪ دفعي ڪوهه مري ۽ سوات جو چڪر هڻي آيو. جتي ان وقت وڃڻ اجا ايترو سوَلو نه هئو. خاص ڪري مريءَ جو ذڪر هو ڪندو رهندو هو هن اتي اداڪار سنتوش ڪمار ڪي جو ڏٺو ته ان تي موهت ٿي پيو. چوندو هو "ير سنتوش ڪمار فلمن ۾ ايترو خوبصورت ڪونهي جهڙو منهن مقابل آهي، ڳاڙهو صوف جهڙو رنگ، ڇا قد اٿس ڇا بت. واقعي هو سونهن جو مالڪ آهي."

ٻئي طرف سوات جو ذڪر ڪندو هو ته ٻين ڳالهن سان گڏ بحرين جي آبشار هوٽل جو ذڪر ضرور ڪندو هو جيڪا اتي جي هڪ مشهور آبشار جي مٿان ئي ٺهيل آهي. جڏهن مون پڇيومانس، "آبشار هوٽل ۾ رهندي ڊپ ڪونه لڳئي؟" ته چيائين، "ان مهل ڊپ ته ڪونه لڳو باقي آبشار جي آواز ننڊ ڪرڻ نه ڏني."

ان ڪان ڪافي پوءِ جڏهن آءٌ پنهنجي دوست مسعود قريشيءَ سان گڏ سوات ويس ته اسان به بحرين جو رخ ڪيو. مينگوره ڪان هڪ پڪ اپ ۾ ڪيل ان سفر دوران جيڪي رنگارنگي نظارا ڏناسين، انهن جو ذڪر ته شاعري ۾ ئي ڪري ٿو سگهجي ليڪن بحرين جي سونهن به واقعي سونهن آهي. آبشار هوٽل به ڏٺي سين ۽ نجم عباسيءَ کي ياد به ڪيوسين، پر اڳتي ڪالام نه وياسين، جو خبر پئي ته صبح ساڻ اُتي حادثو ٿيو هو جنهن ۾ هڪ بس ۾ سوار 40 ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا هئا. البته بحرين ۾ هڪ گهر ۾ پيندبيون ۽ ماني کائڻ جو ذڪر مون اڳ به ڪيو آهي.

---

مون ڪيترائي سيمينار ۽ ڪانفرنسون اٽينڊ ڪيون پر خيرپور ۾ ڪوٺايل "سچل قومي سيمينار" جا دلچسپ واقعا وسرڻ جا ناهن. اهو سيمينار سيد محب الله شاهه ڪمشنر ۽ مسٽر غلام محمد ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر جي وقت ۾ ٿيو هو ۽ هاڻ تازو غلام محمد صاحب جي سالگره تي

خبر پئي تہ ان سيمينار لاءِ ھن سرڪار کان گھر ڪري مسٽر نثار صديقيءَ کي خيرپور گھرايو ھو. جيڪو ڪنھن بئي ضلعي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ھو ۽ ھاڻ سکر ۾ ھڪ عظيم ادارو IBA پيو ھلائي جنھن کي ٿوري ئي وقت ۾ ان درجي تي پھچايو اٿس جو اھو يونيورسٽي بنجي چڪو آھي ۽ دنيا ۾ مڃتا ماڻي چڪو آھي.

ھن سيمينار ۾ ھڪ زنده دل شخصيت جو ذڪر ڪرڻ ضروري آھي، اھو ھو مير محمد بخش ٽالپور. جيڪو ھر اجلاس ۾ شريڪ ٿيندو ھو تہ سوال جواب بہ ڪندو ھو.

ھڪ اجلاس ۾ ھن ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي کان سوال جواب جي سيشن ۾ پڇيو تہ "مونکي تصوف جي وصف ٻڌايو؟" ڊاڪٽر صاحب شروع ڪئي لفظ 'تصوف' جي تشريح. پر مير صاحب چوي تہ "نہ سائين مون کي تصوف جي معنيٰ ٻڌايو؟" بھرحال اڄ تائين ان لفظ جي تز معنيٰ ڪوبہ ڪونہ ٻڌائي سگھيو آھي. ڪافي ماڻھو تہ گيڙو رنگ جا ڪپڙا پائي نچڻ کي تصوف ٿا ڪوٺين. ان ئي اجلاس ۾ آئون بہ مقالو پڙھڻ وارو ھوس.

پھرين تہ چيم تہ ھينئر نہ ٿو پڙھان، پلي مير صاحب ھيڏانھن ھوڏانھن ٿئي تہ پڙھي وٺندس پر پوءِ ھمت ڪري اسٽيج تي آيس ۽ شروع ئي ھنن لفظن سان ڪيم. "مونکي يقين آھي تہ منھنجو ھي مقالو مير صاحب ضرور غور سان ٻڌندا." بس. پوءِ تہ مير صاحب صوفا تي ٿورو اڳيان ٿي، پنھنجي لٺ کي ٻنھي ھٿن سان جھلي غور سان منھنجو مقالو ٻڌو ۽ داد بہ ڏنائين. واضح رھي تہ مير صاحب جي اھا لٺ گھڻو ڪري مشھور آرڪيالاجسٽ ۽ پشاور يونيورسٽي جو وي سي ڊاڪٽر فرزند علي دراني پنھنجي ليڪچرن دوران پوائنٽر ڪري استعمال ڪندو ھو. ان وقت مير صاحب جو حال ڏسڻ وٽان ھوندو ھو ڪجھ چئي بہ نہ سگھندو ھو ۽ ھڪ ئي ھنڌ ويھٺو پوندو ھوس. جيڪو سندس سيمابي فطرت جي ابتڙ ھو.

—

خادم وطن اخبار جڏهن جوين تي هئي، غلام نبي ميمڻ ويسٽ پاڪستان جو لا منسٽر هو ۽ سردار لطف علي دل سان دوستي به هئس تنهنڪري هڪ ته اخبار کي تمام گهڻا اشتهار ملندا هئا، ۽ مالڪ خوشحال ٿي ويا هئا ۽ ٻئي طرف ان ۾ مولوي خير محمد نظاماڻي، شمشيرالحيدري مقبول صديقي، ظهورانصاري، نياز همايوني، صديق بلوچ، حسام سومرو، موسيٰ سومرو ۽ مون جهڙا ننڍا وڏا ليکڪ اچي گڏ ٿيا هئا تنهن ڪري اخبار ۾ جديد ادب ۽ فڪر کي وڌيڪ نمائندگي ملندي هئي، ان ڪري اخبار جي سرڪيوليشن به وڌي وئي هئي. البته اخبار جي آفيس ۾ ڪم ڪندڙن جو حال خراب هوندو هو. هن اخبار کي سرڪاري حڪم موجب نهرايل شاديءَ جي رجسٽرن جو ٺيڪو به هو ته پوءِ ڇا چئجي. اسان کي به ڪڏهن پگهار ملڻ ۾ دير ٿيندي هئي ته هڪ اڌ رجسٽر رکي ڇڏيندا هئاسين.

سنڌ واري ڍاڪي ۾ هيءَ ئي اخبار هوندي هئي جيڪا ترقي پسند ادب جي کلي طرح حمايت ڪندي هئي، جنهن جي مالڪن کي خير به ڪانه هئي، ڇو جو هو علم ۽ ادب سان ڪو خاص واسطو ڪونه رکندا هئا. پئسا پيا گڏ ڪندا هئا ۽ ٻئي ٻاري کي پيا زور وٺرائيندا هئا. سردار لطف علي دل ته سٽيزن ڪالونيءَ ۾ بنگلو به ٺهرائي ورتو. جڏهن ته اسين صحافي نما اديب روز شيخ اياز جو هڪ قطعو يا غزل جو مصرع اخبار ۾ شايع ڪري پيا دل وندرائيندا هئاسين. ٻئي طرف مالڪن اشتهارن لاءِ هلال پاڪستان جهڙي مشهور اخبار منشي عبدالشڪور کان خريد ڪري، اسان جي آفيس سان گڏ هڪڙي ڪوٺڙي ۾ قائم ڪري ڇڏي هئي، جنهن ۾ محمد بخش جوهر صاحب کي ايڊيٽر ڪري رکيو هوائون. باقي مواد ساڳيو خادم وطن وارو ڇپائي، هڪ ٻمي اخبار ڪڍي ويندي هئي. اهو محمد بخش جوهر جيڪو منشي صاحب وٽ به هن اخبار جو ايڊيٽر رهيو هو ۽ وڏا وڏا صحافي سندس ماتحت ڪم ڪري چڪا هئا جن ۾ شيخ علي محمد صاحب به شامل هو چپ چاپ ويٺو گهڙيال ۾ تڪيندو هو يا وري اسان وٽ اچي ڪچهري ڪندو هو. ان وقت خادم

وطن ۾ شيخ اياز محمد ابراهيم جويو جمال رند، فتاح ملڪ، غلام نبي مغل، رسول بخش پليجو مرزا اجمل بيگ، ڪاڪو تيرٿ داس، مسڪين جهان خان کوسو ڄام ساقي، مسعود نوراني، مجيب پيرزادو مصطفيٰ قريشي ۽ ٻيا اديب، فنڪار ۽ سياستدان ايندا رهندا هئا. جيڪي گهڻو ڪري شمشير ۽ مون سان ملڻ ايندا هئا. هاڻ ته اها اخبار بند ٿيڻ ۾ ڪانه ٿي اچي.

—

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيڻ (1975) کان وٺي پروفيسر ۽ چيئرمين سنڌي شعبو ۽ ڊين فئڪلٽي آف آرٽس جي عهدن تي ڪم ڪري 2005 ۾ ڪيٽن سٺ سال عمر تي پهچي رٽائر ٿيڻ دوران ڪيئي سٺن، عجيب، دلچسپ ۽ ناگوار واقعن کي منهن ڏيڻ جو موقعو مليو. چڱا ماڻهو به مليا ۽ چڱاين کان دور رهڻ وارن سان واسطو پيو. پنهنجي ڪم سان دلچسپي رکندڙ توڙي گوسڙو استاد به مليا. بلڪ، اهڙا استاد به جيڪي سرڪاري پئسي تي اسڪالرشپ وٺي يورپ ۽ امريڪا هليا ويا، جن مان ڪي ته واپس ئي ڪونه موٽيا. اتي اخبارون وڪڻندي ۽ گئس اسٽيشنن تي تيل پريندي عمر گذاري وري اوچتو اچي پهتا ۽ يونيورسٽي ۾ اچي ڪم ڪيائون بلڪ وڏن عهدن تي به اچي رهيا ۽ داهي سان پنهنجي پراڻي نوڪريءَ کي برقرار ڏيکاري لکين روپين جون اوڳاڙيون به ڪيائون ته ڪي وري ساڳ بنجي پروفيسر جو نالو پنهنجي نالي سان چنبڙائي مختلف فنڪشنن جون صدارتون به ڪندا رهيا. هن وقت مونکي صرف هڪ مسئلي تي لکڻ تي دل چاهي ٿي، اهو آهي رٽائرڊ پروفيسرن جي خلاف انتظاميه ته ٺهيو پر خود استادن جي شديد نفرت جيڪا ان مان ظاهر آهي ته رٽائرڊ پروفيسر کي تحقيق ڪرائڻ تي پابندي وجهڻ جا چٽن پيا ڪن. يعني هڪ رٽائرڊ پروفيسر، جيڪو پنهنجي زندگي، علم، تحقيق ۽ تدريس لاءِ وقف ڪري چڪو آهي. انهن کي ڪيترن ملڪن ۾ ته وزيٽنگ پروفيسر ڪري رکيو ويندو آهي ته جيئن هن جي علم مان ادارا لاڀ حاصل ڪندا رهن. ان طرح هو نه

ڪنهن جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجندا آهن نه ڪين ڪو مراعتون ملنديون آهن، جيڪي نوڪري دوران ملندڙ هجن. ان هوندي به ان ڳالهه کان ڪهڙو پڙهيل لکيل ماڻهو ناڪاري هوندو ته هڪ تجربيڪار استاد ڪيترو نه ماهر نفسيات ۽ تحقيق جي طريقن کان واقف ٿئي ٿو! نتيجي ۾ پبلڪ سيڪٽر يونيورسٽي مان رٽائرڊ پروفيسرن کي پرائيويٽ يونيورسٽين وارا کنيو وڃن ۽ هنن مان گهڻ معاوضي تي وڏا فائدا حاصل ڪيا ٿا وڃن.

—

هندستاني فلمن سان گڏ پاڪستاني فلمن سان به منهنجو ساڳيو ئي شوق رهيو. حالانڪ هندستاني اداڪارن ۽ پاڪستاني اداڪارن توڙي ڪهاڻين، موسيقي ۽ گانن ۾ وڏو فرق هو. تڏهن به پاڪستان ٺهندي ئي جيڪي فلمون ٺهيون تن جو نمونو هندستاني فلمن جهڙو ئي هو. بلڪ ڪن فلم ۾ ته ڪهاڻيون هندو معاشري بابت به ٺاهيون ويون هيون جن ۾ ”قاتل“ خاص قابل ذڪر آهي. هن فلم ۾ سنتوش ڪمار ۽ صبيحه هندو هئا. ٻي عورت جو رول مسرت نذير ڪيو هو. هي فلم هندو مذهب جي پس منظر ۾ ٺاهيل هئي. اهڙيون ٻيون ڪئين فلمون هيون ۽ ڏاڍيون مقبول ٿيون.

ورهاڱي کان پوءِ ڪافي هندستاني مسلمان اداڪار ۽ اداڪارائون پاڪستان هليا آيا جن ۾ راگني، سورن لتا، ريحانه، مينا شوري توڙي نگار سلطانه به هت هليون آيون هيون ۽ هنن جون ڪيتريون فلمون به ٺهيون ليڪن هت آءٌ ذڪر سورن لتا جو ٿو ڪريان جنهن جي فلمن ”ليليٰ مجنون“ ۽ ”رتن“ هندستان ۾ گولڊن جوبليون ملهايون هيون. انهن ۾ ليليٰ مجنون جو هيرو نذير هو جيڪو هڪ پنجابي نوجوان هو ۽ سورن لتا سان ئي شادي به ڪيائين. جڏهن ته رتن ۾ هن ڪرن ديوان سان ڪم ڪيو هو ۽ هيءَ فلم تمام گهڻو وقت سئنيمائن ۾ هلي ۽ ان جا گانا ٻڌندڙن ۾ ڏاڍو مقبول رهيا. ساون ڪي بادلو ان سي يه جا ڪهو جهڙا گانا ان دور جي هر نوجوان جي چپ تي هوندا هئا.

پاڪستان اچڻ ڪانپوءِ به سورن لتا "لاري"، "ڦيري"، "نوڪر"، "صابره" ۽ شهري بابوءَ جهڙين فلمن ۾ ڪامياب رول ادا ڪيو هو. 'شهري بابو' فلم ۾ هن جو هيرو سنتوش ڪمار هو جيڪو عمر ۾ هن کان تمام ننڍو هو پر فلم ڏاڍي ڪامياب ٿي. مون 1958 ۾ اها فلم شمس سئنيما ۾ ڏٺي هئي. ان وقت بابا چاچري جو ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو. اسين حيدرآباد آيل هئاسون ۽ اسان سان گڏ هڪ پٽيوالو به حيدرآباد آيو هو. هن کي فلم ڏسڻ جو شوق هو. آءُ ۽ چاچا غلام قادر هن کي ان فلم ۾ گڏ وٺي وياسين ۽ فلم پنجابي ۾ هئڻ باوجود مونکي ڏاڍي وڻي هئي. خاص ڪري عنايت پٽيءَ جو ڳايل گانو "بهاگان والي هو نام جپو مولا نام". هينئر ته اها فلم ڪئسيٽ ۽ سي ڊي ۾ به موجود آهي ۽ مون وري به ڪيترا ڀيرا ڏٺي آهي. ان ڪانسواءِ لاري ۽ ڦيري توڙي نوڪر ۽ صابره به مون ڏٺيون.

—

تازو يو ٽيوب تي سورن لتا جو هڪ انٽرويو پئي ڏٺم (هوءَ هاڻ هن دنيا ۾ ناهي) جنهن ۾ هن ٻڌايو ته، جڏهن هو پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ لاهور آيا ته سندس مڙس نذير، جيڪو فلم "مغلم اعظم" جي هدايتڪار ڪي آصف جو مامون هو تنهن "لاري" فلم پنجابي ۾ ناهڻ جو اعلان ڪيو ۽ سورن لتا کي ان ۾ هيروئن جو ڪم ڏنائين. جڏهن ته هن کي پنجابي اصل ڪانه ايندي هئي. هن ٻڌايو ته ان تي پنجابي فلمن جي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ هدايتڪار بابا عالم سياه پوش هن کي پنجابي سيکارڻ جو ذمو کنيو ليڪن ان ئي فلم ۾ هڪ سنهڙو جوان مشڪري جي رول ۾ بڪ ڪيائون جيڪو پڻ پنجابيءَ کان واقف نه هئو اهو هئو پاڪستاني فلمن جو ڪامياب مزاحيه اداڪار نذر. جنهن وري حيو ته چو ته دن کي پنجابي ٻولي ڳالهائڻ نه ٿي اچي تنهنڪري هو فلم ۾ هڪڙو تي ڳالهائيندو.

اهي دلچسپ يادون رتن جي مشهور هيروئن جنهن انداز ۾ ٻڌايون پئي ته ائين پئي لڳو جڻ آءُ هن جي ڪا فلم ڏسي رهيو هجان. هن جي انداز ۽ لهجي مان لڳو ٿي ته هن کي پنهنجو ماضي تمام عزيز هو ۽

پنهنجي شخصيت تي پڻ اعتماد هئس. حالانڪ هن هتي هڪ نجي اسڪول کوليو هو ۽ پنهنجو وقت سماجي سرگرمين ۾ گذارڻ لڳي هئي.

-

منهنجي ننڍپڻ واري وقت ۾ گهرن ۾ عورتون ڪارچوبن تي اڳٹ اُٹنديون هيون، سوتي ۽ ريشمي اڳٹ، سادا ۽ رنگين ڦندڻن وارا اڳٹ، جيڪي گهرن مان ئي وڪرو ٿيندا هئا. هالن پراڻن ۾ جيجي سارو اڳٹ اُٹندي هئي ۽ وڪڻندي هئي، امان هميشہ هن کان اڳٹ وٺندي هئي، جيڪي مضبوط بہ هوندا هئا ۽ ديده زيب پڻ. هالن مان منهنجي ماسي يا منهنجون پڦيون بہ اسان کي اڳٹ تحفي طور موڪليندیون هيون. خود منهنجي ناني بہ ڪارچوب تي وڃي اڳٹ اُٹندي هئي يا پراڻن رنگين ڪپڙن جا ٽڪرا ڪينچيءَ سان ڪتي رليون پئي ناهيندي هئي، رنگبرنگي رليون جن ۾ سنڌي ثقافت جا سمورا رنگ سمايل هوندا هئا.

منهنجي گهرواري کي اڳٹ تہ ناهڻ ڪونہ ايندا هئا پر رليون ناهڻ، آر جي ڪم ۽ پرت ۾ ماهر هوندي هئي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هڪ دفعي جڏهن اڃا اسان جي شادي ڪونہ ٿي هئي، هن منهنجي لاءِ آر تي هڪ رومال ناهڻ شروع ڪيو جيڪو مونکي شاديءَ کان پوءِ ئي مليو. باقي رليون ناهڻ هن جو شوق هو جنهن لاءِ هو بازار مان رنگبرنگي ڪپڙا آڻي، انهن جا مختلف سائز جا ٽڪرا ناهي، رليون تيار ڪندي هئي.

هن وقت مونکي تہ ڪو چڱو اڳٹ بازار ۾ ڪونہ ٿو ملي. يا تہ تمام سنهڙا اڳٹ آهن جو ڳنڍ ئي نہ ٿي ٻڌجي، يا وري سائز ۾ ڪي ايترا ننڍا جو سٿڻ پائڻ کان پوءِ هر وقت ڊپ ٿو رهي تہ ڪٿي اڳٹ کُلي نہ وڃي يا وري ايڏا وڏا جو جنهن محفل ۾ ويهجي، اڳٹ پٽ تائين لڙڪندو نظر ايندو. بهرحال سلوار ۾ اڳٹ جي اهميت کان ڪير بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهي.

ملان نصيرالدين جي قصن ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي تہ ڪنهن وقت هو اصفحان ويو هو ۽ وري واپس پنهنجي وطن ورپو تہ ڪمايل پئسا گڏهہ تي ڪٽايو پئي آيو تہ سرحد تي ٽيڪس وارا ڦري آيس. هن جي گڏهہ کان

وٺي سندس پٽڪي تائين ٽيڪس ورتائونس. ان تي هن سوچيو تہ جي هنن کي عقل هجي تہ اڳ تي ٽيڪس هڻن. جيڪو نہ ٿو لڪائي سگهجي نہ وري ان ۾ گهوٻي هڻي سگهبي. ان ڪري جو اڳ هر سلوار ۾ ٽيندو آهي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هاڻ ڪٽي الاسٽڪ جي پٽين کي اڳ طور استعمال ڪيو ٿو وڃي پر تڏهن بہ ٽيڪس ۾ ڇوٽ ڪانہ ملنديس.

اهي ڪارچوبن تي ٺاهيل اڳ اجا ڳوٺن ۾ هجن تہ هجن. شهرن ۾ ڪمزور ڏاڳن جا اڳ ملن ٿا باقي رستي تي ڪيترا اڳ وڪڻڻ وارا. چوراهن تي ڪار سوارن کي بہ اچيو ورائين. هنن ڪان اجا اڳ نہ ورتا اٿم. ٽي سگهي ٿو تہ انهن ۾ ڪي پراڻي دور جي اڳن جهڙا اڳ ملي وڃن.

هڪ دفعي ڪوهہ مريءَ ۾ اديبن سان گڏ وڃڻ ٿيو هو. لعل بخش جسڪاڻي، سبحان ميمڻ ۽ زاهد مخدوم مون سان گڏ هئا ۽ علڻ فقر بہ. جيڪو موسم جي مستيءَ ۾ يڪتارو ڪڇي مال روڊ تي شاه جو ڪلام ڳائيندو، جهومندو ۽ جهومائيندو پئي هليو تہ هوا جي زور تي هن جي قميص مٿي کڄي وئي ۽ رنگين ڦندڻن وارو اڳ نظر اچڻ لڳو. جنهن تي مون چيومانس، "قميص ٺيڪ ڪر، ماڻهو توکان وڌيڪ تنهنجو رنگين اڳ پيا ڏسن". وراڻيائين، "انهن کي ڏيکارڻ لاءِ تہ اهو اڳ ٻڌو اٿم."

—

هڪ دفعي صبح جو سوير اٿي آءُ هالا جي ٽانگا اسٽينڊ تي ويو هئس، جتي الهہ بخش ۽ نورو ڪاسائي، ٻڪرا ڪهندا هئا، اتي پهچي مون الله بخش کي چيو تہ، "اڄ مغز منهنجي لاءِ رکجانءِ."

جواب ۾ هن وراڻيو تہ، "رئيس، ميجالو (مغز) تہ سائين غلام دستگير پهرين ئي رکائي ويو آهي، هاڻ جيئن توهين چئو!"

مون ڏنو تہ پريان سائين غلام دستگير بہ هميشہ جيان چپن تي مرڪ سجايو آيو پئي، مون هڪدم چيومانس، "پلي سائين کي ڏي." ان وقت مغز شايد ٻن يا چئن آنن ۾ ملندو هو پر ٻڪري جو مغز، جيرا، دل ۽ ٻڪيون کائڻ جو مزو ئي ٻيو هوندو هو. هالن ۾ تہ آنڊا ويڙهيون بہ نهايت لذيذ ڪري پچائيندا هئا ۽ اڄ سوڍو نوري ڪاسائي جو پٽ هالن نون جي

مارڪيٽ واري چوراهي تي آندا ويڙهين جون شيخون پچائي پيو جن جو ذائقو بلڪل اڳوٽي دور جي آنڊن وارو آهي. ليڪن نيرن تي مغز ڪائڻ جو رواج هوندو هو. تنهنڪري ئي آءُ صبح جو سوير اٿي پاڻ الله بخش ڪاسائي وٽ ويو هئس. ليڪن استاد جي احترام ڪري، چپ چاپ واپس هليو آيس.

—

1954 ۾ جڏهن بابا ميرپورخاص ۾ ڪورٽ آف وارڊس جو ڊپٽي مئنيجر هئو تہ امان مونکي ڪجهہ ڏينهن هالن پراڻن ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏي آئي هئي. اتي آءُ پنهنجي وڏي چاچي ماستر محمد حيات جي گهر ۾ رهندو هوس جنهن جي زال منهنجي چاچي بہ هئي تہ ماسي بہ. اتي منهنجو سئوٽ بشير، هن جون ڀينر، جنهن مان وڏي تہ منهنجي شريڪ حيات بڻي، بہ رهندا هئا. هنن جو ڀاءُ ظهير 1958 جي جنوريءَ ۾ ڄائو هو. جڏهن بابا ٺٽي جو ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو. هنن سان گڏ رهندي بہ منهنجو واسطو اسان جي وڏي گهر سان، جنهن ۾ چاچا مريد علي (ماستر) ۽ منهنجي وڏي ڀِڦي رهندا هئا، ات بہ وقت گذرندو هو تہ وري بابا جي ڀڦين جي گهر بہ وقت گذرندو هو. جيڪي مون سان بيحد پيار ڪنديون هيون. انهن مان وڏيءَ جو نالو "نالي چڱي" هو ۽ ننڍيءَ جو نالو "مهرالنساء". آئون هنن کي ادي نالي چڱي ۽ ادي مهرو چوندو هوس. ان ڪري جو مون تي هنن جي ڀاءُ قاضي عبدالقوي جو نالو رکيل هو ۽ هو بہ مون کي ادا ڪري ڪوٺينديون هيون ۽ ادي نالي چڱي جي ڏيءَ "ڀڦو شهرو" بہ مونکي مرڻ گهڙيءَ تائين ماما ڪري ڪوٺيندي رهي.

هالن پراڻن جا هي سڀ گهر منهنجي لاءِ برابر بہ هئا تہ مائٽن ۾ پيار ۽ مان جي بہ ڪا کوٽ ڪانہ هوندي هئي ۽ نهايت خوشيءَ سان پنهنجي مائٽن سان رهڻ لڳس. ليڪن پوءِ وري ميرپورخاص ويس، جنهن جو ذڪر آءُ اڳ ڪري چڪو آهيان.

—

انسانن جي اچ وڃ دنيا ۾ ازل کان جاري آهي. جيڪو هن دنيا ۾ ايندو، اهو هتان هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور هليو ويندو. اچي تہ هو ماءُ جي پيٽان ٿو پر وڃي ڪيڏانهن ٿو، تنهن جو جواب هميشہ مذهبن ۾ ئي ڳوليو ويو آهي. ليڪن انهن جي لڳ لاڳاپن رکندڙ ۽ واسطيدار متن مائٽن کي جيڪو ڏک ٿئي ٿو يا صدمو پهچي ٿو، اهو بہ ازل کان ئي ساڳيو آهي. خود منهنجي سانيڀ ۾ منهنجا بابا ۽ امان، چاچا، پڦيون، ماما، ماسيون ۽ خاص ڪري منهنجي شريڪِ حيات ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ ڪانسواءِ ڪيترا ٻيا مٽ مائٽ، دوست يار، سنگت ساٿي هن دنيا مان هليا ويا، تن جو ڏک بہ دل ۾ رهيو. انهن جي ڪمي هميشہ محسوس ٿيندي رهي. انهن جو ذڪر مون تازو محمد ابراهيم جويو، جام ساقي ۽ رسول بخش پليجي صاحب جي باري ۾ قلمبند بہ ڪيو آهي. جوئي صاحب کان پوءِ لڳي ٿو تہ هن جهڙو داناءُ شخص وري نہ پيدا ٿيندو تہ پليجي صاحب جي وفات سان هڪ اوچتي پراڻي ساٿي، جيڪو عمر ۾ وڏو هوندي بہ منهنجو دوست هئو، ڏک سک ۾ شريڪ ٿيندو هو. تہ حفيظ قريشيءَ جي ناطي وڪيل جي حيثيت سان سنڌي ادبي سنگت ناطي ادب سان بہ سلهاڙيل هو. لکڻ پڙهڻ جو شوقين، موسيقيءَ جو عاشق، سياستدان، جنهن موت جي بستري تي ويهي محبت ۽ انقلاب جا گيت ٻڌا ۽ خود بہ ڳايا. هاڻ جام ساقيءَ جهڙو دلبر دوست، جنهن زندگي، انقلاب ۽ انسانيت لاءِ سونهري سپنا ڏسڻ جي آس ۾ گذاري ڇڏي، هاڻ هو تہ نہ آهي، پر هن جو ڇاڇرو جنهن جي پٽن تي لهندڙ سج جي اکين کي آسيس ڏيندڙ منظر مهل اسان جي دوستي ٿي هئي. اتي اڄ بہ صبح جو ضرور سج ايرندي پٽون چانديءَ ورنيون ٿي وينديون هونديون ۽ شام جو ڪنهن ڪجريءَ جي اکين جو ڏيک ڏينديون هونديون پر جام ساقي نہ هوندو.

—

ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جن جي مقناطيسي طبيعت خاندانن ۽ گهراڻن کي پيار جي لڙيءَ ۾ پوئي ڇڏيندي آهي. انهن مان هڪ منهنجي وڏي ماسي "انا اما" بہ هئي. هوءَ "انا" ڪري سڏبي هئي جو هوءَ پناڻ

خاندان جي هئي، جنهن ۾ پيڻ کي انا چوندا آهن حالانڪ نالو خانزادي هئس، ان کان ننڍي شهزادي (منهنجي چاچي ۽ سُس)، "حاڪم زادي" منهنجي امڙ ۽ امراءُ زادي منهنجي ننڍي ماسي، جيڪا الله جي مهرباني سان حال حياتي آهي ۽ اها شخصيت آهي، جنهن منهنجي پيدائش تي (نومبر 1945)، مونکي پهريون دفعو وهنجاريو هو.

منهنجي ناني محمد يوسف پناڻ جو وڏو ڏاڏو احمد خان پناڻ جيڪو انگريز فوج ۾ سپاهي هو انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ گدوءَ ۾ رهي پيو ليڪن هُن جا پونئير لڏي پهرين اُلهندي ڪڇي ۾ اچي رهيا، جتان پوءِ نانا محمد يوسف، جيڪو ٽانگو هلائيندو هو ۽ پنهنجي خاندان جو عزت وارو شخص هو، الهداد چنڊ جي ڳوٺ ۾ اچي رهيا. هن جي زال منهنجي ناني زينب، اُها نانا جي ٻي زال هئي ۽ پرائمري اسڪول جي هيڊ ماسترياڻي هئي. هن کي ٽي پُٽ، ماما غلام حسين، نبي بخش ۽ احمد علي به هن دنيا ۾ نہ رهيا آهن.

امان جي وڏي پيڻ جنهن کي اسين 'انا ما' چوندا هئاسين، ٽنڊي آغا جي مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي جي زال هئي، اها مرزا صاحب جي ٻي شادي هئي، جنهن مان کين وڏو اولاد ٿيو جن ۾ ممتاز مرزا (ادا توسل) ادي نورجهان، مرزا ظفر (توڪل مرزا) جيڪي پڻ هاڻ هن دنيا ۾ ناهن، مرزا نجم الحسن، اختر مرزا، غضنفر مرزا ۽ مرزا سليم (هي پڻ گذاري ويو) ۽ ٻيون ڏيئرون بہ هيون جن مان ٽي تہ هن جي هوندي گذاري ويون، جن جا صدما سيني تي ڪٽي بہ هوءَ مرزائن جي سڄي خاندان کي پاڻ ۾ ڳنڍيو ويٺي هئي، هاڻ سندس پٽ، ڌيئر، پوٽا، ڏوهٽا ۽ انهن جو اولاد بہ آهي، جن جي وچ ۾ هوءَ هڪ گڏيءَ جيان ويٺي هوندي هئي.

هن ماسيءَ اسان سان جيڪو پيار قائم رکيو ان جو ڪو مثال ڪونہ ٿو ملي. هن جو امان توڙي ٻين پيٽن سان بہ ڏاڍو پيار هو، تنهن ڪري بابا جي جتي بہ بدلي ٿيندي هئي، هوءَ اتي اچي اسان وٽ ضرور ڪجھ نہ ڪجھ ڏينهن ٽڪندي هئي. لاڙڪاڻو دادو ميهڙ، ڪي اين شاهہ ڪڪڙ، ميرپورخاص، رتوديرو وارهہ اوباوڙو ڪٽي بہ هجون، هوءَ

ضرور ايندي هئي، پاڻ بہ ايندي هئي تہ چاچا گل حسن بہ ضرور ايندو هو. مطلب تہ اسان ننڍپڻ کان هنن کي ائين ڏٺو جو خبر نہ پوندي هئي تہ اسان جي اصلي ماءُ ڪهڙي آهي. منظور هجي الطاف يا منهنجو پينرون، بلڪ اسان جي اولاد ۽ ان جي اولاد لاءِ بہ هن جو پيار ايترو هو جو هڪ هڪ جو جيستائين نہ پڇندي هئي آرام ڪونہ ايندو هوس.

هن جي وڇوڙي جو ڏک تہ آهي پر جڏهن ڏسجي ٿو تہ هڪ وڏي جمار ماڻڻ کانپوءِ بہ آخري دم تائين هن پنهنجو هر ڪم پاڻ ڪيو. سدائين پنهنجو بوڙ پاڻ ٺاهيندي هئي ۽ ماني بہ خود پچائيندي هئي. وقت ۽ مهل تي اسان سان تہ هميشہ گڏ هوندي هئي. ڏک هجي يا خوشي، هر مهل تي ننڍي پيڻ سميت ڏينهن جا ڏينهن اسان جي گهر رهي پئي هوندي هئي ۽ اهي ڏينهن اهڙا آهن، جن کي ياد ڪري ئي دل کي ايتري تہ خوشي ٿئي ٿي جنهن جو ذڪر ڪرڻ مشڪل آهي.

هاڻ هوءَ هن دنيا مان لڏي اسان جي دلين ۾ اچي رهي آهي. هن جي زندگيءَ جا واقعا ايترا تہ طويل آهن، جو انهن کي قلمبند ڪرڻ لاءِ وڏو حوصلو گهرجي. دعا آهي تہ شال جنت ۾ جايون ملنس.

---

1_ جنوري 2018ع تي صبح جو ساڍي ستين بجي موبائيل جي واٽس ايپ تي گهنٽي پئي وڳي، دل ۾ يقين هو تہ فون ڪنهن ويجهي دوست جو آهي ليڪن پري کان آيو آهي. ائين ئي هو فون الهاس نگر مان پروفيسر ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ جو هو. ريتا شهاڻي، لڇمڻ ڪومل ۽ نند ڇڳاڻيءَ جيان هي بہ منهنجو آوازي دوست آهي، ملاقات ناهي، آمهون سامهون ڏٺل نہ آهي، تہ بہ دل ۾ جاءِ ڪري ويو آهي، وڏي ڳالهہ تہ لطيف جي ڪلام جو عاشق آهي. جيئن چنڊ ٻن من محبت ڪندڙن، پر جدا رهندڙن جي اکڻ تي هڪ ئي وقت نظر ايندو آهي، تيئن هيءُ دوست بہ پري هوندي ساهہ جي ويجهو آهن.

جگديش بہ مون وانگر هڪ پروفيسر آهي. عمر جي لحاظ کان آءٌ هن کي وڏو ياءُ ڪوئيندو آهيان، ۽ هو بہ منهنجون ڳالهيون هيئين

سان هنڊائيندو آهي. ايتريقدر جو جڏهن مون اکين جو آپريشن ڪرايو ۽ فيس بڪ تي منهنجي اُها تصوير ڏٺائين ته هڪدم ڪمينٽ ڪيائين، ”جي اوهان اکين جي آپريشن ڪرائي سگهو ٿا، ته مان به ضرور ڪرائيندس.“

ائين هن اکين جو آپريشن به ڪرايو ۽ هاڻ چڱيءَ طرح ڏسي پڙهي سگهي ٿو. مون وانگر ئي رٽائرمينٽ کان پوءِ به ڪاليج ۾ پڙهائي ٿو ۽ پنهنجي معمولات ۾ ڪوبه فرق اچڻ نه ڏنو اٿس. سادگي ۽ سچائي هن جي لفظ لفظ مان ملي ٿي، نيت تي هر وقت حاظر ناظر هوندو آهي، خاص ڪري راتين جو جڏهن ننڊ نه ايندي اٿم ۽ پراڻيون ڪلاسيڪل فلمون ڏسندي يا ڪي ڪتاب پڙهندي يا ڪجهه لکندي اڪيلائيءَ جو احساس ٿيندو اٿم ته پنهنجا تاثرات هڪدم فيس بڪ تي لکي ڇڏيندو آهيان ۽ عجب آهي ته ڏينهن رات جو ڪوبه وقت هجي، مون کي ننڊ ڇڪائي، صولت پاشا جيڪو نيروبيءَ ۾ وڃي ڪاروبار پيو ڪري، انجم پيرزاده، سنڌ يونيورسٽي جي فائن آرٽس شعبي جي پروفيسر جيڪا پڻ پرڏيهه ۾ آهي ۽ جگديش لچاڻيءَ جهڙا دل وارا انسان، دنيا جي ڏورانهن ملڪن مان هڪدم ڪمنٽس موڪليندا آهن. اڳ ته اسان جي هڪ پروفيسر به لنڊن (آڪسفورڊ) مان رات جو دير دير تائين پئي سوال جواب ڪندي هئي، پر هاڻي پاڪستان واپس اچي، پري ٿي وئي آهي. هي دوست مون کي احساس ڏياريندا آهن ته آءٌ اڪيلو نه آهيان، هي به هردم مون سان واسطي ۾ اچي ويندا آهن ۽ اڪيلايون دور ٿي وينديون آهن. جگديش لچاڻيءَ کي شاهه صاحب تي لکيل ڪتاب تي ساهتيه اڪيڊميءَ طرفان اوارڊ به مليو آهي، هُو پنهنجي ادبي توڙي ذاتي زندگيءَ جون تصويرون هڪدم فيس بڪ تي اپ لوڊ ڪندو آهي.

–

ٽانگو سنڌ ۾ 20 صديءَ جي مقبول ترين سواري هئي، شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هن کي وڏي اهميت حاصل هئي، حالانڪ شهرن ۾ پوءِ

سائيڪل رڪشائون بہ آيون، جيڪي خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ ڏاڍيون مقبول رهيون ۽ ٻئي طرف بنگال ۾ تہ انهن جو عام رواج هو. تنهن کان پوءِ آٽو رڪشا بہ آيون تہ ٽئڪسيون بہ شروع ٿيون، ليڪن اهي شهرن ۾ ئي هلنديون هيون، جڏهن تہ ٽانگو ڳوٺن ۾ مقبول ٿي رهيو، اتي ٽانگا چڱا خاصا فاصلا طئي ڪندا هئا ۽ هڪ چڱي خاصي ڪٽنب کي چاڙهي هلندا هئا. گهوڙا بہ مضبوط هوندا هئا ۽ انهن جي ٽهل ٽڪور تي بہ وڏي محنت ٿيندي هئي، سنو گاهہ ۽ پاڻي تہ چڻا بہ هنن کي کارايا ويندا هئا تہ ڪرڪرا هڻي هنن کي صاف بہ ڪيو ويندو هو ۽ مالشون بہ ڪيون وينديون هيون. ٽانگي وارا گهوڙن تي ڏاڍي پيار سان مختلف نالا بہ رکندا هئا، جيئن هيرو مڪڙو وغيره. خاص طور اپر سنڌ ۾ ٽانگن جي ڊوڙ بہ ٿيندي هئي، جنهن کي گوءِ چوندا هئا.

اهي ٽانگا صرف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اندرئي اندر نہ هلندا هئا، بلڪ وڏا وڏا فاصلا طئي ڪندا هئا. مون خود ڏهرڪيءَ کان اُباوڙي، نئين ديري کان رتيديري، ڏوڪري اسٽيشن کان ڏوڪري شهر ۽ ڏوڪريءَ کان موهن جي دڙي تائين ٽانگن ۾ سفر ڪيو ۽ واٽ تي ڪئين ڳوٺن جي وچ ۾ ماڻهن سان سٽيل ٽانگا ڏسندو هوس.

هالا نوان کان هالا پراڻا جا پوٽا تي ميل تہ خبر ناهي ڪيترا دفعا ٽانگن ۾ سفر ڪيوسين، حالانڪ اهي ٽانگا ڪي شهري ٽانگن وانگر چمڪندڙ پاسي کان بتيون لڳل ۽ پلاسٽڪ جي سيٽن وارا نہ هوندا هئا. خاص طرح اسان جي پاڙي ۾ رهندڙ واڍن جا ٽانگا تہ هلندي هلندي ڏاڍا لوڏا بہ ڏيندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايترو ڊپ ٿيندو هو جو دل چوندي هئي تہ لهي پنڌ وڃجي، ليڪن ڪڏهن ڪو خاص واقعو ڪونہ ٿيو. اهي ئي ٽانگا اڳتي خانوٽ تائين بہ ويندا هئا تہ وري نيشنل هاءِ وي تي بہ وڃي پهچندا هئا. خاص ڪري هالا جا ڪيترا ماڻهو پٽ شاهہ بہ ٽانگي تي ويندا هئا. شاهہ سائين جي ميلي ۾ ٽانگا، ڪمائڻ جي مشين بڻجي ويندا هئا. ماڻهو اڏيري لعل کان

ٽانگن ۾ چڙهي پيٽ شاهه ايندا هئا. باقيءَ هيءَ غريب نواز سواري حيدرآباد ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ تہ زبردست هوندي هئي. نهايت خوبصورت رنگا رنگي ٽانگا، جن ۾ پاسن کان ٻتيون لڳل هونديون هيون ۽ ٽانگي جي پاسي ۾ ربڙ جو هارن لڳل هوندو هو. نہ صرف ايترو پر گهوڙن جي هڪلڻ واري چهبڪ کي بہ رنگ ڪندا هئا. مزو ايندو هو جڏهن ڪو ٽانگو مالڪ جي گهر جي گهٽيءَ وٽان لنگهندو هو تہ گهوڙو هڪدم گهر ڏانهن رخ ڪندو هو ۽ ٽانگي وارو هڪدم لغام ڇڪي چهبڪ سان صحيح رستي تي آڻيندو هو.

هاڻي اها پولوشن فري سواري ڪٿي ڳوٺن ۽ شهرن جي دور دراز آبادين ۾ وڃي بچي آهي ۽ انهن جي جڳهہ رڪشائن، سوزوڪين، چنگچين ۽ ٽئڪسين اچي والاري آهي، جن فاصلن کي تہ گهٽائي ڇڏيو آهي، پر پنهنجي دونهين ۽ گوڙ جي ڪري، انساني حياتين لاءِ خطرو بڻجي چڪيون آهن.

-

ڪڏهن ڪڏهن اوچتو ڪن اهڙن ماڻهن سان ملاقات ٿي ويندي آهي، جن سان ملڻ جي ڪا توقع ئي ڪانہ هوندي آهي ۽ پر هُو هڪدم دل ۾ گهرُ ڪري ويندا آهن. اهڙو ئي هڪ شخص جيڪو پنهنجي عمر اعليٰ سرڪاري نوڪري ۾ گذاري رٽائر ٿي چڪو آهي، تنهن سان بلڪل اوچتو ملاقات ٿي ۽ چئن، پنجن ڪلاڪن جي گفتگو ۾ ڪي اهڙيون مشترڪ ڳالهيون اچي نڪتيون، جڻ ڪا عمر پر جي ياري هئيسين. هن سان ملاقات تہ ان بهاني سان ٿي هئي جو [illegible]ن کي [illegible]نجي نهايت عز[illegible] دوست، پير مظهرالحق، دادوءَ جي پير [illegible]لاهي بخش [illegible]ڪاليج ۾ پنهنجي ڏاڏي پير الاهي بخش جي ورسيءَ ۾ اچڻ جو سڏ ڏنو ۽ پنهنجي انهيءَ دوست اشفاق قادريءَ تي بار [illegible]ڪيائين تہ هُو مون کي ساڻ وٺيو اچي. جنهن جو ذڪر آءٌ اڳ ئي ”ڪليل اکين جا سپنا“ ۾ ڪري آيو آهيان.

هت آءُ دادوءَ کان سيوهڻ رستي واپسيءَ واري سفر جي ڳالهہ ڪندس. جڏهن سيوهڻ وٽان لنگهندي مون چيو تہ هن علائقي تي اجا وڏيڪ ريسرچ ۽ کوٽائيءَ جي ضرورت آهي. منهنجي هن ڳالهہ تي قادري صاحب جي ڊرائيور جنهن جو نالو محمد صديق ميمڻ هو ۽ ٽنڊي ڄام جو رهاڪو هو وراڻيو تہ "ها سائين هيءُ تاريخي علائقو آهي. هن تي وڏيڪ ريسرچ جي ضرورت آهي." هن جي شائستہ لهجي ۽ علمي لفظن جي استعمال تي مون کي حيراني ٿي. پر جڏهن هُن پنهنجي هڪ خواب جو ذڪر ڪيو جنهن ۾ هن هڪ اهڙو کوهہ ڏٺو هو جنهن ۾ وڃڻ لاءِ ڏاڪڻيون بہ هيون. ۽ جيئن کوهہ جي پاسي کان ويهڻ جي جڳهہ بہ هئي. تہ مون کي هڪدم مڪليءَ وارو کوهہ ياد اچي ويو جيڪو هُوبهو ان طرح تهيل آهي تہ جيئن ماڻهو گرمين ۾ هيٺ لهي کوهہ جي پير ۾ ٿڌڪار وٺن. اهڙي کوهہ کي هندستان ۾ "باولي" سڏيندا آهن. جيڪي بادشاهن جي دور ۾ اميرزادا ۽ دولتمند پنهنجي آرام ۽ عياشيءَ لاءِ ٺهرائيندا هئا.

اها ڳالهہ جڏهن مون هن سان ڪئي تہ هن وراڻيو تہ "ها سائين مون پوءِ اهو کوهہ ڏٺو بہ." وري چيائين تہ "سائين سنڌ جي سيني ڳوٺن، شهرن، وستين ۽ واهڻن جي بزرگن ۽ اوليائن تي ريسرچ ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ هنن جي زندگيءَ جو حقيقي احوال لکڻ ٿو چاهيان." آءُ حيران ٿي ويس ۽ چيومانس. "اهو تہ وڏو ڪم آهي." چيائين تہ: "ها سائين آهي تہ وڏو ڪم. پئسو بہ لڳندو وقت بہ. پر اهو ٿيڻ گهرجي." مون سوچيو تہ سنڌ ۾ جيڪڏهن اهڙا ماڻهو موجود آهن. جيڪي ڊرائيوري جو ڪم ڪندي تحقيق سان چاهہ رکن ٿا تہ ٻيا ڪيترا اهڙا ماڻهو هوندا. جيڪي موقعو نہ ملڻ جي ڪري اهڙي ڳالهہ ڪري بہ نہ سگهيا هوندا. قاسم آباد گهر پهچڻ تي مون هن کي علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جا ڪتاب تحفي طور ڏنا ۽ قادري صاحب کي چيم تہ. "قادري صاحب هيءُ تہ گودڙيءَ ۾ لڪل لعل آهي." تہ هن مُرڪي ڏنو ۽ چيائين: "محمد صديق ادب جو وڏو شوقين آهي قاضي صاحب."

20 صديءَ جي پوئين اڌ ۾ جڏهن مون کي سنڌ ۾ ڪيترن هنڌن تي، بابا جي نوڪريءَ جي سلسلي ۾ وڃڻو پيو تڏهن سنڌ ۾ بجلي صرف وڏن شهرن جهڙوڪ ڪراچي، سکر، حيدرآباد، لاڙڪاڻو دادو ٽنڊوآدم ۽ ميرپورخاص ۾ هوندي هئي ۽ ڪٿي ڪٿي جن ۾ نئون شامل آهي، D.C ڪرنٽ واري لائيٽ هوندي هئي، جيڪا شام جو چند ڪلاڪن لاءِ هلائي ويندي هئي. ورنہ ڏيئا، ميڻ بتيون، لالٽين، شمعدان ۽ وڏن ماڻهن جي گهرن ۾ گئس جا گولا ٻاريا ويندا هئا، جن کي پيٽروميڪس لئمپ ڪري ڪوٺيندا هئا. ان وقت حيدرآباد جي گورنمينٽ گرلز ڪاليج ۾ فلمي پروجيڪٽرن جي هڪ نمائش ۾ مون هڪ اهڙو پروجيڪٽر بہ ڏٺو هو جيڪو گئس جي گولي سان فٽ ٿيل هو ۽ ان جي روشنيءَ تي هلندو هو.

اسان وٽ گئس جا بہ گولا هوندا هئا، جيڪي شام جو پٽيوالا ٻاري ويندا هئا ۽ رات جو سمهڻ کان اڳ وري ڪو پٽيوالو يا چاچا غلام قادر انهن کي بند ڪندو هو. هيءَ بہ لالٽين جيان هڪ دلچسپ ميڪينزم سان هلندا هئا. هيٺ گول ننڍڙي ٽانڪي هئي جنهن ۾ گاسليٽ پوندو هو. مٿان شيشي جو گول لئمپ هوندو هو جنهن ۾ اندر مٿئين حصي ۾ منٽر لڳائبو هو ۽ هيٺ رکيل دٻليءَ ۾ اسپرٽ وجهي ان کي تيلي ڏبي هئي تہ اهو منٽر ٻاهہ ۾ سڙي هڪ بلب جي صورت وٺندو هو ۽ ان کي وري ٻاهران هڪ هوا پرڻ جي ڪل ذريعي بار بار هوا ڀري روشن رکيو ويندو هو. چون ٿا تہ ڪي گولا ڦاٽي بہ پوندا هئا، جنهنڪري مونکي ان کان ڊپ بہ لڳندو هو.

هن گولي جي روشنيءَ سان وڏا وڏا اڱڻ روشن ٿي ويندا هئا، ڪتاب يا اخبار پڙهڻ ۾ سهوليت ٿيندي هئي. هنن گولن مان هڪ ٻاهر بابا جي گهر واري آفيس ۾ ٻاريو ويندو هو ۽ هڪ اسان وٽ گهر جي اندر رکيل هوندو هو. گرميءَ ۾ جڏهن تمام گهڻا پتنگ ۽ جيت روشنيءَ تي اچي مڙندا هئا تہ گولو هڪ گينديءَ ۾ رکي ان ۾ ٿورو پاڻي

وجهي چڏبو هو يا وري ٽپائيءَ تي بصر ڪٽي رکيا ويندا هئا، جن جي ڏپ کان جيت پڃي ويندا هئا.

اهڙيون روشن راتيون هن وقت هڪ طلسمي منظر جي ياد جيان ٿيون لڳن. اهي وڏا وشال اڱڻ يا وڏا ڪُڏ جن تي گهٽو ڪري اپر سنڌ جي گرمين جي راتين ۾ سمهندا هئاسين. انهن گولن سان روشن رهندا هئا. گڏوگڏ ريڊيو سيلون تي بہ ڪيترا پروگرام هلندا رهندا هئا. جن ۾ ڪڏهن گيت سنگيت ۽ ڪڏهن ڊراما ۽ خبرون هلنديون رهنديون هيون. شام ٿيندي ئي جڻ تہ رات ٿي ويندي هئي، سانجهي ۽ سمهڻيءَ جي نماز جي وچ وارو وقت ڪچهريون هلنديون هيون ۽ پوءِ گهر جو هر ڀاتي ڪائي پي وڃي پنهنجي کٽ وسائيندو هو يا وري ريڊيو جي ويجهو ڪرسي يا کٽ تي ويهي پنهنجي پسند جا گانا ۽ پروگرام ٻڌندو هو. شروعاتي ڏينهنِ ۾ پاڪستاني ريڊيو تان فرمائشي گانن ۾ هندستان ۽ پاڪستاني فلمن جا گانا گڏوگڏ وڄندا هئا ليڪن بعد ۾ پاڪستان ۾ فرمائشي پروگرام ۾ صرف پاڪستاني گانا هلڻ لڳا، جڏهن تہ هندستان مان ريڊيو سيلون جي ڪمرشل سروس جي دلچسپ پروگرامن کي ٻڌي ننڊ بہ ڪبي هئي تہ اک بہ ان ئي ريڊيو جي سُريلن گانن سان کُلندي هئي، خاص ڪري پنڪج ملڪ، سي.ايچ. آتما، سهگل، شمشاد بيگم، ثريا، لتا منگيشڪر، نورجهان ۽ اوماديويءَ جا نغما پيا ٻڌبا هئا پر هر مهيني جي پهرين تاريخ تي خاص ڪري اهو پروگرام ڪشور ڪمار جي گاني سان شروع ٿيندو هو.

*خوش ہے زمانا آج پہلی تاریخ ہے.*

جڏهن تہ رات جو پروگرام جي پڇاڙي ۾ فلم البيلا جو گانو ٻڌبو هو.

*دھیرے سے آجارے اکھین میں ندیا، آجارے آجا.*

صبح جو جلدي نيرن کائي اسين سليٽون ۽ پٽيون هٿ ۾ کڻي، اسڪول ويندا هئاسين. بابا آفيس روانو ٿي ويندو هو. وري اسڪول مان واپس اچبو هو ته ماني کائي راند روند ۾ لڳي ويندا هئاسين يا وري دوستن سان رستن تي ڊُڪون پائيندا هئاسين. ٻئي طرف جن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ بجلي نه هوندي هئي، اتي شام جو رستن تي شمعدان روشن ڪيا ويندا هئا. ننڍين ننڍين گهٽين ۾ به ڪاٺ جي لڪڙن تي شمعدان روشن ڪيا ويندا هئا، جن لاءِ مقامي ميونسپالٽيءَ جو عملو روزانو شام جو ننڍي ڏاڪڻ ۽ شمعدان صاف ڪرڻ جو ڪپڙو، گاسليٽ جو دٻو وغيره کنيو اونداهين شامن کي روشن ڪندو ويندو هئو. اهي نظارا مون جاتي، سجاول ۾ به ڏٺا ته سيوهڻ، ڏوڪري، رتي ديري، اُٻاوڙو ۾ به ڏٺا، هالا پراڻا سميت سنڌ جي سيني ننڍن شهرن ۾ به اهو لقاءُ هوندو هو.

شمعدانن جي روشني نهايت رومانوي ۽ طلسماتي لڳندي هئي، جنهن جو ذڪر الف ليله ۽ ٻين داستانن ۾ پڙهي چڪو هوس. خاص ڪري جڏهن بادشاهه سلامت رات جو ڇمڙا پوش ڪري پنهنجي ملڪ سان گڏ ملڪ جي ماڻهن جا حال احوال پنهنجي اکين سان ڏسڻ نڪرندو هو ته اهي شمعدان، جيڪي ان وقت جي اسٽريٽ لائيٽ هوندا هئا، سي سندن رهنمائي ڪندا هئا. خود بادشاهن جي محل ۾ به ميڻ بتين سان روشنيون ڪيون وينديون هيون ۽ سازشي عناصر وري چربيءَ جي مشعلن کي ٻاريو رات جي اونداهيءَ ۾ پنهنجي ڪارروائي ڪندا هئا. اهڙا ڪئين داستان، انهن اڌ اونداهين راتين کي ڏسي ذهن تي تري ايندا هئا.

—

مون کي سيوهڻ جون اهي راتيون ياد آهن، جن ۾ سياري ۽ اونهاري جون موسمون گذاريون هيوسين ۽ آءٌ روز رات جو چاچا غلام قادر ۽ منظور سان گڏ شيخن جي پاڙي مان بودلي بهار جي مزار واري گهٽيءَ کان ٿيندو، قاضين جي پاڙي وٽان هلندو قلندر جي مزار تي

وبندو هوس، جنهن جي آڏو زنئوارن جا گهر ۽ ڪافيون هونديون هيون. جتان پڻ روشنيءَ جي جهلڪ نظر ايندي هئي تہ پناڻ جي ڪافي بہ ڏسبي هئي، جت وري ان وقت جي متولي نادر شاهہ جي ڪري روشنيءَ جو وڏيڪ انتظام هوندو هو جڏهن تہ درگاهہ ۾ روشنيءَ جو سنو انتظام هوندو هو ۽ اتي پهچي مون کي ڏاڍو سڪون ملندو هو. اهوئي سبب هو جو شمعدانن جي ناڪافي روشنيءَ ۾ بہ شهر جون ڪچيون گهٽيون لتاڙي هت ايندا هئاسين، ۽ وچون يا نانگ جو ڊپ ڪونہ ٿيندو هو جيڪي اتي عام جام هئا.

شمعدانن جي ڏنڌلي روشنيءَ ۾ سنڌ جي ڪيترن شهرن جون راتيون تارن جي جهرمر جي ڪري اجا بہ وڏيڪ سهٽيون لڳنديون هيون. هاڻي تہ لائيٽ جي اچڻ سان تارا ئي ڏنڌلا ٿي ويا آهن، چنڊ بہ جڏهن ڪوشش ڪري، گهر جي درين مان ڏسجي ٿو نظر اچي ٿو. اهو ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن جي کلي فضا ۾، وڏي وشال اڱڻ يا ميدانن تي رات ٽيندي ئي پنهنجي ساٿي تارن جي جهرمر ۾ مسڪرائيندو نظر ايندو هو حمايت علي شاعر جو هڪ شعر آهي تہ هاڻ جڏهن انسان چنڊ تي وڃي پهتو آهي تہ خبر پئي آهي تہ ڌرتيءَ بہ روشن آهي، يعني دنيا جي روشني ڏسڻ لاءِ تمام متي وڃڻ جي ضرورت آهي.

—

جيئن حيدرآباد ۾ ريڊيو اسٽيشن اديبن ۽ فنڪارن لاءِ هڪ ثقافتي مرڪز جي حيثيت رکندو هو تيئن ڪراچيءَ ۾ ٽيليويزن سينٽر کُلڻ سان جڻ تہ هڪ ٻيو دروازو اديبن ۽ فنڪارن تي کلي ويو هو. منهنجي لاءِ تہ جڻ ڪراچيءَ وڃڻ جو هڪ نئون دور شروع ٿي ويو هو اڳ بہ وڏو ياءُ ڪراچيءَ ۾ رهندو هو پيڻ بہ اتي رهندي هئي ۽ ڪيترائي دوست هئا. جن وٽ وڃبو هو گهمبو هو فلمون ڏسبيون هيون. خاص ڪري جڏهن شمشير بہ اتي وڃي، ’نئين زندگي‘ جي دنيا وسائي هئي. آءٌ خاص هن سان ملڻ لاءِ پاڻ اڪيلي سر يا ڪڏهن طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل سان گڏ يا وري پنهنجي سؤٽ آفتاب

ڪي ساڻ ڪري آچر آچر تي چڪر هڻي ايندو هوس، جتي شمشير، ناڪر شرما، اقبال جتوئي ۽ ٻين ڪيترن دوستن سان ملاقاتون ٿينديون هيون، تہ شام جو فريئر هال گارڊن جي ڇپر تي ويهي ڪچهريون بہ ٿينديون هيون. اقبال جتوئي ان وقت بي.اي ڪري رهيو هو تہ هن کي سنڌي ادب ۽ شاعري متعلق پيو تيار ڪبو هو. ڪلفٽن ۽ طارق روڊ جا چڪر بہ هڻبا هئا. خاص ڪري جڏهن CSS جو امتحان ڏيڻ لاءِ آءٌ ۽ مسعود قريشي، هن جي وڏي پيڻ جي گهر تاج مينشن ۾ وڃي رهيو هوس، تڏهن تہ شمشير روز شام جو ٿيلهو ڪڇ ۾ کنيو ايندو هو ۽ پوءِ وري ٻاهر نڪري بندر روڊ جون هوائون کائيبيون هيون يا وري ڪا فلم وڃي ڏسندا هئاسين. پر ٽي.وي اسٽيشن ڪلڻ سان سڀڪجهہ بدلجي ويو.

ڪراچي ٽي.وي جي کُلندي ئي ان ۾ جيڪي پروڊيوسر ۽ فنڪار مقرر ٿيا، تن مان گهڻا منهنجا ذاتي دوست هئا، جن ۾ عبدالڪريم بلوچ، ممتاز مرزا (منهنجو ماسات) ۽ ٿوروئي پوءِ چنا شبير، عبدالحق عظيم ۽ هارون رند (جيڪو منهنجو شاگرد هو) ان سان گڏ شوڪت شورو، بادل جمالي جيڪي اسڪرپٽ سيڪشن ۾ هئا، تاجدار عادل، سلطانہ صديقي پروڊيوسر وڃي ٿيا. فريد نواز بلوچ، جيڪو منهنجو انٽر تائين هم ڪلاس هو، قمر ميمڻ، منظور قريشي، انور سولنگي، ڊاڪٽر عابد ميمڻ ۽ ٻيا ڪيترا فنڪار بہ اتي ئي هوندا هئا، جن سان حيدرآباد ريڊيو تي سالن جا سال ميل ملاقات رهي هئي، خاص ڪري انور سولنگي، قمر ميمڻ، سڪينہ سمون، ڊاڪٽر عابد وغيره تہ منهنجي ڪيترن ريڊيائي ڊرامن ۾ ڪامياب ڪردار ادا ڪندا رهيا هئا.

هي دوست تہ اتي هئا، پر هنن جي ڪري اتي موجود ٻين پروڊيوسرن ۽ اداڪارن سان بہ دوستيون ٿي ويون ۽ مون بہ ٽي.ويءَ لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا، جن مان خاص تلاش (ٽي قسطون)، سک جو سپنو ۽ شڪست مون شفيق انصاريءَ ۽ منظور قريشيءَ جي چوڻ تي

لکيا هئا. ورنہ عبدالڪريم بلوچ يا ممتاز مرزا هر هفتي حيدرآباد ايندا هئا، تہ پريس ڪلب اچي مون کان اسڪرپٽ وٺي ويندا هئا. ڊرامن سان گڏوگڏ چنا شبير ناز جي پروگرام "واءُ سواءُ" ۾ بہ لاڳيتو حصو وٺندو رهيس، جتي قاضي فضل سليمان (اڳوڻو قاضي فضل حق) غلام حيدر صديقي ۽ ڪيترن ئي بين دلچسپ شخصيتن سان ملاقاتون ٿينديون هيون ۽ وري جو عبدالحق عظيم جي ادبي پروگرام ۾ بہ گهرايو ويندو هوس، جتي مون کي نجم عباسي، ظفر حسن، ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبدالجبار جوڻيجو محمد بخش جوهر، الطاف شيخ ۽ ڪيترن افسانہ نويسن، شاعرن ۽ ناول نگارن سان ميل ملاقات جا موقعا مليا ۽ شمشير بہ چو جو ٽي.وي ڊراما لکڻ شروع ڪيا هئا، ان سان اتي بہ ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون، اتي ئي عارف پاشا ۽ افتخار عارف سان بہ ملاقاتون ٿيون، حالانڪ افتخار عارف جي طبيعت مون کي نہ وڻندي هئي، هُو تمام گهڻو تصنع کان ڪم وٺندو هو، تنهنڪري آءٌ ڪوشش ڪري هن سان نہ ملندو هوس، ڪنهن وقت هُو طويل ڊرامن جي سلسلي ۾ بہ ٽي دفعا مون سان ۽ مراد علي مرزا ۽ آغا سليم سان ملاقاتون ڪرڻ حيدرآباد بہ آيو هو پر ڏنم تہ هن جي وڏاءُ ۽ پاڻ بڏائڻ جي عادت هنن کي بہ ڪونہ وڻي هئي، تنهنڪري اسان هن جي راءِ تي لکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

ٽي.ويءَ تي منهنجون جيڪي شامون گذريون اهي ڪڏهن بہ نہ وسرنديون، ميڪ اپ ڪرائڻ کان وٺي پروگرام رڪارڊ ڪرائڻ تائين. هر مرحلي تي دلچسپي محسوس ٿيندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن رڪارڊنگ ڪرائي بي خياليءَ ۾ منهن ڌوئڻ کانسواءِ ئي ٻاهر نڪري ايندا هئاسون، ۽ جڏهن ڪنهن هنہ پنهنجي ميڪ اپ ڪيل منهن تي نظر پوندي هئي يا ڪو ان ڏانهن ڏيان ڇڪائيندو هو تہ ڏاڍي ٿڪائي ٿيندي هئي.

هڪ دفعي اسلم آزاد مون کي ڊينٽونڪ ٽوٿ پائوڊر جي پروگرام ۾ خاص مهمان طور گهرايو هو جتي هنن مون کي ڪافي

تحفا ڏنا هئا، جن ۾ اگربتين جو هڪ ڪوڪو بہ هو. اهو ڪٽي جڏهن وڏي ياءُ جي گهر ويس ۽ اتان حيدرآباد اچڻ لاءِ بس تي وجڻ لڳس تہ وڏي ياءُ مشتاق قريشيءَ کِلندي چيو تہ "هاڻي بس ۾ اهي اگربتيون وڪڻندو وڃجانءِ."

ٽي.ويءَ جو هيءُ دور نهايت عجيب ۽ دلفريب هو. اسٽيج لائٽون، ڀڪندڙ چهرا، شائستہ گفتگو. شيرين پاشا، سلطانہ صديقي، سائره بانو ۽ ڪيترن خوبصورت شخصيتن جون سهڻيون ڳالهيون، دوستاڻو ماحول، اڄ بہ نہ ٿو وسري، ائين لڳندو هو جڻ ٽي.وي منهنجو ٻيو گهر هو. جتي دوستن سان ملاقاتون تہ ٿينديون هيون، پر ادبي ۽ علمي ماحول بہ ميسر ٿيندو هو ۽ حيدرآباد توڙي ڪراچيءَ جي اهم ادبي شخصيتن سان ملاقات بہ ٿي ويندي هئي. تاجل بيوس، مقبول صديقي (جيڪو خادم وطن اخبار ڇڏي هتي اچي ويو هو) قمر شهباز اداڪار وسيم، جنهن منهنجي پهرين ڊرامي شڪست ۾ هيرو جو ڪردار ادا ڪيو هو. سليم ميمڻ، جيڪو ات خبرون پڙهندو هو ۽ رشيد هميراڻي بہ مشهور نيوز ڪاسٽر هو جيڪو رنگ محل فلم جو هيرو هو ۽ منهنجو حيدرآباد کان ئي واقف هو ۽ پوءِ هن جو ياءُ حميد هميراڻي منهنجو نائي ٻڌيو ان وقت هُو بہ ئي ڪراچي ٽي.وي جا نامور سنڌي نيوز ڪاسٽر هئا.

انهن مان ڪيترا دوست هن دنيا ۾ نہ رهيا ۽ ڪي موجود بہ آهن تہ انهن سان ملاقاتون مشڪل سان ٿين ٿيون، پر ٽي.وي اسٽيشن جو اهو جادو اجا تائين ذهن تي نقش آهي.

—

سنڌي ادب سان واسطو تہ ننڍپڻ کان ئي هو جڏهن حيدرآباد ۾ سوسائٽيءَ ۾ قائم هڪ وڏي بڪ اسٽال تان ڪيترائي ٻارن جا ڪتاب وٺي پڙهڻ جي عادت پئي هئي. بلڪ ان کان بہ اڳ جڏهن منهنجو چاچو غلام قادر رات جو لالٽين جي روشنيءَ ۾ ٻارن جون ڪهاڻيون پڙهي ٻڌائيندو هئو. جيڪي امان ۽ منهنجي پڦي يا گهر ۾

آيل ٻيا مٽ مائٽ بہ دلچسپيءَ سان ٻڌاندا هئا. ليڪن ادب سان منهن مقابل 1962ع کان ٿيس، جڏهن کان سنڌي توڙي اردوءَ ۾ افسانا ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيم. اخبار ۾ ڪم ڪرڻ جو بہ موقعو مليو جتي ادبي صفحو بہ سنڀاليم تہ ايڊيٽوريل جي صفحن تي منهنجا ڪالم ۽ اهم مضمونن جا ترجما بہ شايع ٿيندا رهيا. منهنجا پهريان بہ اردو مضمونن جا ترجما ”ادب ۽ بنيادي انساني اقدار“ ۽ ”ادب ۽ مشاهدو“ تہ ڏاڍا مشهور ٿيا. خادم وطن اخبار ۾ ڪئين ايڊيٽوريل لکڻ جو بہ موقعو مليم ۽ سچل آرٽس ڪاليج جي مئگزين ۾ منهنجا سنڌي اردو افسانا ۽ مضمون بہ شايع ٿيا. ان دوران ئي ڪيترن اديبن سان واسطو پيو جن جو ذڪر منهنجي يادگيرين جي ڪتابن ۾ جتي ڪٿي پکڙيو پيو آهي. ليڪن هت آءٌ صرف انهن اديبن جو ذڪر ڪريان ٿو جن منهنجي ادبي ڪم ۾ منهنجي نہ صرف همت افزائي ڪئي بلڪ ڪيترن تحقيقي ڪمن ۾ منهنجو ڀرپور ساٿ ڏنائون، انهن ۾ حميد سنڌي ۽ شمشيرالحيدري، عبدالغفور انصاري، مقبول صديقي ۽ پوءِ تاج جويو سرفهرست آهن. حميد سنڌيءَ منهنجي افسانن کي ”روحَ رهاڻ“ ۾ جاءِ ڏني ۽ منهنجي همت افزائي ڪئي تہ شمشير منهنجي سموري اوائلي لکڻين ۽ ترجمن کي نہ صرف درست ڪيو پر جڻ تہ نئين سر سنواري، سينگاري ڇپجڻ جي قابل بڻايو ۽ منهنجي راءِ جو احترام بہ ڪندو رهيو.

هنن دوستن ۾ تاج جويو منهنجو تمام دير سان دوست ٿيو بلڪ ائين چئجي تہ هن سان منهنجو ويجهو ناتو منهنجي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊين فئڪلٽي آف آرٽس ٿيڻ کان پوءِ ٿيو. انڪري جو اڳ ۾ هُو هڪ سياسي ڪارڪن طور وڌيڪ فعال هو خاص ڪري سائين جي.ايم.سيد سان فڪري ۽ عملي زندگيءَ ۾ ساٿ ڏيندو رهيو جنهنڪري منهنجو ويجهو عزيز چاچا حفيظ قريشي هن کي چڱي طرح سڃاڻندو هو ۽ پنهنجي تقريرن ۾ بہ هن جا حوالا ڏيندو رهندو هو ليڪن منهنجي هن سان ڪا خاص ڏيٺ ويٺ ڪانہ ٿي، ايتريقدر

جو جڏهن مان فئڪلٽي آف آرٽس جو ڊين هوس، هن کي ڪاليج سائيڊ کان سنڌ يونيورسٽيءَ جي فئڪلٽي آف آرٽس جي بورڊ آف فئڪلٽي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو ته مون کي هن جي تقرري سياسي لڳي هئي، انڪري جو هُو ان وقت يونيورسٽيءَ جي مسائل ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺندو هو ۽ جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ ڪو ڏنڌو فساد ٿيندو هو ته هن کي ۽ محمد ابراهيم جوئي کي ان دور جا وائيس چانسيلر مسئلن جي حل لاءِ ڪميٽين ۾ ميمبر ڪري رکندا هئا. تنهنڪري ڪيترا دفعا مون کي به ڪئين غلط فهميون ٿيون ۽ اسان جا ڪي به واسطا نه وڌيا. بلڪ مون کي هر مسئلي ۾ تاج جي ٽنگ اڙائڻ جي عادت پسند نه هئي، ليڪن جڏهن هُو پهريون دفعو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو سيڪريٽري ٿيو ۽ سندس ترتيب ڏنل علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ بابت ڪتاب، "عالمن جو آفتاب" يا ڊاڪٽر بلوچ ۽ جوئي صاحب بابت ترتيب ڏنل ڪتاب ڪٺي خود مون کي ڏيڻ آيو ته مون کي شڪ پيو ته هن ۾ سياست سان گڏ ذاتي تعلقات ناهڻ ۽ نڀائڻ جي قوت به آهي.

نومبر 2005ع کان پوءِ جڏهن آءٌ يونيورسٽيءَ سروس مان رٽائرڊ ٿي چڪو هئس ۽ شعبي ۾ وزٽنگ پروفيسر مقرر ٿيو هوس ۽ اعزازي طور علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جي ڊائريڪٽر جا فرائض سرانجام ڏيڻ لڳس، تڏهن تاج مون کي وڏيڪ ويجهو آيو ۽ "دِي گلوريس پاسٽ" ڪتاب جي لکجڻ کان ڇپجڻ تائين مون کي جيڪا مدد ڪيائين، تنهن مان خبر پئي ته هن ماڻهوءَ ۾ سياست سان گڏ خلوص به آهي، ته ڪم ڪرڻ جي قوت به. هن ان ڪتاب ۾ تبصرو ڪيل ڪيترا ئي ڪتاب مون کي پنهنجي گهران آڻي ڏنا ۽ ڪتاب ڇپائڻ جي هر مرحلي ۾ بانهن ٻيلي ٿي رهيو. اهوئي سبب آهي جو هن جو ٻئي دفعي اٿارٽيءَ جو سيڪريٽري ٿيڻ دوران مون سان هميشه وڏو ساٿ رهيو مون محسوس ڪيو ته هن وٽ دوستيءَ رکڻ لاءِ ڪنهن به شرط جي اهميت ناهي. اهوئي سبب آهي جو هو هر اديب جي ڏکئي

وقت ۾ هن جو ساٿ ڏيندو آهي ۽ اهو ڪونه سوچيندو آهي ته اهو اديب سندس دوست آهي يا دشمن.

مون کي اهو سوچي حيرت ٿيندي آهي ته هُو هڪ ئي وقت ۾ پنهنجو ادبي ڪم به ڪري ٿو ادبي تنظيم سازيءَ ۾ به حصو وٺي ٿو ۽ سنڌ ۾ جتي ڪٿي ادبي محفلن ۾ پهچي ٿو پوءِ چاهي اُهي خيرپور ۾ هجن، چاهي مٺي، بدين، ٺٽي، موري، دادوءَ يا لاڙڪاڻي ۽ وري سڪرنڊ، نوابشاهه، ماتلي يا ٻئي ڪنهن هنڌ. صبح جو ٻڌبو هو ته هو لاڙڪاڻي وينو آهي ۽ رات جو مٺيءَ ۾ صادق فقير جو راڳ پيو ٻڌي. وري پنهنجي نوڪريءَ تي به وقت سِر پهچي وڃي ۽ اديبن، سگهڙن سان گڏ آفيس جي عملي کي به منهن پيو ڏي.

منهنجي ڪتابن جي ڇپائيءَ کان مهورت تائين، هر هنڌ هن جو ساٿ رهيو ته جي.ايم.سيد جي ورسي، شيخ اياز جي ورسي، شاهه، سچل، بيدل ۽ روحل جي ڪانفرنس تي مقالا پيو پڙهي، صبح جو شاهه لطيف يونيورسٽيءَ ۾ مقالو پيو پڙهي ته منجهند جو سنڌ يونيورسٽيءَ جي شيخ اياز هال ۾ موجود. ائين لڳندو آهي ته جڻ کي به چار تاج جويا آهن، جيڪي جتي ڪٿي هر وقت حاضر ناظر آهن. هن وقت به هُو ڀٽ شاهه تي شيخ اياز جي ورسيءَ ۾ تي سگهي ٿو ۽ روهڙيءَ ۾ بيدل جي مزار تي به- هُو حاتم طائي وانگر هر وقت هردم تلاش ۾ رهي ٿو ته ڪڏهن ٿو ڪير ڪيس سڏي، ته جيئن ان جي مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ پهچي وڃي.

–

اسان پنهنجي ننڍپڻ ۾ رولو جانور گهٽ ڏٺا. ايتريقدر جو ڳوٺن ۾ به ڪو جانور بنا ڪنهن هڪلڻ واري جي رستي تي نظر نه ايندو ۽ جي ڪو نظر به ايندو هو ته ان کي وٺي وڃي ڏِڪ ۾ وجهندا هئا. اهو ڏِڪ جڻ رولو جانورن لاءِ جيل جي حيثيت رکندو هو. جتي ڏِڪ منشي وينو هوندو هو ۽ جانور جي مالڪ تي ڏنڊ به وجهندو هو ته جيئن هو پنهنجي جانورن کي ڪنٽرول ۾ رکي ۽ ٻيو ته جانورن جي ڪا

چوري وغيره نہ ٿئي، ليڪن وڏو عرصو ٿيو آهي جو مون ’ڏڪ‘ يا ’ڏڪ منشي‘ جو ذڪر ڪٿي ڪونہ پڙهيو آهي، جڏهن تہ رولو جانور جت ڪٿ نظر ٿا اچن.

جانورن جو ذڪر ٿو ڪجي تہ مون کي اهو بہ ياد آهي تہ هر شهر ۾ جانورن جي پاٽي پيئڻ ۽ چانوري لاءِ بندوبست ڪيل هوندو هو اهي جڳهيون شهرن ۾ ميونسپل ڪميٽيون بہ جوڙائيندي يون هيون ليڪن گهڻو ڪم مخير حضرات ڪندا هئا. خاص طور تي هندو ذات وارا جانورن جي اهڙي سک جو بندوبست ڪندا هئا. هنن کي جانورن، پکين سان گڏ جيتن جو بہ ڏاڍو اونو هوندو هو. مون ڪيترا هندو مُٺ ۾ کنڊ ڪڻي وڻن جي پاڙن ۾ ماڪوڙين لاءِ ڏنا هئا. هنن جي عقيدي موجب انسان مرڻ کان پوءِ ڪنهن جانور يا جيت جي شڪل ۾ بہ پيدا ٿي سگهي ٿو.

—

سنڌي ادبي سنگت جو نالو مون ان وقت کان ٻڌو هو جڏهن آءٌ اچا حيدرآباد ۾ مستقل اچي ڪونہ رهيو هوس ۽ نہ ئي ڪنهن اديب يا شاعر سان ذاتي واقفيت هوندي هئم. صرف ايتري خبر هئم تہ چاچا گل حسن مرزا هڪ اديب ۽ عالم آهي پوءِ اها خبر پئي تہ ادا توسل (ممتاز مرزا) بہ افسانا لکندو آهي ۽ هن جي پڦيءَ جو پٽ مراد علي مرزا، افسانا ۽ مضمون لکندو آهي، هوڏانهن منهنجو وڏو ڀاءُ مشتاق بہ فردوس ۽ فلمي دنيا ۾ افسانا لکندو هو ليڪن مون کي هنن جي انهيءَ پهلوءَ سان ڪا دلچسپي ڪانہ هئي. سنڌي ادبي سنگت جو نالو مون 1956ع ۾ ٻڌو سو انڪري جو اسان جي هڪ عزيز ادا عالم، معصوم هالائيءَ جي نالي سان ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ هن نئون آباد (شهدادپور کان پرتي ميرن جو ڳوٺ) جتي چاچا محمد تقيءَ جون ٻنيون هيون ۽ ڪاٽن جننگ فيڪٽري بہ هوندي هئي ۽ هو اتي ڪم ڪار سنڀاليندو هو هن ئي جهول ۾ ادبي سنگت قائم ڪئي هئي، جتي هُو ادبي ميڙاڪا ڪرائيندو هو. جنهن کان پوءِ اهو بہ معلوم ٿيو تہ

شمشيرالحيدري، محمد عثمان ڏيپلائي، زيب ٻتي، محمود هالائي ۽ ٻيا ڪئين اديب هن جي ڪچهرين ۾ ايندا هئا ۽ هُو ڪين هالا پراٽا به وٺي ايندو هو. جنهن جو هڪ فوٽو مون پنهنجي يادن جي هڪ ڪتاب ۾ ڏنو آهي، جنهن ۾ ڏيپلائي صاحب، شمشير، زيب ٻتي، ادا حاجن، چاچا مريد علي، ادا عالم يعني معصوم هالائي، مقبول ٻتي ۽ ٻيا اديب موجود آهن.

اهڙيءَ طرح ٻهرين منهنجو ادبي سنگت سان تعارف ٿيو ۽ پوءِ ممتاز مرزا جي وڏي ڀاءُ مرزا تجمل جي ڊائريءَ مان خبر پئي ته ان وقت حيدرآباد ۾ ادبي سنگت جون گڏجاڻيون گاڏي کاتي ۾ گرامي صاحب جي گهر تي ٿينديون هيون، جنهن ۾ محمد ابراهيم جويو، مراد علي مرزا، ع.ق شيخ به شريڪ ٿيندا هئا. اهي سنگت جون گڏجاڻيون به رات جو لالٽين جي روشنيءَ ۾ ٿينديون هيون ۽ انهن سنڌي ادب ۽ سنڌي ادبي سٿ ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي، ان جي ڪهاڻي طويل به آهي ته سبق آموز به.

—

1 ـ اپريل 2012ع تي اوچتو مون کي افتخار شيخ جي ياد اچي ورايو جيڪو پنهنجي شاديءَ جي ٻئي ڏينهن گهران نڪري گم ٿي ويو هو ۽ سندس لاش جي خبر موبائيل فون جي رڪارڊ ذريعي ملي هئي. جيڪو سيوهڻ جي مشهور لال باغ ۾ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ پيو هو. اها خبر ٻڌي آءٌ هڪدم سندس جي.او.آر واري گهر پهتو هوس، جتي سندس يونيورسٽيءَ جا دوست (هُو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انسٽيٽيوٽ آف لينگويجز ۾ پرشين جو استاد هو) وائيس چانسيلر محترم مظهرالحق صديقي به اچي پهتا هئا. سڄي ماحول تي سوگواريءَ جي چادر چڙهيل هئي. هر طرف عجيب چوٻول هئا جن جو ذڪر نه مناسب ڪونهي، پر افتخار اهڙو ته صاف دل ۽ محبت ڪرڻ وارو شخص هو جيڪو ڪنهن جي تڪليف کي برداشت نه ڪري سگهندو هو. منهنجي گهر واري هڪ ڏکي بيماري جو شڪار ٿي ته

هن ڪيترا پيرا هن لاءِ رت جو عطيو ڏنو. هميشه اخلاق ۽ عزت سان ملندو هو سندس وڏو ڀاءُ امداد ته منهنجو يونيورسٽيءَ جي دور جو ساٿي هو ليڪن گهڻو اڳ مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ڪري رٽائر ٿيو هو ۽ وفات ڪري چڪو هو. هنن سان خاص رستو اهو به هئو جو منهنجي پٽ طارق جي شادي هنن جي چاچي غلام قادر شيخ جي نياڻيءَ سان ٿيل آهي ۽ ٻيو ته هن جي وڏي ڀيڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سوشل ورڪ ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿي هئي ۽ ساڻس پڻ ياٿپي وارو رستو هو. ماڻهو ته جمندو ۽ مرندو آهي، ليڪن هن قسم جو دکدائڪ موت شل ڪنهن کي نه ملي.

—

بابا جي نوڪريءَ جا وري عجب داستان آهن. هن جو ننڍپڻ کان علم ۽ ادب سان چاهه هئو جيڪو سڄي عمر رهيس. دوستن ۾ محمد اسماعيل عرساڻي، حاجي خان خوجا، قاضي فيض محمد، جسٽس فيروز نانا، حافظ صاحب (E.I)، علي اڪبر ميمڻ (E.I)، عبدالله صاحب (E.I)، سائين غلام حسين بالادي، سائين ڏرمداس ورياڻي، سائين اميرالدين جوڻيجو ۽ ڪيترائي ماڻ وارا عالم، اديب ۽ ان وقت جا مشهور استاد ۽ تعليم کاتي جا ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هئا. انهن مان گهڻا ته هن جا ڪلاس فيلو به هئا ۽ گهڻا وڏي عرصي کان دوست. انهن مان سائين حاجي خان خوجا ۽ سائين محمد اسماعيل عرساڻيءَ جي واتان مون هڪ مشترڪ ڳالهه ٻڌي ته "قاضي محمد لائق ادب ۽ شاعريءَ سان دوستي وارو شخص هو ۽ ناول ۽ تاريخ پڙهڻ جو شوقين. بامبي يونيورسٽيءَ مان بي.اي به ڪيائين. جيڪا انگريزن جي دور ۾ تمام وڏي ڳالهه هوندي هئي. پر همراهه وڃي سرڪاري نوڪريءَ ۾ اڙيو. بقول عرساڻيءَ صاحب هن کي تعليم کاتي ۾ به نوڪري ملي ٿي سگهي، پر سندس خاندان ۾ اڳ به ڪيترا سرڪاري ڪامورا هئا. تنهنڪري وڃي ڪلارڪ ٿيو ۽ پوءِ

خانصاحب يعني مختيارڪار. اسان گھڻوئي سمجھايس تہ بابا تون ڪاموڙڪي نخرن سان ڪونہ هلي سگھندين پر نہ مڙيو.

هنن جي ڳالهہ بلڪل درست هئي. بابا هڪ بهترين آفيسر هوندي بہ، جنهن جا هن کي ڪئين سرٽيفڪيٽ ۽ آفرين ناما مليا، تہ بہ مختيارڪاريءَ مان ترقي ڪري نہ سگھيو نہ ئي ڪو هڪ هنڌ گھڻو وقت رهي سگھيو. تڪڙين بدلين، ڪاتا بدل ٿيڻ ۽ پروموشن نہ ملڻ ڪري هُو وڏو عرصو مختيارڪار رهيو ۽ رٽائر بہ ان ئي حيثيت ۾ ٿيو جڏهن تہ سندس ڪيترائي زبردست ۽ همعصر ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر جي عهدن تي پهتا. جن ۾ عبدالله بلوچ بہ شامل هو تہ سندس زبردست مسٽر محمد چُتل ۽ ٻيا ڪئين ترقي ڪري سندس ڪاتي ۾ سندس ئي مٿان ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ڪليڪٽر ٿيا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ عبدالعليم انصاريءَ جهڙن هن جي ماتحتيءَ ۾ ڪم ڪندڙ آفيسرن سان منهنجي ملاقات ٿي تہ انهن سندس تمام گھڻي تعريف ٿي ڪئي ۽ کي واقعا مون اهڙا بہ ڏنا جن ثابت ٿي ڪيو تہ سخت طبعيت ۽ ايمانداريءَ جي ڪري بظاهر هن سان سنو هلندڙن بہ هن کي وڏو نقصان پهچايو. ليڪن انهن سان گڏ مون سيوهڻ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر محمد شاهہ، جيڪو حيدرآباد جي لونگ پڳت گھٽيءَ جو رهاڪو هو سائين جي.ايم.سيد جي ساٿي يارمحمد شاهہ جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ بابا سان گڏ مختيارڪار بہ رهيو جاتي، سيوهڻ ۾ هن جو ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رهيو ليڪن بابا کي هميشہ خانصاحب ڪري ڪوٺيندو هو چو جو هو پاڻ بي.اي نہ هجڻ ڪري ڪڏهن بہ خانصاحب نہ ٿي سگھيو. اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ڪليڪٽر هئا جيڪي انٽر پاس ڪري، ڪلارڪيءَ مان مختيارڪار ٿيا، جنهن لاءِ هائر جو امتحان پاس ڪرڻ لازمي هوندو هو ۽ شايد اڄ بہ آهي ليڪن هُو سرڪاري نوٽيفيڪيشن ۾ صرف مختيارڪار ڪري لکيا ويندا هئا. جڏهن تہ بابا ۽ ٻين گريجوئيٽ مختيارڪارن جي نالي اڳيان (K.S) يعني خانصاحب لکيل هوندو

هو. هيءُ اهو دور هو جڏهن تعليم ۾ مئترڪ کي وڏي اهميت هوندي هئي. جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ فائنل پاس بہ ماستر، تپيدار، منشي وغيره بڻجي ويندا هئا. ان کان پوءِ ڪاليجي تعليم يعني انٽر (آرٽس ۽ سائنس) کي وڏي اهميت حاصل هئي ۽ انهن امتحانن کان پوءِ ايل.ايل.بي بہ ڪري سگهبي هئي. پر جڏهن تعليم جو معيار ڪجهہ وڌيو تہ ايل.ايل.بي لاءِ بي.اي کي لازمي بڻايو ويو ۽ ڪيترا وڪيل جيڪي ان وقت گريجوئيشن ڪري وڪيل بڻيا. اهي بي.اي. ايل.ايل.بي سڏرائيندا هئا. ليڪن بي.اي بمبئي يونيورسٽيءَ مان ڪرڻي پوندي هئي. جو سنڌ صوبي جو بمبئي سان الحاق ٿيل هو ۽ اهائي يونيورسٽي سنڌ جي بي.اي جا امتحان وٺندي هئي.

بابا سنڌ نيشنل ڊي جي ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهيو هو تنهنڪري امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيو هئائين. پر نوڪري ۾ ڪلارڪ، سيڪنڊ مُنشي خزاني مُنشي ۽ هيڊ منشي کان ٿي مختيارڪاريءَ ۾ پهتو ۽ سنڌ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين مختيارڪار ۽ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ رهيو. جنهن جو ذڪر مون اڳ بہ پنهنجي يادگيرين ۾ ڪيو آهي. پر خاص ڳالهہ اها ڪرڻي اٿم تہ جنهن دور يعني پنهنجي ننڍپڻ واري وقت کان مون ڏٺو هو تہ آفيسر ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو گهران نڪرندا هئا تہ هميشہ مناسب ڪپڙن ۾ هوندا هئا. جيئن تہ وڏو عرصو هن ملڪ تي انگريزن جي حڪومت رهي، تنهنڪري يورپي لباس، يعني پينٽ شرٽ يا فل سوٽ ان دور جو پسنديده لباس هو. ظاهر آهي تہ نيڪ ٽاءِ ۽ ٽوپلو بہ هن ئي دور جي نشاني آهي. مون بابا کي سندس نوجوانيءَ جي تصويرن ۽ پوءِ واري وقت ۾ بہ ڪڏهن بہ فل سوٽ يا پئنٽ شرٽ کانسواءِ ٻيو ڪو لباس گهر کان ٻاهر ويندي پاتل ڪونہ ڏٺو.

—

ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ ڪي ماڻهو سالن جا سال وڃڻ، بلڪ آمهون سامهون رهندا آهن، تڏهن بہ هنن سان ڪو

واسطو نہ رهندو آهي. جڏهن تہ ڪي ماڻهو هڪ دفعو ملڻ جي باوجود هميشہ لاءِ پنهنجي ياد ڇڏي ويندا آهن. اهڙو هڪ شخص جيڪو مون سان صرف هڪ دفعو مليو ۽ اج تقريباً اڌ صدي گذرڻ ڪان پوءِ بہ ياد آهي، اهو هئو مقبول بچاڻي.

مقبول جي نالي سان منهنجا بہ نهايت پيارا دوست ۽ ساٿي هئا، هڪ مقبول صديقي، جيڪو خادم وطن اخبار ۾ جوائنٽ ايڊيٽر هو ۽ مون جيترو وقت اتي سب ايڊيٽري ڪئي، منهنجو باس رهيو ليڪن ڪڏهن بہ مون کي اهو احساس ٿيڻ نہ ڏنائين تہ ڪو آءٌ سندس زيردست آهيان، بلڪ مون سان بلڪل دوستاڻي انداز ۾ ملندو هو ۽ اسين گهڻو ڪري منجهند جي ماني ڪنهن هوٽل، خاص ڪري سيفي هوٽل ۾ کائيندا هئاسين جنهن جو قيمو ڏاڍو مشهور هو ۽ هڪ نہ ٻئي ڏينهن فلمون بہ پيا ڏسندا هئاسين، هو ادب جو شائق هو ۽ جڏهن جوانيءَ ۾ سکر ۾ رهندو هو تہ شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽي توڙي شيام هرنائي، نياز همايوني، شمشيرالحيدري، عبدالڪريم گدائي، ۽ ٻين ڪيترن اديبن جو ذاتي ادبي دوست رهيو ۽ تقاضا نالي هڪ ادبي رسالو بہ ڪڍيائين، جنهن ۾ شيخ اياز جون اوائلي مختصر ڪهاڻيون بہ شايع ٿيون.

اهڙيءَ طرح ٻيو دوست مقبول ڀٽي هو جيڪو هڪ علم دوست اديب ۽ سنڌيءَ جو ليڪچرار بہ هو. هن جي خاص خوبي اها هئي تہ هن سنڌيءَ ۾ شارٽ هينڊ لکڻ سکي ... نو هو ۽ سنڌي ... ب جو، گائيڊون ۽ اخباري مضمون لکندو رهندو هو ۽ جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي پارٽيءَ جي اليڪشن دوران 1969ع ۾ سنڌ جا دورا شروع ڪيا تہ هُو بہ ساڻس گڏ رهيو ۽ اخبارن کي خبرون موڪلڻ جو ڪم ڪندو رهيو. ان کان اڳ ۾ جڏهن هن کي 66-1967ع ۾ نيشنل بڪ فائونڊيشن ۾ نوڪري ملي تہ پاڻ مون کي سچل سائنس ڪاليج وٺي ويو ۽ اتي پنهنجي جڳهہ تي مون کي ليڪچرار جو آرڊر وٺي ڏنائين، جنهن جو ذڪر مون اڳ بہ ڪيو آهي، هاڻي هي ٻئي مقبول هن جهان

۾ ناهن جڏهن تہ ٽيون شخص مقبول بچاڻي، جنهن جو ذڪر ڪرڻو اٿم اهو بہ شايد هن دنيا ۾ ڪونہ رهيو.

هن سان منهنجي ملاقات ڪراچي جي سٽي اسٽيشن تي ٿي هئي، جتي آءٌ سنڌي اديبن، شمشيرالحيدري، ناصر مورائي، اقبال آگرو، نياز همايوني ۽ ٻين سان گڏ ٽرين رستي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ٿيندڙ 'سنڌي سورمن جي شام' ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو هئس.

پروگرام ھيءُ ھئو تہ اتان پھرين امر جليل جي تاج مينشن واري فليٽ ۾ ھلبو، جتي ممتاز مرزا بہ ملندو، جيڪو ان وقت ٽيليويزن ۾ اسڪرپٽ رائيٽر ھو ۽ اين.جي.وي ھاءِ اسڪول جي اسٽاف ڪوارٽر ۾ رھندو ھو، ھيءُ ڪوارٽر اسان جي نھايت پراڻن واقف ڪارن مان ھڪ حميد آخوند جو ھو، جيڪو اتي اڪيلو رھندو ھو ۽ بابا ھن کي چئي ممتاز مرزا کي بہ رھڻ لاءِ ڪمرو ڏياريو ھو. حميد آخوند حيدرآباد جي فقير جي پِڙ واري شيراڻي آخوندن مان ھو. بھرحال اتي ھڪ شاندار شخصيت وارو ھمراھہ ويسپا اسڪوٽر تي آيو ھو، جنھن مون کي ڏسي خوشيءَ جو اظھار ڪيو ۽ چيائين تہ ٻيا ڀلي ٽيڪسي يا ٽرام ۾ اوڏانھن وڃن ۽ آءٌ ساڻس گڏ اسڪوٽر تي ھلان. پوءِ مون کي خبر پئي تہ ھن جو نالو مقبول احمد بچاڻي ھو. ٽنڊي الھيار جي بچاڻين مان ھو ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪنھن بينڪ ۾ آفيسر ھو، جتان آخر بينڪاڪ ۾ ايشين ڊيولپمينٽ بينڪ ۾ وڏو عھدو ماڻيائين، حالانڪ ھن جو ھڪ عزيز اختر بچاڻي منھنجو [illegible]گرد ۽ دوست [illegible]و، جيڪو بعد ۾ [illegible]بيب بئنڪ ۾ نائب صدر جي عھدي تائين پھتو پر جوانيءَ ۾ ئي زندگيءَ جي جنگ ھارائي ويو ۽ سندس ٻيو عزيز فضل احمد بچاڻي سنڌيءَ جو وڏو اديب ھو جنھن نہ صرف رائيڊر ھيگرڊ جي ناول 'شي' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ھو پر "اڳي ائين ھياس" نالي سان ٻن حصن ۾ پنھنجي نھايت دلچسپ آتم ڪھاڻي بہ لکيائين، ھُو بہ ھاڻ ھن جھان ۾ ناھي. مقبول بچاڻي منھنجي ڪھاڻين بابت تعريفي ڳالھيون ڪندو رھيو ۽ مون کي ھلي

تاج مينشن پهچايائين. هُو وري نہ مليو ليڪن هن جو ذڪر اختر بچاڻيءَ وٽ ضرور ٿيندو هو.

—

اسان جي ننڍپڻ ۾ جادوئي ۽ تاريخي فلمن جو وڏو زور هو. علي بابا 40 چور ڪان ٿيف آف بغداد، سندباد جا سفر، الف ليلہ جون ڪيتريون ڪهاڻيون حاتم طائي، حاتم طائي ڪا بيٽا، الہ دين جو جادوئي چراغ، جل پري، نيلم پري، حورِ عرب، گل بڪاولي، آب حيات، ساقي ۽ اهڙن موضوعن تي ڪيتريون دلچسپ اردو ۽ انگريزي فلمون نهيون، جن جو هميشہ انتظار رهندو هو. مونکي ياد آهي تہ 1959 ۾ جڏهن مون نور محمد هاءِ اسڪول ۾ 5 درجي ۾ داخلا ورتي هئي تہ 7th Voyage of Sindbad (سندباد جو ستون سفر) فلم جو بورڊ نور محمد هاءِ اسڪول جي بلڪل سامهون هڪ بجليءَ جي ٿنڀي تي ٽنگيل نظر ايندو هو ۽ جڏهن اها فلم آئي تہ فردوس سئنيما ۾ مون اها فلم پهرين شو ۾ ڏٺي ۽ ڪئين دفعا ڏٺم. هن وقت بہ اها فلم مون وٽ سي ڊي تي بہ موجود آهي ۽ يو ٽيوب تي بہ هر وقت ڏسي سگهجي ٿي.

ان ئي دور ۾ ٽارزن، ڪئپٽن امريڪا، ڪئپٽن مارول (هن فلم تہ سيني فلمن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا) جهڙيون سيريل فلمون بہ قيصر، ڪئپيٽل، نور محل، نشاط، فردوس ۾ لڳنديون هيون ۽ آءُ پنهنجن سؤٽن ماساتن سميت جن ۾ مرزا ظفر، مرزا نجمل الحسن، آفتاب قاضي ۽ ٻيا شامل هوندا هئا، انهن سان گڏ ڏسندو هوس.

هنن فلمن ۾ هڪ عجيب رومانس هو هڪ عجيب دلچسپ ۽ رنگين فضا هئي (حالانڪ انگريزي فلمون تہ ڪي ڪي رنگين بہ هونديون هيون، باقي اردو فلمون سڀ بليڪ اينڊ وائيٽ هونديون هيون.)

مون اڳ بہ ذڪر ڪيو آهي تہ 14 آگسٽ 1954ع تي مون، ميرپورخاص ۾ اسڪول طرفان هڪ رنگين جل پرين واري روسي فلم سيڊڪو (Sedco) ڏٺي هئي جنهن جي جل پريءَ جو جادو تمام وڏو وقت منهنجي ذهن تي رهيو.

هنن جادوئي ۽ تاريخي فلمن ۾ بہ هڪ اخلاقي سبق سمايل هوندو هو. انهن ۾ هميشہ بدمعاش ۽ ڪني فطرت جا انسان توڙي جن ۽ پريون آخر ۾ ذليل ۽ خوار ٿيندا هئا. هيرو جيڪو چڱين خوبين وارو هوندو هو اهو پنهنجي ڪوشش ۽ صاف نيت جي ڪري ڪڏهن پاڻ تہ ڪڏهن ڪنهن بزرگ، يا نيڪ پري ۽ جن جي مدد سان پنهنجو مقصد حاصل ڪري وٺندو هو.

هيرو ڇئبو ئي چڱا ڪم ڪرڻ واري ڪي هو. برا ڪم ڪندڙ ڪي ولين ڪري ڪوٺيندا هئا. معاشري ڪي سڌارڻ لاءِ نيڪ ڪردارن جي ڪهاڻين ڪي پيش ڪيو ويندو هو. اجا نگيٽو رول ۾ هيرو ڪم نہ ڪندا هئا. ايتري قدر جو دليپ ڪمار جهڙي اداڪار کان بہ هڪ سٺي فلم "امر" ۾ نگيٽو رول ڪرائي، هن جو مان خطري ۾ وجهي ڇڏيائون. حالانڪہ ڪهاڻيءَ موجب هو پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پڇتائي ٿو پر ان وقت جي فلم ڏسندڙن ڪي اهو رول اصل پسند ڪونہ آيو. ڇو جو ان وقت اهو تاثر عام هوندو هو تہ نيڪ انسان، بدين سان وڙهڻ ۽ چڱائي جو ساٿ ڏيڻ لاءِ پيدا ٿيا آهن ۽ نيڪ انسان جو ڪابہ قوت وار ونگو ڪري نہ ٿي سگهي. بهرحال هاڻ جادوءَ جي جڳهہ تي سائنسي فلمن جي پرمار آهي.دنيا ڪي تباهہ ڪرڻ جون تياريون ڪندڙ قوتون ٿيون ڏيکاريون وڃن.

هندستان ۾ جتي فلم انڊسٽري اجا بہ پنهنجي عروج تي آهي، اتي بہ نگيٽو ڪردار، عاميانہ ڊائلاگ ۽ برصغير جي ڪلچر جي ابتڙ بيحد اعتراض جوڳا لباس پائي گانا ۽ ناچ فلمائڻ جو رواج وڌي ويو آهي.

پاڪستان ۾ تہ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ فلمون ٿيون ٺهن، ان ڪري جو هت فلم انڊسٽريءَ ڏانهن ڪنهن جو بہ توجہ نہ رهيو آهي، ڪنهن اهو نہ سوچيو آهي تہ فلم انهن ماڻهن ڪي بہ سماجي براين کان واقف ڪري ڇڏيندي هئي جيڪي ڪتاب پڙهي نہ ٿا سگهن.

—

پنهنجو ياءُ سمجهندي هئي بلڪ اج بہ هن سان اهي ئي پيار جا ناتا آهن. مون هن کي صوفا واري پاسي ٽيبل تي ننڍي ٽي وي ۽ وي سي آر تي هڪ فلم هلائي ڏني، جنهن جو اداڪار تہ سنجيو ڪمار هو پر هاڻ فلم جو نالو نہ ٿو ياد اچي، نهايت بور فلم هوندي بہ اسان اها فلم ڏٺي ۽ پوءِ شام جو منهنجو پٽ عامر هن کي سندس گهر ڇڏي آيو. ان ڏينهن مون ڏٺو تہ اڻ اڌ وراڻدي واري، ڇپريءَ سان ڍڪيل ڪمرو ڪيئن نہ ڪم آيو ۽ محسوس ڪيم تہ هاڻ هي گهر ننڍو ٿي ويو آهي، پوءِ تہ ان ۾ وڏي آلٽريشن ٿي. مٿي بہ بہ گهر ٺهي ويا. اڳڻ ختم ڪري بہ ننڍا ڪمرا بہ ٺهي ويا. ليڪن نہ بابا هيو نہ امان، تنهن ڪري وڏو ڪمرو هميشہ اداس لڳندو هو. ۽ اسين بہ پنهنجن ننڍن ڪمرن تائين محدود ٿي وياسين.

-

اسان جي خانداني يا چئجي تہ موروثي زمين پراڻن هالن ۾ بہ هئي سڪرنڊ جي ڳوٺ مجيد ڪيريو ۽ ان کان اڳتي محراب پور ۾ بہ هئي، جتي حسن بخش شاهہ جو وڏو دبدبو هو. اتفاق سان حيدرآباد ۾ الهداد چنڊ جي ڳوٺ ۾ بابا جيڪو گهر قاضي عابد مرحوم کان ورتو هو. ان جو بہ اصلي مالڪ حسن بخش شاهہ هو. اها خبر تڏهن پئي جڏهن بابا، قاضي عابد صاحب کي زمين جا کاتا بدلائي ڏيڻ لاءِ چيو. جنهن تي قاضي صاحب چيو تہ هو تہ نہ ٿا بدلائي سگهن ڇو جو هڪ تہ مٿن ٽيڪس ۽ سرڪاري رهتون رهيل هيون ۽ ٻيو تہ اصلي مالڪ سيد حسن بخش شاهہ محراب پور وارو هو بهرحال قاضي صاحب چاچا حفيظ کي ساڻ ڪري، هڪ ڪرائي جي شيورليٽ ڪار ۾ محراب پور ويو ۽ شاهہ صاحب کان صحيح وٺي آيو. ڪهڙا انسان هئا. ڪهڙي ديس جا هئا. ڪهڙو اخلاق هئن ۽ ان ڪري جو بقول چاچا حفيظ جي قاضي عابد بابا سان اٽروانس رکندو هو جو هن کي انڪار نہ ڪري سگهيو ۽ پاڻ هلي وڃي ڪاغذ صحيح ڪرائي آيو.

محراب پور واري ٻني گهڻو وقت اسان وٽ رهي. اها ان وقت بابا، چاچا وڏي ماستر محمد حيات ۽ چاچا مريد عليءَ جي ماستري جي ڪري

هلي نہ پئي سگهي تنهن ڪري پنجابي سيٽلر چوڌري عيد محمد کي مقاطعي تي ڏنل هئي جيڪو جڏهن بہ چئبو هوس، اڳواٽ بہ پئسا ڏياري موڪليندو هو ۽ 1960 کان پوءِ جڏهن بابا رٽائر ٿيو ۽ گهر ۾ پئسي جي تنگي ٿي تہ اها بني، عيد محمد کي ئي وڪڻي ڇڏيائين جنهن جا پئسا هو وهاڻي جي چوَ ۾ وجهي کڻي آيو هو ۽ بابا کي نهايت احترام ۽ ڏک وچان چوندو رهيو تہ سائين بني نہ وڪڻو آءُ توهان کي ڏهن سالن جو مقاطعو بہ اڳواٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. پر بابا ڪن عزيزن جي چوڻ ۾ اچي اها بني وڪڻي ڇڏي، جڏهن تہ اسان جي ٻئي عزيز چاچا فتح الله اتي ئي پنهنجي بني سنيالي ۽ وڏائي بہ ۽ سڪرنڊ شهر ۾ اوطاق بہ ٺهرايائين، جنهن ۾ اسين 1967 ۾ جڏهن پريس تي ڇاپي لڳڻ سبب مفرور هئاسين تہ هڪ ڏينهن گذاريو هئوسين. اتي عيد محمد بہ ڳڙ ۽ ڪڻڪ وغير کڻي بابا سان ملڻ آيو ۽ ائين اسان سڪرنڊ سان ناتو نہ ٽوڙيو. جتي بابا هيڊ منشي بہ رهي چڪو هو. البتہ چاچا فتح الله جي وفات کان پوءِ چاچا حفيظ ۽ سندس پٽ ان زمين کي سنيالڻ لڳا ۽ هاڻ تہ هن جا بہ صرف ٻہ پٽ وڃي بچيا آهن. ٻين جو اولاد آهي، جيڪي پنهنجي حصي ٻنيءَ کي ڀيا سنيالين. ان کانسواءِ هالا پراڻا ۾ بہ اسان جي ڪافي موروثي زمين آهي، جنهن تي هنن جو ئي قبضو آهي ليڪن جيئن تہ اها پنجن پنجن، ڏهن ڏهن ايڪڙن ۾ ٽتر بتر حالت ۾ هئي، تنهنڪري اسين سنيالي نہ سگهياسين.

ان کانسواءِ منهنجي وڏي ڏاڏي خانبهادر محمد لائق قريشي، جيڪو ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي دوران ئي وفات ڪري ويو ۽ پنيان هڪ صغير پٽ ڏاڏا عبدالقوي ۽ بہ پينر ڇڏيائين جن تي حڪومت طرفان 475 ايڪڙ ٻني، نوابشاهہ کان اٽڪل ست ميل اوريان سڪرنڊ طرف، ديهہ داد ۾ ملي. جنهن کي پهرين تہ ڏاڏا جو سوٽ قاضي شفيع محمد سنياليندو هو پر پوءِ وڏو ٿي ڏاڏا اتي ڳوٺ قاضي محمد لائق ٻڌايو ۽ ٻنيءَ کي بہ سنيالڻ لڳو. ان وقت هن جو شمار نوابشاهہ جي وڏن زميندارن ۾ ٿيندو هو جنهن جو تفصيل سيد غلام شاهہ اسان کي 1967 ۾ سندس ديهہ پورا-7 واري

وسيع اوطاق ۾ رهڻ جي دوران ٻڌايو هو. جتي پڻ اسين 15 ڏينهن رهيا هئاسين. بهرحال اها ٻني ڏاڏا ڪوآپريٽو بئنڪ کان ڪنيل پنج هزار روپيہ قرض واپس ڪرڻ لاءِ هڪ واٽئي کي ڪچو وڪرو لکي ڏني ليڪن پاڪستان ٺهي ويو ۽ اها ٻني ڪليم ۾ اچي وئي. ان جا اصل دستاويز اڃا بہ مون وٽ موجود آهن. جنهن وقت يعني 35_1934 جو ذڪر پيو ڪريان ان وقت اڃا پاٽي ڪيترن علائقن ۾ ڪونہ پهتو هو. تنهنڪري گهڻيون ٻنيون غير آباد هونديون هيون. تڏهن بہ ڏاڏا ٻنيءَ کي سنڀاليندو رهيو ۽ جڏهن بابا روينيو ۾ نوڪري کي لڳو تہ ڪڏهن ڪڏهن ٻج بہ هو پنهنجي پگهار مان وٺي ڏاڏا کي اماڻيندو هو ۽ گذر سفر سنو پيو ٿيندو هو. جڏهن تہ هاڻ اسان وٽ تہ ٻني جو اهو منو ايڪڙ بہ نہ رهيو آهي، جيڪو اسان جي وڏي اوطاق سان لاڳو هو باقي هالن پراڻن ۾ سڏبا اڃا بہ رئيس آهيون.

—

مارشل لا جو لفظ هميشہ کان هڪ دهشت جو نشان رهيو. پوءِ بادشاهت يا جمهوريت پلي انهن کان ڪيتري بہ خراب ڇو نہ هجي ليڪن اسان جي گهر ۾، خاص ڪري چاچا غلام قادر کان حُرن جي مارشل لا واري دور جون ڳالهيون ٻڌندو هوس، جيڪا انگريزن پير پاڳاري کي حيدرآباد جيل ۾ ڦاسي ڏيڻ واري وقت لڳائي هئي ۽ لکين مسڪين حُرن کي دربدر ڪري، لوڙهن ۾ بند ڪري ڇڏيو هئائون. انهن جون ڳالهيون ئي دهشت زده ڪرڻ لاءِ ڪافي هونديون هيون. بابا حُر موومينٽ وقت، کپري ۽ سانگهڙ ۾ مختيارڪار بہ ٿي رهيو ۽ امان ٻڌائيندي هئي تہ ڪيئن گهر ۾ بہ دوناليون بندوقون ڪارتوسن سان ڀري رکبيون هيون. اهو واقعو مون اڳ ۾ بہ لکيو آهي تہ سانگهڙ ۾ ڪيئن منهنجو نانو جيڪو ڪڏهن ڪڏهن بابا جن وٽ اچي رهندو هو ڀريل دونالي ڪنيو پئي آيو جتي سامهون وڏي آرام ڪرسيءَ تي امان مونکي هنج ۾ ڪنيو ويٺي هئي ۽ دونالي جي گولي ڇٽي وئي، معجزانہ طور آءُ ۽ امان تہ محفوظ رهياسين پر ڪرسيءَ جي پوئين حصي ۾ گوليءَ جو نشان اسان پاڻ ڏٺو پوءِ

حيدرآباد آياسين تہ گهر نندو هو ۽ انهن وڏين ڪرسين جي جاءِ ڪانہ هئي تہ اها تاريخي ڪرسي بہ هلي وئي.

انهيءَ کان پوءِ وري پنجاب ۾ خاص طور لاهور ۾ جنرل اعظم خان مولانا مودودي جي سزا خلاف هلندڙ سخت پرتشدد تحريڪ جي ڪري مارشل لا لڳائي هئي، ليڪن آڪٽوبر 1958 ۾ ايوب خان جي لڳايل مارشل لا سيني کان مختلف هئي. ان وقت بابا چاچري جو ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو ۽ اسان کي مارشل لا جي خبر ئي نہ پئي، ڇوجو اسان جي ريڊئي جي بيٽري ختم ٿي وئي هئي. اهو تہ هڪ ايڪسائيز انسپيڪٽر جيڪو ان ڏينهن حيدرآباد ۾ هو، تنهن اچي ٻڌايو تہ مارشل لا لڳي وئي آهي. مٿان وري شهرن ۾ فوجي اچي ڪڙڪيا، جنهن جو مون اڳ بہ تفصيل سان لکيو آهي پر ان ايڪسائيز انسپيڪٽر شاهہ صاحب جيڪي ڳالهيون ٻڌايون سي واقعي حيرت انگيز ۽ خوف ڏيارڻ واريون هيون. هن ٻڌايو تہ مارشل لا جو اعلان ٿيندي ئي شهر ۾ حراس ڇانئجي ويو. جن بہ دڪانن تي خراب ڪاڏو مصالحو يا ڪير ۽ گيهہ وغيره هئا، اهو ماڻهن رات وچ ۾ دڪانن کان ڪڍي رستي تي نالين ۾ اڇلائي ڇڏيو سڄو شهر جڻ تہ خوف ۾ مبتلا ٿي ويو. پوءِ خبر پئي تہ اهو حال سڄي ملڪ سان ٿي ويو هو. ڪيترن زخيره اندوزن لڪل اناج ۽ سامان ڪڍي ٻاهر ڪيو ۽ هن گند ۽ ملاوٽ کان بيزار ماڻهن سمجهيو تہ ڪو ملڪ جي سياسي گند مان جان ڇڏائڻ جو وارو اچي ويو آهي. ٻئي طرف اخبارن ۾ ۽ سئنيمائن ۾ ايوب خان جي مردانہ وجاهت واريون تصويرون ۽ سندس نيڪ سيرت جا قصا مشهور ٿيڻ لڳا. انهن ئي نيڪين سان هن جا وڏا ڪم، اسڪولن مان سنڌي ٻولي ختم ڪرڻ ۽ ون يونٽ ذريعي ملڪ جي مضبوط صوبن جا تاريخي نالا ئي ميساري ڇڏڻ جو ڪم بہ شامل هو پر ڪرپشن جو سڄو ڏوهہ وري مختيارڪارن تي پيو ۽ 1200 مختيارڪار هڪ ڌڪ ۾ زوري پينشن تي لاٿا ويا، جيڪي جڻ تہ ساموندي طوفان ۾ هلندي ٻيڙين مان لاهي ڦٽا ڪيا ويا. ان کانپوءِ تہ وڏا قصا آهن، جن ۾ سياستدانن جون نادانيون، بي ايمانيون توڙي سرڪاري آفيسرن جو

سندرو ٻڏي حڪومت ڪرڻ ۽ ٺاهه ٺوهه ۾ پورڻ ۽ هندستان سان 1965 ۾ جنگ لڳڻ ۽ ڪئين اهم واقعا آهن جيڪي تاريخن ۾ درج آهن ۽ ايوب جي زوال تائين ملڪ ۾ خوف ۽ حراس، پوليس ۽ ٻين ايجنسين جون ڏاڍايون، سنڌ جي زمين کي ٻي درديءَ سان غيرن جي حوالي ڪرڻ به شامل آهي، ليڪن انهن حرڪتن وڏڻ جي ڪري ماڻهن جي دلين مان ايوب خان جو خوف ختم ٿي ويو. حالانڪ هن جي ساک بچائڻ لاءِ الطاف گوهر ۽ سندس ٽيم وڏي محنت سان هن جي ڏهه ساله حڪومت جي ڪاميابين جا ڏونڪا به وڄايا. 20 Years of Pakistan جهڙا ڪتاب به ڇاپيا ويا بلڪ خود ايوب خان جي آتم ڪهاڻي Friends not Masters به ڏام ڏوم سان شايع ٿي ۽ ملڪ جي هر ڪنڊ، هر لائبريري ۽ سرڪاري آفيسن ۾ ان جا ڍير لڳايا ويا. جيڪي هن جي زوال کان پوءِ سيرن جي حساب سان حلواين ۽ پڪوڙاين خريد ڪيا. تڏهن به ڪراچيءَ جي صدر ۾ ڪيفي ٽيريا جي سامهون سڄي فٽ پاٿ مون هن ڪتاب سان پريل ڏٺي. حالانڪ ڪتاب پڙهڻ جهڙو هو ۽ پرويز مشرف جي ”ان دِي لائين آف فائر“ (In the Line of Fire) کان ته گهڻو بهتر هو.

ايوب خان جي دور ۾ بنيادي جمهوريت جي نالي ۾ جمهوريت سان جيڪو مذاق ڪيو ويو ۽ مغربي ۽ مشرقي پاڪستان ۾ جيڪا نفرت وڌائي وئي، جنهن جا فصل يحيٰ خان اچي لڻيا ۽ سڀ هن جي ئي ڪچيءَ ۾ پيا. تنهن جا داستان به لکجي ويا آهن ليڪن ايوب خان واري دور جي دهشت وري نه ڏٺي سون. ان ڪري جو اسان خود ان جو شڪار ٿياسون. هڪ بيهودي پمفليٽ جي ڇپائيءَ جي ڏوهه ۾ حيدرآباد جي پوليس اسان سان جيڪو رويو اختيار ڪيو، اهو ڪڏهن نه وسرندو. هاڻ ته ان خوفناڪ ڊرامي جا وڏا اداڪار هن دنيا ۾ نه رهيا آهن، ليڪن ان وقت ائين ٿي لڳو جڻ هنن کان ڪڏهن جان ڪانه ڇٽندي پر ان جو هڪ فائدو اهو ضرور ٿيو ته آءُ نوابشاهه، سڪرنڊ، ڳوٺ مجيد ڪيريو نوابشاهه ۾ ديهه پورا- 7 ۾ ڪئين اونداهيون ۽ چانڊوڪيون راتيون گذاري آيس سو به بابا سان گڏ. بلڪ ديهه پورا ۾ ته منهنجو پيٽويو آفتاب

قاضي بہ مون سان گڏ هئو. تنهن ڪري روپوشي بہ تفريح ۾ بدلجي وئي هئي ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ مون ڪراچيءَ ۾ شمشير سان گڏ ڪئين راتيون روما شبانہ ۾ زنده ناچ گانا ڏسندي تہ ڪئين شامون دادا مشتاق سان هل پارڪ تي ڪچهريون ڪندي گذاريون ۽ وڏي ڳالهہ تہ نوابشاهہ ۾ امداد محمد شاهہ جي گهر ۾ ترسڻ دوران قاضي فيض محمد جهڙي عظيم انسان سان بہ ملاقات ٿي جيڪو بابا جو هم ڪلاسي هو ۽ حاجي خوجا صاحب جي DLB هاءِ اسڪول جو گل گلزار باغيچو بہ ڏسي سگهيس.

هر ڳالهہ جا ڪي فائدا بہ آهن تہ ڪي نقصان بہ. ان سڀني دور ۾ بيشڪ مون وڏو عذاب ڪاٽيو پر وڏو تجربو حاصل ٿي ويم.

—

علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي جيون ڪهاڻي ۾ جسٽس (رٽائرڊ) مشتاق علي قاضي، هن عالم لاءِ تمام گهڻي معلومات گڏ ڪري ڏني آهي، جيڪا هن جي عام بايوگرافرن يا تہ ان ڄاڻائي جي ڪري يا ڪنهن ٻئي سبب کان نہ لکي آهي، جسٽس مشتاق قاضي لکي ٿو تہ "ڪيترن ئي سنجيده سوچ رکندڙ شاگردن هفتي ۾ هڪ دفعو علامہ صاحب جي گهر ۾ گڏ ٿيڻ شروع ڪيو جتي هو علامہ صاحب کان اسلام جي باري ۾ ڳالهيون ٻڌندا هئا جيڪي پوءِ هنن هڪ انگريزي ماهوار مئگزين "The Muslim Student" ۾ شايع ڪرڻ جو اهتمام بہ ڪيو. هن مئگزين جو ايڊيٽر مسٽر حمزه خان قريشي هوندو هو. جيڪو بعد ۾ مسٽر جسٽس حمزه خان قريشي بڻيو ۽ هڪ نهايت ايماندار جج جي حيثيت سان مشهور هو. ليڪن آءُ هن کي جسٽس کان وڌيڪ پنهنجو بزرگ سمجهندو هوس. هو نهايت اعليٰ ظرف جو انسان هو. 1967 ۾ جڏهن منهنجي هن جي پٽ مسعود سان ملاقات ٿي، تڏهن هو لاڙڪاڻي ۾ سيشن جج هو. جڏهن بابا کي هن جي باري ۾ ٻڌايم تہ چيائين، "حمزو خان ڏاڍو خوش مزاج ۽ ايماندار جج آهي." بابا هن سان ڪافي پراڻي وقت کان واقف هو ۽ جيئن بابا نور محمد هاءِ اسڪول جي استادن سائين ڏرم داس ورياڻيءَ جو ڪلاس فيلو ۽ دوست هو. تيئن چاچا حمزو خان وري سائين غلام حسين

بالاديءَ ۽ حاجي خان خوجا، جيڪو بابا جو ڪلاس فيلو هو. جن جو دوست هو جنهن جو ذڪر مون اڳي ڪيو آهي تہ ڪيئن خوجا صاحب ۽ ۽ چاچو حمزو خان بالادي صاحب جي آفيس ۾ ويٺا هئا ۽ آءُ ۽ مسعود قريشي، نور محمد هاءِ اسڪول ۾ ايل سي ايس جي امتحان جو پيپر ڏيئي نڪتاسين تہ پٽيوالي اچي چيو تہ توهان کي بالادي صاحب سڏي پيو. اتي وياسين تہ بالادي صاحب وٽ چاچا حمزو خان ۽ محترم حاجي خوجا صاحب ويٺا هئا. هن مون سان ملندي ئي چيو "پڙهين ڪيئن آهي؟" مون جواب تہ ڏنو پر سوچيم تہ هن کي پڪ چاچا حمزي خان ٻڌايو هوندو ورنہ هن سان منهنجي اڳ تہ ڪا ملاقات ڪانہ هئي. بهرحال اتان تہ هليا آياسين پر شام جو آءُ مسعود وٽ سندن گهر ويس تہ چاچا سان بہ ملاقات ٿي. ان وقت هو حيدرآباد جو سيشن جج هو ۽ سيشن جج واري بنگلي ۾ رهندو هو. مون کانئن پڇيو تہ "چاچا، خوجا صاحب کي توهان ٻڌايو هو تہ آءُ ڪنهن جو پٽ آهيان؟" جنهن تي هن جواب ڏنو "مون تہ توهان کي ڏنو ئي ڪونہ هو هن ئي ڏنو هو ۽ هن ئي چيو تہ تنهنجي پٽ سان گڏ هي محمد لائق جو پٽ آهي ڇا؟ پوءِ چيائين تہ "هن جي هلڻ جو انداز بلڪل پيءُ جهڙو آهي." هيءَ هئي ان دور جي انسانن جي مردم شناسي.

حمزو خان جڏهن جسٽس بنجي ويو ۽ ڪراچيءَ وڃي رهيو تہ اتي بہ هن بالادي صاحب ۽ خوجا صاحب سان پنهنجو تعلق قائم رکيو ۽ اهو ثابت ڪيو تہ جن عظيم انسانن کي ماستر چئي گهٽ سمجهيو ٿو وڃي، اهي ئي دوستيءَ جي قابل آهن.

چاچي حمزي خان نهايت پرپرو زندگي گذاري، نالو بہ ڪمايائين تہ عزت بہ. سنو شاگرد هو خاڪسار تحريڪ جو جان نثار ۽ ايماندار جج جي حيثيت ۾ هو هڪ نئون باب لکي ويو جنهن تي تمام گهڻو لکڻ جي ضرورت آهي.

—

انگريزن جو دور جيڪو 1843 ۾ شروع ٿيو ان وقت سول بيوروڪريسي صوبي جي ڪمشنر سان شروع ٿيندي هئي، پوءِ هر ضلع

لاءِ ڪليڪٽر مقرر ٿيندو هو ۽ ضلعن کي پڪيڙ ۽ آباديءَ جي بنياد تي ٻن يا وڌيڪ سب ڊويزنن ۾ ورهائي، اتي ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ڪيا ويندا هئا ۽ سب ڊويزن کي ساڳي طرح وري تعلقن ۾ ورهايو ويندو هو جتي مختيارڪار مقرر ڪيا ويندا هئا. جيڪي هڪ طرح سان روينيو ۽ مئجسٽريٽ جا پاور رکندا هئا ۽ ڍلون اوڳاڙڻ توڙي معافيون ڏيڻ سان گڏ تعلقي جي لا اينڊ آرڊر جو بہ انتظام ڪندا هئا. جنهن جي مدد لاءِ پوليس مقرر هوندي هئي جنهن ۾ وري سپاهي، جمعدار، سب انسپيڪٽر، انسپيڪٽر، ڊي ايس پي ۽ ايس پي پوءِ ڊي آءِ جي ۽ آءِ جي ساڳئي پيٽرن تي مقرر هوندا هئا. اهي چورن ڌاڙيلن سان مقابلو ڪرڻ کان وٺي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ سول بيوروڪريسيءَ جو ساٿ ڏيندا هئا ۽ مئجسٽريٽ جي حڪمن تي عمل ڪندا هئا.

مختيارڪار جي عملي ۾ هڪ طرف هيڊ منشي، خزاني منشي، سيڪنڊ منشي وغيره تہ ٻئي طرف سپروائيزنگ تپيدار، تپيدار ۽ ڪوتار هوندا هئا جيڪي پنهنجي پنهنجي تپي ۾ زمينن جي روينيو جي اوڳاڙي بہ ڪندا هئا تہ آباد ۽ غير آباد زمين جو رڪارڊ بہ رکندا هئا تہ جيئن غير آباد زمين تي ڍل ۾ معافي ڏئي سگهجي ۽ آباد زمين کي ضرورت آهر تقاوي قرض بہ ڏجي ۽ وقت تي ڍل بہ وصول ڪجي. ان طرح تپيدارن وٽ زميندار پيا حاضريون ڀريندا هئا ۽ جي ڪي وڏا پئسي وارا زميندار هوندا هئا تہ تپيدار هنن وٽ پيا حاضريون ڀريندا هئا ۽ اٽڪل سٽڪل سان ڪن کي فائدو تہ ڪن کي نقصان ڏئي پئسا پيا ڦريندا هئا. جيڪي هو پنهنجي ڪنهن خاص تپيدار کي مُکي بنائي ڏيندا هئا تہ جيئن ورهاست مٿي تائين ٿي سگهي.

بابا نهايت محنتي ۽ اعليٰ تعليم يافتہ (ان وقت بي اي هڪ اعليٰ ڊگري هوندي هئي ۽ بي اي ڪيل مختيارڪار کي خانصاحب جو لقب مليل هوندو هو). بابا تپيدارن جي ان سلسلي کي، جتي بہ مختيارڪار رهيو بند ڪرائي ڇڏيو جنهن ڪري رشوت جي ندي سڪي وئي ۽ مٿين آفيسرن کي اهڙي تہ اچ ورايو جو هنن بابا کي هڪ اڌ هنڌ کان سواءِ

ڪٽي بہ بہ چار مهينن کان مٿي رهڻ نہ ڏنو. مختيارڪار کي پنجاب صوبي ۾ تحصيلدار ۽ هيڊ منشي کي نائب تحصيلدار تہ تپيدار کي پٽواري چيو ويندو هو ليڪن نظام ساڳيو هو.

مون هن سلسلي ۾ هڪ ڪمشنر جي باري ۾ اڳ ئي لکيو آهي تہ هن سيوهڻ جو دورو ڪرڻ وقت تپيدارن سان جدا ملاقات ڪرڻ جو حڪم ڪيو هو جيڪو بابا نہ مڃيو ۽ ان وقت جي هڪ ٻئي نهايت ايماندار بنگالي ڪليڪٽر مسيح الزمان سي ايس پي بہ بابا جو ساٿ ڏنو. تنهنڪري اها ملاقات نہ ٿي سگهي. ليڪن بابا کي سيوهڻ مان بدلي روڪائڻ ۾ هن کي بہ ڪاميابي ڪانہ ٿي. حيراني ان ڳالهہ جي آهي تہ بابا کي هر هنڌ سندس ڪارڪردگيءَ تي سرڪار طرفان آفرينناما، ليٽرس آف ايپريسيئيشن، تحفن ۾ ويسٽ اينڊ واچون ۽ پارڪر جون سوني نب واريون انڊيپينون ملنديون رهيون (جن جو ڪافي رڪارڊ مون اڳي وارن يادگيرين جي ڪتابن ۾ لکيو آهي) ليڪن هو مختيارڪار کان مٿي نہ چڙهيو. جيئن هن اهو سفر 1938ع ۾ ننگرپارڪر کان شروع ڪيو ۽ سڄي اپر ۽ لوئر سنڌ گهمي ڦري اچي ڇاڇري ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ طور مقرر ٿيو. اتان 1958 واري مارشل لا جي دور ۾ بدلي ڪري ڪيس ڪجهہ وقت لاءِ جهڏي ۾ ميونسپل ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو. آخرڪار ايوب خان هڪ فوجي آمر جي حيثيت ۾ سنڌ جا ٻارنهن سؤ مختيارڪار ڪيڏي ڇڏيا جن ۾ بابا بہ شامل هو.

بابا جيئن تہ نوشهري ۾ سيڪنڊ منشي ۽ خزاني منشي بہ رهيو ۽ پوءِ هيڊ منشي تي سڪرنڊ، ٽنڊو باگو ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي رهيو ۽ جڏهن هو نوشهري فيروز ۾ ئي هيڊ منشي هو. سندس ڏاڏو قاضي محمد لائق، جنهن جو نالو هن تي ئي رکيو ويو هو، وڏو عرصو ڊپٽي ڪليڪٽر رهيو هو جنهن جو نوشهري واسي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. بابا مختيارڪاري جو امتحان ”هائر“ پاس ڪري ننگرپارڪر جو مختيارڪار مقرر ٿيو جتي ڪيس مڪڙ ماڙ Locusts eradication ڪاتي جي مختيارڪار جي اضافي چارج بہ ڏني وئي. ان وقت مختيارڪار صرف

آفيسن ۾ جهليءَ جي هيٺان ويهي آرام ڪونہ ڪندا هئا. هو پنهنجي تعلقي جو تپو تپو انچ انچ ڪري ڏسندا هئا. سندن ڏينهن ۽ راتيون گهوڙن جي پٺيءَ تي گذرنديون هيون. آرام ۽ عيش جو ڪو تصور ڪونہ هوندو هو. نہ ملاقاتين تي پابندي ۽ ٽائيم وٺي اچي ملڻ جو ڪو حڪم. آفيس جا در هر وقت کليل هوندا هئا. گهٽو ڪري ڏينهن جو هو ڪورٽ هلائيندا هئا. ڇو جو وٽن سيڪنڊ ڪلاس مئجسٽريٽ جا پاور بہ هوندا هئا، جنهن تحت اهڙا ڏوهہ جن جي سزا ٻن سالن تائين هئي، انهن جا فيصلا ڏيندا هئا پر جي بہ سال سزا کان مٿي مدي وارا ڏوهاري هوندا هئا تہ انهن جا ڪيس وري سيشن ڪورٽ جي سپرد ڪيا ويندا هئا. فقير امداد سرائي، جيڪو سجاول ۽ ٺٽي ۾ بابا وٽ ڪلارڪ هوندو هو ٻڌائيندو هو تہ "خانصاحب جي لکيل ججمينٽ ڪڏهن بہ ڪنهن مٿانهين ڪورٽ رد نہ ڪئي." هو بابا جي انگريزي ٻوليءَ تي عبور بابت چوندو هو "مون بہ ڪيتري نوڪري ڪئي، ڪلارڪ کان اسسٽنٽ ڪمشنر (اڳوڻا ڊپٽي ڪليڪٽر) تيس پر اهڙي انگريزي لکڻ ۽ ڳالهائڻ ٻئي ڪنهن آفيس کان نہ ٻڌم." واضح رهي تہ هِن وقت ان سسٽم ۾ ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر، ايڊيشنل ڪمشنر جا نالا متعارف ٿيل آهن، ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر جا نالا هاڻ استعمال ڪونہ ٿا ٿين. اهڙي طرح چٽنس ۽ اي ڊي ايم جا نالا بہ غائب ٿي چڪا آهن. عهدن جا نالا ڇا بدليا آهن، اختيار ئي بدلجي ويا آهن بلڪ مراعات بہ وڌي ويا آهن. هاٿي جيپون جن ۾ پرادو ۽ قسمين گاڏيون، ايئرڪنڊيشنڊ آفيسون، سول سروٽ (سرڪاري نوڪر) نہ آهن، بلڪ حاڪم جي جاءِ والاري چڪا آهن.

اڳ جيڪي هاري ناري، واپاري، يا انصاف جا سوالي سڌو سنئون صاحب جي آفيس جي کليل در مان لنگهي اچي پنهنجا مسئلا بيان ڪندا هئا، جيڪي ڏسي ڏسي آءُ وڏو ٿيو آهيان، اتي بند ڪمرن واريون ايئرڪنڊيشنڊ آفيسون اچي ويون آهن، جن جو در کڙڪائڻ تي بہ دل دهلجي ٿي وڃي.

آفيسر ڪان وني ڊاڪٽر تائين، وقت ونڻ جو اڳ رواج ڪونہ هو. اڳي ماٺهو ڪليڪٽر جي ڪليل در واري آفيس مان اندر ويندي دير نہ ڪندو هو اتي هاڻي تعليم کاتي جي ڪنهن آفيسر جي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري جي بند دروازي تي قدم خود بخود رڪجي ٿا وڃن. درن تي پٽيوالن جي فوج موجود آهي جيڪا اهو چئي سوالين کي موٽايو ڇڏي تہ ”وڃ، صاحب جي پي اي کان ٽائيم وٺ پوءِ اچجانءِ.“ پلي تہ ان ٽائم ونڻ تائين سوالين جا ڪم ئي لهي چونہ وڃن!

—

اسان جي ننڍپڻ ۽ نوجوانيءَ جي وقت ۾ يعني پنجاهہ کان سٺر جي ڏهاڪي تائين تمام گهڻيون اي ڪلاس انگريزي فلمون آيون، جن ۾ مارڌاڙ واريون فلمون ڪائو بوائي ۽ رومانٽڪ فلمون، فرسٽ ۽ سيڪنڊ ورلڊ وار تي ٺهيل فلمون، جادوئي فلمون ۽ تاريخي فلمون شامل هونديون هيون، جن جو مون ڪافي ذڪر ڪيو آهي، ليڪن سيني کان وڌيڪ رش انهن رومانوي فلمن تي هوندي هئي جن جي بورڊ تي لکيل هوندو هو ”صرف بالغن لاءِ.“

بس پوءِ بالغ تہ بالغ پر نابالغن جو بہ سئنيمائن تي حملو هوندو هو. مونکي ياد آهي تہ جڏهن ”اٽ اسٽارٽيڊ وٿ اي ڪِس“ (گلين فورڊ) فلم لڳي هئي. فردوس سئنيما ۾ جيترا ڏينهن هلي، رش ئي ڪٽندي رهي، ليڪن جڏهن سمر آف فارٽي ٿو بلو هاٽ بلو ڪولڊ، نيور آن سنڊي، ڪم سيپٽمبر، ٽي اينڊ سيمپٿي، سَي هيلو ٿو يسٽر ڊي، پئٽن پليس، ارمالاڊُوس، اي تِچ آف ڪلاس، بس اسٽاپ، نياگرا جهڙيون فلمون آيون، جن ۾ مارلن منرو، جينا لولو برجيڊا، جين سائمنز، ڊيبو راڪر، شرلي ميڪلين، ڊورس ڊي، ڪلاڊيا ڪارڊينل، انگرڊ برگمين، ايلزبيٿ ٽيلر، جينيٿ لي، صوفيہ لارين، شرلي جونز جهڙين اداڪارائن ڪم ڪيو ۽ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا، جن لاءِ ان وقت سمجهبو هو تہ هو رڳو پنهنجي خوبصورت اڌ اگهاڙين ٽنگن جي ڪري مشهور آهن ليڪن انهن جون ساڳيون فلمون هاڻ ڏسجن ٿيون تہ اهي سبق آموز ٿيون لڳن ۽

هنن جي اعليٰ اداڪاري، هٿ هلائڻ، چهري جي لاهن چاڙهن ۽ جذبات جي اظهار ڪرڻ جو فن ڏسي چئجي ٿو تہ واقعي اهي فلمون بالغن جي ئي ڏسڻ جي قابل هيون.

—

مون يونيورسٽيءَ جي تعليم دوران لا ڪاليج ۾ بہ داخلا ورتي هئي ۽ ايل ايل بي جو امتحان پاس ڪيو هئم. ليڪن ڇو جو ڪڏهن بہ وڪالت نہ ڪيم تنهنڪري اها ڊگري بہ صرف معلومات ۾ اضافو آڻي سگهي ۽ نالي جي پويان لکڻ ۾ ڪم آئي. ليڪن ان وران ڪيترن اهڙن دوستن سان واسطو ٿيو جيڪي لا پاس ڪري وڃي وڪالت ۾ لڳا ۽ جڊيشريءَ جو حصو پڻ ٿيا. تن ۾ ڪيترا دوست هئا تہ ڪي صرف واقف، ليڪن جيئن تہ وڪيلن سان واقفيت ۽ ملاقاتون وڏي عرصي کان هيون، ان ڪري جو بابا مئجسٽريٽ هو ۽ هن جا تمام گهڻا دوست وڪيل هئا، جن مان چترو مل، غلام علي نانا، شيخ اياز عبدالرحمان مرزان، ايم ايم پيرزادو، آفتاب آخوند، رسول بخش پليجو، قاضي عبدالجليل، محمد اسماعيل هميراڻي، ملڪ عبدالعزيز خاصخيلي، عزيزالله شيخ (جيڪو پوءِ جج ٿيو) ۽ سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي وڪيل قاضي فيض محمد سميت يا تہ سندس هم ڪلاسي هئا يا وري پروفيشنل تعلق وارا هوندا هئا، جن سان منهنجون بہ هميشہ ملاقاتون رهنديون هيون ان ڪري جو آءٌ 1950 کان بابا سان گڏ ئي هر هنڌ رهيس.

ائين منهنجي دوستن ۽ واقفڪارن ۾ جسٽس حامد علي مرزا، جيڪو عبدالرحمان مرزان،جو پٽ هو. جسٽس غلام رباني، جسٽس ظهير جمالي، جنهن جو والد منهنجو لا ڪاليج ۾ استاد هو. عبدالقيوم صائب، عبدالجليل قاضيءَ جو پٽ جميل زبيدي، قاضي عبدالستار جنهن جهڙو پيارو دوست ڪونہ سڃهيم. روشن سندر چانديو، جيڪو عمر ۾ تہ تمام ننڍو آهي، پر دلبر ۽ دل وارو وڪيل آهي، حفيظ قريشي جيڪو رشتي ۾ چاچو هئم. جنهن جي حوالي سان رسول بخش پليجي، سان بہ پراڻو ناتو هو. اياز لطيف پليجو جيڪو وڪيل بہ سٺو تہ ليکڪ ۽ سياستدان بہ

سنو مسعود نوراني، جنهن انجنيئرنگ ۾ بي.اِي ڪئي پر وڪيل ٿيو. يوسف لغاري، هڪ بهادر ۽ دل وارو دوست ۽ هم ڪلاسي هو. يونيورسٽيءَ ۾ به مون سان گڏ هو پر سندس ميجر سبجيڪٽ پوليٽيڪل سائنس هو. نٽي وارو علي محمد خالدي، شاعر به هو ته دوستي نڀائڻ وارو به. مجيب پيرزادو جيڪو پڻ شاگردي واري زماني ۾ دوست ٿيو ۽ بي.اِي ڪيائين پر پوءِ ايل ايل بي ڪري وڪيل ٿيو.

اجا به تمام گهڻا نالا آهن. منهنجو پٽ شفقت به وڪيل آهي ته ياءُ الطاف ۽ ڏهتو عبدالصمد به وڪيل انڪم ٽيڪس آهن. جن جو ذڪر اڳتي ڪبو رهبو پر هتي آئون غلام قادر سيال وڪيل (مرحوم) جو ذڪر ڪندس، جيڪو ڳالهه جو سچو، واعدي جو پڪو ۽ پيشي سان حد درجي وفادار هو. سندس دوستيءَ جو وڏو وقت ساٿ رهيو. جنهن ۾ هن کي وقت جو پابند، اخبار پئسن سان خريد ڪرڻ ۽ ڪتاب به پئسن سان وٺي پڙهڻ جو عادي ڏٺم. آءُ هن کي گهڻو ئي چوندو هئس ته، "يلا منهنجا ڪتاب ته آءُ توکي اعزازي ڪاپي طور ڏيان ٿو"، ته چوندو هو "يَر هڪ ته هزارن وڙان خرچ ڪيو، دماغ سوزي جدا ٿئي، تنقيد الڳ، وري مفت ۾ ڏيو اها ڳالهه نهي ڪانه ٿي." ان طرح هو مون سان گڏ هلي، موهن مدهوش جي ڪويتا ڪتاب گهر تان ڪتاب، پئسا ڏئي خريد ڪندو هو ۽ پڙهندو هو. سچ ڳالهائڻ ۽ کرو جواب ڏيڻ جي ڪري وڪالت به ڪا خاص ڪانه هلندي هئس، آخري ڏينهن ۾ ته عبرت اخبار جي ويجهو هڪ گهٽيءَ ۾ آفيس کولي هئائين، جت بين وڪيلن جون آفيسون هيون ليڪن سندس اڳيان رستو گندگيءَ سان پريو پيو هوندو هو. جڏهن چئبو هئس ته، "يار هيءَ گندگيءَ ته ختم ڪراءِ" ته جواب ڏيندو هو "ڪتان ڪتان گندگي ختم ڪرائجي!"

هي ايماندار شخص جڏهن نواز شريف جي ليگ ۾ شامل ٿيو هو ته کيس ڪنهن ڪميٽيءَ ۾ کنيو ويو هو ۽ قرآن شريف جو قسم کڻايو هئائون ته هو ڪا به بي ايماني ۽ غير اسلامي ڪم نه ڪندا." ان ڏينهن کان ته هن ڏيئلداس ڪلب ۾ اچڻ به بند ڪري ڇڏيو. ڇو جو اتي پتي راند وغيره ٿيندي هئي. اهڙيءَ طرح هن سان آخري ملاقات سندس گهر

تي ٿي هئي، جتي هو تنگ پچڻ جي ڪري ڪٽ تي پيل هو. ڏاڍي سٺي ڪچهري ٿي، ليڪن ڪجهہ وقت کان پوءِ هو هن دنيا ۾ نہ رهيو. هاڻ هن کي صرف ياد ڪري سگهجي ٿو.

—

ٻالپڻي جو اڪيلائيءَ جو خوف، جوانيءَ جي اڪيلائيءَ جو رومانس ۽ وڏي عمر جي اڪيلائي، جيڪا ماڻهن جي ميڙ ۾ ۽ پيارن جي وچ ۾ بہ روح ۾ درد جيان سمايل رهي ٿي، تنهي جا مزاج الڳ الڳ آهن. هاڻ جڏهن انهن ٽنهي ڪيفيتن سان آشنائي ٿي آهي تہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ زندگي ان کي چئجي جيڪا گذري وئي يا اُها، جيڪا هلي پئي يا اڃا بہ ڪا زندگي آهي جيڪا هن کان پوءِ بہ موجود هوندي.

هي سوال جيئن جيئن ذهن جي پردي پٺيان ليئا پائي ڏسندا اچن ٿا، تيئن تيئن زندگيءَ جو مفهوم تبديل ٿيندو ٿو وڃي. جيڪو وقت گذري ويو ۽ جيڪي ان دوران پاڻ بہ گذاري ويا، انهن جي ياد جا ڪُن وجود کي وڪوڙيو ٿا وڃن. سوچيان ٿو تہ جيڪي عزيز مٽ مائٽ، دوست يار، واقفڪار يا ذهني طرح هم آهنگي وارا انسان هن دنيا مان هليا ويا، اهي ور ور ڪري ڇو ٿا ياد اچن؟ جڏهن تہ هنن مان ڪيترن زندگيءَ ۾ بہ نباهہ نہ ڪيو بلڪ ڪن سان تہ تعلقات ئي ختم ٿي ويا. پر هو بہ ياد اهڙا ئي اچن ٿا، جهڙا اُهي ٿا ياد اچن، جن زندگيءَ ڀر اڪين جي ڇانورن ۾ دنيا جي درد، اُس ۽ ڏوڙ کان بچائي رکيو بلڪ اهي ڪجهہ وڌيڪ ئي ياد ٿا اچن، جيڪي ڪنهن سبب جي ڪري يا بنا ڪنهن سبب جي زندگيءَ ۾ ئي وفا نہ ڪري سگهيا. پر هاڻ تہ هو ڪجهہ ڪرڻ جي قابل ئي ناهن، هاڻ تہ هنن کي صرف ياد ئي ڪري سگهجي ٿو. لڳي ٿو تہ اهو شايد ان ڪري آهي، جو توٽين هو پنهنجا واسطا ۽ تعلقات زندگيءَ ۾ قائم رکي نہ سگهيا ليڪن هنن سان گڏ گذاريل سٺا لمحا، هنن سان گڏ مري ڪونہ ويا. اهي زنده ئي آهن بلڪ وقت جي وهڪري هنن سان تعلق تي چڙهيل بدگمانيءَ جي مٽي هٽائي، هنن کي وڌيڪ اڃوا اجرو ڪري ڇڏيو آهي.

اهڙي وقت مونکي عالم چند ڏاڍو ياد ايندو آهي، جنهن سان 1958 ۾ چاچري ۾ ملاقات ٿي هئي ۽ دوستي به. دوستي اهڙي جو هن کان سواءِ پل سک ڪونه ايندو هئم. حالانڪ ڄام جهنجهي (ڄام ساقي)، پرشوتم (پرشو)، پيتامبر (پيتو)، پرڏان (پيريو) ۽ ٻيا دوست به هئا ليڪن عالم جي ڳالهه ئي ٻي هئي. مونکي اهو منظر چٽيءَ طرح ياد آهي، جڏهن بابا جي بدلي چاچري مان جهڏي ٿي هئي، جتي هو ميونسپل ائڊمنسٽريٽر مقرر ٿيو هو ۽ اسين سياري جي هڪ صبح جو لاري ۾ چاچري کان ڪنريءَ پئي وياسين، جتان وري ريل ۾ جهڏي وڃڻو هو ته عالم چند (عاليو) به لاريءَ ۾ مون سان گڏ هو. ان سيٽ تي بابا، چاچا غلام قادر ۽ منظور به مون سان گڏ ويٺا هئا، جيڪا لاريءَ ۾ آفيسرن لاءِ مخصوص هوندي هئي. عالم کي پنهنجي ڳوٺ ڪانٽيو ۾ لهڻو هو. جيڪو هڪ وڏي پٽ تي ٺهيل هو (هاڻ اها پٽ بارود سان اڏائي سڌو پٽ ڪري ڇڏيو اٿن)، اتي سندس شادي رٿي وئي هئي. عاليو بابا کي منٿون ڪري چيو هو ته، "ابوءَ کي به ڏينهن ڇڏي وڃو ته منهنجي شادي ڏسي." بابا ته انڪار ڪيو ليڪن مون به هام نه واري، هو روئندو رهيو ۽ ڪانٽيءَ ۾ اکين مان ڳوڙها ڳاڙي اسان کي لاريءَ ۾ ويندو ڏسندو رهيو.

اتفاق اهو ٿيو جو جڏهن 1961 ۾ هو حيدرآباد ۾ فرسٽ ايئر سائنس ۾ داخلا وٺڻ آيو ته ڄام سان گڏ منهنجي ئي اوطاق ۾ اچي رهيو ۽ آگسٽ 1962 ۾ منهنجي شاديءَ ۾ اتي ئي موجود هئو.

اهڙو پيارو دوست، جنهن جا ڪيترا واقعا مون پنهنجين يادگيرين ۾ قلمبند ڪيا آهن، وڏي عرصي کانپوءِ تعلق رهندي به هڪ خسيس ڳالهه تان ڪاوڙ جو شڪار ٿي ويو. گذريل ڪئين سالن تي ٻڌل البيلو دور جڻ ته ڪيڏانهن گم ٿي ويو ۽ اوچتو هڪ مشترڪ دوست آسنداس، جيڪو منيءَ جو رهاڪو آهي ۽ عالم جو به دوست هو تنهن ڏيئلداس ڪلب ۾ هڪ شام جو اچي ٻڌايو ته عالم چند گذاري ويو ۽ هو ان وقت ڪانٽئي مان سندس ڪريا ڪرم ڪري موٽيو آهي. اهو ٻڌي مونکي دل ۾ جڻ ڇهنبڙي لڳي وئي. چيومانس، "مونکي ته ٻڌائين ها!"

ان تي چيائين، ”يَر تون تہ هن سان صفا ناراض هئين نہ تہ آءُ توکي ضرور وٺي هلان ها. گاڏيءَ ۾ اڪيلو سفر ڪري بور تہ ٿيڻو نہ پوندم ها.“ اهي لفظ مونکي ڪڏهن نہ وسرندا. حالانڪ مون هن کي چوڻ ٿي چاهيو ”ناراض تہ جيئري عالم سان هئس، هڪ گذاري ويل دوست سان ڪهڙي ناراضگي ڏيکاريان ها!“

—

پنهنجي قسمت جو احوال معلوم ڪرڻ جو شوق ماڻهن ۾ هميشہ کان رهيو آهي. ننڍي ۽ وڏي ماڻهوءَ ۾ اهو شوق مشترڪ آهي. هڪ غريب ماڻهو پيرن فقيرن جا در ڳوليندو آهي ۽ رستن تي طوطن ذريعي پنهنجي قسمت جو حال پيو پڇندو آهي تہ وڏو ماڻهو نجومين ۽ قيافہ شناسن کان پيو حال بابت پڇندو آهي. ان ڳالهہ جي تاريخ تہ معلوم ڪانهي پر مصر جا ڪاهن ۽ هندن جا رشي مني، ايندڙ زماني بابت ماڻهن کي سندس زندگيءَ جو احوال ٻڌائيندا هئا. اسان پنهنجي ننڍپڻ ۾ ڪيرو جو ذڪر ٻڌو هو جيڪو مصر جو مشهور هٿ ڏسڻ وارو (Palmist) هو ۽ ڪنگ فاروق بہ هن کي پنهنجو هٿ ڏيکاري ايندڙ وقت جي باري ۾ معلومات ورتي هئي.

مون تازو هڪ نهايت پراڻي هندوستاني فلم ”راجا هريشچندر“ ڏٺي، جنهن ۾ پڻ هڪ اهڙي گياني مستقبل جو حال ٻڌائيندڙ جو قصو آهي، جيڪو ماڻهن کي سندن مستقبل جي باري ۾ ٻڌائي ٿو. هڪ دفعي راجا هريشچندر روپ بدلائي هن وٽ ويو تہ هن هٿ ڏسي سچائي ورتس تہ اهو هٿ ڪنهن عام ماڻهوءَ جو نہ ٿو ٿي سگهي. اهڙو ساڳيو ذڪر ڪيرو جي باري ۾ بہ مشهور آهي. ڪنگ فاروق هڪ بگهيءَ ۾ اندر ويٺو هو ۽ هن صرف هٿ ٻاهر ڪڍي ڪيرو کي ڏيکاريو هو جنهن تي هُن چيو هو تہ اهو هٿ ڪنهن عام ماڻهوءَ جو نہ ٿو ٿي سگهي. بهرحال راجا هريشچندر جي قصي ۾ اهو گياني ڪيس چوي ٿو تہ مستقبل جو احوال معلوم نہ ڪرڻ ئي بهتر آهي. ان ڪري جو انسان جي زندگيءَ ۾ ڏک ۽ سک ٿيندا آهن. تنهن ڪري اڳواٽ ڏک جو احوال ٻڌي، دل جو

سڪون ختم ٿي ويندو آهي. ليڪن هريشچندر نه ته مجيس ۾ نيٺ هو ڪيس پهرين خوشيءَ جا ڏينهن، اولاد جو سک وغيره ٻڌائي ٿو ۽ پوءِ وري انهيءَ دکدائڪ واقعن جو به احوال ٿو ٻڌائيس، جيڪي اڳوٽي حاصل ڪيل سک جي مقابلي ۾ تمام گهڻا هئا.

مون کي آسڪر وائيلڊ جو هڪ افسانو به ياد آهي، جنهن ۾ هڪ شخص وڏن ماڻهن جي محفلن ۾، خصوصي طور عورتن کي سندس مستقبل جو حال ٻڌائي ٿو ۽ ائين هڪ اميرزادي جو هٿ ڏسي چيائين ته هن جي هٿ ۾ هڪ قتل ڪرڻ جي ليڪ به ملي ٿي، جنهن تي اهو امير خوف کان ماڻهن کان دور ٿو رهي ۽ گهڻن ڏينهن جي تڪليفن ڪاٽڻ کان پوءِ جڏهن هو پاڻ موت جي ڪنڌي تي اچي پهتو آهي ته وري هڪ هنڌ ان نجوميءَ سان ملاقات ٿئيس ٿي، جنهن کي چيائين، "ڏس منهنجي هٿان ڪنهن جو به خون ڪونه ٿيو آهي، توئي چيو ته منهنجي هٿ ۾ خون ڪرڻ جي ليڪ موجود آهي. تنهنجي ان اڳڪٿيءَ مون کي برباد ۽ بي حال ڪري ڇڏيو آهي جو آءٌ هاڻ هن حال کي اچي پهتو آهيان جو زندگي منهنجي لاءِ ڪا به معنيٰ ڪانه ٿي رکي، تنهنڪري تنهنجي اڳڪٿيءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ هاڻ توکي ئي ٿو خون ڪريان." ائين چئي خنجر ڪڍي ان نجوميءَ کي ماري ڇڏيائين.

اهو پڻ مشهور آهي ته هماليه جبل جي ڪن غارن ۾ اهڙا گياني ۽ رشي رهن ٿا، جن وٽ وڏا رجسٽر آهن، جن ۾ دنيا جي هر انسان جي قسمت جو احوال لکيل آهي، ليڪن ان جو ڪو شاهد نه ٿو ملي.

مونکي حيدرآباد جي ڪيفي جارج ۾ وهندڙ وينل هڪ شخص ياد آهي، جيڪو هٿ ڏسي قسمت جو احوال ٻڌائيندو هو. هن لاءِ مشهور هو ته سي آءِ ڊي جو ماڻهو آهي. بهرحال هن کي ته مون هٿ ڪونه ڏيکاريو البته آغا احد جان سان هن موضوع تي ڊگهيون ڪچهريون ٿيون.

نئين دور ۾ وري جنترين جو وارو آيو جن ۾ موسمن جو احوال ۽ ٻين عام معلومات کانسواءِ سياڳا ڏينهن ۽ نياڳا ڏينهن به ٻڌايل هوندا آهن، ڄمڻ جي تاريخ ۾ ان سان واسطو رکندڙ ستارن کي انسان جي

زندگيءَ ۾ ڪاميابين ناڪاميابين، شادي، اولاد توڙي عشق جي باري ۾ بہ قسمت ۾ ڇا لکيل آهي. اهو ٻڌايل هوندو آهي. جڏهن تہ اسان کي تہ ان معاملي ۾ انهن جي بلڪل ابتڙ نتيجا حاصل ٿيا آهن.

اڃا بہ شهرن ۾ ڪٿي ڪٿي طوطي وارا، تربيت يافتہ طوطي کان پٽ تي پيل ڪوبہ لفافو ڪڍي ان مان سائلن کي سندن ڪاميابين جي خوشخبري ڏيندي نظر اچن ٿا. جيئن غريبن، عورتن، پوڙهن ۽ مايوس جوانن جا مسئلا هڪ جهڙا هوندا آهن. جڏهن تہ لفافي ۾ ٿوري ڦيرگهير سان اهو ئي احوال لکيل هوندو آهي. ويچارا ابوجهہ مسڪين انهن جي واتان خوشخبري ٻڌيو آسرن ۽ اميدن تي پيا زندگي گذارين.

هڪ طرح سان اهو سٺو بہ آهي جو ماڻهوءَ کي پنهنجي قسمت يا مستقبل جي باري ۾ ڪا ڄاڻ ڪانهي، جنهنڪري هو ان کي بهتر بنائڻ لاءِ هميشہ ڪوششون ڪندو رهي ٿو ورنہ ڪيترا ماڻهو تہ اونداهو مستقبل ڏسي ئي دل هاري ويهن ها. منهنجي خيال ۾ دنيا مان جيستائين بک ۽ جهالت جو خاتمو نہ ايندو، تيسين جوتشي، نجومي ۽ پامسٽ بک نہ مرندا.

—

سيوهڻ جي هڪ رات ڪڏهن نہ وسرندي جڏهن 1955 ۾ 14 آگسٽ جي موقعي تي سرڪاري طرح ڏيئا گهرايا ويا هئا ۽ اهي مختيارڪار جي گهر، آفيس، پوليس ٿاڻي ۽ ٻين سرڪاري آفيسن تي ٻاريا ويا هئا. رات جو پري کان اهو منظر بلڪل ڪنهن فلمي منظر جيان لڳي رهيو هو. حالانڪ گرميءَ جي مند هئي ۽ هوا بہ بلڪل بند هئي تہ بہ اهي ڏيئا هلڪي طرح لرزي رهيا هئا ۽ ائين لڳي رهيو هو ڄڻ تہ فضا ۾ چوطرف ڪڙڪيتا چڪر ڪاٽي رهيا هجن.

اسان وٽ گهر ۾ هڪ طرف بابا جي آفيس هئي (هونئن مختيارڪار جي آفيس ٻئي هنڌ هئي جتي هو ڪيس بہ هلائيندا هئا) جنهن ۾ رات جو هن جو زبردست عملو حساب ڪتاب ۽ جمع بنديءَ ناهڻ ۾ مصروف هوندو هو ۽ ڏينهن جو بابا روينيو جا ڪم ڪار شهر واري آفيس ۾

اڪلائيندو هو. انهي سان گڏ سڄي گهر جي ديوارن کي ڏيئن سان سجايو ويو هو جيڪي شام کان ئي پٽيوالا ۽ ڪوتار گڏجي تيل پري هر ديوار جي مٿان رکندا ٿي ويا. هي منظر مون وانگر منهنجي ياٽرن ۽ ڀينرن ٽوڙي اسڪولي دوستن کي بہ مسحور ڪري رهيو هو. بلڪل اهڙي طرح جي هڪ رات ڏياريءَ جي رات، مون رتيديري ۾ ڏٺي، جڏهن اسان جي اردگرد رهندڙ ڪيترن هندو خاندانن پنهنجي گهرن جي هر پٽ ۽ ڇت کي ڏيئن سان سينگاريو هو. ان وقت اسان کي ائين لڳي رهيو هو جڻ پرستان مان ڪي پريون لهي گهرن جي ڇتين تي چهل قدمي ڪري رهيون هجن. اونداهي رات کي روشن ڪرڻ جو هي طريقو هاڻ بہ رائج آهي پر ڏيئن جي جڳهہ تي بجليءَ جا ننڍڙا بلب اچي ويا آهن بلڪ هاڻ تہ LED بلب بہ اچي ويا آهن، جيڪي ڏيئن وانگر ٽمڪن بہ ٿا. ليڪن منهنجي تصور ۾ انهن ڏيئن سان روشن ڪيل راتين جو جيڪو روپ آهي تنهن کي روشنيءَ جي رقص سان تشبيهہ ڏئي سگهجي ٿي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ رستن تي ماڻهن جا ميڙ اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ گهرن جي ڇتين تان عورتون بہ ان نظاري جي خوبصورتيءَ ۾ گم نظر ايندڙيون هيون.

---

پريس ڪلب ۾ گذاريل اهي شامون ياد اچن ٿيون، جڏهن اتي حيدرآباد جي صحافين، اديبن ۽ ريڊيو جي فنڪارن جون محفلون مچنديون هيون. ڪچهرين جا ڪوڏيا، علي محمد شيخ، محمد عثمان ڏيپلائي، پروانو ڀٽي، مقبول صديقي، الياس عشقي، چاچا قمرالزمان، بدر جالنوي، اقبال حامد، مولانا مبين، اي پي پي وارو معين، اختر علي شاهہ، زيب عاقلي، پير مظهر، دلدار مري، علي حسن جمالي، محمد بخش جوهر، عزيز شيخ، خالد سيتائي، امر جليل، خير محمد کوکر، غلام محمد کوکر، مهدي شاهہ جيلاني ۽ صحافين سان گڏ پروفيسر قسيم بيگ چغتائي، سيد ناياب حسن، شهزادو گلفام، استاد صادق علي ۽ خاص طور تي آگسٽ ۾ سڄي ملڪ مان ايندڙ وڏا فنڪار جن ۾ استاد امانت علي ۽ پٺاڻي خان جهڙا فنڪار بہ شامل هوندا هئا تہ وري سياسي مند ۾ برک

سياستدان، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي ڪوثر نيازي ۽ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ کان مير علي احمد ۽ مير رسول بخش ٽالپر توڙي غلام نبي ميمڻ به هت ٿي اچي ملڪي ۽ بين الاقوامي مسئلن تي گفتگو ۾ شريڪ ٿيندا هئا.

آئون چو ته ڪلب جو مستقل ميمبر هوس ۽ گهڻو اچڻ وارن مان به، تنهنڪري منهنجا به سڀ دوست هت ٿي ايندا هئا. جن ۾ جام ساقي، نظير، مسعود نوراني، مجيب پيرزادو يوسف لغاري، اعجاز قريشي، عالم چند، شفيق پراچا، محمد حيات ڪاڪا، آفتاب شيخ،خورشيد شيخ، پرنسپل حڪيم شيخ جهڙا خُشڪ طبيعت انسان به شام جو ته ڪي ڏينهن جو به ڪنهن مهل ضرور هت ايندا هئا.

مسعود قريشي، شاڪر جعفري، طاهر رضوي ۽ ٻيا به ڪئين دوست جيڪي صحافي ته ڪونه هئا پر دانشور جي حيثيت سان هن ڪلب جا ائسوسيئيٽ ميمبر ٿي چڪا هئا ۽ انهن جي دم سان ڪلب جون رونقون عروج تي هونديون هيون.

حالانڪه ان وقت ڪلب جي عمارت ڪا ايڏي وڏي ڪانه هوندي هئي ليڪن ميمبر ڪشاده دلين جا مالڪ هئا تنهنڪري ٽيبل ٽينس کان وٺي، شطرنج وارن سان لان توڙي ڪاريڊور هر وقت ڀريل هوندا هئا. هتي ڪينٽين ۾ صرف چانهه ملندي هئي. جڏهن ته ڪلب جي هڪ ڪنڊ واري ڪمري مان هڪ دري، جيڪا ريڊيو اسٽيشن جي طرف کلندي هئي، اتان آرڊر ڏئي ريڊيو جي ڪينٽين ۾ تهندڙ شامي ٽڪين ۽ ڊبل روٽي سلائيس جو مزو به وٺي سگهبو هو.

رات جو ڪلب جا گهڻا ميمبر گول بلڊنگ وٽان اقبال ريسٽورنٽ تان ڪريم چاپون ۽ گوشت جا پيس يا راحت سئنيما جي ڀرسان مشهور هوٽل نظير فرائي تان ڪڪڙ جي ڪڙهائي گهرائي کائيندا هئا. پوءِ آرڊر وٺڻ وارا ڪڏهن ڪڏهن مزو ڪندا هئا. هڪ دفعي هڪ صحافي بدر جالنويءَ پٺيوالي کي چيو ته. ”هڪ دال فرائي ۽ چار نان وٺي اچ“. ته پٺيوالو هڪ نان ۽ چار فراءِ دالين جون پليٽون وٺي آيو.

دنيا ۾ آبادين جون لڏ پلاڻيون ٻڌندو ۽ تاريخ ۾ پڙهندو آيو هئس ۽ انهن جو درد سيني ۾ سانديل هو. خاص ڪري جو 1947 وارن واقعن بلڪ حادثن ۽ هاجن کان ته واقف هئس ته به ان جو اصلي درد تڏهن محسوس ٿيو جڏهن خود پنهنجي شهر حيدرآباد ۾ پنهنجو ساهه سيباڻو گهر ڇڏي چند ڪلوميٽرن جي دوريءَ تي پراڻي دوآبي ۾ واڏو واهه جي ڪپ تي وسايل قاسم آباد ۾ اچي رهڻو پيو ۽ ان گاني جي معنيٰ به سمجهه ۾ آئي ته:

هئي يہ وهي آسمان، اور هي وه هي زمين،
پر ميري تقدير ڪا اب وه فسانہ نهين.

مهاجرن جي فساد جي ڪري هن لڏپلاڻ مهل، جڏهن پنهنجو الهداد چنڊ جي ڳوٺ وارو گهر ڇڏي واڏو واهه تي المصطفيٰ فيز-ون واري گهر آيس ته لڳم ته جڻ آءُ ٻي وطن تي ويو هجان، وري ٻي وطن به انهن جي خوف، حراس ۽ نفرت کان، جيڪي پاڻ ئي ٻي وطن تي هندستان جي مختلف صوبن مان لڏي پناهگير ٿي سنڌ ۾ آيا هئا ۽ سنڌين کين پنهنجي جيءَ ۾ جڳهيون ڏنيون، نه صرف ايترو پر سنڌ مان ٻي گهر ٿيل دهلي، بمبئي، احمدآباد، اجمير ۽ لکنو جا وڻ وسائيندڙ سنڌي هندو جن جون ڪروڙن جون ملڪيتون جائدادون هت رهجي ويون هيون، اهي به هنن جي حوالي ڪيون ويون هيون. مونکي ته انهن ڳالهين جون تمام گهٽيون خبرون آهن، ڇو جو ان وقت سرڪاري حڪمن تي سنڌي هندن جا خالي ڪيل گهر ۽ انهن جا گهر به جيڪي ان لڏپلاڻ کان اڳ ئي واپار جي سلسلي ۾ روس کان افريقا تائين ٽڙيل ٽڙپکڙ هئا، تن جي گهرن جا تالا توڙي به هنن جي حوالي ڪيائون. تاريخ جو اهو ڪلور ته رهندي دنيا تائين يا رهندو پر 30 ڊسمبر جو اهو ڏينهن چٽيءَ طرح ياد اٿم جڏهن آءُ پنهنجو ڪٽنب ۽ سامان، ٽرڪن ۾ ڪٽائي واڏو واهه جي پر ۾ نئين ڪالونيءَ ۾ اچي پهتو هئس ۽ قسمت جي ستم ظريفي اها آهي ته الهداد چنڊ جي ڳوٺ واري جڳهه بابا قاضي عابد مرحوم کان خريد ڪئي هئي ته

هيءَ ڪالوني بہ هن جي ڀاءُ قاضي محمد اعظم جي ئي ملڪيت هئي. معنيٰ وڪڻڻ وارا ساڳيا ۽ خريدار بہ ساڳيا، پر حالات مختلف.

حالانڪ پنهنجو گھر ڇڏي نوان وڻ وسائڻ ڏکيو ڪم آهي، ليڪن مونکي هتي ايندي صرف اهو اطمينان هئو تہ ان ئي واڏو واهہ جي ڪپ تي اسان جي گھر کان ٿورو اڳتي منهنجي پراڻي بزرگ ۽ دوست رسول بخش پليجي بہ اچي گھر وسايو هو. واڏو واهہ جي ڀئي پاسي حميد سنڌي بہ اچي رهيو هو ۽ ٿورو اڳيان نسيم نگر ۾ منهنجي ڏيءَ جو بہ گھر هو جيڪا حيدرآباد جي ڪيانتا چوڪ واري لال ماڙيءَ وارن هميراڻين ۾ پرڻيل هئي. هن جو مڙس حميد هميراڻي بہ اُنهيءَ ساڳي مصيبت کان لڏي هتي اچي رهيو هو. ان سان گڏ وڏي ڳالهہ اها هئي جو نسيم نگر ۾ ئي سڏ پنڌ تي ڄام ساقيءَ بہ اچي گھر ٺهرايو هو جيڪو منهنجو ننڍپڻ جو ساٿي هو ۽ هن کان ٿورو ئي اڳتي مرحوم پروفيسر عمر ميمڻ صاحب جو گھر هو جنهن سان پڻ دلين جا رستا هئا تہ وري چند قدمن تي نجم عباسي بہ لطيف آباد مان بي گھر ٿي، هت اچي ڏيءَ سان گڏ رهيو هو. حالانڪ ان وقت هن تي فالج جو حملو ٿيو هو ۽ آءُ هڪ نہ ٻئي ڏينهن هن وٽان بہ چڪر هڻي ايندو هوس.

اهڙيءَ طرح طارق اشرف جي دوست فيروز ميمڻ بہ نيو فيلڊ پبليڪيشن هتي اچي کولي هئي تہ ستار ميمڻ وري سونهري ٻُڪ جو پايو وڌو هو جيڪو هاڻ وڏو ڪتابن جو دڪان بڻجي چڪو آهي.

هنن سيني دوستن جو سوچي دل کي ٿورو ڏڍ مليو تہ ماڻ اجنبي آهي، پر ماڻهو اجنبي ناهن. ان ڪري جو حيدرآباد جي ڪيترن پاڙن جا ماڻهو پڻ هت پلاٽ خريد ڪري اچي رهڻ لڳا ۽ ائين منهنجو ڀائٽيو ممتاز مرزا جو پٽ جاويد بہ ٽنڊي آغا مان اچي ويو تہ الهڏنو سومرو بہ ڪلهوڙا ڪالوني مان لڏي آيو. پروفيسر عبدالغني شيخ بہ سڏ پنڌ تي اچي ويو تہ عبدالرحمان پليجو تہ بلڪل منهنجي گھر جي گھٽيءَ جي منهن تي اچي رهيو ۽ سامهون اسان جي مايہ ناز گيتن جي راڻي ۽ استاد جيجي زرينہ پنهنجي پٽ اياز پليجي سان موجود هئي، ريڊيو وارو دوست

الهہ بخش شاهہ بخاري بہ گهٽيءَ جي منهن تي صالح بلوچ کان جڳهہ خريد ڪري اچي رهيو هئو جتي وري اسان جو ميل ملاقاتن جو مرڪز بنجي ويو تہ نوان دوست مرحوم قاضي عبدالستار ايڊووڪيٽ ۽ ڊاڪٽر عزيز شيخ سان دل لڳي وئي ۽ ائين بيا ڪيترا نوان پراڻا چهرا هتي صبح شام نظر ايندا هئا، جن کي ڏسي حيدرآباد جو هر علائقو اکين آڏو ڦري ايندو هو.

سڀ کان وڏي ڳالهہ جنهن دل کي آٿت ڏنو اها هي هئي جو منهنجا ٻئي ڀائر منظور ۽ الطاف بہ هٽ آباد ٿي ويا تہ سؤٽ ظهير ۽ وڏي ڀيڻ اسان کان اڳ ئي هتي ديرو ڄمائي چڪا هئا، ليڪن هو پنهنجي مرضيءَ سان آيا هئا. تنهنڪري جيڪو ذهني عذاب مونکي ڀوڳڻو پيو اهو هنن نہ محسوس ڪيو. تڏهن بہ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ جسٽس رباني، قاضي عبدالستار، ڊاڪٽر عزيز شيخ ۽ اسان جو پراڻو واقف ۽ دوست امداد، جيڪو پوءِ امداد سرائي جي نالي سان شاهہ لطيف جي پارکو طور مشهور ٿيو، اهو بہ پير ۾ ئي رهندو هو ۽ ٿوري ئي فاصلي تي پيارو دوست ڊاڪٽر شيخ محمد اسماعيل بہ گهر ڪري اچي رهيو ۽ اتفاقي طور اي آر بلوچ سان بہ ملاقات ٿي وئي، جيڪو بلڪل منهنجي گهر جي پرسان رهندو هو. هو اسماعيل شيخ جو پيٽريو هو. تنهن ڪري هن جي ڪري اسماعيل شيخ سان بہ پڻ ملاقات ٿيندي هئي.

جڏهن هن علائقي ۾ رهڻ جا عادي ٿي وياسين تہ خبر پئي تہ منهنجو پراڻي پاڙي وارو دوست، جيڪو مون سان گڏ ئي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو عبدالستار سومرو، منهنجي ئي پير ۾ رهيل هو تہ منظور جو پراڻو دوست ۽ اسان جو واسطيدار عبدالله زنئور بہ هٽ ئي نظر آيم. مونکي ائين لڳو جيئن سنگاپور ۾ سرنگون روڊ واري علائقي کي مني هندستان ڪونين، جيئن سڄاول جي اڱوٽي واهہ گهوٽاٽي جي هڪ ڪپ کي بہ مني هندستان چوندا آهن، تيئن قاسم آباد بہ دراصل مني حيدرآباد آهي، جنهن ۾ ڏسبو تہ ٽنڊي ولي محمد جا ماڻهو بہ پيا نظر ايندا. منهنجو ناني ڊاڪٽر حاجي ميمڻ، جيڪو اصل ۾ ٽنڊي ڄام جو رهاڪو

آهي، ليڪن حيدرآباد ۾ هو ٽنڊي ولي محمد ۾ رهندا هئا. جتان لڏي اچي قاسم آباد جا وڻ وسايائون. هاڻ تہ سڄي سنڌ مان ڪٽان ڪٽان جا ماڻهو اچي هتي گڏ ٿيا آهن تہ قاسم آباد مني سنڌ بڻجي ويو آهي تنهنڪري عيد برات تي اهو بلڪل خالي نظر ايندو آهي. اسين تہ خير رهيا پيا هوندا آهيون، پر جيڪب آباد. شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻو. دادو. سکر. ڏهرڪي، خيرپور ۽ نوابشاهہ ۾ بيٺن ماڻهن وارا پنهنجي عيد ڳوٺ ڪن. اسان جون عيدون بہ هتي تہ سڀ ڪجهہ هتي. ڪڏهن ڪڏهن روحاني باڙپوري ڪرڻ لاءِ الهداد چنڊ ڳوٺ ۾ آفتاب شاهہ. ڏتل شاهہ جي چاڙهي تي عبدالقيوم صائب جيڪو هر عيد تي مون وٽ ضرور ايندو هو (هو 24 آڪٽوبر 2018ع تي وفات ڪري ويو) ۽ ٽنڊي آغا ۾ ممتاز مرزا جي گهر، نجمي ۽ ظفر توڙي مراد علي مرزا جن وٽ وڃي مائٽن جي آسيس وٺي ايندا آهيون. اتي هاڻي نہ رهيو ظفر، نہ مراد علي مرزا ۽ اها پياري ماسي بہ نہ رهي، جنهن مان ماءُ جي خوشبو ايندي هئي.

ٿليلي پراڻ مرزائن ۾ نصير مرزا جي حوالي سان ڦيرو پرينندا آهيون پر گلشن هوٽل جا گانا (جيڪي هاڻ بند ٿي ويا). شيش محل هوٽل جا رنگ، (جيڪي پڻ ڦڪا ٿي چڪا آهن جو ان جون برانچون جت ڪٽ کلي ويون آهن). سري گهاٽ جو پرشور علائقو ۽ مارڪيٽ (نولراءِ ٽاور) واري پاسي تہ نهيو پر تلڪ چاڙهي ۽ لجپت روڊ تان بہ ڏکيو گذر ٿئي ٿو جتان ڏينهن ۾ ايندي ويندي هڪ بہ ڦيرا تہ ضرور ڪبا هئا.

هاڻي انهن يادن جي مهڪ کي رڳو گاڏي کاتي جي گٽرن مان اُبڙڪا ڏئي نڪرندڙ پاڻيءَ کي ڏسي محسوس ڪندا آهيون ۽ ٻئي طرف ڏيئلداس ڪلب ۽ صدر واري پاسي بهرحال چڪر لڳندا آهن. پر صدر وري کهڙو صدر جتي "مهربان ڪيفي" نہ هجي، ڪيفي جارج نہ هجي، "نيو مئجسٽڪ" سئنيما. "رٽز هوٽل" ۽ "ايڊون بار" نہ هجي، بلڪ هاڻ تہ چاندني سئنيما بہ اتي ڪانهي. هن علائقي کي هاڻ موبائيل آباد يا ڪپڙا، بوٽ مارڪيٽ جو نالو ڏنو وڃي تہ بهتر ٿيندو. ٻئي طرف وچ صدر جي خوشبودار علائقي ۾ هاڻ ڊاڪٽرن اچي ديرو ڄمايو آهي، جتي ايتري

تہ رش آهي جو ماڻهو پنڌ بہ ڏکيو ٿو هلي سگهي ۽ چوڏاري ڪنجهندڙ ۽ درد کان تڙپندڙ مريض ۽ مسڪرائيندڙ چمڪندڙ ڪارن مان لهندڙ ڊاڪٽر ئي نظر اچن ٿا.

—

20 صديءَ جي سنڌي محققن، مورخن ۽ عالمن کي ياد ٿو ڪجي تہ مونکي ڪي نهايت سنجيده، سباجها، محبت ڪرڻ وارا ۽ خوش گفتار استاد ۽ عالم ياد ٿا اچن، جن جو ذڪر ڪٿي ڪيو ضرور اٿم. پر اڄ 29- آگسٽ 2018ع تي جڏهن عبدالڪريم سنديلو اڪيڊميءَ طرفان ڪتابن جو تحفو مليم تہ اهي نالا چڙ تہ وري جيئرا ٿي سامهون اچي ويا.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر عطا محمد حامي ۽ ڊاڪٽر اياز قادري، انهن عالمن ۾ نہ صرف اهم مقام رکندا هئا، بلڪ منهنجي بہ سائن نيازمندي هوندي هئي. انهن مان اياز قادري صاحب تہ اصل دوستن وانگر هوندو هو ۽ ڪراچيءَ جي ڏٽي بخش بلڊنگ ۾ ڪئين دفعا هن جي دسترخوان جا مزا ماڻياسين پر پاڻ بہ جڏهن حيدرآباد ايندو هو تہ مون وٽ ضرور ايندو هو ۽ بلڪل هڪ جيڏي دوست وانگر ملندو هو. هن جون ڪيتريون ڳالهيون ۽ هن سان ڪيل ڪيترا سنڌ توڙي پنجاب ۽ اسلام آباد جا سفر آءُ اڳ ۾ ئي لکي چڪو آهيان. اڄ بہ هن جون عالمانہ بردبانہ ڳالهيون توڙي سندس لکيل سنجيده افسانا ياد اٿم. هن لاڙڪاڻي واسي عالم ۽ استاد سڄي عمر ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندي گذاري

ٻئي طرف عطا محمد حامي صاحب خيرپور جو هو ۽ ڏاڍو خوش مزاج ۽ کِلمک استاد هئو. هن سان ڪيل سفر جڏهن ياد ٿا پون تہ دل چوي ٿي تہ ڪاش اهو وقت وري موٽي اچي ۽ هن جون دلچسپ ڳالهيون ۽ قرب واري ڪيفيت ڏسون. جڏهن تہ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو صاحب هڪ سنجيده استاد ۽ عالم هو. لوڪ ادب سان سندس خاص وابستگي هوندي هئي. اسان سنڌ جي سينگار شاعري هن جي ئي ڪتاب مان پڙهي. سنديلي صاحب جي پي ايچ ڊي ٿيسز ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“ بہ هن ڏس ۾ نهايت اهم ڪتاب آهي.جنهن مان سندس علمي

حيثيت جي خبر پوي ٿي. اڄ اهي عالم هن دنيا ۾ ناهن ليڪن اسان جي سينن ۾ انهن جون يادون قائم آهن.

—

هندستان ۽ پاڪستان جي جن فلمن کي سدابهار سڏيو وڃي ٿو اهي جڏهن ننڍپڻ ۾ ڏٺيون هئم ته انهن مان هڪ انوکو مزو مليو هو. ان وقت رومانوي فلمن کان وڌيڪ جادوئي فلمون وڻنديون هيون. رومانوي فلمن ۾ ڏک واريون فلمون اهو مزو ڪونه ڏينديون هيون، جيڪو ڪل پوڳ ۽ ڊوڙ ڊڪ واريون فلمون ڏينديون هيون. اهوئي سبب آهي جو پراڻيون فلمون جڏهن هاڻ ڏسجن ٿيون ته خبر ٿي پوي ته راجڪپور جي فلم "سرگم"، "آواره" ۽ "شري چار سؤ بيس" جي مقابلي ۾ تمام هلڪي هئي يا "آهه" ۾ هن جي اداڪاري "داستان" فلم کان تمام اوچي هئي. يا "جوڪر"، حالانڪ هن جي ناڪام فلم سمجهي ٿي وڃي ليڪن اداڪاري ۽ ڪهاڻيءَ جي لحاظ کان هوءَ تمام اوچي درجي جي فلم هئي. حالانڪ ان فلم ۽ "سنگم" جي ناڪاميءَ بابت سندس هڪ انٽرويو "لهرين" پروگرام ۾ ڏٺو هئم جنهن ۾ هن چيو پئي ته "جيئن مائٽن کي پنهنجو معذور اولاد وڌيڪ عزيز ٿيندو آهي، تيئن هن کي به سندس اهي فلمون ٻين فلمن کان وڌيڪ عزيز آهن." ليڪن آءٌ انهن کي سندس بهترين فلمن مان سمجهان ٿو. منهنجي خيال ۾ هو هندستان جو واحد اداڪار هئو جنهن جي فلم "آواره" جو حوالو سولزي نٽسن جهڙي روسي ناول نگار پنهنجي ناول "ڪينسر وارڊ" ۾ ڏنو آهي.

"آواره" بيشڪ هڪ بهترين فلم هئي، هر لحاظ کان. ٿيم کان وٺي ڊائلاگ ڊليوري تائين مڪمل. ليڪن اها ڪهاڻي خواجه احمد عباس کان تمام گهڻو اڳ. هندو مت جي "پراڻن" ۾ به موجود آهي، جنهن جو ذڪر مون اڳ به پنهنجين يادگيرين ۾ ڪيو آهي، جنهن ۾ ساڳيا واقعا ۽ حالات موجود آهن. ٿي سگهي ٿو ته خواجا احمد عباس اهو خيال اتان نه به کنيو هجي، پر اهو خيال پراڻو آهي. ان هوندي به راجڪپور جون گهڻيون فلمون مونکي وڻيون جن ۾ "امبر"، "باوري نين"، "سنهري سپني"، "پاپي"

جهڙيون فلمون بہ شامل هيون، پر ڪٽي ڪٽي ۾ مونکي اوور ايڪٽنگ جو شڪار بہ نظر آيو. خاص طور نرگس سان گڏ فلمن ۾ مونکي هو ڪي قدر احساس ڪمتري جو شڪار لڳندو هو. جڏهن تہ نرگس جي اداڪاريءَ ۾ اعتماد جو وڏو هٿ هئو. هنن جون فلمون وري ڏسڻ گهرجن. هي وڏا اداڪار هئا ۽ ڪين انسان جي مختلف روپن کي پيش ڪرڻ تي مهارت هوندي هئي.

ٻئي طرف هڪ ٻئي عظيم اداڪار دليپ ڪمار ۾ هڪ مڪمل فنڪار جي موجودگي نظر ٿي اچي. هن کي ڏک ۽ خوشيءَ جا موقعا پنهنجي هٿن، چهري، خاص ڪري اکين جي ذريعي ڏيکارڻ تي فطري ڪمال حاصل هئو. هو ڪنهن عظيم گلوڪار جيان سُر ۽ تار تي مڪمل دسترس رکندو هو. ديوداس جهڙي حد درجي جي سلو موشن اداڪاري کان ديدار، آن، انداز، بابل، داغ، ترانا، سنگدل جهڙي جذباتي ڪردارن توڙي نيا دور ۽ ليڊر جهڙين فلمن ۽ وري نئين دور جي فلمن شڪتي، مزدور، سوداگر، وڌاتا، مشعل ۽ ڪرما جهڙين فلمن ۾ بہ هو فن جي بلندين تي نظر اچي ٿو. جڏهن تہ راجڪپور سندس پوئين دور جي فلمن دو جاسوس ۽ گوپيچند جاسوس جهڙين فلمن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جو انوکو انداز قائم رکي نہ سگهيو.

هن ئي دور جو هڪ وڏو اداڪار، اشوڪ ڪمار، جيڪو محل، افسانہ، سنگرام، ديدار، هاوڙا برج، ايڪ سال، همايون ۽ ڪيترين فلمن ۾ ڪامياب رول ادا ڪري مشهور ٿيو اهو "تماشا"، "انسپيڪٽر" ۽ ٻين ڪيترين فلمن ۾ اداڪاري جي معيار کي برقرار رکي نہ سگهيو. هن جون اوائلي فلمون "اڇوت ڪنيا"، "ڪنگن" وغيره جيڪي سماجي فارمولا فلمون هيون، تن ۾ بہ هن کي گائڪ جي حيثيت سان ئي ڪنيو ويو هو.

هنن اداڪارن سان گڏ ئي ديو آنند بہ فلمن ۾ داخل ٿيو هو. هن کي اشوڪ ڪمار بمبئي ٽاڪيز ۾ "ضدي" ۽ "تماشا" فلم ۾ هيرو جو رول ڏئي مشهوري ڏني هئي ۽ ان کان پوءِ هن جون تمام گهڻيون فلمون رليز ٿيون، جن ۾ شاعر، صنم، سزا، جال، بازي، نرالا، نادان، ميلاپ، ڪشتي،

تيري گهر جي سامني، گائيڊ، ٽيڪسي ڊرائيور، سي آءِ ڊي، نو دو گياره، منيم جي، پيئنگ گيسٽ، پتيتا، بلڪ بليڪ اينڊ وائيٽ کان پوءِ ڪلر فلمن ۾ به هن تمام گهٽين فلمن ۾ ڪم ڪيو جن جي وڏي خوبي اها هئي جوا نهن فلمن جا گانا تمام گهڻو مشهور ٿيا. باقي سندس اداڪاري هر فلم ۾ هڪجهڙي ئي هئي.

—

هندستاني فلمن ۾ مونکي ڪيترا ڪريڪٽر ايڪٽر ياد آهن، جن جي اداڪاري، اداڪاري کان اصليت جي ويجهو لڳندي هئي. ڊيوڊ، لليتا پوار، ڊيسائي، انور حسين، مراد، نروپاراءِ (جنهن جون هيروئن طور فلمون راڻي روپ متي ۽ بڙي ڀيا وغيره مشهور ٿيون) جڏهن ڪو به گهريلو رول ادا ڪندا هئا ته دل تي وڏو اثر وجهندا هئا. مون 1957 ۾ فلم فيئر ۾ پڙهيو هو ته ڊيوڊ جديد هندستاني فلم انڊسٽري جو هڪ عزتدار سينئر اداڪار آهي، هينئر ته سينئر استادن کي ئي عزت ڪانه ٿي ملي، جڏهن ته هوڏانهن فلمي زندگيءَ ۾ مون دليپ ڪمار جهڙي لليتا پوار سان ملندي ڏٺو. هيرو هوندي به ڪريڊٽ ۾ اوم پرڪاش جو نالو پهرين ڏيڻ تي به اعتراض ڪونه ڪندو هو.

ٻئي طرف ولين جا ڪردار ادا ڪندڙ پران، جيڪو شروعاتي فلمن ۾ هيرو ٿي آيو ۽ پهرين فلم "خاندان" ۾ نورجهان سان هيرو جو رول ادا ڪيو هوائين، اهو وڏو ولين ۽ مزاحيه ڪردار بڻجي ويو. دل ڏيا درد ليا ۾ مڏومتيءَ وارو مغرور زميندار جو رول ادا ڪندڙ منيم جي ۾ 'هاف ٽڪيٽ' ۾ ولين هوندي به مزاحيه اداڪاريءَ ۾ پاڻ مڃرائي ويو. هن فلم "اپراڌي" ۾ مڏو بالا جي پيءُ جو رول ادا ڪيو هو جيڪو هڪ قوم پرست آهي ۽ پوليس کان لڪندو ٿو وتي. هو پوءِ به گهڻو هليو ڊان جهڙي فلم ۾ اميتاڀ سان ڪم ڪيائين پر پراڻين فلمن وارو دور هن جو سونهري دور هو. هن هڪ انٽرويو ۾ پنهنجي هيرو واري رول جي ناڪاميءَ جو اعتراف ڪندي چيو آهي ته هو هيرو جو رول ڪرڻ پسند نه ڪندو هو. ڇو جو هيرو وانگر ڊوڙي ڊوڙي هيروئن سان گانا ڳائڻ کان ڀڄندو

هو. پران (پران ڪش) لاهور ۾ جائو هو. ورهاڱي کان پوءِ هندستان هليو ويو هو.

هندستاني فلمن ۾ ولين جا رول اوم پرڪاش بہ گهڻا ڪيا، ليڪن مزاحيہ طور طريقن ۾ هن جو ڪو مثال ڪونہ هو. هوڏانهن لليتا پوار گهريلو رول ادا ڪندي هئي ۽ ڏکويل ماءُ يا غريب عورت جي روپ ۾ مشهور هئي ليڪن مسٽر اينڊ مسز 55 ۾ هن مدّو بالا جي دولتمند ۽ ظالم آنٽي جو رول توڙي پروفيسر ۾ شمي ڪپور ڪي وڏي عمر جو سمجهندي هن سان عشقيہ رول بہ خوبيءَ سان ڪيو اٿس. هونئن مون هن جي هڪ فلم ڏٺي هئي، جيڪا هئي تہ ڪشور ڪمار جي ليڪن ان ۾ هن جو رومانوي رول آهي، جيڪو سندس ماضيءَ سان واسطو رکي ٿو.

هتي آءُ مدّو بالا جي هڪ فلم جو ذڪر ضرور ڪندس، جنهن جو هيرو اپي يٽ اچاريہ هو ۽ مدّو بالا جي پيرڻ چنچل بہ ان ۾ پيرڻ جو رول ادا ڪيو آهي. هن فلم جو نالو "ناطہ" هو ۽ ڪهاڻيءَ جي لحاظ کان "تراتہ" سان ملندڙ جلندڙ هئي، تمام سادي سودي فلم جنهن ۾ عشق جو بہ سادو انداز ۽ خوبصورت گانن واري هيءَ فلم شايد اپي يٽ اچاريہ جي ڪري نہ هلي. اهو هيرو ڪو خاص شڪل صورت جو ڪونہ هو. آخري دور ۾ چرچ جو پادري ٽيچر يا چوڪيدار ٽائيپ جا رول ادا ڪندي ڏٺو هئم.

پراڻن اداڪارن ۾ رحمان بہ هڪ هو. جنهن جي فلم "بڙي بهن" مونکي ڏاڍي وڻي هئي. اها فلم بابا کي بہ پسند هئي ۽ وي سي آر جي دور ۾ هو بار بار اها ڪيسٽ گهرائي ڏسندو هو. ان جا گانا بہ تمام سٺا هئا ۽ ثريا توڙي گيتا بالي ۽ الهاس جا رول بہ مزيدار هئا. "چُپ چُپ ڪڙي هو ضرور ڪوئي بات هي" هن فلم جو ئي گانو هو جيڪو مهاجرن جي هنگامن واري دور ۾ جڏهن هڪ دفعو الطاف حسين جي ايم سيد صاحب سان ملڻ حيدر منزل ويو هو تہ هن کي در تي بيٺل ڏسي سيد صاحب کيس انهن ئي لفظن ۾ مخاطب ڪيو هو جيڪو ٽي وي تي بہ ٻڌايو ويو هو.

رحمان جي فلم پياسا، چوڏوين ڪا چاند، صاحب بي بي اور غلام، پرديس، جنهن ۾ مڌو بالا سان ڪم ڪيو هئائين، سنيون فلمون هيون پر هو مشهور نہ ٿي سگهيو. بس ڪم ڪيائو هيرو هو. ان ۾ شايد هن جي هلڪڙي آواز جو بہ هٿ هو. تڏهن بہ گهٽين فلمن ۾ آيو. هو بہ آهستي آهستي هيرو مان ولين ۽ پوءِ ڪريڪٽر ايڪٽر ٿي ويو.

هن فلم نگريءَ ۾ پنڪج ملڪ، اشوڪ ڪمار، ڪشور ڪمار، ڪرن ديوان ۽ سهگل جهڙا سريلا اداڪار جن ۾ سهگل ۽ ڪشور ڪمار وڏو نالو حاصل ڪيو انهن جون فلمون ڏسڻ ڪانپوءِ هنن جا گانا تہ برزبان ياد ٿي ويندا هئا. سهگل جي فلم تان سين تہ ڏاڍي دلچسپ فلم هئي، پر ڪشور ڪمار فلمن ۾ اداڪار هوندي پاڻ بہ ڳايو ۽ بعد ۾ هندستان جو تمام مشهور گلوڪار ٿي ويو. هن جا گانا ئي ڪيترين فلمن جي ڪاميابيءَ جو راز آهن.

ڳائڻين ۾ تہ شمشاد بيگم، لتا، ثريا ۽ نورجهان جو نالو اڄ بہ گهڻن کي ياد آهي ليڪن مرد ڳائڻن ۾ مڪيش، رفيع ۽ طلعت محمود تمام گهڻو مشهور ٿيا. طلعت نہ صرف فلمن لاءِ لاجواب گانا ڳايا بلڪ دل نادان، وارث ۽ ڪيترين فلمن ۾ اداڪاري جا جوهر بہ ڏيکاريائين، نرالا فلم جنهن جو هيرو ديو آنند ۽ هيروئن مڌو بالا هئي ۽ سائيڊ ۾ پريم ناٿ بہ ناڪام عاشق جو رول ادا ڪيو هو تنهن ۾ هن جو اسٽيج تي ڳايل هي گانو ڪڏهن بہ وسري نہ ٿو سگهي.

شڪريہ اي پيار تيرا شڪريہ،
دل ڪو اتنا خوبصورت غم ديا، شڪريہ

هن جا ڳايل ڪئين گانا لاجواب آهن، خاص ڪري دليپ ڪمار تي فلمايل گانن جو تہ ڪو جواب ڪونهي، هن جا ڏک جا گانا ٻڌي دل ۾ درد جي دونهين دکي پوندي هئي، هن سان گڏ اهڙو درد ڪشور ڪمار جي آواز ۾ بہ هئو تہ هيمنت ڪمار جي آواز ۾ بہ هئو جنهن جو آواز بہ پرديپ ڪمار ۽ ديو آنند تي ڏاڍو نهندو هو. هن جو 'جال' فلم جو گانو:

آفندي منزل، رام باغ، سنڌ مدرسو سائين اياز قادري جي رهائش ڏٽي بخش بلڊنگ، جامع ڪلاٿ مارڪيٽ ۽ پريان سٽي ريلوي اسٽيشن بہ هوندي هئي، جنهن تان ريل ۾ چڙهي جڏهن حيدرآباد پهچندا هئاسين تہ جڻ هڪ خواب ڏسي موٽندا هئاسين. بندر روڊ تي اڳتي پاڪستان چوڪ جو پريو پريو علائقو بہ هو جتي پراڻا سنڌي رهندا هئا. آزاد اخبار جو دفتر بہ هتي هئو جتي مولانا دين محمد وفائي پنهنجي اخبار "آزاد" ذريعي انگريزن سان قلمي جنگ جوٽڻ ۾ رڌل هوندو هو ۽ پوءِ سندس پٽ علي نواز وفائي جنهن سان دوستاڻو ناطو هو، اهو ان کي هلائيندو رهيو ۽ ان جي پوبان برٽش ڪائونسل جي لائبريري بہ هئي جنهن ۾ دادا مشتاق ڪافي عرصو نوڪري ڪئي. چوڪ جي هڪ طرف پريسون هونديون هيون، جتان اسان وڏي عرصي تائين ٽائيٽل ڇپارائيندا رهياسين ۽ ليمينيشن ڪرائيندا رهياسين. هتان ئي پير ۾ هڪ وڏي عمارت مان پريس جو سامان، شيهي جا اکر، گيلين ۽ اسٽڪون اوڌر تي خريد ڪري ويندا هئاسون. طارق اشرف ۽ ڏيپلائي صاحب بہ هن پنڌ جا پانڌيئڙا هئا. مون بہ 1962_63 ۾ سچل سائنس ۽ آرٽس ڪاليج جي مئگزين جا ٽائٽل هتان ڇپارايا هئا.

اتي ئي پناڻن جو هڪ پاڙو بہ هئو جتان امان جو مامو ماما لڏو هڪ خوبصورت ڪنوار پرڻجي آيو. منهنجي ماسي، جيڪا منهنجي سس بہ هئي، ٻڌائيندي هئي تہ هن جو رنگ ايترو تہ سفيد هو جو جڏهن هوءَ ڪنوار تي آئي ۽ سندس صرف هٿ نظر ٿي آيا، جن تي ميندي جي ڪهري ڳاڙهي رنگ کي ڏسي ڪنوار جو رنگ ڪارو سمجهي اسان چيو تہ "اڙي هي ڇا ٿي ويو!" ليڪن پوءِ خبر پئي تہ اهو هن جي اڇي رنگ تي چڙهيل ميندي جو تکو رنگ هو. هن جو رنگ ايترو تہ سفيد هو جو پنجاهہ سٺ ورهين کان پوءِ بہ اهو جهڪو نہ ٿيو. ڪنوار ئي هو حيدرآباد آئي ۽ الهداد چنڊ جي ڳوٺ واري گهر ۾ زندگي گذاري، ڏولي تي چڙهي وڃي ٽنڊي يوسف جي قبرستان ۾ آرامي ٿي. اها آهي زندگي، لکجي نہ، تہ هانوَ ڦاٽي پوي.

ان وقت حيدرآباد کان ڪراچي اچڻ لاءِ بيو صرف هڪ رستو هو. جنهن تان جهرڪ، ٺٽي، گهاري، ڪورنگي، ڊرگ روڊ کان ٿيندو صدر ۾ اچي پهچبو هو. ليڪن ريل وارو رستو وڌيڪ سولو ۽ مزيدار هو. اتان ڪراچيءَ جي حدن ۾ گهڙي ڪيترا ننڍا وڏا خوبصورت بنگلا بہ نظر ايند اهئا، جن ۾ ڪجھ اڃا نهي رهيا هئا تہ ڪجھ نهي چڪا هئا. مونکي ياد آهي، انهن ۾ اداڪاره نورجهان جو بنگلو بہ هئو. جيڪو اسين هر پيري شوق سان ڏسندا هئاسين. هاڻ تہ اها ريل بہ خواب ٿي وئي آهي ۽ ٺٽي وارو رستو بہ. ٻئي طرف نئون سپر هاءِ وي نهيو آهي، جنهن تمام گهٽڻ جانين جو نذرانو ورتو آهي، ليڪن حيدرآباد ۽ ڪراچي وچ ۾ فاصلو گهٽائي ڇڏيو اٿس. هاڻ جنگشاهي جي اسٽيشن اچي ٿي نہ رڻ پٽياٽي نہ ڪورنگي، ڊرگ روڊ، ملير ڪينٽ ۽ ملير اسٽيشن يا چنيسر هالٽ. خبر ناهي انهن جي عمارتن جو ڇا حال هوندو. ورنہ ريل جو اهو سفر، جتي حيدرآباد ۽ ميرپورخاص کان ريل ڪارون بہ هلنديون هيون ۽ اسين دوستن سان گڏ جن ۾ مراد علي مرزا، مصطفيٰ شهواڻي، مشتاق قاضي، شمشير، طارق اشرف، غلام نبي مغل، حميد سنڌي، ناصر مورائي، مسعود قريشي، جام ساقي ۽ دادا مشتاق سان گڏ چڙهي تہ سير ڪندا مزا ماڻيندا هئاسين، اهو هڪ خواب بنجي ويو آهي.

اڄ جي ڪراچي هڪ شهر نہ بلڪ هڪ ملڪ آهي. هڪ طرف سمنڊ کي زمين ۾ تبديل ڪري ڊفينس جي نالي ۾ وڏن ماڻهن جي حسين دنيا آباد آهي تہ ٻئي طرف طارق روڊ، گلستان جوهر، گلشن اقبال، حسن اسڪوائر، ڪريم آباد ۽ ٻئي طرف بحريہ نالي سان جادوئيءَ نالن وارا شهر پيا آباد ٿين، جن ۾ پيرس، نيو يارڪ، لنڊن ۽ ماسڪو جي طرز تي عمارتون پيون نهن، جتي ڪنهن غريب ۽ وچولي درجي جي ماڻهوءَ جي رهڻ جي ڪا گنجائش ئي ڪانهي. اهي شهر زمين مان سهڻين عمارتن جي صورت ۾ ڦٽي نڪري رهيا آهن، شايد غريب پراڻي ڪراچيءَ ۾ ئي رهيا پيا هوندا يا وري ڪا وڏي غريب آبادي قائم ٿيندي، جيسين ڪو وڏو انقلاب نہ اچي جيڪو اها غربت مٽائي ڇڏي، اهو بہ اچي سگهي ٿو.

اسان کي تہ اجا بہ ڪارادر جي هوٽلن جي دڪيءَ تي ويهي ملائيءَ واري چانهہ پيئڻ ۾ مزو ايندو آهي پر هاڻي چون ٿا تہ شايد فضيلت واريون ٽرينون هلايون ويندديون ۽ ضرور ڪڍهن سٽي ۽ ڪينٽ اسٽيشن کي هڪ دفعو وري ڏسي سگهنداسين، جن جا رنگ دلين تي نقش آهن.

—

علي بابا چاليهہ چور جو قصو جنهن تي گهڻيون فلمون بہ ٺهيون پر اجا بہ موجوده دور جي ڪيترن ڏاهن کي اها خبر ڪانهي تہ ڪو اهي چاليهہ چور علي بابا جا نہ پر هن جي ڀاءُ قاسم جا هوند اهئا، جن کي علي بابا جي ٻانهي مرجينا اتڪل سان تيل جي دٻن ۾ ويهاري ساڙي مارائي ڇڏيو هو. ماڻهو هميشہ چوندا آهن تہ هتي تہ جڻ علي بابا ۽ چاليهن چورن جو قصو پيو هلي. سو علي بابا جو چورن سان واسطو ڪونہ هو هو هڪ ايماندار ڪانير هيو ۽ اتفاق سان چورن جي اڏي تي پهچي "کُل جا سم سم" جو جادو معلوم ڪري انهن چورن جو مال کڻي ويو هو.

انهن ۾ رنڌير نالي هڪ نوجوان، جنهن بادل ۾ مدو بالا جي پوڙهي پيءُ ۽ بيوقوف جاگيردار جو رول ادا ڪيو تہ ساقيءَ ۾ وري بہ مدو بالا جي پيءُ ۽ بادشاهہ جي رول ۾ هڪ پوڙهي ۽ پرمتڙئي شخص جو رول ادا ڪري حيران ڪري ڇڏيو هو. پنهنجا ڪردار ڏياري خوبيءَ سان نڀاياڻين باقي هن جن بہ فلمن ۾ جوان ڪردار ادا ڪيا، انهن ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيو.

—

پنهنجي سچل ڪاليج جي دوستن کي ياد ڪندي مونکي منهنجي پٽ شفقت هڪ دوست مسرور راهي جي ياد ڏياري، جيڪو هڪ نهايت اعليٰ درجي جو پينٽر هو. هن جو پيءُ 'راهي آرٽ' جي نالي سان پوسٽر ۽ بورڊ بہ ناهيندو هو ۽ اهي حيدرآباد جي مختلف رستن، بلڊنگ ۽ سئنيمائن ۾ نظر ايندا هئا. جڏهن تہ مسرور انٽر آرٽس ڪئي ۽ پوءِ وچي پيءُ سان گڏ صدر ۾ سندس پينٽنگ جي دڪان تي وينو. هو جهڙو هو

زبان جو منو اهڙو ئي اعليٰ ڳڻن وارو. هندستان مان لڏي آيل هوندي تمام سٺي سنڌي ڳالهائيندو هو ۽ پاڻ کي ڪڏهن بہ مهاجر ڪونہ سڏائيندو هو. جيئن تہ هو غلام مصطفيٰ شهواڻي، ضمير مرزا، مشتاق قاضي، اقبال قاضي، گوهر لوڌي، نياز ۽ اسلام الدين جيان هڪ ئي ساٿ جو سنگتي هو تنهن ڪري هن وٽ دڪان تي بہ وجهڻ ٿيندو هو جتي هو پيءُ جي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو هو.

منهنجي هن سان ڪافي وقت ملاقات رهي ۽ جڏهن هنن ڪوٽڙي والا چيمبرس ۾ اچي دڪان کوليو اتي آءُ بہ پريس جي ڪم خاطر هن وٽ ويندو هوس ۽ هو هميشہ پوسٽر ۽ پينٽنگ ناهي ڏيندو هو ليڪن عام واپارين وانگر پئسي جي گهٽي تانگهہ ڪانہ هوندي هئس البتہ زور ڀرڻ تي جيڪي ڏبو هو وٺي ڇڏيندو هو. هاڻ تہ اها بلڊنگ ئي ناهي، نہ ڪو راهي آرٽ جو ڪٿي نالو ٿو ٻڌجي. خبر ناهي مسرور هن دنيا ۾ آهي يا نہ، پر هو دل ۾ اجا موجود آهي.

—

اهي گانا جن کي ياد ڪري اج بہ ننڊپڻ ياد ايندو آهي پر لڳندو آهي تہ اهي سڄي عمر لاءِ آهن ۽ انهن مان هر وقت سبق حاصل ٿئي ٿو:

- ننهي مني بچي تيري مُٺي مين ڪيا هي (بُوٽ پالش)
- تو هندو بني گا نہ مسلمان بني گا (دهول ڪا پُهول)
  انسان کي اولاد هي انسان بني گا.
- چپ هو جا، اميرون ڪي يہ سوني ڪي گهڙي هي
  تيري لئي روني ڪو بهت عمر پڙي هي.
- تو پيار ڪا ساگر هي، تيري ايڪ بوند ڪي پياسي هم (فلم سيما)
- اي مالڪ تيري بندي هم (فلم "دو آنکهين باره هاٿ")
- پگهلا هي سونا نيل گگن پر ڦهل رهي هين شام ڪي سائي
  مالڪ تيري سُندر ليلا ڪتني پياري هئي
  يہ زندگي ڪي ميلي، دنيا مين ڪم نہ هون گي (ميلا)
  افسوس هم نہ هون گي

- غريبون ڪا پسينہ بهہ رها هي (نيا آدمي)
يہ پاني بهتي بهتي ڪهہ رها هي.
ڪبهي وہ دن بهي آئي گا.
يہ پاني رنگ لائي گا.

- ماٽي ڪي پتلي نشي مين هي چور (نيا آدمي)
غريبون ڪي دنيا سي رهتي هو دور.
ڪبهي ايڪ دن ايسا آئي گا.
جب ماٽي مين سب مل جائي گا.

هنن گانن ۾ جتي انسان جي اندر جي درد جي ڳالهہ ڪيل آهي، اتي اميد پرستي بہ نظر اچي ٿي. مذهبي ڪٽرپڻي جي خلاف بہ هنن گانن ۾ جيڪو پيغام آهي، ان جو منهنجي زندگيءَ تي وڏو اثر رهيو.

-

هندستاني فلمن ۾ مزاحيہ اداڪار تہ گهڻا ٿيا، پر گوپ ۽ جاني واڪر جهڙا اداڪار مشڪل سان ملندا. انهن مان بہ گوپ تہ مزاحيہ ڪردار بہ ادا ڪيا تہ ولين جا ڪردار بہ ادا ڪيائين. خاص ڪري دليپ ڪمار سان ترانا ۽ آرزو ۾ ۽ نورجهان ترلوڪ ڪپور سان فلم مرزا صاحبان ۾ هن جا ڪردار بي مثال هئا. باقي خزانہ ڪالي گهٽا، گهر ڪي عزت، ضدي، بازار، پتنگا، ساقي، الف ليلہ، پگڙي، نگينہ، بارادري، چوري چوري ۽ بين بي شمار فلمن ۾ هن وفادار دوست توڙي مزاحيہ ڪردارن ڪي هندوستاني فلمن ۾ اڻ ٽر حيثيت ڏياري.

ٻئي طرف جاني واڪر تہ ڪلاس جو اداڪار هو. پياسا، مسٽر اينڊ مسز 55، ٽيڪسي ڊرائيور، چوري چوري، ڇو منتر ۽ بي شمار فلمن ۾ هن پنهنجي اداڪريءَ جا جوهر ڏيکاريا ۽ ان دور جي ڪيترن وڏن مزاحيہ اداڪارن هوندي بہ هن جو نالو فلمي ڪاميابيءَ جي ضمانت هئو.

هن جي نموني جو پاڪستاني فلمن ۾ مزاحيہ اداڪار لهري هو جيڪو چون ٿا تہ ڪئين ڊائلاگ پنهنجا بہ چئي ڇڏيندو هو. اهوئي سبب

آهي جو ڪيترين فلمون هن جي ئي نالي جي ڪري هلنديون هيون.
ورنہ هن ڪان اڳ، ظريف، نذر ۽ پوءِ منور ظريف، رنگيلا، ننها ۽ ٻيا ڪيترائي مزاحيہ اداڪار اسڪرين تي آيا. ماڻهن کي ڪلاڪارن بہ پر اهو مزو نہ ڏئي سگهيا جيڪو لهريءَ جي ڊائلاگ ڊليوريءَ ۾ هوندو هو. ماڻهو لهريءَ جا ادا ڪيل جملا عام زندگيءَ ۾ مثال طور استعمال ڪندا هئا، بلڪل ائين جيئن جاني واڪر جا جملا ۽ هن جو انداز مشهور هو.

—

حيدرآباد پريس ڪلب جي اوج واري دور ۾ سنڌ جا اديب، دانشور، سياستدان، صحافي، راڳي، موسيقار، رٽائرڊ ڪامورا، راندين جا شوقين، خبرون ڏيڻ لاءِ ايندڙن سان گڏ غير ملڪي سفير، اتاچي، اعليٰ شخصيتون پڻ اينديون هيون ۽ پنهنجي پنهنجي ملڪ جون خصوصي فلمون، ڪتاب ۽ ٽيليويزن سيٽ وغيره تحفي ۾ ڏئي وينديون هجن.

هن ڪلب ۾ وڏي عرصي تائين تہ اسٽاف رپورٽرن ۽ پريس فوٽوگرافرن کي بہ ميمبر ڪونہ بنايو ويندو هو. ليڪن پوءِ اهڙو وقت آيو جو اهي سڀ ميمبر بنجي ويا ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جا ميمبر بہ ان جا ميمبر ٿي ويا. وقت بہ بدلجي ويو. هاڻ سياسي ماڻهو ڪلب کي وڏا وڏا چندا بہ ڏيڻ لڳا تہ اليڪشن بہ زور شور سان ٿيڻ لڳيون. پراڻا صحافي پري هليا ويا، هاڻ فوٽوگرافر ۽ اي پي پي توڙي اطلاعات کاتي جي ماڻهن جو انگ وڏي ويو.

جڏهن هن ڪلب کي وزيراعليٰ ۽ مرڪزي وزيرن طرفان بي حساب فنڊ مليا تہ ان وقت ڪلب جي نمائندگي اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ هئي جن جي صحافتي زندگيءَ جو عرصو تمام گهٽ هئو. تنهنڪري هنن جو بہ گهڻو ڏيان خرچ ڪرڻ تي لڳو بهرحال نئين عمارت نئين ساز ۽ سامان سان تيار ٿي وئي ۽ حيرت تڏهن ٿي جڏهن ان کي "عقيل ابراهيم پريس ڪلب" جو نالو ڏنو ويو جڏهن تہ هن ڪلب جي بلڊنگ تي نالي جو حق يا تہ شيخ علي محمد کي هئو جنهن سڄي زندگي اخبار نويسي ڪئي ۽ پنهنجون بہ اخبارون، آفتاب ۽ هلال پاڪستان (پيپلز پارٽيءَ

جي سربراهي ۾ قائم ڪيون) يا وري اهو اعزاز اختر علي شاهه کي ملڻ گهرجي ها، جنهن سڄي عمر ديانتداري سان پاسبان اخبار هلائي ۽ پريس ڪلب جي هر ڪم ۾ گرمجوش رهندو هو.

—

ننڍپڻ ۾ جيڪي فلمون ڏٺيونسين، تن جو اثر اڃا ذهن تي باقي آهي. ياد ٿو اچي ته ڪي اهڙيون فلمون به هونديون هيون جن ۾ ماراماري گهٽي هوندي هئي. اهي عام پبلڪ ۽ ٻارن جي ٽيسٽ مطابق هونديون هيون. خاص ڪري ناديا جان ڪائوس ناديا لالا يعقوب (مشهور اداڪار يعقوب کي ان وقت لالا يعقوب ڪري سڏيندا هئا) ڊبو ۽ بابو راءِ جون فلمون (مشهور مزاحيه اداڪار ڀڳوان کي ڊبو ڪري لکندا هئا). هنن فلمن جون ڪهاڻيون دلچسپ، بادشاهه ۽ اميرن جي قصن کان عام مزاحيه ڪهاڻين تائين هونديون هيون. هاڻ به ناديا جون پراڻيون فلمون 'ڊائمنڊ ڪوئين'، 'هنٽر والي' وغيره ته ملن ٽيون پر ڊبو بابو راءِ جون فلمون ڪونه ڏٺيون اٿم. البته ڀڳوان بعد ۾ وڏي عرصي تائين مزاحيه ڪردار ادا ڪندو رهيو بلڪ البيلا جهڙي هڪ زبردست ميوزيڪل فلم به ناهيائين. هن جي ناچ جو انداز به نرالو هو ايتري قدر جو 'اميتاڀ بچن' به تسليم ڪيو آهي ته هن ناچ ڀڳوان دادا کان سکيو.

ان کانپوءِ وري مزاحيه فلمن جو دور به ڏٺوسين جن ۾ سوري فلم جون ايڪ ٿي لڙڪي، ايڪ دو تين ۽ ڊولڪ لاجواب فلمون هيون ۽ ٻري ٻري ڏسڻ تي دل ٿي چوي. هنن ۾ هيروئن ته مينا شوري هئي باقي ٻن فلمن ۾ هيرو موتي لال هو جڏهن ته ڊولڪ ۾ اجيت هيرو جو رول ادا ڪيو هو. هنن فلمن جا گانا به مشهور ٿيا ته مينا شوري به لارا لپا گرل طور مشهور ٿي وئي. ٻئي طرف گوپ يعقوب جون فلمون به دل وندرائڻ لاءِ سٺيون هونديون هيون. بازار ۽ پتنگا ۾ ته ڪمال جو رول ڪيو اٿن. جڏهن ته سگائي ۾ به هنن جو ڪم يادگار رهندو. يعقوب آغا سان گڏ ٻڙي ڀيا ۾ به نهايت دلچسپ رول ڪيو آهي ۽ اها فلم مون پنهنجن دوستن ۽ گهر وارن سان

بار بار ڏني. خاص ڪري جو ان ۾ نمائش بہ ڊيڪاريل هئي ۽ هڪ سنڌي اداڪاره حسن بانو بہ ان ۾ هئي جنهن تي مشهور گانو:

"هلو سائين هلو هم پيڇي پيڇي آتي هين تم آگي آگي چلو"

ڏاڍو مشهور ٿيو. انهن سان گڏ سندر جي فلمن ۾ بہ چڱو مزو هوندو هو. هن جي فلم پنگڙا تہ ڏاڍي مشهور ٿي، جهڙي هئي ڪهاڻي تهڙا سٺا هئس گانا. خاص ڪري:

مُلهہ وڪدا سجن مل جائي
لي لي وان مين جند ويچ ڪي

ان کان سواءِ سندر البيلا، چاندني چوڪ، بارادري، جل پري ۾ بہ گھڻين فلمن ۾ رول ڪيا ليڪن هن جو انداز هڪ جهڙو ئي هئو. ٿنهنڪري گوپ ۽ آغا وغيره جو مقابلو نہ ڪري سگهيو. باقي اوم پرڪاش، راجڪپور جي فلم سرگم ۾ پيءُ جو رول جنهن دلچسپ انداز ۾ ڪيو تنهن جو مثال ڪو ٿورو ٿو ملي. هن نہ صرف مزاحيہ جملا ادا ڪيا پر چهري جا تاثرات بہ اهڙا هئس جو فلم هالي ووڊ جي فلمن جي مقابلي جي ٿي وئي. ان کان گھڻو پوءِ هڪ مشهور امريڪي اداڪار جان ملس کي فلم ريانس ڊاٽر ۾ صرف چهري جي تاثرات سان اداڪاري ڪرڻ جي ڪري 'آسڪر اوارڊ' مليو. هن فلم ۾ هن گونگي جو رول ادا ڪيو آهي.

اوم پرڪاش هڪ جدا ڪيٽگري جو اداڪار هو. هن جي اداڪاري اصلي ۽ حقيقي لڳندي هئي. هن جي گفتگو اکين ۽ نهارڻ جو انداز ۽ ڳالهائڻ جو خاص طريقو بہ ئي ڪنهن بہ اداڪار کي نہ آيو. هو مزاحيہ رول توڙي ڪريڪٽر رول ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو. مون 1955 ۾ سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي ميلي تي الزام فلم ڏٺي هئي جيڪا هڪ اسٽيشن ويگن ۾ رکيل پروجيڪٽر ذريعي، ميدان تي لڳل وڏي پڙدي تي پئي هلايائون. ان ۾ اوم پرڪاش ولين جي رول ۾ جيڪو مزاح پيش ڪيو آهي، اهو ڏسڻ وٽان آهي. اهڙو ئي رول هن زندگي يا طوفان ۾ هڪ نقلي نواب جو رول ادا ڪري ڪيو آهي. مزاحيہ ڪريڪٽر رول ڪندڙ هي اداڪار انا پرست بہ

هو هو پاڻ کي سينئر سمجهندي فلم ۾ ڪم ڪرڻ کان اڳ شرط وجهندو هو تہ سندس نالو هيرو کان بہ اڳ اچڻ گهرجي.

هن گلزار جي فلم ”آنڌيءَ“ ۾ هڪ سياسي ورڪر جي رول ۾ جيڪو ڪردار ڪيو آهي اهو بہ وساري نہ ٿو سگهجي. مون هن جي هڪ اوائلي فلم ڏٺي هئي جنهن جو نالو ياد ڪونہ اٿم. ان ۾ هن هڪ لوفر ٽائيپ ڇوڪري جو رول ڪيو آهي ۽ پٽ تي پيل هڪ پائلي (چواني) کي جنهن ريت پير هيٺان لڪائي ڪڍڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، اهو ڏسي کل روڪي نہ ٿي سگهجي. وري جو پائي پائي ۾ زال کي پيٽ بنائي مالڪ کي لٽڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ ماڻهو ٽي پيو ٿو لڳي.

هنن اداڪارن ۾ ڪشور ڪمار جهڙا اداڪار بہ هئا. جن جي هر ادا ۾ مزاح سمايل هوندو هو پر ڏکويل انسانن جو ڪردار بہ ڪاميابيءَ سان ڪندا هئا. ڪشور ڪمار جو مزاح صرف زباني ڪونہ هوندو هو هن جي هر موومينٽ ۽ هر گفتي ۾ بلڪ هر انداز ۾ مزاح هوندو هو پر جڏهن ڏک وارا رول ادا ڪندو هو تہ لڳندو هو تہ اهو مزاح سندس ڏک کي لڪائڻ لاءِ هڪ پوش آهي، جيڪو هو هميشہ منهن تي چاڙهيو پيو هلندو هو.

هي اهي اداڪار هئا جن کي فنڪار چئجي تہ غلط نہ ٿيندو. هو مختلف ڪردارن جو مطالعو ڪري، هنن جو ويس پائي هنن جهڙا ئي ٿي ويندا هئا. کلائي بہ سگهندا هئا تہ روئاڙي بہ سگهندا هئا. بن ادائي ڪلاڪن جي فلمي رفاقت ۾ پنهنجا اڻ مٽ نقش ڇڏي ويندا هئا. هنن جون ڪيتريون يادون آهن، جيڪي لکجن تہ خبر ناهي ڪيترا پنا ۽ ڪيتري مس استعمال ٿي وڃي.

—

4_آڪٽوبر 2018ع تي، صبح جوئي مدد علي سنڌيءَ جو فون آيو ۽ ٻڌايائين تہ عزيز شيخ گذاري ويو. هي لفظ ٻڌي منهنجي اڳيان ڇڻ تہ ڪا وڄ وراڪو ڏئي وئي ۽ بي پناهہ ماضيءَ جا منظر اکين اڳيان ڦيريون ڪائيندا نظر آيا. جنهن ۾ ڪڏهن عبرت اخبار ۾، ڪڏهن پريس ڪلب ۾، ڪڏهن ايڊوِن بار ۾ تہ ڪڏهن نوڙهي چاڙهيءَ تان لهي، جدا جدا پاسي

پنهنجي گهر ڏانهن وينديو. آءٌ الهداد چنڊ جي ڳوٺ ۾ رهندو هوس ۽ هو ٽنڊي آغا ۾ مرزائن جي پاڙي ۾. ممتاز مرزا ۽ مراد علي مرزا جي گهر جي سامهون رستي جي ٻئي پاسي هنن جو گهر هو جتي هو پنهنجن وڏن ڀائرن اسماعيل شيخ ۽ ابراهيم سان گڏ رهندو هو. جيڪي پنهنجي فيلڊ ۾ مڃيل ليکڪ، تعليم دان، براڊڪاسٽر ۽ صحافي هئا ته وري سندن ڀيڻ مس زبيدا اي. شيخ به هڪ ليکڪ.

مون چند ڏينهن پهرين فيس بُڪ تي عزيز ۽ يوسف شاهين جو هڪ نئون فوٽو ڏٺو هو. جنهن ۾ ٻئي پنهنجي وقت جا جوان، وقت جي بار کان جهڪيل پر چهرا شاداب، بيٺل نظر آيا. اهو مون پنهنجي نئين ڪتاب لاءِ SAVE ڪري ڇڏيو پر اها خبر ڪانه هئي ته هن ڪتاب ۾ عزيز جي هن جهان مان لاڏاڻي جو سفر به شايع ٿيندو.

شيخ عزيز جي پائي جا ماڻهو مون گهٽ ڏٺا. هڪ بيباڪ صحافي، دوستن جو دوست، ڪاڻ پيڻ وارو، پڙهڻ ۽ موسيقيءَ جو شوقين بلڪ اهو شوق ڪيس فن جي بلندين تي ڪٺي ويو ۽ هن ڪلچر، هسٽري ۽ ميوزڪ تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيا. انگريزي جيڪا ٻولي هو پنهنجي محنت سان سکيو هو ايتري قدر جو لفظن جي معنيٰ لاءِ مخصوص ڊڪشنرين جا پيج نمبر به ياد هوندا هئس. عبرت ۾ هوندو هو ته پير مظهر به گڏ هوندو هوس ۽ اسان به رات جو 'خادمِ وطن' مان ڪم ڪري 'عبرت' جو رخ اختيار ڪندا هئاسين. جتي ڪچهرين جا خاص دور هلندا هئا.

پريس ڪلب ۾ ايندو ته شيخ علي محمد، قسيم چغتائي ۽ سيد ناياب حسين سان ٽيبل ٽينس جا مقابلا جاري هوندا هئا. هو ٽيبل ٽينس ۽ شطرنج جو ماهر رانديگر هو.

حيدرآباد مان ويو ۽ 'جنگ' اخبار ۾ پهتو ته اسان جا نالا به جنگ ۾ پهچي ويا. منهنجي هر ڪتاب جو تبصرو جنگ ۾ ڇپيو ته اُن وقت جا منهنجا ڪيترا سياسي ۽ سماجي مضمون به ڇپيا. مڊ ويڪ ۾ منهنجا خصوصي انٽرويو شايع ٿيندا رهيا. وري جو اتان اُڏاڻو ته 'ڊان' ۾ وڃي پهتو. جتي سندس لکيل مضمون اڄ به گهڻن کان ڪونه وسريا هوندا.

ڪيترن سنڌي اديبن جي وفات تي هن جا 'ڊان' ۾ مضمون شايع ٿيندا رهيا. منهنجا ڪيترا سنڌي ڪتابن تي انگريزيءَ ۾ لکيل تبصرا هن ڊان ۾ شايع ڪيا. حيدرآباد ايندو هو تہ هن سان ملاقات سندس گهري دوست "حميد ڀائي" جي سلطان هوٽل واري فٽ پاٿي اخبارن جي دڪان تي ٿيندي هئي تہ دل خوش ٿي ويندي هئي.

وقت هن کي نيٺ اُڏائي وري حيدرآباد پهچايو ۽ هو سنڌي ادبي بورڊ جو وائيس چيئرمين ٿيو. پير مظهر پنهنجي وزارت ۾ جيڪي چڱا ڪم ڪيا هئا تن ۾ بهترين ڪم اهو هو حالانڪہ ادبي بورڊ جا آفيسر هن سان ڪونہ ٺهيا ۽ آءُ جڏهن بہ هن وٽ ويس تہ هن کي اڪيلو ڏٺم بلڪہ ڪن آفيسرن مونکي چيو تہ سائين هي ماٺهو زوري قبضو ڪريو ويٺو آهي، تہ انهن کي بہ منهنجون چڙيون ڪاٽيون پيون. جتان نيٺ هو هليو ويو ۽ وڃي ڪراچي واسي ٿيو ۽ آخري آرامگاهہ بہ اتي مليس.

عزيز تي لکڻ جي ايتري ضرورت آهي، حو سنڌي توڙي ماس ڪميونيڪيشن ۾ هن تي ڪيتري ئي ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جي ليول جي تحقيق ٿي سگهي ٿي.

—

# انٽرويو

[قاضي خادم ادب لاءِ وڏيون خدمتون انجام ڏنيون آهن. هن جي هڪ وڏي اهم خدمت سندس انگريزي ۾ سنڌي 42 آتم ڪهاڻين جي تبصرن جو ڪتاب آهي. "The glorious past" جنهن تي ڊاڪٽر نبي بخش خان اهو چيو ته "هاڻ جڏهن قاضي خادم جهڙي اديب سنڌي ڪتابن کي انگريزي ۾ متعارف ڪرائڻ جو ڪم شروع آهي ته ٻين کي به اهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن." قاضي خادم جا اردو سنڌي ۽ انگريزي ۾ هن وقت تائين 50 کان وڌيڪ ڪتاب اچي چڪا آهن. جن ۾ مقالا، ڪهاڻين جا مجموعا، ناول، ادبي سفر، شعري مجموعا، اردو ناول، ڊراما، يادگيريون ۽ ترجما توڙي ترتيب ڏنل ڪتاب شامل آهن. سندس ريڊيو تي وي ڊرامن جو مجموعو "لڙڪ لڙڪ زنجير"، ناول ۾ "پيار ۽ سپنا" ۽ "در جي خوشبو"، ترجمن ۾ "زوال" ، "جواري"، "سونهن جي ديوي ۽ پيار" شامل آهن. اردو ڪتاب ۾ "شمع هر رنگ ۾ جلتي هي" ۽ "قاضي خادم کي افسانے" شامل آهن. افسانن ۾ "سمنڊ اپسمنڊ" ۽ "متيءَ ۾ ملاوٽ". جڏهن ته مقالن ۾ "سنڌي جا نثري داستان"، "ادب ۽ روايتون"، "شهري حياتي ۽ ڳوٺ" شامل آهن. قاضي خادم جو هڪ ٻيو وڏو ڪارنامو اهو آهي ته هن جي يادگيرين جا 7 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. جن ۾ دل جي دفتر مان، ساروڻيون، اندر روح رهيام، پير اچا مون پنڌ ۾، ڳالهڙيون ڪتيون ناهن، ياد ياد هڪ زندگي ۽ ڪليل اکين جا سپنا شامل آهن. جن ۾ هن گذريل صدي کان موجوده وقت تائين سنڌ جي سماجي، ادبي، سياسي، اقتصادي زندگي جو تمام دلچسپ ذڪر ڪيو آهي. جنهن تي ڪيس پاڪستان

اڪيڊمي آف ليٽرز ۽ سنڌ جي ڪلچر واري شعبي طرفان بهترين سوانحي ادب جا ايوارڊ پڻ ملندا رهيا آهن.
قاضي خادم 2004 کان علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جو اعزازي ڊائريڪٽر آهي، جتي هن 18 ڪتاب مرتب ڪري شايع ڪيا آهن. هن وقت، هن سنڌ جي مشهور علمي شخصيت محمد حسين ترڪ جي باري ۾ انگريزي، سنڌي ڪتاب ترتيب ڏنو آهي، جيڪو شايع ٿي چڪو آهي.]

س: سنڌ ۾ تعليم جي تباهيءَ جا ذميوار ڪير آهن؟

ج: سنڌ ۾ تعليم جي تباهي جا ذميوار اسين پاڻ آهيون، جيستائين ميرٽ تي نوڪريون نہ ملنديون ڪاپي ڪلچر ختم نہ ٿيندو تعليم کي سڌارڻ ممڪن ناهي. سنڌ ۾ تعليم جي تباهي جا ذميوار اسين پاڻ آهيون، اسان وقت سان گڏ هلڻ نہ سکياسين، هاڻ ٻار اهي ڪتاب نہ پڙهندو جيڪي 19هين ۽ 20 هين صدي ۾ پڙهايا ويندا هئا. تعليم کي حالات سان گڏجي رکڻو پوندو، اسان کي جديد علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ جديد طريقہ علم سان هلڻو پوندو، ان ڪانسواءِ اڳتي نہ وڌي سگهنداسين، هڪ تہ تعليم جو معيار هڪ هنڌ بيٺل قافلي جهڙو آهي، مٿان نوڪرين ڏيڻ وارا ادارا پنهنجو معيار قائم نہ رکي سگهيا آهن. اخبارون انهن خبرن سان ڀريل نظر ٿيون اچن تہ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ رات جو فيل ڏيکاريل اميدوار صبح جو پاس هوندو آهي، ان کان وڏيڪ ڪهڙو ظلم هوندو. اسان جي ادارن ۾ وڏي تباهي انهن انهن ماڻهن آندي آهي جيڪي پاڻ ڪڏهن ادارن ۾ ناهن رهيا پر ٻڌل ڪهاڻين تي فتوا ڏئي ڇڏيندا آهن. سفارشي ڪلچر هئڻ سبب گڙٻڙ آهي، جيڪو بہ فيصلو ڪيو وڃي ٿو اهو وقت سر ظاهر نہ ٿو ڪيو وڃي، فيصلا سياست جو شڪار ٿي وڃن ٿا. ادارن ۾ ميرٽ کي بحال ڪيو وڃي، ان سان ڪجھ ماڻهن جو ڪاڏو پيتو بند ٿيندو پر مسئلا ختم ٿي ويندا. ميرٽ بحال ٿي وڃي تہ ڪوٽا سسٽم جي بہ ضرورت نہ پوندي. ٻولي جو مسئلو جذباتي بڻايو ويو آهي، سنڌي

سان گڏ ٻيون ٻوليون بہ سکڻ گهرجن. جيڪي ڪاروبار يا نوڪري ۾ ڪم اچن. گهٽين ٻولين جي سکڻ سان سنڌي ٻولي شاهوڪار ٿيندي هن چيو تہ هڪ وڏي ٻوليءَ جي وڏي خوبي اها آهي تہ هوءَ گهٽي ۾ گهٽين ٻولين جا لفظ پاڻ ۾ سمائي سگهي. ان سان سنڌي ثقافت ۾ بہ واڌ ٿيندي. ٻوليءَ طور سنڌي سبجيڪٽ ايم اي، ايم ايس سي، ميڊيڪل ۽ ڪامرس جي تعليم تائين لازمي هجڻ گهرجي. ٻولي ۽ ادب، ميڊيڪل، انجينئرنگ، ايگريڪلچر ۽ ٻين تعليمي ادارن ۾ لازمي ڪيو وڃي. اسان وٽ ٻولين کي اهميت نہ ٿي ڏني، جڏهن تہ هر علم جي جاڻ ٻولي آهي، هاڻي ڪتابن پڙهڻ جي اهميت ناهي رهي، پڙهڻ وارا ناهن رهيا. نوجوانن کي بہ پڙهڻ جو شوق ناهي رهيو. ٽي وي ۽ انٽرنيٽ جي ڪري ادب کي وڏو نقصان پهتو آهي. ڪتاب بہ مهانگو ٿي ويو آهي. اڳ ڪتاب اسڪولن ۽ ڪاليجن جي لائبريرين ۾ هوندا هئا. شهرن جي لائبريرين ۾ هوندا هئا. شهرن ۾ هلندڙ ڦرندڙ لائبريريون هونديون هيون. هاڻي اهي بہ ختم ٿي ويون. ڪتابن مان دلچسپي جي کوٽ جو بہ وڏو ڪارڻ اهو ٿي آهي تہ اسان جون لائبريون فعال ناهن. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ لائبريريون فعال ڪرڻ جي ضرورت آهي. ادب تي ڳالهائڻ وارا ماڻهو ناهن رهيا. ماڻهو ادب کي نہ ٿا پڙهن. ان جو مونکي ايڏو ڏک آهي جو ڇا ٻڌايان. اڳ ادب تي ڳالهايو ويندو هو. ادب رڳو معاشري جو عڪاس ناهي، ادب ۾ زندگي جي هر پهلو جو عڪس آهي. سنڌي اديب ۽ محقق اوستائين ڪامياب نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين هو انگريزي، فارسي ۽ عربي ٻولين کان واقف ناهي. اسان جي ادب جو تهذيبي طور فارسي ۽ مذهبي طور عربي سان ۽ جاگرافيائي طور هنديءَ سان واسطو آهي. انهن ٻولين کي پڙهڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن اسان پنهنجي ماضيءَ جي شاعري توڙي تحقيقي لکڻين مان فائدو وٺي سگهون. جڏهن تہ ٻارن سان گڏ نوجوان، عورتون، غريب ۽ امير سڀ تفريح چاهين ٿا. انهن لاءِ راندين جا ميدان وغيره نهرايا وڃن تہ جيئن هنن جي ذهني صحت بہ بهتر رهي.

س: ڇا توهان ماضيءَ کي هن وقت کان بهتر ٿا سمجهو؟

ج: جڏهن هي ملڪ وجود ۾ آيو تہ وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿي هئي، شهري مڊل ڪلاس توڙي اپر ڪلاس جنهن ۾ وڏو انگ هندن جو هو، اهي سنڌ ڇڏي هندوستان ويا. جنهن جي ڪري هتي وڏو سماجي، واپاري، ادبي ۽ علمي خال پيدا ٿي ويو اهو خال اڃا تائين مڪمل طور پرجي نہ سگهيو.

س: ڪاپي ڪلچر ڪيئن ختم ٿيندو؟

ج: منهنجي خيال ۾ هاڻ پرائمري استاد گهٽ ۾ گهٽ 17هين گريڊ ۾ڀرتي ٿيڻ گهرجن. ڇاڪاڻ جو هو تعليم جي پيڙهہ جو بنيادي پٿر آهن. ڪاپي ڪلچر بنيادي طرح بي اطمناني ۽ عدم تحفظ جي ڪري وجود ۾ آيو. جڏهن تہ پوءِ ان ڪري ڪيترن ڏاڪن کان سمجهيو اهو پيو وڃي تہ صرف ڊگري حاصل ڪرڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ جو اها ڪاپي ڪري بہ حاصل ڪري سگهجي ٿي، باقي نوڪري سفارش تي ملي ويندي، صرف ميرٽ تي نوڪريون ڏيو تہ پوءِ ڏسو ڪاپي ڪلچر ڪيئن نہ ٿو ختم ٿئي.

اعليٰ تعليم جي باري ۾ هڪ سوال جي جواب ۾ چيو تہ، هن وقت يونيورسٽين ۾ فارين اسڪالرشپ تي تمام وڏو خرچ ٿئي ٿو. اهڙا سبجيڪٽ جن جا ماهر، جيڪڏهن ملڪ ۾ موجود ناهن تہ اسان دنيا جي ٻين ملڪن مان اهي ماهر ڪانٽريڪٽ تي گهرائي سگهون ٿا، جيڪي نہ رڳو اسان جي شاگردن کي اهو سبجيڪٽ پڙهائيندا پر اسان جي استادن کي بہ ٽريننگ ڏئي ويندا. اسان پاڻ پرا ٿي ويندا سين ۽ تمام گهڻي زرمبادلا بچندي. يورپي ملڪن ۾ پاڪستان ڪمائي جو ذريعو آهي، اسان شاگردن جا جٿا ٻاهر موڪلڻ بدارن اتان کي ماهر هتي ڇو نہ گهرايون. هونئن بہ ٻاهران پي ايچ ڊي ڪري ايندڙ ڪيترا ئي شاگرد ڪيترائي ذهني مسئلا کڻي اچن ٿا. اتان جي زندگي هتان کان مختلف آهي، هتي اچي هو پاڻ کي مِس فِٽ ٿا محسوس ڪن. هاڻ مورڳو رٽائرڊ پروفيسرن کي گائيڊ ڪرڻ تي پابنديون پيا وجهن. جڏهن تہ ٻاهريان ادارا

اهڙن پروفيسرن کي پاڻ وٽ رکي فائدو ٿا حاصل ڪن. پرائيوٽ اسڪولن ۽ ڪاليجن جا استاد سياست ۾ ناهن. ان ڪري هو اڳتي وڌن پيا. جڏهن تہ سرڪاري ادارن ۾ سياست آهي. استادن کي سڀ کان وڏيڪ تعليم ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي. هن چيو تہ هن دور ۾ جيستائين سنڌي اديب کي فارسي جي ڄاڻ ناهي تہ ان جي شاعري ۾ ڪٿي نہ ڪٿي جهول رهجي وڃي ٿو. انگريزي ڪتاب کي اردو مان ترجمو ڪرڻ ڏکيو آهي پر جيڪڏهن ان کي اصل ٻولي يعني انگريزي مان ترجمو ڪجي تہ آسان آهي. هن چيو تہ سياست مثبت آهي تہ فائديمند بہ آهي پر جيڪڏهن ذاتي مفادن لاءِ ڪئي وڃي ٿي تہ اها نقصان ڪار آهي.

س: ادب جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو؟

ج: اديب ۽ فنڪار ڪڏهن بہ غلط ڪم جو ساٿ ناهن ڏيندا، سنئون سڌو انساني معاشرتي مسئلن کي پنهنجي تخيل سان پيش ڪندا آهن. تنهن ڪري ان جا الفاظ بہ تيز هوندا آهن. ڪنهن سان ٺاهہ ناهن ڪندا. جن اديبن حڪومتن جو يا وڏن ماڻهن جو ساٿ ڏنو يا پاسو ڪنيو انهن جا نالا وقت سان گڏ غائب ٿي ويندا آهن. منهنجو پهريون ناول "پيار ۽ سپنا" هو جنهن جون 10 هزار ڪاپيون ڇاپيون ويون ۽ بازار ۾ کپي ويون. هاڻ دوست وڏين هوٽلن ۾ 10هزار رپين جي ماني کارائين ٿا پر 200روپين وارو ڪتاب مفت ۾ ٿا وٺن. ڪيترن ڪتابن جي دڪان تي سڄي ڏينهن ۾ رڳو 10 ڪتاب کپن ٿا. هڪ 25 ڪتاب لکندڙ ماڻهو مونکي ڪڏهن ڪتاب نہ ڏنو مونکان مفت ۾ ڪتاب گهرندو رهيو. مون بہ کيس بيزار ٿي ڪتاب ڏنو تہ ابتي سنڌي ۾ لکي ڏنو.

س: پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو؟

ج: پنهنجي زندگي ۾ ڪنهن بہ ماڻهو سان نفرت نہ ڪئي اٿم. پلي هو مون سان ڪيترو بہ خراب ڇو نہ هليو هجي. مون ان لاءِ برو ناهي سوچيو. آءٌ هالا پراڻا جي قديمي قاضي خاندان جي هڪ سرڪاري ڪاموري جو پٽ آهيان. منهنجو والد قاضي محمد لائق، وڏو عرصو

مختيارڪار رهيو. هو هڪ ايماندار ۽ جفاڪش انسان هو. مون هن جا ڪيترا سرٽيفڪيٽ پنهنجي يادگيرين جي ڪتابن ۾ ڏنا آهن. هن جو ڏاڏو خانبهادر محمد لائق پڻ انگريزن جي دور ۾ هڪ نامور ڊپٽي ڪليڪٽر رهي چڪو هو. بابا جي رٽائرمينٽ بعد اسان جو وقت ڪجهه ڏکيو گذريو ليڪن اسان همت نہ هاري، هنن حالتن ڪي تعليم جي ذريعي منهن ڏنو. سڀ هاڻ سمجهان ٿو تہ زندگي جيترو ڏنو آهي اوتري اميد نہ هئي، ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ اسين ايترين منزلون طئہ ڪنداسين، وقت گذرڻ سان منهنجون خواهشون پوريون ٿينديون ويون، بس هاڻي اها ئي خواهش آهي تہ سنڌي ٻولي ۽ ادب جو واڌارو ٿئي.

س: سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ توهان زندگي ڀر رهيا آهيو ان جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟

ج: سنڌ يونيورسٽي جي تعليم وڏي اهميت رکي ٿي، تنقيد ڪندڙ چا بہ چون پر سڄي ملڪ توڙي پنجاب جي يونيورسٽين جو بہ سنڌ يونيورسٽي سان ڪو مقابلو ناهي، سڄي سنڌ جي ڪاليجز جا ليڪچرار ۽ پروفيسر هن ئي يونيورسٽيءَ جا پاس ٿيل شاگرد آهن، بلڪ هاڻ تہ هن يونيورسٽيءَ جا شاگرد زندگيءَ جي هر شعبي ۾ نظر اچن ٿا پر هن يونيورسٽي جي خلاف مخالفت ايتري آهي جو خبرن جي ڀرمار آهي، ماڻهو سوچين ٿا تہ يونيورسٽي ختم ويندي، ڪئين هزار ماڻهو ڪئمپس ۾ موجود آهن، بهترين استاد آهن، دنيا جا جديد ڪورسز پڙهايا وڃن ٿا، ان هوندي بہ بغير ڪنهن سبب جي هيءَ يونيورسٽي پروپئگنڊا جو شڪار پئي ٿئي، اسان سنڌ يونيورسٽي جي عزت پاڻ نہ ڪنداسين تہ ڪير ڪندو؟، منفي خبرون ڏئي سنڌ يونيورسٽي جو مان گهٽايو ويو آهي، تعليم جي ڪاسٽ تي اخبارن جي وڪري ڪي نہ وڌايو وڃي. يونيورسٽين جي ڪاميابيءَ جو هڪ راز ان جي ٽائيم ٽيبل تي هلڻ ۾ بہ آهي. دنيا جي ڪامياب يونيورسٽين جو راز اهو ئي آهي تہ هو ٽائيم ٽيبل تي هلن ٿيون، ڀلي ملڪ جو شهزادو ڇو نہ ان جي زد ۾ اچي وڃي ٽائيم ٽيبل تبديل ناهي ٿيندو. سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا، پڙهائي ۽ رزلٽ جي

تائيم تيبل تي عمل ڪرڻ گهرجي جيڪو ڪنهن حالت ۾ تبديل نہ ٿئي، هر ڳالهہ مقرر وقت تي هلي. سنڌ يونيورسٽي ۾ اهڙا وي سي بہ آيا جن کي سيمينار ۽ ڪانفرنسن جو شوق هو تہ ڪن کي وري ڪتابن جو شوق، ڪنهن کي عمارتن نهارائڻ جو ۽ ائين هي يونيورسٽي وڌندي رهي آهي، هن چيو تہ هاڻ يونيورسٽي جو تعليمي سرشتو تبديل ڪرڻ گهرجي، يونيورسٽي جي فيڪلٽيز کي ايسوسي ايٽ ڪاليجز جو درجو ڏنو وڃي، ڊين کي پرنسپل جا اختيار هجن. ان سان ايڊمنسٽريشن بلڊنگ تان بار لهي ويندو. ڪئمپسز کي مڪمل يونيورسٽي بڻايو وڃي، استادن جي مقرري شفاف هجي، ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي سفارش يا هير ڦير نہ هجڻ گهرجي، يونيورسٽي لاءِ صحيح سليڪشن بورڊ لازمي آهي. سليڪشن بورڊ ۾ صرف ماهرين هجن. ان ۾ سرڪار طرفان سياسي بنيادن يا ڪوٽا سسٽم تي ميمبر مقرر نہ ڪيا وڃن. بلڪ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن، جنهن تي اڄا معاشري جو ڪجهہ اعتماد آهي. انهن مان بہ ميمبر مقرر ڪيو وڃي، جيئن تہ يونيورسٽي خودمختار ادارو آهي، جيڪا پنهنجي سينيٽ سينڊيڪيٽ، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ ٻين ذيلي ادارن جي صلاح مشوري سان ڪم ڪندي آهي، ان کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي، انهن جي مٿان جيڪي ڪميشن جوڙيون وڃن ٿيون اهي انهن جي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهن ٿيون. ان کان سواءِ هڪ اهم ڳالهہ غور جوڳي آهي تہ پروفيسر، وڪيل ۽ ڊاڪٽر ڪڏهن رٽائر ناهن ٿيندا. پي ايچ ڊي استادن کي ڇڏڻ نہ گهرجي، انهن کان ريسرچ جو ڪم وٺڻ گهرجي، هو رٽائر ٿي پرائيويٽ ادارن ۾ ڪم ڪن ٿا، جنهن مان اهي ادارا تمام گهڻو فائدو حاصل ڪن ٿا. بهتر اهو آهي تہ اسان ئي هنن کان فائدو وٺون. هنن کي ائين نہ ڇڏيو وڃي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هو پاڻ تحقيقي ڪم کي وڌيڪ وقت ڏئي سگهن ٿا.

س: سنڌ جي باري ۾ نوهان جا ڪي خاص خيال هجن تہ ٻڌايو؟

ج: آزادي لاءِ جلسن جلوسن نہ پر علم جي ضرورت هوندي آهي، علم واري قوم ئي آزادي ماڻيندي آهي نہ تہ [illegible]ادي هوندي بہ هر ڪم لاءِ

ٻين قومن جي ماهرن کي گهرائڻو پوندو. اسان وٽ موچي پنهنجا ناهن، پٽر ڪٽڻ کي بيعزتي سمجهون ٿا، چوڪيداري بہ ٻين کي ڏني آهي، آزادي لاءِ محنت ڪرڻي پوندي، سڀ ڪم پاڻ کي ڪرڻا پوندا. جيستائين هر شي ۾ پاڻ پورا نہ هونداسين آزادي نہ ماڻي سگهنداسين، هن ڇيو تہ سڀ کان وڏي آزادي اقتصادي آزادي آهي، جيستائين اقتصادي آزادي ناهي تيسائين ڪا آزادي ناهي، اقتصادي طور اسين جڙ تہ اڃا بہ غلام آهيون، آزادي سيني جو حق آهي پر اسان پنهنجا فيصلا ڪرڻ ۾ آزاد ناهيون.

س: سنڌي علمي ۽ ادبي ادارن جي باري ۾ توهان جي راءِ ڇا آهي؟

ج: سنڌ جي علمي ۽ ادبي ادارن جو حال چڱو ناهي. هر اداري ۾ چند مخصوص اديب آهن، جن کانسواءِ هو ٻئي ڪنهن اديب کي برداشت ئي نٿا ڪن. ٻولي ۽ ادب جا ادارا صرف فنڪشن ڪرائڻ ۾ پورا آهن اتي ادب جو ڪم نہ پيو ٿئي، انهن ادارن جو واضح ڪم نظر نہ پيو اچي، ٻولي جا ادارا پنهنجي مرضي جا ڪتاب پنهنجن مخصوص اديبن جا ڇپرائين پيا. وري اهي ڪتاب تمام قيمتي پني يعني آرٽ پيپر تي ٿا ڇپين، جنهن جي ضرورت ناهي، جڏهن تہ قيمت وڌيڪ هجڻ سبب ماڻهو وٺي نٿا سگهن، خانگي ادارا ڪتاب ڇپرائين ٿا تہ انهن جو پڙهندڙ ناهي، اسڪول ۽ ڪاليجز جون لائبريريون ڪتاب خريد نہ ٿيون ڪن، جڏهن تہ ثقافت کاتي طرفان قائم ڪيل لائبريريون بہ ادبي ۽ علمي ڪتاب خريد ڪرڻ ۾ دلچسپي نہ ٿيون رکن. ادبي بورڊ جو ڪم آهي تہ سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ خدمت ڪجي، هڪ دور ۾ زبردست ڪم ٿيو آئون بہ ان جي بي او جي جو ميمبر رهي چڪو آهيان، مونکي اهو دور بہ ياد آهي جڏهن سيڪريٽري سوڌو 4 ماڻهو اهو بورڊ هلائيندا هئا. وڏا وڏا عظيم ڪتاب شايع ٿيا. سنڌ جي تاريخ لکرائي وئي، ان جا ڪيترائي جلد شايع ٿيا. مهراڻ رسالو جنهن کي ان وقت ۾ ڪا خاص امداد نہ ڏني ويندي هئي پر مولانا غلام محمد گرامي ۽ شمشير الحيدري جهڙن ماڻهن جي ڪري اهو رسالو بين الاقوامي حيثيت اختيار ڪري ويو هاڻ سنڌي ادبي بورڊ ۾ اوور اسٽافنگ آهي، اهو ڪمائي وارو ادارو ناهي، هي سرڪاري

گرانٽ تي هلي ٿو جيڪڏهن ادبي بورڊ پنهنجو معيار برقرار رکندو اچي ها تہ هيستائين پنهنجي پيرن تي بيٺل هجي ها. ان وقت اڄا حالات خراب نہ هئا. هاڻي ادبي بورڊ هر سال فنانس کاتي جا چڪر ڪاٽيندو رهي ٿو بيورو ڪريسي جي چڪر ۾ ملازم پريشان رهن ٿا. جي سرڪار چاهي تہ هي ادارو هاڻي بہ بهتر بڻجي سگهي ٿو ۽ اهو ادارو نئين سر اڏڻ سان وڏو ڪارائتو ثابت ٿيندو.

س: سنڌيءَ جي مشهور ادبي صنفن جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو؟

ج: ادب جون موجوده صنفون پراڻيون ٿي ويون آهن. ناول 18هين صدي ۾ پيدا ٿيو تہ افسانو 19هين صدي ۾ آيو. جديد دنيا ۾ ادب ۾ تبديليون تحريڪن جي حوالي سان آيون. سنڌ ۾ ون يونٽ ۽ ترقي پسند تحريڪ ڪانسواءِ ڪو ادب تحريڪن جي حوالي سان نہ آيو. هن وقت اسان کي عالمي امن واري ادب جي ضرورت آهي. سنڌي ٻولي جي بقا ۽ سنڌ جي تشخص جي حفاظت واري ادب جي ضرورت آهي. اسان کي نہ رڳو ادبي صنفن کي بچائڻو آهي پر گڏوگڏ ٻولي کي بہ محفوظ ڪرڻو آهي. پنهنجي مادري ٻولي کي بچائڻ لاءِ دنيا جون ٻيون ٻوليون سکڻ گهرجن.

هاڻي وري هڪ نئون رواج پيو آهي ۽ اديبن لاءِ هميشہ اهو چيو ويندو آهي تہ اديبن جي مالي امداد نہ ٿي ٿئي. مالي امداد اديبن لاءِ وڏي بي عزتي آهي. هر شي لاءِ اديب سرڪار ڏانهن واجهائيندو تہ ڇا لڳندو؟. بهتر اهو آهي تہ سنڌ جي اديبن لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن جو هو پنهنجي ذهني پورهئي مان ايترو ڪمائي سگهن. جو ڪنهن جي پرواھ نہ ڪن. هنن جي ڪتابن کي لائبررين ۾ پهچائي ان جو معاوضو ڏنو وڃي تہ جيئن زندگي آساني سان گذاري سگهن.

حڪومت اديبن جي ڪتابن کي ڇپرائي ۽ کين رائلٽي ڏياري. اهي ڪتاب اسڪولن. ڪاليجن ۽ لائبريرين ۾ پهچائن. اهڙي نيڪ ڪم لاءِ ڪيئن مخير ماڻهو نڪري ايندا. اديبن کي بہ جيڪڏهن سنڌن

ذهني پورهئي جو اجورو ملي ته هو عزت سان ادب جي خدمت ڪري سگهندو.

س: توهان عشق ڪيو؟

ج: ستل سور جاڳائڻ مان ڪهڙو فائدو ان ڳالهه تان لهي وڃجي ته بهتر ٿيندو.

س: توهان کي ڪهڙا ڪتاب سٺا لڳا؟

ج: قاضي فيض محمد جو ناول "جنسار" ۽ محمد بخش مجنون جو ڪتاب "مسڪين جهان خان کوسو" مون کي ڏاڍا پسند آيا. نئڊيپڻ ۾ الهه بخش ٽالپر جو پرديسيءَ جو پيار تمام گهڻو وڻيو اردو، انگريزي ۽ سنڌي جي اهم اديبن جا ڪتاب خاص ڪري ناول ۽ آتم ڪهاڻيون تمام گهڻيون پڙهيم. جن جو ذڪر منهنجي يادگيرين ۾ تفصيلي ڏنل آهي.

س: هن وقت يونيورسٽيءَ ۾ توهان علامه قاسمي چيئر جا ڊائريڪٽر آهيو ته ان بابت ڪجهه ٻڌايو؟

ج: يونيورسٽي ۾ چيئر قائم ڪرڻ هڪ وڏو ڪم آهي. ان ڪري جو چيئر صرف ڪنهن عظيم شخصيت جي باري ۾ معلومات فراهم ڪرڻ يا هن جا لکيل ڪتاب بار بار ڇپائڻ لاءِ نه هوندي آهي، بلڪ چيئر ۾ ريسرچ جو ڪم ڪرڻ کي اهميت حاصل هوندي آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مشاهيرن جون چيئر قائم ٿيل آهن. جرمني ۾ علامه اقبال چيئر ڪم ڪري رهي آهي ته ايران ۾ مرزا غالب چيئر. هاڻ چيئر قائم ڪرڻ جو طريقه ڪار ٿيا هجي. جيڪڏهن ڪنهن عالم، اديب يا مشهور انسان جو اولاد يا پوئلڳ چاهين، ته ڪنهن يونيورسٽي ۾ پنهنجي بزرگ جي چيئر قائم ڪرڻ لاءِ مالي مدد ڏئي اهو ڪم ڪري سگهن ٿا. ليڪن عظيم مفڪرن، عالمن ۽ شاعرن جون چيئرز يونيورسٽين کي خود قائم ڪرڻ گهرجن. تعليم ۽ ثقافتي کاتي کي به ضرور اهڙن ادارن جي

مالي امداد ڪرڻ گهرجي ته جيئن تحقيق لاءِ وڏيڪ ادارا وجود ۾ اچن ۽ اسڪالر توڙي شاگرد پنهنجي علمي ڪم تي وڌيڪ ڌيان ڏئي سگهن.

س: چيئر هن وقت تائين ڪهڙو ڪم ڪيو آهي؟

ج: قاسمي چيئر پنهنجي محدود مالي حالتن موجب ڪم ڪري پئي، ان چيئر طرفان هن وقت تائين 18 سنڌي ۽ اردو ڪتاب شايع ٿيا آهن، جيڪي سڀ جا سڀ تحقيق سان واسطو رکن ٿا، هڪ ڪتاب "اشاريه" ته انڊيڪس ٺاهڻ جي ڏس ۾ هڪ وڏو اهم ڪتاب آهي، جڏهن علامه صاحب جي هم عصرن جي باري ۾ به نهايت اهم ۽ مفيد تحقيقي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. ان ڪانسواءِ ڪانفرنسون ۽ سيمينار پڻ ڪرايا ويا آهن، جن جي موقعي تي شايع ٿيل سووينئر به وڏي اهم معلومات سان پريل آهن. ان ڪانسواءِ چيئر طرفان هر سال سنڌي شعبي ۽ اسلامڪ اسٽڊيز ۾ پهرين پوزيشن ڪٽندڙ شاگردن کي گولڊ ميڊل ۽ ضرورتمند شاگردن کي مالي امداد پڻ ڪئي ويندي آهي.

س: ڪو پيغام ڏيندا؟

ج: جيڪڏهن اسين هڪ قوم جي حيثيت سان ڪنڌ مٿي ڪري هلڻ چاهيون ٿا ته تعليم جي سرشتي کي شفاف بڻائڻو پوندو ۽ هر فرد تي لازمي هوندو ته تعليم حاصل ڪري، جيڪا ڪيس هڪ باعزت شهري بڻائڻ ۾ مددگار ٿيندي، هن چيو ته سنڌ جي ڪيترن وڏن ماڻهن جن ۾ شمس العلماء عمر بن محمد دائود پوٽو، قاضي فيض محمد، سردار محمد بخش ڪوجهي، خانبهادر عظيم خان، پير الاهي بخش، ڊاڪٽر نبي خان بلوچ ۽ ٻين ڪيترن ئي عظيم انسانن جا مثال ونوا جيڪي تعليم پرائڻ جي ڪري گمناميءَ مان نڪري، درسي ڪتابن کان تاريخ جي بابن تائين وچي پهتا ۽ دنيا ۾ سنڌ جو نالو روشن ڪيائون.

*

ISBN: 978-969-717-001-2

Rs. 500-00